# مہران

جلد ۳۲
نمبر ۳،۴ / سال ۱۹۹۳
(جولاء۔ دسمبر ۱۹۹۳)



# مهراڻ

[ سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز ]

جُلد ـــ ۴۲]　　　جولاءِ ـــ ڊسمبر ١٩٩٣ع　　　[نمبر ٣ـــ ۴

---

چيف ايڊيٽر

**شمشيرالحيدري**

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

سب ايڊيٽر

**طارق عالم**

ٽائيٽل ـــ لال محمد پناهه

## سنڌي ادبي بورڊ

**ڄام شورو، سنڌ.**

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
اسٽيشن روڊ، ڄام شورو سنڌ

The **'MEHRAN'** Quarterly
Vol: 42 No: 3-4/1993
(Established in 1955)

An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.

Published by **SINDHI ADABI BOARD** for the development and promotion of Sindhi literature.

Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.

Besides translations of World literature are also presented.

All correspondence about publication be addressed to:
Editor
'Mehran Quarterly'
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 671276

خريداري، لاءِ لکپڙهه
مئنيجر بُڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.
فون نمبر: ٦١٥١٤٩
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢ حيدرآباد سنڌ)
(ٻاهرين ملڪن لاءِ ساليانو چندو ٠٠-٢٠٠ رپيا)

ساليانو چندو: ٠٠-١٠٠ رپيا

في پرچو ٠٠-٣٠ رپيا

**Printed and Published by Shamsher Al-Hyderi, Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jam Shoro, Hyderabad Sindh.**

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

"مهراڻ" جو هي پرچو، هلندڙ سال ١٩٩٣ع جي پڄاڻيءَ تي وري بہ ٻن ٽماهين جي گڏيل پرچي جي صورت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. اٽڪل ٻن ڪـــن سالن جي علحدگيءَ کان پوءِ، وري نئين سر ادارت سنڀالڻ تي جيڪي معاملا سپاويڪ طرح سامهون آيا، تن ظاهري طرح هن پرچي جي ڇپرائيءَ ۾ تمام تاخير ڏيکاري آهي، پر ان لاءِ اجايا عذر ڏيڻ بدران اسين پنهنجن ڪرمفرمائن کان صاف طرح "مڙيئي مون ڏانهن" جي لفظن ۾ معذرت گهرندي، سندن سهڪار جا گهورا آهيون.

نئينءَ انتظاميا پاران هاڻي "مهراڻ" جي اشاعت ۾ باقاعدگي پيدا ڪرڻ لاءِ جيڪي قدم کڻجي رهيا آهن، تن جي نتيجي طور، نئين سال جي پهرينءَ ٽماهيءَ جو پرچو پهرئين مهيني ۾، ۽ ٻيءِ ٽماهيءَ جو پرچو ٽئين مهيني ۾ پڌرو ٿي ويندو: اِن طرح، هڪ ئي ٽماهيءَ ۾ ٻہ پرچا پيش ڪري، گڏيل اشاعت واري طريقي کان بچي، اسين "مهراڻ" کي وقت سر شايع ڪرڻ لڳنداسين.

اسين "مهراڻ" جي محترم ليکڪن کي، ان ڪري، گذارش ڪنداسين تہ پنهنجا تحقيقي مقالا ۽ مضمون، تخليقي شعر ۽ ڪهاڻيون، ترجما ۽ تنقيدون، سعيي سان ڏياري موڪلڻ فرمائين تہ جيئن اهي بروقت ڇپائيءَ هيٺ آڻي سگهجن.

اسان کي احساس آهي تہ "مهراڻ" جهڙي رسالي جي معيار کي اسان جا عالم، اديب ۽ شاعر جنهن نموني گڏريل پنجٽيهن سالن کان قائم دائم رکندا آيا آهن، سو ڪنهن بہ ڪٽ ۽ قيمت کان سوايو آهي. تحقيق ۽ تخليق اکين جو نُور جگر جو خون ۽ دماغ جي کپت گهرن ٿيون. فن جي ديويءَ کي هڏ، چم ۽ ماس جو هيڪاندو ڀل کپي ٿو. ليڪ ذهن جي ٻي ٻها پورهئي سان گڏ، وقت تہ ڏئي ٿو، پر ڪاغذ، قلم ۽ ان جي مس بہ پنهنجي هڙان پري ٿو ــ رڳو "لوح ۽ قلم جي پرورش" واري ازلي اقرار جي ڪري ــ ڪائنات جي سونهن کي سهيڙڻ واريءَ فطري خصلت جي ڪري ــ زندگيءَ کي خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جي برڪتن سان پرڻ جي اصلي خواهش جي ڪري ــ انسانذات جي پيڙائن کي محسوس ڪرڻ ۽ انهن کي گهٽائڻ واري اُدم ۽ ارادي جي ڪري ــ ۽ ماڻهن کي امن ۽ انصاف سان رهڻ جو رستو ڏسڻ واريءَ پيغمبري ڪِرت جو فرض ادا ڪرڻ جي ڪري. سو، انهيءَ منصب کي ڏسندي، ذات ـ ڏٺيءَ کي ڪجهہ بہ آڇڻ، ڪجهہ بہ ناهي. پر تڏهن بہ، جيتوڻيڪ اسين سندس وقت ۽ پورهئي جو تہ ڪو ملهہ ادا ڪري ئي نٿا سگهون، ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ ڪنهن ريت رڳو سندس رت ـ برابر مس جي ڪجهہ ڦڙن کي پاڻيءَ سان ئي توري، ڪا ادائگي ڪري سگهون تہ چڱو. جيتري قدر جلد ممڪن ٿي سگهيو، اسين "مهراڻ" جي ليکڪن کي معاوضي ڏيڻ جي ابتدا ڪنداسين.

## "طالب المولىٰ" نمبر

جناب مخدوم محمد زمان طالب المولي جن جي علمي، ادبي، تعليمي ۽ سماجي خدمتن جي مڃتا طور اسين سندن باري ۾ "مهراڻ" جو هڪ خاص نمبر شايع ڪرڻ جو اعلان اڳي ڪري چڪا آهيون. اِهو يادگار نمبر ترتيب هيٺ آهي، ۽ اسين ان کي شايانِ شان، دستاويزي صورت ۾ شايع ڪرڻ گهرون ٿا. ان لاءِ ليکڪن کي گذارش آهي ته پنهنجا ليک ۽ وٽن موجود مخدوم صاحب جون تصويرون، خط، هٿ اکر وغيره، جلد پهچائڻ فرمائين. قيمتي تصويرون ۽ٻيا دستاويزي مسودا روبرو ڏيئي، رسيد حاصل ڪرڻ کپي، ته جيئن اُهي سلامت واپس وٺي سگهجن ۽ ٽپال ۾ گم به نه ٿي سگهن.

## لاهوتي لڏي ويا

ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي علم ادب جون ڪي اهم شخصيتون اسان کان وڇڙي ويون آهن. هر ڪنهن جو پنهنجو ميدان ۽ پنهنجي گوءِ هئي. هونئن ته جيڪو اچي ٿو، تنهن کي وڃڻو به آهي. اها قدرت جي ريت آهي، جيڪا پيرن پيغمبرن سان به لاڳو رهي آهي. پر تڏهن به، موت جڏهن موڪلائي نٿو اچي، ته وڃڻ وارن جي ضرورت ڪُکي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن جي هٿان ٿيندڙ ڪيترائي ڪم اڻپورا رهجي ويندا آهن — ۽ گهڻين حالتن ۾ انهن کي پورو ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونه هوندو آهي.

۱ـ اپريل تي ناميارو محقق پروفيسر عبدالله مگسي گذر ڪري ويو. مرحوم جي شخصيت ۽ علمي خدمتن بابت مختصر احوال هن پرچي جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي.

۱۳ـ سيپٽمبر تي ناميارو محقق ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ وفات ڪري ويو. هن سنڌ جي تاريخ تي گهڻو ڪم ڪيو ۽ ڪيترا مضمون ۽ ڪتاب لکيا. سندس باري ۾ تفصيلي مضمون اسين اڳتي هلي پيش ڪنداسين.

۱٦ـ آڪٽوبر تي نئين ٽهيءَ جو سڄاڻ ليکڪ نظير شهزاد اسان کان جدا ٿي ويو.

۲٦ـ نومبر تي الحاج رحيم بخش "قمر" هي جهان ڇڏي ويو. هو تمام سٺو شاعر هو ۽ "مهراڻ" جو پراڻو مهربان هو.

۲۳ـ ڊسمبر تي مشهور شاعر ۽ اديب محمد عمر "معمور" يوسفاڻي، ڊگهيءَ بيماريءَ کان پوءِ، رحلت ڪري ويو. هو ڪجهه وقت "سنڌي ادبي بورڊ" جو ميمبر پڻ رهيو هو.

سنڌي ٻوليءَ جا اِهي صلاحيتمند ۽ سڄاڻ عالم ۽ محقق، اديب ۽ شاعر اسان لاءِ وڏي وٿ هئا. سندن وڇوڙا ڏاڍي ڏک ۽ ارمان جو سبب آهن. ڌڻيءَ در دعا آهي ته رب پاڪ کين مرهي، ۽ سندن پونيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. — ن.ا.ش

# سٽاءُ


● شاعري

| | |
|---|---|
| شيخ اياز | ٩ |
| تنوير عباسي | ١٩ |
| عبدالجبار جوڻيجو | ١٩ |
| شمشير الحيدري | ٢٠ |
| قمر شهباز | ٢١ |
| تاج بلوچ | ٢٢ |
| وفا پلي | ٢٢ |
| هدايت بلوچ | ٢٣ |
| محسن ڪڪڙائي | ٢٣ |
| آثم ناٿنشاهي | ٢٣ |
| وفا ناٿنشاهي | ٢٣ |
| نصير مرزا | ٢٥ |
| اياز گل | ٢٦ |
| ادل سومرو | ٢٦ |
| تاج جويو | ٢٧ |
| زيب سنڌي | ٢٧ |
| مختيار ملڪ | ٢٨ |
| احمد سولنگي | ٢٩ |
| مير محمد پيرزادو | ٢٩ |
| بخشڻ مهراڻوي | ٣٠ |
| سوز هالائي | ٣٠ |
| بشير احمد شاد | ٣١ |
| مقصود گل | ٣١ |
| محمد حسن ساز | ٣٢ |
| امير بخاري | ٣٢ |
| ڪرم ٽالپر | ٣٣ |
| احمد ٽالپر | ٣٣ |
| سرڪش سنڌي | ٣٣ |
| واجد | ٣٣ |
| سيال حيات | ٣٥ |
| منير سولنگي | ٣٦ |
| بدر شاهه | ٣٧ |
| رڪيل مورائي | ٣٧ |
| فياض چند ڪليري | ٣٨ |
| منظر راڄپر | ٣٨ |
| آدرش | ٣٩ |
| مير حسن آريسر | ٣٩ |
| پارس حميد | ٤٠ |
| متل جوڳي | ٤٠ |
| وسيم سومرو | ٤١ |
| مهر خادم | ٤١ |
| مرتضيٰ مئياڻوي | ٤٢ |
| عزيز ڪنگراڻي | ٤٢ |
| آصف مئياڻوي | ٤٢ |
| قدير انصاري | ٤٣ |
| ڪوثر هالائي | ٤٣ |
| شفيع چانڊيو | ٤٣ |
| معصوم بخاري | ٤٣ |
| امتياز حسين امتياز | ٤٣ |
| غلام نبي ناشاد | ٤٥ |
| علي اظهار | ٤٥ |
| بيخود بلوچ | ٤٦ |
| روبينہ ابڙو | ٤٦ |
| سعيد ميمڻ | ٤٧ |
| رياضت ٻرڙو | ٤٧ |
| امر سنڌي | ٤٨ |
| ايوب ڪوسو | ٤٨ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| فياض لطيف | ٣٩ | علي دوست عاجز | ٥٢ |
| سرور لاکو | ٣٩ | جبار جوش | ٥٢ |
| درد سولنگي | ٥٠ | علي انور ڪانڌڙو | ٥٣ |
| اشفاق آذر | ٥٠ | بيوس بچل سيال | ٥٣ |
| تهمينہ سڪندر | ٥١ | شيخ اياز | |
| امجد سيد | ٥١ | ترجمو: امير علي چانڊيو | ٥٤ |


## ● مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ١. علم جي کاڻ ـ انڊيا آفيس لائبريري، لنڊن | ـــ مدد علي سنڌي | ٥٧ |
| ٢. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ | ـــ ڊاڪٽر فهميده حسين | ٦٧ |
| ٣ ڪرنل تروٽ ـ ٿرپارڪر جو پهريون پوليٽيڪل سُپرنٽينڊنٽ (سوانح جا ڪي مکيہ ۽ گمشده گوشا) | ـــ غلام محمد لاکو | ٨٦ |
| ٤. گيجهہ (گيچ) | ـــ ڊاڪٽر پرسو گدوائي | ١٠١ |
| ٥. الوحيد سازش ڪيس | ـــ ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ ۽ بشير احمد ميمڻ سنڌيڪار: عبدالڪريم ڪتي | ١١٣ |
| ٦. ديوان بيدل جو ايياس | ـــ اختر درگاهي | ١٢٢ |


## ● ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١. مٽي | ـــ علي بابا | ١٢٩ |
| ٢. گيديڙي سان پريل جيون | ـــ مشتاق احمد شورو | ١٣٨ |
| ٣. خواب مان جاڳيل شخص | ـــ لياقت رضوي | ١٥١ |
| ٤. نندو بادشاهہ | ـــ عزيز چنڊ | ١٥٦ |
| ٥. لوءِ سموري لُڪ | ـــ اختر رند | ١٦٠ |
| ٦. قيديءَ جو نظم | ـــ ايم. ڪلياڻ | ١٦٨ |
| ٧. ڏاڙيل | ـــ ثريا سوز ڏيپلائي | ١٨١ |
| ٨. زوال جي ڪهاڻي | ـــ انتظارحسين سنڌيڪار: تهمينہ سڪندر | ١٨٦ |
| ٩. پرم | ـــ محمد آصف خان سنڌيڪار: محسن عباسي | ١٩٣ |
| ١٠ قبرستان ۾ | ـــ موپاسان | ١٩٦ |

سنڌيڪار: ڄام وقار حسين قادري

١١. زلاتا جي ڊائري — ولي رام ولڀ ٢٠١
١٢. ۽ سمنڊ ڳالهائي ٿو (ناوليٽ، قسط ـ ١) — زوار نقوي ٢٠٣
١٣. فصل گل جا خواب (نثري ٽُڪرا) — قاضي اياز مهيسر ٢١٢

●ڪالم

١. جديد سنڌي ادب جو اپياس
— سپني ڪان سُهڻي سايا — تنوير عباسي ٢١٦

٢. ادبي چنڊ ڇاڻ
(علمي خط) — نياز همايوني ٢٢٣
— محمد عمر چنڊ ٢٢٧
— رئوف پارس دايو ٢٣١
— عبدالقيوم صائب ٢٣٧

٣. تبصرا
سماجيات جو تعارف — تنوير جوڻيجو ٢٣٢
ترقياتي اقتصاديات — ڊاڪٽر گل حسن لغاري ٢٣٣
نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون — حسن مجتبي ٢٣٦
ڳالهيون منهنجي سنڌ جون — انور فگار هڪڙو ٢٣٩
شاعري، جون صنفون — حسين سومرو ٢٥٠
خواب اکين جي شاعري — لياقت عزيز ٢٥٢
نگارشات سنڌ — امام راشدي ٢٥٣

٤. آديسي اُتي ويا
نظير شهزاد — مهر خادم ٢٥٦
عبدالله مگسي — غلام محمد لاکو، عبدالرزاق گهانگهرو ۽ لياقت مگسي ٢٥٧
رحيم بخش قمر — عبدالرسول قادري ۽ محمد پُنهل ٢٦٥

٥. ادبي خط
— غلام رباني آگرو ٢٧١

شاعري اهو حرف تمنا آهي، جو ڪنهن جي روبرو ظاهر ڪري نٿو سگهجي. ان ڪري ئي چيو ويو آهي: "شاعري جي تعريف مون کان نه پڇو ته پوءِ مون کي معلوم آهي، پر جي پڇو ٿا ته پوءِ مان نٿو ڄاڻان!" ڪنهن چيو آهي: "شاعري هڪ سريلو خيال آهي." ڪنهن جو چوڻ آهي: "شاعري قوت تخيل جو عجيب انڪشاف آهي." ڪو چوي ٿو: "شاعري سڀني علمن جو نچوڙ آهي." ڪنهن جو خيال ته "شاعري سائنس ۽ رياضي جو ضد آهي." ڪنهن جو چوڻ ته "شاعري حيات جي تمثيل آهي، ان تي جڏهن ڪيفيت طاري ٿي ٿئي، تڏهن واند ڪائيءَ جي وقت ۾، خلوت گزيني اختيار ڪري، پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ تي شروع ڪري." ڪو چوي ٿو ته شاعري خيال جي تاريخ آهي." ڪنهن چيو آهي: "شاعري ابدي حقيقتن جي تصوير آهي." ڪنهن چيو آهي ته "شاعري انسان جي مادري زبان آهي." ڪو چوي ٿو: "شاعري الاهي آواز آهي." ڪو چوي ٿو: "شاعري آهي غير مانوس چيزن کي مانوس چيزن ۾ داخل ڪرڻ." اهي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي فڪر انگيز تعريفون آهن، پر جي ڪو مون کان پڇي ته پوءِ مان جيڪر هن طرح چوان: "شاعري، انساني ضمير جي بين الاقوامي زبان آهي!" ۽ شاعر اهو آهي جو لفظ جي پيچ، گهڙ تي اڪتفا نه ڪري، قافيه پيمائيءَ ۽ دماغ سوزيءَ ۾ عمر نه وڃائي، رڱو گل ۽ بلبل جي استعارن ۾ قوت کي صرف نه ڪري، معمولي ۽ رواجي خيال کي ٻڌي اجائي هرزه سرائي نه ڪري، پر شاعر اهو آهي جو فطرت جي حقائق جي عقده ڪشائي ڪري، جو جذبات جو ڏٺي هجي، نفسيات جو ڄاڻو هجي، حسن و محبت جي معاملات کان آگاه هجي، ڪائنات جي راز ۽ اسرار کان واقف هجي، قدرت جي حسين مظاهر کان متاثر ٿيو هجي، پنهنجي تاثرات کي لطيف ۽ بليغ انداز بيان ۾ بيان ڪري سگهڻ جهڙي صلاحيت جو صاحب هجي. چو ته شاعريءَ کي علم ۽ حڪمت جو جوهر چيو ويو آهي، ۽ شاعر ٿيو ان جوهر جو ڏٺي. ان ڪري شاعر گويا مختلف علوم ۽ فنون جو ڄاڻو به هڻڻ گهرجي. ان طرح شاعر صاحبِ بصيرت به هجي. سندس غور و فڪر جي دنيا رڳو اڪتسابِ فن ۽ عقلي نقلي علوم تائين محدود نه هجي، پر هو علوم عقليه جي سرحدن کان ٻاهر به ليئو پائي سگهندو هجي. تڏهن ته چيو ويو آهي: "شاعريءَ جي عالم جون سرحدون علوم عقليه ۽ نقليه جي حدن کان ماوراءِ ٿيون. شاعر پنهنجي بصيرت واري دل سان اهو ڪجهه ڏسي، ٻڌي ۽ سمجهي ٿو، جتي اڪتسابِ فن وارا پهچي به نٿا سگهن." اهو ئي سبب آهي جو معقولات تي، محسوسات کي ترجيح حاصل آهي.

غلام محمد گرامي




سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ ڊاڪٽر اياز قادريءَ کي "شاهه جي رسالي" جي اردو نثر ۾ ڪيل ترجمي جي مڃتا طور سنڌ جو نگران گورنر حڪيم محمد سعيد, "اڪيڊمي ادبيات پاڪستان" جي اعزازي شيلڊ ڏيئي رهيو آهي. اڪيڊميءَ جو اڳوڻو چيئرمن, جناب غلام رباني آگرو به نظر اچي رهيو آهي.

(ڪراچي: ١٥ - آگسٽ, ١٩٩٣ع)

# شيخ اياز

"پوريءِ دنيا جي شاعريءَ ۾ فقط ترائيل جو ڪوئي ڪتاب نہ آهي. فرانس، جو ان صنف جو وطن آهي ان ۾ بہ نہ آهي. مون نہ رڳو ترائيل جو پورو ڪتاب "چنڊ ـ ڳليون" جي نالي سان اچي پورو ڪيو آهي، پر ترائيل جي هيئت ۾ بہ تجربا ڪيا آهي ...." ش.ا.



دراصل مون کي هتي [ڪراچيءَ ۾] خاموشيءَ وارو ماحول مليو آهي، ۽ خاموشي شاعريءَ لاءِ سازگار آهي. خاموشيءَ کي پنهنجي گويائي آهي، جيڪا هر ماڻهوءَ کي نصيب نہ ٿيندي آهي.

اها خاموشي گئليليءَ جي دشت ۾ هئي. اها خاموشي ڪوهِ طور تي هئي، اها خاموشي غارِ حرا ۾ هئي. اها خاموشي گيا ۾ ٻوڏي وڻ هيٺان گيان ڌيان ۾ هئي ۽ انهيءَ ئي خاموشيءَ الهام لاءِ فضا سازگار ڪئي هئي. خير اها تہ پيغمبرن جي ڳالهہ آهي، مان تہ گنهگار مخلوق مان آهيان، پر شاعريءَ لاءِ بہ خاموشي ضروري ٿيندي آهي. انگريز شاعر شيلي نيپلس جي پرسان سمنڊ ۾ ڪشتيءَ تي هليو ويندو هو. ڪنهن وقت هن جي سالي ميري هُن سان گڏ هوندي هئي. هڪ پيري هو اڪيلو ويو. هن جي ڪشتي تہ نظر آئي، هن جو لاش نظر نہ آيو. يوناني شاعر ڪازان زاڪس عيسائي خانقاهن ۾ هوندو هو ۽ زندگيءَ جي اسرار ۽ رموز تي غور ڪندو هو. امير خسرو نظام الدين اولياء جي صحبت ۾ انهيءَ خاموشيءَ جو لطف ماڻيندو هو. هندي شاعر ڀرتري هري گرو گورکناٿ سان زير زمين سترنهن سال گڦا ۾ تپسيا ڪئي هئي. مون اُجين ۾ اها گڦا رات جو ٻارهين بجي ڏٺي هئي.

خاموشيءَ ۾ ڪڏهن محسوس ٿئي ٿو تہ ٻيو ڪوئي گڏ آهي، جو اسان جي اکين کان روپوش تہ آهي، پر اسان سان نہ رڳو گڏ آهي، پر اسان سان تحرير ۾ بہ ڀاڱي ڀائي آهي. مون اهڙن ڪيترن ئي نبين، ولين، شاعرن، مصورن، صنم تراشن جي باري ۾ ڪتاب پڙهيا آهن. جن خاموشيءَ ۾ تخليق ڪئي آهي. خاموشي اندروني بہ ٿيندي آهي، بيروني بہ ٿيندي آهي. ماڻهو هجوم ۾ بہ خاموش ٿيندا آهن. ڪرشن رٿ ۾ ارجن کي گيتا لکائي هئي، جڏهن هو ڪُر ڪيتر ۾ وڙهي رهيو هو. داراشڪوه ميدان جنگ ڏانهن پشاور ويندي ويدن جو منظوم فارسي ترجمو ڪيو هو. مون پنهنجي ڪمري ۾ بہ ساڳي خاموشي محسوس ڪئي ۽ ٽن سالن ۾ ايترو تخليق ڪيو، جيترو ايتري عرصي ۾ دنيا جو ڪوئي شاعر تخليق نہ ڪري سگهيو آهي. تازو ٽن ڏينهن ۾ مون ترائيل جو لڳ ڀڳ پورو ڪتاب لکيو آهي ۽ ان جو نالو "چنڊ ـ ڳليون" رکيو آهي.

غالب هڪ هنڌ لکيو هو:

هم پي تمهين دکائين ڪہ مجنون ني ڪيا ڪيا،
فرصت ڪشاڪشِ غمِ پنهان سي گر ملي.

ٻاڻ کي "غمِ دوران" کان تہ فرصت ملي وئي آهي. "غمِ پنهان" اڳي کان بہ وڌيڪ آهي.

ــــ شيخ اياز

(ماهوار ساڃاهہ کي انٽرويو:
سيپٽمبر ١٩٩٣ع)

شيخ اياز

# ترائيل

رات جو پويون پھر ھيءَ ستارن ٻُڏَتِر
ٻو بہ رابيل اڳي جان ڏني خوشبو تنھنجي!
ٿي پوي ماڪ گلابن تي ھوا مان ھر ھر
دل چوي ٿي تہ ملين ڪاش ڪٿي تون ٻيھر

ٿو پوي وھم، تہ تو آھ ڏنو دستڪ دَر!
ٿي اچي واءُ منجھان جڻ ڀني خوشبو تنھنجي!
تون نڙي آنھ ڪٿي؟ ڪيئن چوان مان؟ ھا، پَر
دل چوي ٿي تہ ملين ڪاش ڪٿي تون ٻيھر!

●

ٿي وَٽي آ اُھا زنجيرَ ڇِني سگھندين تون؟
گل ڇني ٿو سگھين، خوشبو تہ اُتي ئي آھي
جا سندس وار ڇُھي، ھير ڇني سگھندين تون؟
عشق ڪان عشق جي تقدير ڇني سگھندين تون؟

چنڊ ڪان يار جي تصوير ڇني سگھندين تون؟
جيءَ ۾ جي لڳو جادو تہ اُتي ئي آھي،
ھو مَتي سمنڊ منجھان وِيرَ ڇني سگھندين تون؟
ٿي ِ وَٽي آ اُھا زنجير ڇِني سگھندين تون؟

●

مون ته تولاءِ وڏيون ڪالهه نهارون ڪيئي،
تون نه آئينءَ مگر رات ته گذري ويئي!
ويو ٻُڏي چنڊ، سنڌءِ سونهن جون سارون نيئي،
ٿي پرهه - هير اچي هاڻ ته پارون پيئي،

اُڀَ ۾ نيٺ وسامي ويا ٽيڙو ٽيئي،
رات هئي چار پهر، رات ته گذري ويئي،
مون ٽڌو ساهه پريو، توکي مياروڻ ڏيئي،
مون ته تولاءِ وڏيون، ڪالهه نهارون ڪيئي.

●

آهه هي پنڌ ٻه ٽي ڏينهن تَتيءَ واريءَ تي،
ٿي چوي جڻ ته ڪکر-چانو ته مان اڇٽي هان،
ٿو ڪري ٻولڙيون روز تتر ٽاريءَ تي،
آ لهي سجُ ويو زرد- مُنهين ماريءَ تي.

تون ٻُڏو نانهه اچا، تَڳُ سندم تاريءَ تي،
ڳهاٽَ وٽ بيهه نه، مان ڳهيڙ سمورا چاٽان
هيءَ ٻي ڳالهه ته اچ ٻگهه نه ٻيناريءَ تي!
آهه هي پنڌ ٻه ٽي ڏينهن رڳو واريءَ تي.

●

جڏهن اچين ته اڳيون ڪيس ويڙهي ايندو ڪر!
انهيءَ جي ٻَرٽ ۾ ڪيئي وَنيون ٽڙيون آهن،
جڏهن اچين ته اڳي جئن سڳنڌ ڏيندو ڪر
گلاب ڪالهه جيان چاهه مان چُميندو ڪر.

اڳي جيان نه ڳُجهيون ڳالهڙيون سليندو ڪر!
ڳِهڻيون لڪاءِ، جتي ڪيتريون ٽڙيون آهن!
پَلي ته بند هجن گهر مگر سڏيندو ڪر!
جڏهن اچين ته اڳيون ڪيس ويڙهي ايندو ڪر!

●

چاندني رات ۾ ڪچنار ڏٺي آهي تو؟
تنهنجا چَپ ياد اچن تا انهيءَ وانگر هاٿي.
چا سندم نند ڪڏهن، پيار ڏٺي آهي تو؟
ٿي رهين ساهه جيان، سار ڏٺي آهي تو؟
رات جي سانت ۾ وٺڪار ڏٺي آهي تو؟

ڪيئن گهر گهات چڙي، ٿي پُلين منهنجي ياٿي
پاڻ ڪان رات ڪڏهن ڌار ڏٺي آهي تو؟
چاندنيءَ رات ۾ ڪچنار ڏٺي آهي تو؟

●

ٿي ڪنوڻ ڪَنج ڏٺا، رات وُٺو هو ساٺوڻ،
جيئن چوڙي مان نهاريو ٿي گهٽائن ڏي تو!
تو طرف ٿي ٿو ڏسي باک جو ساٿو وڻ ٽڻ!
ٿا ڪڪر ساٿ ڏين، جيئن پني هَڪلين ڌڻ،

۽ وليون واجهه وِجهن ايئن، وجهي جيئن واهڻ
ڳات ڳيرن جا ڏسي، ٿي ڏٺو پائُن ڏي تو،
تو گهٽا بار ڏٺا ڪنڌ، ڪهاڙيون، هَڻُ هَڻُ!
ٿي ڪنوڻ ڪنج ڏٺا، رات وٺو هو ساٺوڻ!

●

اداس رات، پيو چنڊ ٿو ڳليون ڳولي،
خبر نه آهه ته ڪيڏانهن تون هلي وئي آن!
پني سَراءِ اڱڻ ۾ گلاب کي ڦولي
سڳنڌ جيئن وٺي آنهه ڪنهن ته تون ٽولي؟

پکي پرهه جو جڏهن پول ٿو پيو بولي،
ٻڌي تون پولڙيون، چو ايئن چُپي وئي آن؟
خبر نه آ ته سندءِ راز ٿو پيو کولي!
خبر نه آهه ته ڪيڏانهن تون هلي وئي آن؟

---

ڪنج ـ عاج جي ٻانهين.

●

ٻار ڪي هنج ڪٺي، ماءُ ڪِلي تي پيئي،
جئن ڪڪر وِچ ڇُمي، ايئن ڇُمي ٿي تنهن کي
مورٽيءَ جيئن اڱڻ منجهه ٽلي ٿي پيئي،
سگ مان ڪيئن نہ سرتين سان ملي ٿي پيئي
مگ ٿليون ٻارُ رکي، ٻوءِ چِلي ٿي پيئي.
چئن اجهو تُنج ٻٽيون، تُنج ڏئي ٿي جنهن کي
رَتُ تنهنجي ۾ سندس رَت رِلي ٿي پيئي،
ٻار کي هنج ڪٺي، ماءُ ڪلي ٿي پيئي!

●

تون ڀنيُون پيار منجهان مون کي ڀُسائين پيئي،
جئن گهگهي - گهيرَ اُڏائي تو ٻيو واچوڙو
چنڊ کي ايئن ڏسي چا نہ لجائين پيئي،
وار چوڙي تون گهٽائن ..ان گهٽائين پيئي!

وڄُ گجگوڙ ڪيا، تون ڇُني چائين پيئي
ريت جا ڍير اڏائي تو ٻيو واچوڙو
پو بہ ڀڙو نہ ڪِريو، ڪيئن بچائين پيئي!
تون ڀِنيون پيار منجهان مون کي ڀُسائين پيئي!

●

اجا نہ سُمھَ، خدائي سُتي پئي آهي،
اجا تہ چنڊ پيو آسمان مان گهوري،
جتي بہ پنڌ ۾ تنهنجي جُتي پئي آهي،
اُتي عجيب اجا تائين روشني آهي.

ايئن لڳي تو نئين وات ڪا نهي آهي،
اجا پيو هو زمان و مڪان مان گهوري!
اجا نہ آهہ کُٺي، زندگي پئي آهي
اجا نہ سُمھَ، خدائي سُتي پئي آهي!

●

خدا جي ڳُجَهه ۾ ڇا لاءِ تو پوڻ چاهين؟
خدا جو ڳُجَهه ڀلا ڪنهن اڄا لڌو آهي؟
نچي تو مور اهو ڇو نہ تو ڏسڻ چاهين؟
ڪڪر جي ڪورَ تہ ڏس، تون تہ سا نہ تو ناهين!

وليون ڀٽن تي ٽڙن ڪيئن ٽيون، جي ساڃاهين،
اهو بہ رازُ وسيهو ڪٿي لِڪو آهي،
چڱو تہ آهہ ائين ڪاهہ، جٿن پيو ڪاهين!
خدا جي ڳُجَهه ۾ ڇا لاءِ تو پوڻ چاهين؟

●

ڪڏهن تہ آءُ ڇُمي ڏينهن چانڊنيءَ وانگر
ڪڏهن تہ آءُ هَٽي رات جي هِتان ڪارنهن
رهي نہ موت، ڪڏهن آءُ زندگيءَ وانگر
شرابِ ناب ٻٽي آءُ سرخوشيءَ وانگر!

ائين نہ آءُ، سدا ڪينہ پروريءَ وانگر
اچي ٻُڌاءِ تہ سازش اها سٽي آ ڪنهن؟
ڪڏهن تہ پير ڀري آءُ دوستيءَ وانگر
ڪڏهن تہ آءُ ڇُمي ڏينهن چانڊنيءَ وانگر!

●

لڳي تو ڪوهہ ۾ ٻاٽي وڌي ويو آهي،
جڏهن بہ ڇيلهہ مٿان تون گهڙو ڪٽي نڪتين،
ڳُهلي ٽي هير ايئن جڻ ڪٿي وُٺو آهي!
ڪڪر ڳجن پيا، جٿن تو ڇڏيو ڳِلو آهي

اڃا تہ ڇُپَ ڪٿي سڄُ جهانجهرو آهي!
ڇُمي پيو جهڙ تون جڏهن سَڪي نڪتين،
اِجهو، هُو ڪوهہ، هِتان پنڌ ٽورڙو آهي
لڳي تو ڪوهہ ۾ ٻاٽي وڌي ويو آهي!

●

ٽٽي ويون تہ چُنيون، ميڙ تون پلي شيشا،
دليون نہ جوڙ، دليون آئيني جيان آهن،
ڏٺي نہ تاڪئين دل جيئن ڪنهن بہ شئِ ہي ڪا،
اڳي بہ آهہ ٽُٽِي، عشق تي ويو نُڪرا!

سنپال! هيل بہ نازڪ آٽي اهي رشتا،
ٽُٽي پيا تہ ويا، جام وانگيان آهن
ڦُڙيون ڦُڙيون نہ ڪٺيون ڪِر اِهي نہ ٻيا پيالا!
ٽُٽي ويون تہ چُنيون، ميڙ تون پلي شيشا!

●

ملين تہ اڄ ٿي ملي وڃ، سُڀان هُجان نہ هُجان،
خبر نہ آهہ، گهٽا ڏينهن زندگي آهي!
سڀاڻي سِڄُ نہ نڪري متان گهٽائن مان،
سڀاڻي ٽهڪ نہ ٻُڌجن متان فضائن مان.

سُڀاڻي مهڪ نہ ايندي ائين هوائن مان
اچين تہ راهہ ۾ رابيل اڄ ٽڙي آهي
وَري سڳند ائين ٻي اَچي ڪڏهن نہ متان!
ملين تہ اڄ ٿي ملي وڃ، سُڀان هجان نہ هُجان.

●

ڪناري ساڻ اُجهاٽل ٻہ جهوپڙيون آهن،
اداس چنڊ تَري تو اداس مَنڇرَ ۾
ائين اداسُ اجهاٽل سندم اکيون آهن،
صديون ٿيون تہ نہ ٻيڙاٽيون ڏٺيون آهن!

ڪَتِين ڏياٽيون هوا ۾ اُجهاٽيون آهن،
انهن جا هاڻ جهڪا عڪس تا لڳن جَر ۾
خبر نہ آهہ تہ آڙِيُون ڪِٽي لٽيون آهن،
ڪناري ساڻ اجهاٽل ٻہ جهوپڙيون آهن!

●

پرھ جي هير ۾ رابيل جٺن ٽڙن ٽا پيا،
اِيٺن لڳي ٽو جوانيءَ ۾ ٽون ٽڙي آهين!
وَهن ٽيون ڪنگريون، ڪوھ چٺ ڳِڙن ٽا پيا،
سنڌ وجود مان نغما اِيٺن ڇڙن ٽا پيا،

اجا گلاب ڪِڙن ٽا، پوَر مِڙن ٽا پيا،
ہ پَل تہ ويھ، ائين ڇو اُتامڙي آهين؟
پياڪ سونهن ڏسي، ڪيترو ٽِڙن ٽا پيا،
پرھ جي هير ۾ رابيل جٺن ٽِڙن ٽا پيا!

●

هُو فونِ - تارَ مٽان ڪيترا پڪي آهن
اُهي پيام نہ ڄاڻن وَڃن پيا ٽا جي!
اِهي سَٽاوَ اندر هونءَ گيت ٺي آهن
مَري وڃن تہ ڪِري ٽا پَون مِٽيَ آهن.

ہ ٺي گهَڙيون تہ هوا منجھ ڦرڪٽي آهي
خبر نہ آھ تہ ڇا هن مَرن پيا ٽا جي!
لٽي آ شام، اتي ٺي اجا سَڪي آهن،
هُو فونِ - تارَ مٽان ڪيترا پڪي آهن!

●

ڪيٺن چٺجي اسان پيهار مِلون يا نہ ملون،
ڪيٺن چٺجي تہ ملاقات وَري ٿي ويندي.
وقت درياھ، ٽَرِي تاں ملون يا نہ ملون
آنءُ هن پاں تون هُن پاں ملون يا نہ ملون!

ڪيٺن چٺجي تہ گهڙيون چاں ملون يا نہ ملون
ڪيٺن چٺجي تہ برھ بات وري ٿي ويندي!
آھ اوچي اجا ديواں ملون يا نہ. ملون!
ڪيٺن چٺجي اسان پيهاں ملون يا نہ ملون.

●

رات جو ريتِ کي جنھن وقت اُڏائي ٿي ھوا،
ٿا سنڌءِ روپ جيان چنڊ ستارا ٽمڪن
تو بنان تير جيان چڻ پئي گھائي ٿي ھوا
تنھنجي خوشبوءَ ۾ سڄي رات سَمائي ٿي ھوا.

تنھنجا رابيل پَٽي جڻ تہ پسائي ٿي ھوا
گَڏَ پَل جي بہ گُذاريا، ٿا اهي رم جھم ڪن
ٿي اچي سار سنڌءِ، روز ستائي ٿي ھوا
رات جو ريت کي جنھن وقت اڏائي ٿي ھوا!

●

زندگي چٽنگ جيان نيٽ وسامي ويندي
چٽنگ جي لاءِ جيابو تہ گھڙي پَل آهي
هوءَ ستارو تہ نہ آ جو سدا جِھل مل ٿيندي
سِڄُ جئن ناھہ، گھٽو وقت حرارت ڏيندي!

ڪُڙ ڪُبيتي جان اُجھامي، وري اُبري ايندي؟
جاڻ اِن جي بہ اجا تائين تہ ڪنھن کي ناهي!
پر مجي دل تہ نہ ٿي، بس ائين ڪامي ويندي
زندگي چٽنگ جيان نيٽ وسامي ويندي.

●

تنوير عباسي

## پسي ڳاڙها گل

رستي ويندي
ڏسڻ ۾ ايندا آهن
ڪي ٽي گل گلابي -
ٿورو ترسي،
تن ڏي نهاري
اکيون ٺاري
تن جي سڳنڌ سان
من کي اجاري
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

رستي ويندي،
ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن
ڪيترن ئي پکين جون لاتيون
برهه جون باتيون
ٿورو ترسي،
تن کي ٻڌندي،
جهومندي لڏندي
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

رستي ويندي،
ڏسڻ ۾ ايندو آهي
پورنما جو چنڊ
هٺندو آهي منڊ
ٿورو ترسي،
ان تي هرڪي
ان کي ڏسندي
اڳتي وڌندو ويندو آهيان

تان جو اتي مان رسندو آهيان
جتي تون آهين
گل گلابي، ڪان پيي وڌ
پکين جي لاتين ڪان بہ مٺي
چوڏهينءَ چنڊ ڪان پيي وڌ روشن

عبدالجبار جوڻيجو

## عشق

موتَ —
گُلابي گُلن کي،
حُسن کي،
آلاپن کي،
ڪائي ٿو وچين —
عشق کي ڪائي نٿو سگهين.

## پڊُ

پوءِ بہ روڻٿو ٽي اهي -
اُٺ جهوڪيو تہ -
اج ٽي هِن پَڊَ تي روئي ونون.
(امرالقيس جي شعر مان)

## دڳ

اديون اَسرَ ويلَ
دونالين سان ماريِ
دڳَ تي اُچلي تا وچن،
دلين جا ڏاڙيل
اديون اسر ويل.

شمشير الحيدري

# تخليق جو اعتڪاف

هرڪو چائي،
ساري دنيا ٿي سڃاڻي،
مان وڏو ليکڪ، وڏو شاعر ۽ دانشور وڏو عالم اديب:
منهنجي هرهڪ حرف ۾ تدبير جي جادوگري،
منهنجي هرهڪ لفظ ۾ تقدير جي صورتگري،
منهنجا نغما، منهنجا گفتا، ڄڻ ته سحر سامري:
اهڙي منهنجي شاعري،
جنهن سان جاڳي قوم ساري، جو نصيب.

قوم چاهي ٿي ته مان لکندو رهان،
سنڌ جي سانگيئڙن، جهانگيئڙن، ماروئڙن جون حالتون
ڏسندو رهان، لڇندو رهان،
سنڌ جي سورن اندر سڙندو رهان، پڇندو رهان.

قوم چاهي ٿي ته ڪي نغما انوکا ڳائجن:
سونهن ۽ سرهاڻ سان ناتا نوان ڪي لائجن:
هجر جا ۽ وصل جا مفهوم ٿي بدلائجن:
عشق جي نظرن کي ڪجهه وسعت ڏني،
حسن جا معيار بيا ڪي ناهجن:
۽ سڄي تاريخ تي ليڪا ڏني،
جنگ جا ۽ امن جا مطلب سڀئي ڦيرائجن.

قوم چاهي ٿي، وري
ڪاڪ جا نڪساڻ سڀ پرزا ٿين:
ڪوٽ قهري عمر جا يڪسر ڊهن:
مانگرن لئه موت جا پهرا لهن.

قوم چاهي ٿي، وري
شاهه ۽ سچل جيان
سڄ جا پنيٽ وڏا پڙڪائجن،

مڇ تي ميڙا ڪجن،
۽ وري ٽانڊن تي واريل گيت ڳاڙها ڳائجن.

مون اِنهيءَ جي لاءِ اڄ، تخليق جي هڪ نئين، نراليءَ پٽ تي،
فڪر جي هڪ نئين درازا شهر وٽ،
اعتڪاف آهي ڪيو خود اختيار.

مان ڏسڻ ڌاران ڏسان پيو هرڪو منظر هرڪو حال،
مان ٻڌڻ ڌاران ٻڌان پيو هرڪا ڳالهه:
مان انوکا گيت پيو ڳايان وري،
جن کي ڪي الفاظ ناهن،
جن کي ڪوئي سُر نڪو آواز آهي:
ماٺ جا نغما اِهي،
گيت ڳاڙها، لال، ٽانڊن تي ورايل،
توکي ٻُڌجڻ ۾ اچن ٿا؟
ڪاش، توکي باهه جهڙا، لال، ڳاڙها، ڪَنَ هجن!

●

## قمر شهباز

مُنهنجو ڏيهه ڏُڪاريو آهي، جنهن ۾ ڪالُ آ ماڻهوءَ جو
ماڻهو ماڻهوءَ کي ٿو ماري، موت نه ڪنهن کي ماريو آهي
منهنجو ڏيهه ڏڪاريو آهي.
کيت کيت ۾ ٿوهر اُپريو، ڪنڪر موتيءَ جي مُلهه آهي
ساوڻ آئي بوند نه برسي، بادل بارڻ باريو آهي
منهنجو ڏيهه ڏڪاريو آهي.
گهاٽ اُجايل، تَڙَ تاسارا، رُڃ ۾ ڪشتي هاڪاريون ٿا.
پنهنجن کي ٿي راس نه آئي، ڌرتيءَ تي اڄ ڌاريو آهي.
منهنجو ڏيهه ڏڪاريو آهي.
مُومَل، سومل ناتر ناهي، راٺا ساٺا ميخانن ۾
ڪاڪ محل جي تهخانن ۾، ديپ پلا ڪنهن ٻاريو آهي؟
منهنجو ڏيهه ڏڪاريو آهي.
ڏُونگر ڀُونگس ڏاڍا ساڍا، ڀاڇا ۽ ٻڙلاءَ بنيا ڇو؟
ورهين ڪان هن نُگريءَ نَگريءَ اونداهين ۾ گهاريو آهي

تاج بلوچ

## زندگيءَ جو نوحو

پيار ۽ نفرت به آهي زندگي،
سوچ ۽ حيرت به آهي زندگي.
روز مارينديءَ، جيارينديءَ رهي،
درد جي لذت به آهي زندگي.

پونءِ جي دولت به آهي زندگي،
ڪا عجب هجرت به آهي زندگي.
ماڪ تي پهچيو وريو موٽيو اچي،
دل جي ڪا حسرت به آهي زندگي.

درد جو اظهار آهي زندگي،
موت کان انڪار آهي زندگي.
موت ناڪاري رويو آهه جڻ،
مستقل اقرار آهي زندگي.

آهه ڪو وحشي درندو زندگي،
يا محبت جو پرندو زندگي.
هڪ بني کان ڏار سيني جو سُياءُ،
ماڪ تي پهچڻ جو رستو زندگي.

سور ڪو ناسور آهي زندگي!
يا پرينءِ جو پور آهي زندگي؟
يا سدائين اُڃ ۾ مرندي رهي،
۽ ڪڏهن مخمور آهي زندگي.

زخم آهي، گهاءُ آهي زندگي،
ڪوئي ويري ياءُ آهي زندگي!!
جا ڪڏهن ساڙيو، وريو ٺاريو ڇڏي!
اهڙو جهولو، واءُ آهي زندگي.

چوڏهين جو چنڊ آهي زندگي،
جادو ـ منتر منڊ آهي زندگي!
پل ۾ ڪارنهن، پل ۾ آهي سوجهرو!
گهاءُ جو ڪو گنڊ آهي زندگي.

رات جو روئڻ به آهي زندگي،
ڏينهن جو سڏڪڻ به آهي زندگي!
هڪ سرشتي، ضابطي ۽ نيم نيٺ،
صبح جو مرڪڻ به آهي زندگي.

موت سان اٽڪڻ به آهي زندگي،
جان تي ڪيڏڻ به آهي زندگي.
ڪجهه گهڙيون پاڪيزه جيون مان چُٽي،
ماڪ جيئن مرڪڻ به آهي زندگي.

(پنهنجي معصوم ڌيءُ غزل جي شهادت تي)

●

ولي محمد ”وفا“ پلي

## غزل

بدن ٿي قيد ٿيا ريسمي قبائن ۾،
اڃا به روح رهن ٿا حسين فضائن ۾.

اداس چنڊ ٿي ناهي فقط فلڪ تي، پرين،
اداس اسين به رهون پيا اڃا عمائن ۾.

اڃا به جنگ جا سامان ڪي پيا گڏ ڪن،
اڃا به بوءِ آ بارود جي هوائن ۾.

اسان جا شعر زماني لئه روشني بنيا،
اسان جو درد آ مطرب سندي نوائن ۾.

ڏنو آ تنهن به فريبِ وفا، ولي محمد،
گهڻو يقين هو جن جي ڪڏهن وفائن ۾.

●

هدايت بلوچ

## غزل

ٿڪ ڏي ۽ تن سان گڏ سُڏڪا به ڏي،
تون به مل، پنهنجا پرين پاڇا به ڏي.

ايتري يڪسانيت ناهي چڱي،
قرب سان ڳالهاءِ ۽ دڙڪا به ڏي.

تنهنجي دل جو ڏيهه آ ڏسٽو ضرور
پيار منهنجي کي سڄڻ ويزا به ڏي.

منهنجي نالي کي رکج محفوظ، بس،
باقي نالن کي کٽي ليکا به ڏي.

مفلسن سان پيار ۾ ڪهڙو نفعو،
پيار پي ڪر ۽ پرين پئسا به ڏي.

ڪيچلون تنهنجيون سيني آهن قبول،
ڇنبڙي ڪا چاهه واري، سا به ڏي.

جو ڪچهريءَ ۾ چوين ٿو، سو به ٺيڪ،
حال پنهنجو ٿورڙو تنها به ڏي.

●

محسن ڪڪڙائي

## غزل

حُسن جو، ناز جو، ادا جو رَنگُ،
هُن جي صورت ۾ هو خدا جو رَنگُ!

هُن جو قد ـ بت ۽ جسم جي جَڳ مَڳ،
ڄڻ ته هو مُنهن جي آتما جو رَنگُ

ريشمي وارَ ۽ بدن بخمل،
ڇا چوان، ڇا هو دلربا جو رنگ!

هُن جي انگ انگ ۾ هُئي خوشبو،
هُن جي ڇاتين ۾ مامتا جو رنگ.

نُور ني نُور ٿي وَسيو هن تي،
هُن جي چهري تي هو حيا جو رنگ.

منهن جي ڌرتيءَ جو، هيءَ سهڻو ساهُ،
گلَ جي خوشبوءِ ڪِٿي ۽ ڇا جو رنگ!؟

جا، تصور ۾، اَڏ ـ صَديءَ کان هُئي،
سا، ني صورت بَڻي، ـ ڪلاَ جو رنگ.

هُن کي ڪهڙي خبر ته "محسن" کي،
ويو لڳي، هُن جي چاهنا جو رنگ.

●

آثم ناتن شاهي

# غزل

نيڻ ـ نندڙا واجهائن ٿا ـ
ڪنهن جا رستا واجهائن ٿا؟

ڪارونجهر تي مينهن ڦڙيءَ لئه،
مورَ اُجارا واجهائن ٿا!

آسون چانڊوڪي تي اُڀَ ـ پيرين؛
۽ اوسيڙا واجهائن ٿا.

باغن مان گل جهاتيون پائن،
اُڀَ مان تارا واجهائن ٿا.

چا، هِن ٻاڙي اَج ڪو ايندو؟
جــو، دروازا واجهائن ٿا!

ڏور خلا ۾ ”آثم“ ڪنهن کي،
تُنهن جا مصرعا واجهائن ٿا!

●

وفا ناتن شاهي

# غزل

عظمتِ پيار جو احساس آهي،
دل جي معيار جو احساس آهي.

حُسن جي سحر کان غافل ناهيان،
تنهنجي ڪردار جو احساس آهي.

سيني سيني ۾ ڪٿي دل آهي،
مون کي دلدار جو احساس آهي.

آئون درياهه کان واقف آهيان،
آر ۽ پار جو احساس آهي.

ايڏي پيلن سان محبت آهي،
هر ٻِگل ڏار جو احساس آهي.

گرم بازار ڪٿي جيب وفا،
هر خريدار جو احساس آهي.

مون کي لبريز پيالن جو قسم،
تشنهٔ منخوار جو احساس آهي.

ڪوڙ ديوارون گواهي آهن،
تنهنجي ديدار جو احساس آهي.

●

نصير مرزا

# نصيراٽا نظم

اَي خيرپور! چمبيليءَ جي شاخن مثل، منهنجي ڳلي ۾ پنهنجون ٻانهون نہ وجهہ. مان بي وفا آهيانءِ. پڇي ويندوسانءِ، اَڪِ ٻڇائي.

## جُون ۾ خيرپور

هر طرف،
چوُ طرف ڪَچِيُن جا وڻَ
چانوَ ڳوليان
ڪِٿي؟
ڪِٿي ڳوليان؟

سِجُ ڪيڏو نہ ويجهڙو پاسي
روشني ايتري آ هر پاسي
جَتِ تہ اَندَ ڪار ۾ هَلان پيو مان
ڪنهن ڏِکي غار ۾، وجان پيو مان

راهہ ۾ مَيلَ جو نہ ڪو پٿرُ
گهرُ ڪٿي ڪونہ ۽ نہ گهرَ جو درُ

مون جيان شالَ ڪو — نٿي بي گهر!

## ريڊيو تان واپسيءَ مهل

ڪارو برقعو پاتل
ڪا نوجوان عورت
"ٻاءِ سيڪل" جي پويان ڪئريئر تي ويٺل
پرس هٿ ۾
۽ هاءِ وي تي اين. ايل. سي ٽريلرس جي
وچو وچ
ڪوئي نوجوان
اُن ٻاءِ سيڪل کي ائين گهليندو پئي ويو
جٿن گهري ٻاٽيءَ ۾
وَنجهن سان
ٻيڙي ڪاهبي آهي.

۽ مان رستي جي ڪناري سان هلندو
سوچيندو پئي ويس
ڪاش! هو مان هجان ها: نصير مرزا.
۽ پويان ڪئريئر تي ويٺل
پرس واري خاتون
منهنجي شريمتي
دردانہ نصير!

●

## تنوير عباسي

لطيف يونيورسٽي جي مکيہ ـ دروازي کان
ساڄي مُڙي
"سچل چيئر" ڏانهن وڃڻ لاءِ
ڪاٻي مُڙيس تہ،
ڪُنڊ وٽ
ٻہ ڪلپٽس جي وڻ پرسان
گُلاب جي گُل
مُرڪي مون کي
آدرياءُ ڪيو

لڳو: اِهو گلاب جو گُل نہ
تنوير عباسي آهي.

اياز گل

# گيت

تون ساڻ آن تہ پيارا!
هر پل بهار آهي،
توسان ئي پيارُ آهي.
خوشبو ڪلِنِ آ تُنهنجو،
مُرڪڻ ملهار آهي،
توسان ئي پيارُ آهي.
ويندين تہ سُڄَ ٿيندي،
ايندين سُڪار آهي،
توسان ئي پيارُ آهي.
گُل گُل ٻڙي پيو آ،
ٻَنَ ٻَنَ ٻُڪار آهي،
توسان ئي پيارُ آهي.
تون ساڻ آن تہ پيارا!
هر پل بهار آهي
توسان ئي پيارُ آهي.

●

ادل سومرو

# گيت

تون آهين خوشبو!
هڪڙو ٻوٽو آهيان مان
تُون تنها ڪرِي
واءُ جو جهونڪو آهيان مان
توکان ڏُور تہ ناهيان مان.

تُنهنجي مُرڪ جا موتي ميڙي
جوڙين جا سڀُ رنگ سهيڙي
جيون منجِهہ سمايان مان
توکان ڏُور تہ ناهيان مان.

روشن راهون تنهنجون پانهون
تنهنجي نيڻن منجهہ نگاهون
توکي ئي تو چاهيان مان
توکان ڏُور تہ ناهيان مان.

تنهنجي گهر جا سارا رستا
منهنجا ئي سي آهن پيرا
تنهنجو پاڇو آهيان مان
توکان دور تہ ناهيان مان.

●

تاج جويو

# ٽيڙو

رُنبي ساري رات،
سپنا ۽ سارون ڪٽي
مون سان منهنجي ذات!

تون جو وڇڙئين يار!
مون سان گڏ سڏڪا پريا
ٻُني۽ مٿان ٻهار!

مرٽو ناهين يار!
ستارن جي مُرڪ ۾
جيئرو آهين يار!

چيٽ، اسر جي ويل،
مَهڪيا منهنجي مَن ۾
يادن جا رابيل!

پنيرڪي جي وير
روشن روشن پيچرو
ڪنهن جا تازا پير؟

گهوڙا ڙي گهوڙا!
سانئڻ ڪٽڪن - رُت ۾
هيڏا وڇوڙا!

●

زيب سنڌي

# غزل

هُن کان محبوبا وڇڙي وئي،
لفظن کان معنيٰ وڇڙي وئي.

ڪنڌ نہ آهي ڪلهن سان گڏ،
ڇاتيءَ کان مالا وڇڙي وئي.

تن سالن کان اينئن لڳي ٿو،
ڏينهن ۾ ڌھ پيرا وڇڙي وئي.

داسيون محبوبائون ٿي ويون،
مندر کان پوڄا وڇڙي وئي.

ساٿ رهيو توسان هر ڪوئي،
مون کان ٿي دنيا وڇڙي وئي.

جنم - ڏينهن تي تحفي ۾ هوءَ،
مونکي ڏئي رستا وڇڙي وئي.

قلم نہ ڪاغذ ساٿ سفر ۾،
ڪا سندر رچنا وڇڙي وئي.

●

مختيار ملڪ

# هائيڪا

اڪيون ـ خوابَ نگرُ
هر پل نئين ڪهاڻيءَ سان؛
ورجايل منظرُ

★

دل جو پريم نگرُ
پورا پورا ٿي ويو
ٽُٽي پيو اندرُ

★

مَنُ ڪوني مندرُ
جنهن ۾ پوڄيندو رهيس؛
يادن جو پٿرُ

★

اڪيون ـ اڪيليون،
خواب نہ اورانگهي سگهيا؛
اوچيون حويليون.

★

هينئڙي ۾ هبڪانُ
مندون رهنديون مٽجنديون؛
پر نہ بدليو پيارُ.

★

چانڊوڪي، چوليون،
منهنجي جيون ساگر ۾؛
رنگَ رتيون هوليون.

★

سپنو ـ واريءَ گهرُ
لهرن منجهہ لڙهي ويو؛
تنهنجو تصَوَرُ.

★

نيڻن هاريا نيرَ
ڪونہ هُنيءَ تون ڪمري ۾؛
تنهنجي هئي تصوير.

★

دُعا گهري مون،
پلي وساري مون کي،
سدا جيئين تون.

★

ساموندي طوفانُ،
ويرن ۾ ويرانُ جزيرو
ستل ۽ سنسانُ

★

ڳوٺي سڄو شهر
جِتي رات سمهي رهيس؛
نڪتو تنهنجو درُ.

★

اُف ڪيڏي سردي،
هِڪُ محافظ بيٺو آ؟
فوجي باوردي.

★

سمنڊ پيو گَرجي،
چانڊوڪيءَ ۾ مون ڏٺو
چنڊ پيو ترڙقي.

★

احمد سولنگي

هُو ٺهڪن جي مالها ۾ مُرڪن جا مُگرا
جنين کي اوهان پاڻ پوئيو چپن سان
چڳن جي چڪر ۾ سدا نيم خوابيون
اوهان جي پرن جون هو وشال راهون
ڳلن تي موهيڙن جي مانداڻ اوتيل
جنين ۾ مصوّر جون کي وارتائون
جَڙيون چڻ ڪنهين هن سوناري جَڙائون
اِهي چاڳ تنهنجا اِهي روپ تنهنجا
خزان ۾ اوهان جي بدن جون بهارون
اڙِي روپ راڻي اوهان جون نهارون
اسان جو ڪليجو تراشي وجن ٿيون
۽ ڏيئي وجن ٿيون ڪوي، کي سنديشا
نوان انسنا ۽ نوان کي انديشا
هو پرهه جي پلڪن ۾ پويل مان قطرا
ڪٿي ڪيستائين ٻُڪن ۾ هلان ها
تتي، ڏوپ ۾ ڪيستائين جلان ها
اوهان جي نه پيرن جي آهٽ ٻڌي سون
اُميدن جي ڪائي ڪِرن ڪانه ايري
نه چيرين جي ڪا ڇنڇناهٽ ٻڌي سون
پنّن جي مٿان بخملي پير تنهنجا
پڏاريل ڏناسون ڪٿي ڪين جانان
سگهياسون رٿون کي رٿي ڪين جانان
سدا عشق تنهنجي جي گرمي، ۾ جلندي
اسان ڪان ٻُني ڪانه ڪا بي وڙاني
اِها آتما آ اوهان لئه اوسائيل
اِها ني حقيقت اِها ني ڪهاڻي
نه الفت جي مفهوم جو انت ايندو
نه دنيا ۾ دردن جي ٿيندي پُڄاڻي
نه دنيا ۾ دردن جي ٿيندي پُڄاڻي

۳-۳/۱۹۹۳ع

مير محمد پيرزادو

# گيت

وس وس ميـنـهـڙا ڏهه ڏهه ڏيـنـهـڙا!
ڪر موڙي ۽ ڪڪريون جاڳيون، جهڙا ڪارا ڪيس،
مينهوڳي، جي مند ۾ منهنجو پرين مٽاني ويس،
ڳس ڳس تي ٻني پهه پهه مينهڙا،
وس وس مينهڙا ڏهه ڏهه ڏينهڙا!
اُڀ ۾ ڪڪريون، هٽ ۾ ٻيجو، هاري، ڏاڍا هيج -
سارنگ هن سان ساٿي بنجي خوب ڪري ٿو ريج -
ٽانگر ٽاريون ٽهه ٽهه مينهڙا،
وس وس مينهڙا ڏهه ڏهه ڏينهڙا!
اُڀ ۾ ڪاريون ڪڪريون ڏسندي ڪاٺياريون ڪُٽڪن -
جن جا جي، جدائي، جهوريا، جانب ري، جُهٽڪن -
دوست بنا دل ڏهه ڏهه مينهڙا
وس وس مينهڙا ڏهه ڏهه ڏينهڙا!
وس نه وسي ۽ ڳڏجي سڏجي ڪوڙ جو ڪوٽ ڪنبايون،
پنهنجي دل جي دنيا وانگر پيار جو ديس بنايون،
پوريون پتيون ٻهه ٻهه مينهڙا،
وس وس مينهڙا ڏهه ڏهه ڏينهڙا!
ٽرڙ سڪا جي وڻ ٽڻ تن کي بخشيون رنگ رسيلا -
ماٺهوٺڙن جي مُرڪ ورائڻ لاء ڪيون کي هيلا
ڇهه ٻهه، ڇهه ٻهه ڇهه ٻهه مينهڙا،
وس وس مينهڙا ڏهه ڏهه ڏينهڙا!

●

## بخشڻ مهراڻوي

اکيون بوندن جيان،
سمنڊ ۾ وڃانجي ويون آهن.
ڪير ڳوليندو؟
آسماني وسعتن ۾ وڃانجي ويل
هزارين آواز؟
ڪير ڳوليندو؟
پکين جي اُڏار جهڙيون، بي پرواهہ محبتون!
سمورا جسم بليڊ سان چلي صاف ڪرڻ کان پوءِ،
خوشبوءَ جي ڳولا ڪندڙ شخص!
ڏپ جي اوندهہ ۾ ٻڏي ويا آهن.
رستا،
ايترا تہ ڏکيا ۽ طويل آهن،
جو وڪون ڪٽنديون ٿيون وڃن.
ڪائنات ايتري تہ اڻ کٽ آهي،
جو اکيون ڪٽنديون ٿيون وڃن.
ڪير ڳوليندو ان شخص کي،
جنهن،
بي انت بدصورتيون،
۽ بي انت بيڪار ڳالهيون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ
تنهنجي سونهن تي تڪڙو ايمان آندو هو.
جيڪو
وقت جي عطا ڪيل ڪافري هٿان،
سنگسار ٿي ويو!
ڪير ڳوليندو؟ انهيءَ لاءِ،
لڙڪن سان ڀريل،
اکڙين جا اهي ساغر!
جيڪي ساقي جي هٿان ڪري،
چڪنا چور ٿي ويا!!

## سوز هالائي

# گيت

ساجن جي سک سوري، آهيان
جڻ ڪا ريشم ڏوري، آهيان
نينهن نڪورو آهي منهنجو،
هانءُ هندورو آهي منهنجو.
نازڪ نيڻ ڪٽوري، آهيان
من جي ڌرتي تي آ جل ٿل،
راڻل! راڻل او! منهنجا راڻل
تنهنجي ڪاڪ ڪڪوري آهيان.
ڪنهن جي دل جي آهيان دوري،
ڪنهن جي محبت جي مجبوري،
ٻر هڪ نانءَ جي گهوري آهيان
"سوز" فراق ۾ روز سڪان ٿي
دل جي بدلي درد وٺان ٿي.
پينر ڏاڍي پوري، آهيان.

●

بشير احمد شاد

# غزل

وک وک تي واڪاڻ پرينءَ جي،
چوڏس هيءَ چانداڻ پرينءَ جي!

موتيو مگرو سوسن سنبل،
هر گل ۾ سرهاڻ پرينءَ جي.

دور اُفق تي رنگ رچي جو،
ڇهري جي لالاڻ پرينءَ جي.

ڪنول مٽي جي ماڪ ڦڙا تيا،
اکڙين ۾ آلاڻ پرينءَ جي.

مُٺ مُٺ موتي هرهڪ دل ۾،
هيرن موتين ڪاڻ، پرينءَ جي.

ڪنهن کي ڪاڻ نہ ڪنهن جي آهي،
مون کي هردم ڪاڻ پرينءَ جي.

●

مقصود "گل"

لال لَهوءَ جي خوشبو مهڪي، مرڪي مست هوائن ۾،
بن ۾ اڄ برسات اُئي آ، ڦڙ ڦڙ آهہ فضائن ۾.

ڪربل جي صحرا ۾ هڪڙو لال گلاب ڪڙي ٻيٺو،
مکڙين جهومي مهڪ ورهائي، خوش تي خوب خزائن ۾.

طوفانن اڄ سينا تاڻي، طاقت جو اظهار ڪيو،
ڪارونجهر کي ڪير هٽائي حاجت ناهہ هوائن ۾.

سمنڊ نہ سڄ تي سڪٽو آهي تڙپي پل سو تاوَ ڪري،
ارڏي عزم کي ڪير جهڪائي جرئت ناهہ جفائن ۾.

رت ۾ اڄ رابيل ٽڙي پيا موسم مشڪ ورهائي ٿي،
تڏڙا تڏڙا ساهہ سمائي سڏڪي هير صدائن ۾.

شام شفق جي لالي لائي رخسارن کي رنگ ڏنو،
شادي شوق شهادت سمجهو اُجرو عشق ادائن ۾،

درد وندو درياهہ اجارو سرڪي جي لنہ سڏڪي ٿو،
هيڏي ٻن چڻ ٻلٽي ٻني تہ بہ وهوا واس وفائن ۾.

"گل" گل گجرا هار هٿن ۾ عشق انهن کي اربيان ٿو،
جيڪي ڇهرا چنڊ ڏنا مون چمڪيا ڪالهہ چتائن ۾.

●

محمد حسن ساز بُرفت

# غزل

مان اُهو، گهر ۾ ساڳيو آهي،
منهن جو پر چين ڪنهن نيو آهي!

ياد تُنهنجي، قسم خدا جو اڄ
چڻ تہ اونده ۾ هڪ ڏيو آهي!

مون سان مل تون اچي اي تنهائي،
توکي مون ياد اڄ ڪيو آهي!

هڪ صحيح واٽ آهي خود منزل
مون کي ڪنهن راهبر چيو آهي.

جنهن بہ توکي خلوص سان چاهيو،
مان ٿي آهيان نہ ڪو بيو آهي.

هاڻ شايد ملي نہ سگهنداسون،
جيڪي تو چاهيو، سو ٿيو آهي.

توکي رسندي بہ ڪيئي سال ٿيا،
ساه تو ۾ اڃا پيو آهي.

ڪين ٻرچاني تو سگهين هاڻي
سازِ ايڏو رسي ويو آهي!

●

امير بخاري

# وائي

تنهن جي ڪاڻِ مياس،
جنهن نہ سڃاتو، مڙهہ منهنجي کي.
پينر آ، پلياس،
ڪنهن جي لڙهہ لڳياس
جنهن نہ سڃاتو، مڙهہ منهنجي کي.
ڏينهان مونجهہ مُنياس،
راتيان رت رنياس،
جنهن نہ سڃاتو، مڙهہ منهنجي کي.
مصري ميٺ هياس،
رَسوَل جيئن ٿياس،
جنهن نہ سڃاتو، مڙهہ منهنجي کي.
ڪلهہ ڪالهوٽي وٿياس،
اڄ اڻ - پانوٽي ٻٽياس،
جنهن نہ سڃاتو، مڙهہ منهنجي کي.

●

## کرم ٽالپر

وڃڻ جون ڪرين ٿو تون وايون، ڀلي وڃ!
چوين ٿو، جڏهن مند موٽي ته ايندس!!

وري رُت ته ايندي، جَواني نه هوندي،
خوشي، خيرُ ڪِلَ، شادماني نه هوندي،
هي جذبن ۾ ساڳي رواني نه هوندي،
ڪا ٻولڻ جي طاقت زباني نه هوندي،
جيڻ ۾ جڏهن جس ڪا جاني نه هوندي،
آ ممڪن سڄڻ زندگاني نه هوندي،
هتي ڪابہ منهنجي نشاني نه هوندي!
ڪندين پوءِ ڳالهيون ۽ ويچار ڪنهن سان؟
هي مٺا، ميارون ۽ آچار ڪنهن سان؟

مڃان ٿو ته موٽي بهارن ۾ ايندين،
نواڻن ڀريل تون نظارن ۾ ايندين،
تون سانوڻ جي ڦڙ ڦڙ ڦوهارن ۾ ايندين،
سڄڻ سانوري رات، تارن ۾ ايندي،
پڇي لال ٽيندا ليارن ۾ ايندين،
ڪِهه، ڪٽڪ سارين لابارن ۾ ايندين،
سُکيو ديس هوندو سُڪارن ۾ ايندين،
ڏيئو زندگيءَ جو، جي ويندو اُجهامي،
ڪٿي وقت ورندو ويو جي وهامي؟!

ملڻ ۽ ملائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
سٺڻ ۽ سٺائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
مڃڻ ۽ مڃائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
کلڻ ۽ کلائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
هي پرچڻ رسائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
۽ ڳل ٻانهن پائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
اکين ساڻ ڳالهائڻ تڏهن ڪين ٿيندو
سڄڻ سوڳ جي لئہ اچڻ پوءِ اجايو،
ڪو پڇتاءُ، سڏڪا رئڻ پوءِ اجايو!

٣-٣/١٩٩٣ع

## احمد ٽالپر

# غزل

جاني! جاڙ جِيئان ٿي تو بن،
لائي، هِينءَ نه پيرا پَڇجن.

سُور ۽ سارون، سيله ڪنڊا ٿي،
هر پل هيٺي، هانوَ ۾ ٽنبجن.

رڻ جي روڃهه، جيان من ماندو
برکا بڻجي آءُ ته ساجن!

تو ـ ريءَ ٻَرندي، پگهري ويندو
شايد ميڻ بتيءَ جان جوڀن.

لهندڙ سُورج، پاڳ اسان جو،
اُونداهي امبر جان جيون ـ

ڪَنپڙين وانگر پَرڙا ڪوهي،
آسُون چاهه چِتا تي تڙپن.

هر ڪنهن چيٺ، جِي چوڏهينءَ جهڙا،
"احمد" آءُ ته، جذبا جَرڪن.

## سرڪش سنڌي

ديرِ ايندي نہ ڪر ايتري،
ساهَہ نڪري صدين جا وڃن.
سُونهنَ ايڏي نہ ٿي ائنٽري،
لاهَہ نڪري دلين جا وڃن.

مُرڪَ خاموش رستا ڏَسيا
نينڻ اوڏانهن اُتلي پيا
ريت پنهنجي نہ ٿئي ويسري،
واهَہ نڪري وٽين جا وڃن.

رنگَ بُو ۾ پٺون چو مُنجهي
هِي لِبادا ۽ چهرا ڏِسي
راهَہ ملندي نہ ٿي اوپري،
چاهَہ نڪري وَهين جا وڃن.

دردُ جيڪو دلين ۾ هجي
سو اکين ۾ ڪٿي اوتجي
پيارَ پڌرا ٿين بانوري،
ٿاهَہ نڪري ٺڳين جا وڃن.

تو اويلو سويلو اچي
تنهنجي ٻاڙي مري يا بچي
موهُہ ٿيندو نہ آ مسخري،
ٿاهَہ نڪري نَهين جا وڃن.

تنهنجي منهنجي اچڻ جا ٻِلا
روز اچ وڃ سندا سلسلا
ايئن نہ سرڪش ٿئي جو قِري،
ڳاهَہ نڪري ڳلين جا وڃن.

## واجد

# غزل

زندگي جي هر ادا، مون کي قبول،
باوفا يا بيوفا، مون کي قبول.

ڪيترا احساس ٿيا رڻ ۾ الوپ،
جي بہ ٿيا جذبا فنا، مون کي قبول.

جو بہ نالو ڏيو، سندم ڪردار کي،
پارسا، نا پارسا، مون کي قبول.

ٿي نہ پئي پورا محبت جو پَرم،
بي خطا برسر سزا، مون کي قبول.

سارو جڳ سَرهو رکي مونکي مُنٺ،
هي عجب جهڙي سخا، مون کي قبول.

اوج تي ورڪا، ۽ منهنجو جهوپڙو
ناهہ ويهڻ جاءِ ڪا، مون کي قبول.

زندگي وئرٽ وئي، واجد، مگر
تلخ ٿيا جي تجربا، مون کي قبول.

●

# وريون بهارون وري وطن ۾

- گلاب جهڙا حسين ڪومل ڪي خواب ٽوهر لڳي رهيا هِن،
گرم پهاڙن تي پير چچريل هلڻ ڪان قاصر لڳي رهياهِن،
مگر وفا جو پرم رکڻ لئه ٿڪل مسافر اجا رڙهن پيا،
نه ڪل لڌني ڪا ته ڪينئن جيئن ٿا، جي چاهتن جي چکيا چڙهن ٿا،
ڪلهن تي يادن سندا جنازا، ڪفن اميدن تي حسرتن جا،
چپن تي صدين جي پياس سانديل، ڪنول ڪوماڻا خواهشن جا،
ڪندا ٿي سپنا ڇُپن اکين ۾، اجا نه آئين! اجا نه آئين!
وريون بهارون وري وطن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!
- هي شوخ چنچل، ادائون ڪافر ٿيون واعظن جا وضو پچائين،
اهي خماريل، نگاهون قاتل، سڄي دنيا تي حڪم هلائين،
انهن اکين جي سَحر ۾ عالم ازل ڪان ئي محوِ رقص آهي،
دنيا جي هرهڪ حسين منظر ۾ جلوه گر تنهنجو عڪس آهي،
پرين پُڄاڻان اُجاڙ گلشن ۾ بي مزي ٿيون سيئي بهارون،
گلن ۾ پئونرن جي گفتگو ۾، وڻن، پکين ۾ اهي پچارون،
چون پيا چيها چتون چمن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!
وريون بهارون وري وطن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!
- اوهان تي چاندوڪين جي ورڪا، اسان جي پاڳي اُماس راتيون،
اوهان کي ڪهڙي خبر ته ڪيڏيون پوانتيون هِن اُداس راتيون،
ازل ڪان روحن جا پاڪ رشتا لوح و قلم تي رقم ٿين ٿا،
سي دورين سان دلين جا ناتا ڪڏهن نه سائين ختم ٿين ٿا،
اسان جا ايمان ۽ عقيدا نه پاڻ، واري، سندا ڪي ڳهرڙا،
لڳي وڇوڙي جو واءُ جڏهين وڃن اُڏامي اُنهن جا ذرڙا،
آ ديد اڄ پي سنڌ، دڳن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!
وريون بهارون وري وطن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!
- "حيات" تنهنجو حيات رهندو اِنهن ئي يادن سندي سهاري،
مگر ڏجان تو ملڻ ڪان اڳ ۾ هي موت پاپي وجهي نه ماري،
انهي، ڪري تو چوانءِ ساجن چو "سيال" ڪان تون جدا رهين تو،

محبتون سپ لڪائي دل ۾ مونکان بظاهر خفا رهين ٿو،
مگر نمايان چهري تنهنجي تي هزارين سانول بناوٽون هِن،
هي رنجشن جون سيني ريکائون ڪوڙيون سهي ته به قيامتون هِن،
عمر وٺي گذري انهن غمن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!
وريون بهارون وري وطن ۾، اجا نه آئين، اجا نه آئين!

●

## منير سولنگي

●

ماٺ ۾ ڪيسين رهان، سور مان ڪيڏا سهان،

عمر هيءَ ٿوري لڳي!
منهنجي من جو آسرو تون، تو سوا مان ڪجھ نه هان،

عمر هيءَ ٿوري لڳي!
چنڊ چانڊوڪي وسائي، تنهنجي رخسارن مٿان،

عمر هيءَ ٿوري لڳي!
رُت گلابن جي به آئي، تنهنجو اوسيئڙو اجان

عمر هيءَ ٿوري لڳي!
گهاوَ دل جا ڪينَ پربا، تنهنجي ئي درشن بنان،

عمر هيءَ ٿوري لڳي!

●

بدر شاهه

## غزل

محبتون نيڻن ۾ ڪي پلجن پيون،
قُربتون نيڻن ۾ ڪي پلجن پيون.

نازبو جهڙا پرين! توکي ڏِسي؛
حسرتون نيڻن ۾ ڪي پلجن پيون.

مُرڪندو توکي ڏسان تو پاڻ ڏي،
جُرئتون نيڻن ۾ ڪي پلجن پيون.

سُونهن سان گستاخيون شايد ٿِين:
حُجتون نيڻن ۾ ڪي پلجن پَيون.

تون ڪٿين ٿي ڀِينَ چِرڪن مورَ پيا،
حيرتون نيڻن ۾ ڪي پَلجن پيون.

ظُلمتن جو زور ڇائي آس پاس؛
وحشتون نيڻن ۾ ڪي پَلجن پيون.

گُهگهه اوندهه، غربتن جون جُهوپڙيون۔
تُربتون نيڻن ۾ ڪي پَلجن پيون!

مِحنتن جا گيت لکندي او بدر!
عظمتون نيڻن ۾ ڪي پَلجن پيون!!

●

رکيل مورائي

## غزل

هيڪَل ڪَمرو تُنهنجي ياد،
مُون کي ويجهو تُنهنجي ياد.

ميلي ۾ ڏياريندو آهي،
چهرو چهرو تنهنجي ياد.

مون وٽ منهنجي سڀ ميراث
تنهنجو فوٽو تنهنجي ياد.

مون کان ڪيئن وساريندو
جڳ جو چرخو تنهنجي ياد.

ٻه سَٺ ميلن جي محتاج؟
ڪيئن تو سمجهو تنهنجي ياد!

ها! هُن پاڻ وڃايو پَر
سانڍيو آيو تنهنجي ياد.

●

فياض چنڊ ڪليري

# غزل

هُو جڏهن ڪان پرپرو ٿيندو ويو،
چڻ تہ جيون اوپرو ٿيندو ويو.

رات روني شعر مون تولئہ لکيا،
شاعريءَ جو سوجهرو ٿيندو ويو.

تو ڇيو هو، درد گڏجي ڀوڳبا،
درد مون کي ويجهڙو ٿيندو ويو.

مون تہ چاهيو، زندگي ويجهي رهي،
ڇو الائي، فاصلو ٿيندو ويو!؟

هُن جڏهن ٿي پير ڌرتيءَ تي رکيو،
چوڏ طرف ڀو ترٿلو ٿيندو ويو.

رات تنهنجي سونهن کي ٽڙندي ڏسي،
"چنڊ" ڏاڍو چلولو ٿيندو ويو.

●

منظر راڄپر

# وائي

ڪاٿي تون آهين، توکي ڳوليندي.
ڪاٿي مان آهيان ڀڳو؟
تنهنجي ساٿ سوا پرين، جيون جهاڳيندي.
ڪاٿي مان آهيان ڀڳو؟
ايندينءَ منهنجي دوار تون، سوچون سانديندي.
ڪاٿي مان آهيان ڀڳو؟
خوابن منجهہ او نينگري، توکي چاهيندي.
ڪاٿي مان آهيان ڀڳو؟
پنهنجي حد حساب جا، گس اورانگهيندي.
ڪاٿي مان آهيان ڀڳو؟
اڄ تون بنجي چانورو اُس ۾ ڪاهيندي.
ڪاٿي مان آهيان ڀڳو؟

●

آدرش

## ڪوماٽل گل هر ڪتاب
## مان ناهي ملندو

راتِ،
بنا خوابن جي،
گذري وئي.

بنا خوابن واري رات جي صُبحَ جو،
منهنجي دل،
اُنَ ڪوماٽل گل وانگر هئي،
جيڪو هر ڪتابَ مان،
ناهي مِلندو.

★

## نظم

رات مُون،
تنهنجي ننڊَ ۾ داخل ٿي،
اُنَ خوابَ کي ڇُهيو،
جنهن ۾ تون،
مُون کي ڏسي رَهي هُئِينءَ.

●

میر حسن آريسر

## غزل

پرھ ڪانپوءِ چنڊ تنهنجي چانڊني گم ٿي وئي،
جڻ تہ شاعر جي اکين مان شاعري گم ٿي وئي.

هن وڇوڙي موت جهڙي چا ڏنو ءِ چا نيو،
زندگي ۾ ني لڳي ٿو زندگي گم ٿي وئي.

عشق جي درياءِ ۾ توکي وجهي پاڪر لٿي،
او گهڙا! توکان گهڙيءِ ۾ ڪينن سکي گم ٿي وئي.

منهنجي نيڻن تي رکيا تو چپ پنهنجا چلولي!
شام جي سُرخي ٽڏيءِ ۾ اس تکي گم ٿي وئي.

بارڙن کان ٻار جيئن ڪنهن ٻل رسي ڪنهن ٻل ٻچي،
هن جي ٽيبل تي رکيل هئي سا گڏي گم ٿي وئي

●

پارس حميد

# هٿ ـ ترين تي روشن ڏُکَ

اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي
مان جنم ڏينهن جون ميڻ بتيون،
هٿ ـ ترين تي ٻاري،
پنهنجن ڳوڙهن سان وسائيندس.
مان ميڻ بتيون ڳڻي
وڃايل حياتيءَ لاءِ سوچي
پنهنجي زندگيءَ جا
سال نہ
ڏک ڳڻيندس ـ
جيڪي پنهنجو پاڻ مرادو
ڦٽندڙ ٻوٽن وانگر
ڦٽي پيا آهن
يا مان پاڻ پوکيا آهن.
مان گلاب جي گلن
۽ تحفن لاءِ نہ سوچيندس
اکين مان وهندڙ
ڳوڙهن لاءِ سوچيندس.
جيڪي ڪجهہ ڏُک چوراڻي ويا
۽ جيڪي ڏک
چوري ٽيڻ کان بچي ويا
هي ميڻ بتيون ٻڌجي
ايندڙ سال جي جنم ڏينهن تائين
منهنجي هٿ ـ ترين تي ٻري رهيا آهن.
۽ مان پنهنجن ڏڌن ڏڌن
ساهن سان ڪين وسائيندس.
ها ـ ڏڌن ڏڌن ساهن سان وسائيندس.

●

متل جوڳي

# گيت

ڏات رُني آ، ڏانءُ رُنو آ.
سرجي ڪوبہ نہ گيت سگهيو آ.
ڪو تہ رُنو آ ...
اُبِ تان تارو جيئن ڪِرِي ڪو،
احساسن جو سِجُ ٻُڏي تو،
اوسيئڙي جي رڻ ۾ رُلندي.
چنڊ لٿو آ .... ڪو تہ رُنو آ.
مِينهن اُني جي هير گُهلي آ،
ڪَرِڙا موڙي ياد اُٿِي آ،
سوچَ ننگر ۾ عاشوري جان.
روحُ مَتو آ ... ڪو تہ رُنو آ.
ٿَرَ جي ڌرتيءَ تي جئن ٿوهَرَ
تينن ئي وياڪل مَنَ جي ڳُبرَ
تنهائِيپ جي پيڙائن جو.
دَردُ ڦٽو آ ... ڪو تہ رُنو آ.

●

وسيم سومرو

# نظم

تو واريءَ تي جڻ واءُ گُهلي،
ٿي احساسن جي دز اُڏي،
هُو جر تي عڪس سِتارن جو،
ٿو لهرن تي جڻ ديپ لُڏي -

تو سانجهيءَ ٽاڻي سوچيو آ،
ڪينن وڻ، وڻ ٿو آساسي ٿي،
ان ويل اکين جي گُهور تِڪي،
ڪينن چوڪس ٿي چوماسي ٿي -

مان سوچان ٿو تون اڇٽو آن،
ڪو رنگ ڪٿي نارنگين جو!
۽ تنهنجيءَ آتر ويلا ۾،
تا هٿ ڏينِ ڪمر ڪنگين جو!

ڪو هير ولين جو واسُ ڪٿي،
ٿي احساسن ۾ رنگ پري،
ٿي مند ڦري ڦلواڙيءَ جي،
اڄ ڇم ڇم ڇم ڇم ٻيرَ ڪري -

هي من ۾ تنهنجا اولاڪا،
تا ڪوئي گهرو گهاءُ لڳن،
۽ تو بن رُت متواليءَ ۾،
تا اگرن وانگر نيڻ ڏگهن -

●

مهر خادم

# غزل

ماڪ رابيل تي ٿي مرڪي اچا
هانو منهنجو غزل ٿو سرجي اچا

صبح ميرانجهڙو سج نڪتو نہ آ
ڏس تارو مٿي ٻيو ٽمڪي اچا

تنهنجو چهرو ڏسي سانورو بانوري
جيءُ منهنجو نٽو هيءُ پرجي اچا

ڊائري ڪسي مون ڪان مرڪي ڏنڻ
هٿ رکي ڏس پلي دل ٿي ڌڙڪي اچا

آءُ گڏجي هلون اڄ پرين گهاٽ تي
چنڊ چاهت جو وڌ جيئڻ ايري اچا.

●

مرتضيٰ منياٽوي

# گيت

نينهن نہ آ ناداني ڙي،
جاني، جاني، جاني ڙي.

مون ڏي سُندر نيڻ کڻي تو،
ڪيڏي ڪئي احساني ڙي.

پيارا پيار پريت اوهان جي،
دلڙي ڪئي ديواني ڙي.

پٽ ڏٺي ڪان آءِ پڇي تون،
عشق نہ آ آساني ڙي.

تو ري شهر سڄي ۾ چانيل،
ڪيڏي آ ويراني ڙي.

●

عزيز ڪنگراڻي

نہ ڄاڻان تون ڪير؟
اريھر توکي شاعري!؟

نڪي ميل ميلاپ آ، نڪي اير نہ پيرا!
پاتم ساري زندگي، تنهنجو پنڌ نہ پيرا!

هرڪا سهڻي صورت تون، هِرڪڻ منهنجي هيرا!
گهلي هير هرهر جو، چمر چمر پائي چيرا!
اندر منجهہ ازل ڪان، اَجاتا اُليرا!

●

"آصف" منياٽوي

# غزل

آيا پورا ڪارا بادل،
واٽن تي وسڪارا بادل.

پُون، جي آلي آلي مٽي،
اُپ تي پيارا پيارا بادل.

پل ڪن برسن، ساعت ترسن،
ڇڻ تہ هجن وڻجارا بادل.

ڪنوڻ ڪِڇي ۽ گوڙ گَڄي تي،
ڇڻ تہ لڳائن نعرا بادل.

ڌرتيءَ ڪي وندرائڻ خاطر
ٻڄي پيا مٺيارا بادل.

پريت نگر ۾ ڊوڙي آيا،
دلبر ۽ دل وارا بادل.

ڪيڻن ڪانونئن تي ماريا،
جوڳين وارا ڏارا بادل.

ماٺ شهر ۾ گِهنڊ وڄائڻ،
آيا "آصف" پارا بادل.

●

قدير انصاري

# ترائيل

تون جڏهن مون کي ملئين، رات هئي پونم جي،
ايڏو پئي محو هئاسين جو ڪجهه به ياد نه هو:
ڪانئي پي سَمَڪ نه هئي دنيا جي، ڪنهن پي غم جي،
تون جڏهن مون کي مليئنءَ، رات هئي پونم جي!

هائي مجبور شناسائي به ڪهڙي ڪم جي،
منهنجي ڪشڪول ۾ ڪو پيار جو پرساد نه هو:
تون جڏهن مون سان مليئنءَ، رات هئي پونم جي،
ايڏو پئي محو هئاسين جو ڪجهه به ياد نه هو!

"ڪوثر" هالائي

اوسيئڙي جي اوٽ مون، گهڙيون جي گهاريون،
مون کي موٽائي ڏيو!
سرچاء جو ورجاءُ ۽، نشانيون ساريون،
مون کي موٽائي ڏيو!
ڏانءُ وسارڻ جو سکون، نه توکي وساريون،
مون کي موٽائي ڏيو!
ڳالهائڻ توسان متان، ڳالهيون مون واريون،
مون کي موٽائي ڏيو!
توبه وڇوٽيون جڳ جيان، ڪري ڏيکاريون،
مون کي موٽائي ڏيو!
پيڙا پائي تو متان، سرهائيون واريون،
مون کي موٽائي ڏيو!
پريت جي بدلي پيڙائون، جيڪي مون ڏاريون،
مون کي موٽائي ڏيو!

شفيع چانڊيو

# غزل

من اڱڻ جا وڻ سيئي وڍجي ويا
پيار جا پنڇي اُداسي ويا هليا.

واءُ ڪو اهڙو وريو ويراڳ جو
بن ڇٽي هيڏي هوڏي وکري ويا.

دوست دل ڪان ڇو الائي دور ٿيا
۽ وسارڻ سان به وسرن ڪونه ٿا.

زخم جي مرهم پئي جن ٿي ڪئي
اڄ اهي خود پاڻ ٿي زخمي پيا.

ڪاله جيڪي گل ويا ڪومائجي
اڄ اهي پيهر وري نکري پيا.

دوستو! خوشبوءِ جي آجيان ڪريو
مدتن ڪان پوءِ آهن گل ٽڙيا

توڙي آهن هٿ پنهنجا زخميل
پوءِ به آهي سگهه بازن ۾ اڃا.

●

## معصوم بخاري

# غزل

شاعريءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين،
ڪنهن پريءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

چَپَ چمان ٿو، ساهَ سُرَ ٿي ٿا پون،
بانسري جو روپ ڏاري ٿي اچين

وار آلا ٿي ڪري جڏهين اچين،
رُت پنيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

هر اکر ۾ تنهنجو چهرو ٿو پسان،
ڊائريءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

منهنجي جيون جي انڌاريءَ رات ۾،
هٽ ـ ٻتيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

مان ٿو ڪينجهر ـ جر ٽيان ۾ تون مِلي!
چانڊنيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

هي ملائم انگ ۽ ڳاڙهو وڳو،
گُل ـ پتيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

گهر سجي ۾ ساهُ پنجي تو وجي،
زندگيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

منهنجي سوچن جي سدائين سيج تي،
تون ونيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

انگ سارا ڏنگ ۽ سنهڙو بدن،
چا ڪجيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

اک غزل، چپ هائيڪا، گُل گيتَ هِن،
شاعريءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

ياد جنهن پل تو ڪيان، پهچين وڃين،
چڻ پکيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

نيڻ تنهنجا، عڪس منهنجا تا ٿين،
آرسيءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

پار ڪنهن معصوم جان لوڙهيو وڃين،
چا نديءَ جو روپ ڏاري ٿي اچين.

●

## امتياز حسين "امتياز"

[خوشاب (پنجاب)]

# هائيڪا

سچل جي ڪافي،
جيڪا باهه لڳي منَ ۾،
تنهن ڪي ٺاري ٿي.

●

رات اماوس جي،
تنهنجا نيڻ ڪٿي آيا،
مون ڏي چانڊوڪي،

●

ساوڻ آيو آ،
تر جي ڍَهرن ۾ مِٺڙا
مارو مرڪي پيا.

●

غلام نبي ناشاد

# غزل

تنهنجي محبت ۾ مون کي تہ پرين آرام ملي آ ڪين سگھيو
مدھوش ڪري جيڪو مون کي سو جام ملي آ ڪين سگھيو

اکين ۾ هُئي تصوير تنهنجي سو ڳوڙھا ڳاڙي ڪين سگھيس
هن ضبط جو توکان اي ظالم انعام ملي آ ڪين سگھيو

مان هجر جي ناںدن تي هلندي سو بار جليس پر اُف نہ ڪيم
تنهنجي نازڪ سهڻن چپڙن کان انعام ملي آ ڪين سگھيو

هن مرڪن ڳاڏڙ محفل ۾ تو دلبر جي آ ڪوٺ رهي
پرين تنهنجي ها يا نهڪر جو پيغام ملي آ ڪين سگھيو

هت طرحين طرحين طعام ٻَڪا پر روح بُکيو ناشاد رهيو
بک جنهن مان لهي ڪنهن عاشق جي سو طعام ملي آ ڪين سگھيو

علي "اظهار"

# وائي

ڦٽيا مون هٿڙ ٻيئي،   خوابن جو ٻيچو ڪندي.
جهوليءَ منجھ ڪريا ڪنين،
ڪتا منا ٻيئي،   خوابن جو ٻيچو ڪندي.
سسئي، بس هڪڙي ڏنم،
ڏنگا ڪئين ڏيئي،   خوابن جو ٻيچو ڪندي.
پٽڪي وئي انسانيت،
انڌي منجھ انڌير،   خوابن جو ٻيچو ڪندي.
راهون سڀ اٽانگيون،
هلندي مون سان ڪير؟   خوابن جو ٻيچو ڪندي.
ساجھر سچ لهي ويو
"اظهار" تي وئي دير   خوابن جو ٻيچو ڪندي.

بيخود بلوچ

# غزل

قربانيءَ کان خالي، پيارُ.
ٿيندو ڪين مثالي، پيارُ.

اونداهيءَ ۾ بخشي ٿو،
جاني! جوتِ نرالي، پيارُ.

پيارَ سان پيارا ساٿُ تہ ڏي،
ساٿَ جو آهِ سوالي، پيارُ.

جيون واري رڻ ۾ دوست!
آهي مُندَ جُهڙالي، پيارُ.

ڪهڙي جدائي؟ آءُ هلي!
اڪ ڪري ٿو آلي، پيارُ.

پيار بنا بدحالي "بيخود"!
آهي جڻ خوشحالي، پيارُ.

●

روبينہ ابڙو

# غزل

ملڻ جي مُند ۾ وڇڙي ويا هُون،
بهارن ۾ پرين اُجڙي ويا هُون.

خوشي جي قافلي سان هلندي هلندي،
غمن جي موڙ تي رُڪجي ويا هُون!

رکيو جنهن سوچ ۾ صديون اسان کي،
انهي کان اوچتو وسري ويا هون!

مُنجهيو آ ساهُ جنهين منجهہ ماٺهن،
پکين سان اُپ ڏانهناُڏري ويا هُون!

پُڪاريو هو وٺي تو نانءُ دل ۾،
آهين حيران، ڪِنن ڀڄي ويا هُون!

هيئن سوچن کي ميڙيندو سدائين،
هلي آ، ڏس وَري وِکري ويا هُون!

●

سعيد ميمڻ

# وائي

جيوَنَ - اُسَ ۾، جا هَستي هُني
مون لئہ چانو جِيان؛
هاڻي سا ہِ، نَہ آ!

باغيچو آباد هو گهر جو
هڪ ني مُڪڙيءَ سان،
هاڻي سا ہِ، نَہ آ!

جيڪا روشني ٿيندي هُني
ڏيئي - لاٽ مَنجهان؛
هاڻي سا ہِ، نَہ آ!

شهر مان جلدي وَرندو هُس
گهَرَ ڏي مان جنهن ڪان:
هاڻي سا ہِ، نَہ آ!

جيئڻ جو اُتساهہ مليو ٿي
جنهن جي مُرڪڻ سان؛
هاڻي سا ہِ، نَہ آ!

(پياري ڌيءَ، مارئي، جي وفات کان متاثر ٿي لکيل)

●

رياضت ٻرڙو

# گيت

ڪاڳر ڪورو رهجي آ ويو،
آءُ پرين تون ڪَوِتا ٻڻجي،
گيت رچڻ تو چاهيان پيارو.
سپنن راتي، پيار - ڪهاڻي،
يا تون آءُ گِيتا ٻڻجي،
گيت رچڻ تو چاهيان پيارو.
هڪڙو پيرو جيون جان اڄ،
منزل چاهي رستا ٻڻجي،
گيت رچڻ تو چاهيان پيارو.
سُپني ۾ پي ساپيان وانگي،
آءُ هلي من - چِنتا ٻڻجي،
گيت رچڻ تو چاهيان پيارو.
راتِ رَهي پَل، ڏات ڏُکي پَل،
رياضتَ نيٺ امرتا ٻڻبي،
گيت رچڻ تو چاهيان پيارو.

●

امر سنڌي

# وائي

تنهنجي وني ڪانپوءِ
تنهنجو ني احساس:
جاڳي پوندو آ.

مون سان گڏ تنها،
هر پهر اُماس:
جاڳي پوندو آ.

تو، پڇاڻان ڪمري ۾،
لفظن جو واس:
جاڳي پوندو آ.

سپنن ۾ اوچتو،
هينڙو هي اُداس:
جاڳي پوندو آ.

راتين جو اڪثر
تارن سان آڪاس:
جاڳي پوندو آ.

●

ايوب کوسو

# غزل

هر درد ڏاتري آ،
هر خواب شاعري آ.

چاهه، زندگي اکين ۾،
ڪا آس آخري آ.

تون واءُ ٻڌجي ورندين،
مونکي ٻه خاطري آ.

هُو جو ڪِلي پيئي آ،
مُرڪي پني ماتري آ.

دل جي ڳلين ۾ ڳوڙها،
آئي نه سانوري آ.

چَپ، چَپ تي ڙڙي پيا،
تي رات بانوري آ.

●

فياض لطيف

# وائي

تنهنجي نيڻن ۾
منهنجي جوين جو،
سرتي! سچ لهي ويو.
سرءُ جي ياکر ۾
ناريءَ پن پن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.
جيون شهر جي
اوجاڳيل رستن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.
خيال ڪتابن جي
وکريل ورقن جو،
سرتي! سچ لهي ويو.
تو ۾ سوا منهنجي
مرڻي خوشين جو،
سرتي! سچ لهي ويو.

●

سرور لاکو

# غزل

ساجن توکي ساريان وينو،
روئي وقت گذاريان وينو.

تنهائي ۾ تنهنجون يادون،
سارون ڪُل سنياريان وينو.

تنهنجي سونهن جا گيت غزل هي،
ذات جا ڏينا ٻاريان وينو.

توسان گڏ هو مهڪيل من سو،
ڳٽين ۾ اڄ ڳاريان وينو.

ڪڙو آ ڪيڏو هيءُ وڇوڙو
زهر آ جيون، گهاريان وينو.

جيڪي ڳل چميا تو، تن تي،
"سرور" لڙڪ قطاريان وينو.

●

درد سولنگي

# وائي

کيسين رهندي راتِ،
نيٺ تہ باک بہ ڦُٽندي ساٽي.
ظُلم سندو کو نان؛ نہ رهندو
موذي تيندا مات،
نيٺ تہ باک بہ ڦُٽندي ساٽي.
لاٽ منجهاران لاٽ تہ ٻرندي،
راتِ نہ رهندي رات،
نيٺ تہ باک بہ ڦُٽندي ساٽي.
خاموشي بہ ٽٽي ئي پوندي،
واڪا هر ڪنهن وات،
نيٺ تہ باک بہ ڦُٽندي ساٽي.
گيت غزل ۽ وائِن رستي،
ڪريان دل جي بات،
نيٺ تہ باک بہ ڦُٽندي ساٽي.

●

اشفاق آذر

# وائي

رات ستارن سان،
اُلجهي پئي آهي.
مند وڇوڙي جي،
تنهنجي چارن سان،
اُلجهي پئي آهي.
ڪنهن جا پيرا هن
موج ڪنارن سان،
اُلجهي پئي آهي.
ايڏو موهہ نہ رک!
ننڊ نهارن سان،
اُلجهي پئي آهي.
پنهنجن پيارن جي
سارَ ميارن سان،
اُلجهي پئي آهي.

●

تهمينه سڪندر

# ٽيڙو

مانيءَ ٽڪر پور
ٻچڙي آهي بک
پار مچائن شور
●

لوڻي ليڙون ليڙ
جهڙو ڏکيو ڏينهن
رات به اهڙي پيڙ
●

واءُ نه گهلي هير
سوڪو ناهي ساه
نيڻ وهائن نير
●

سانت خوشبوءِ، رات جي راڻي
سوچيان ويني آءُ،
دل آهي ڇو ويڳاڻي
●

امجد سيد

# آس

ڪوئي ته مون کي ياد ڪري
اجڙيل دل آباد ڪري
خواب ڏسڻ لاءِ ننڊ کيان
اميد ملڻ جي ٿي جاڳائي
۽ ننڊ اڏامي ٿي ٻَرَ پائي
ان لاءِ رهان توکان ٿو پري
ڪوئي ته مون کي ياد ڪري
هي اڪيلائي ۽ زخم دل جا
ڪجهه ڳوڙها گرم ۽ ساهه ٿڌا
جي ٻرينَ پيار مان اربيا هتا
ان تحفي جي ڪَٿَ ڪير ڪري
هي اجڙيل دل آباد ڪري
ڪوئي ته مون کي ياد ڪري
●

علي دوست عاجز

# غــزل

موٽي آني آ مِني مند، مثل موٽي آ،
راهه تنهنجي تا ڏسن نيڻ پِگل، موٽي آ.

●

منهنجي گيتن جا پڙاڏا نه پڳا تو تائين،
مون اُداسيءَ جا وري ڇيڙيا غزل، موٽي آ.

●

رات گهر گهر هني خوشي، جوت جلي مَن مَن ۾،
باڻ ۾ برڇي ويا ڪيني رنل، موٽي آ.

●

ڪيڏي جيون ۾ ڪمي رهجي وئي آ تو بن،
موگو مَن، ذات ڏکي، ساز ڇڳل، موٽي آ.

●

چيٽي چانڊاڻ ۽ سرهاڻ هوا ۾ تنهنجي،
آ، متان زخم پون اُتلي ڇتل، موٽي آ.

●

عمر جو چنڊ ڪڙيل، وير جوانيءَ جي چڙهيل،
ڪير موٽائي نه ڏيندو اهي پل، موٽي آ.

●

پيار جي ناوَ تماچي تي ڏکي پيو عاجز
دل جي ڪينجهر ۾ ٽڙيا ڪيني ڪنول، موٽي آ.

●●●

جبار جوش

# غــزل

روح منهنجي جو راٺو ماڻهو،
ڇو ٿي پيو ويڳاڻو ماڻهو.

مرده جياري وجهندو آهي،
نيڻن ساڻ نماڻو ماڻهو.

ماڪيءَ ساڻ ملايل منڙو
مکڻ جو جڻ چاٺو ماڻهو.

ناٿي تي نه وڪامي سگهندو
پيار ۾ جو به وڪاڻو ماڻهو.

جنهن ۾ گهوٽ بلاول پيڙيو،
گهوري سو ڏس گهاٽو ماڻهو.

هيڪل وياڪل لڳندو آهي،
هر ڪو پيو ويڳاڻو ماڻهو.

جوش هميشه هوش سان هلندو
هرڪو آهي سياڻو ماڻهو.

●

آزاد علي انور ڪانڌڙو

# وائـــي

سانوڻ ڏني ويو سور، الاڙي، سانوڻ ڏني ويو سور!
مند ملهاري آئي وئي، تون نہ هليو وئين ڏور!
بادل ڪيا وسڪارا ها هن ڌرتيءَ تي پرپور.
وڏڦڙي سان دل جو شيشو تي پيو چڪنا چور.
تنهنجي چاهت چاڪ چڪايا، نينهن ڪيا ناسور.
ننڊ ڦٽي وئي نيڻن جي، پيا پل پل تنهنجا پور.
سانول توکي ساريان وينو، ماٺ نہ آئي مور.
جيءَ جدائي جهوريو منهنجو، روح ٿيو رنجور.
تنهنجون واٽون واجهائيندي، نور ٿيو بي نور.
منهنجو من موڳاتيل آخر ڪونہ ٿيو مسرور.
دل جا دلبر چاڪ چڪن ٿا، گهايس تنهنجي گهور.
تنهنجي هڪڙي ديد جي خاطر انور ٿيو مجبور.

●

بيوس بچل سيال

# وائـــي

رات جي هن سانت ۾ ذات جو ڏينو ٻري،
ڏور تون ڪيڏي ٻري.
آس منهنجي تو سوا، روز پئي سڏڪا پري،
جنهن سمي توکي ڏٺم، سو لمحو دل تي تري،
اج بہ تنهنجي چاهہ جي، ڳالهہ ڪو مون سان ڪري،
تو اچڻ جي ڪان ڪئي، مند بيوس پئي وري،

●

# نثري نظم

شيخ اياز

(ترجمو: امير علي چانڊيو)

## ڪفارو

اجا پکين "چون چون" نہ ڪئي آهي
اجا ابابيل اُڏريا نہ آهن:
اجا روشنيءَ جي ريک نہ نڪتي آهي
۽ ٻاهر گُهگهہ انڌيرو آهي.
مان هر تهجد گذار کان اڳ ۾ جاڳيان ٿو

۽ انهيءَ پروردگار جو ٿورو مڃان ٿو
جنهن کي هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا نانءُ ڏنا آهن ۽
جنهن مون کي شاعريءَ لاءِ هڪ ٻيو ڏينهن ڏنو آهي،
پر منهنجي شاعري هن کي ڇا ٿي موٽائي سگهي ۽
ان جي اهميت انهيءَ لاءِ ڪهڙي آهي،
جنهن جي نہ ڪائي حد آهي نہ حساب آهي!
ها اها منهنجي شخصيت کي پنهنجي توڙ تائين پهچائي

يا جيترو بہ اڳتي وڌي وڃي اوترو چڱو
اي ڪَتيون! جڏهن اوهان ڪِرَ موڙيو
تہ ان ڳالهہ جون گواهہ رهجو تہ مون
جيتري زندگي اجائي وڃائي آهي، ان جو

ڪفارو ڪندي رهيو آهيان
۽ مون کي هر پل ائين ٿو لڳي جڻ
موت جي وات مان گرهہ کسي رهيو آهيان.

## THE ATONEMENT

Yet birds did not squawk
Yet swallow did not fly
Yet morning light did not appear on azure
And outside atmosphere is thickly darkened
I wake up before every super eogatory prayer
offering person
And I thank sustainer lord
Who has been given different names by every believer.
Who has granted me an other full day for my poetry
What value my poetry has before him?
and in lieu of that it could return mothing!
He, the Lord is infinite and boundless
Yes he may complete my personality till its
optimum level
Or he may animate me for prolonged period
Oh, Pleiades! when you come out of slumber
Be witness to the fact,
And whatever portion of my life,
I have passed aimlessly,
Am I atoning for
At every passing moment I feel
As if I am snatching
A morsel from the mouth of death!



# مقالا

★★★★★★★

”قدرت سنڌ کي اجهو ائين هن ڌرتيءَ تي بهشت جو نمونو ڪري خلقيو آهي. پر سنڌ جي رهاڪن جي زندگيءَ ۾ ايڏو ته ڏک آهي، جو سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي ائين چوڻو پيو ته ”پينر هن پنيور ۾ دوزخ جو دونهون.“ اٺويهينءَ صديءَ جي هاڪاري انگريز سيلاني سر رچرڊ برٽن به ساڳئي قسم جي راءِ ظاهر ڪئي. هن سنڌ جي ظاهر ۽ باطن جو سير ڪرڻ بعد فتوي ڏني ته ”سنڌ هڪ ڏکويل ماتري آهي.“

سنڌ جي ڏک ۽ پيڙا جا هونئن ته ڪيئي ڪارڻ آهن. پر مکيه ٻه آهن: پهريون ڪارڻ هي آهي ته سنڌ ۾ جاگيرداري يا زمينداري نظام رائج آهي، جنهن موجب پيداوار جو مکيه ذريعو زمين آهي. زمين فقط هڪ واحد شخص جي قبضي ۾ آهي، نوانوي ماڻهو سندس ٻيلي آهن. اهي جيڪا به محنت ڪن ٿا، ان جو مکيه فائدو اهو هڪ شخص کڻي ٿو. سنڌ جي انهن نوانوي سيڪڙو پورهيتن جي حالت غلامن واري آهي. هو جسماني لحاظ کان ته غلام نه آهن، پر سندن ۽ غلامن جي زندگيءَ ۾ ڪو گهڻو فرق به ڪونهي.

سنڌ جي ماڻهن جي پستيءَ ۽ بدحاليءَ جو ٻيو مکيه ڪارڻ پيريءَ مريديءَ جو نظام آهي. ايران، ترڪي ۽ ٻيا اهي ملڪ، جن وٽان سنڌ ۾ پيريءَ مريديءَ جو طريقو صديون اڳ پهتو هو، سي ڪڏهوڪو انهيءَ ذهني ڪوڙڪيءَ مان پاڻ ڇڏائي ويا. چون ٿا ته جديد ترڪيءَ جي باني، مصطفيٰ ڪمال جي مقبري تي ڪتبو لڳل آهي ته ”انسان جو حقيقي مرشد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي آهي.“ بدقسمتيءَ سان سنڌ جي مسڪين ماڻهوءَ جو ذهن اڃا تائين پيرن جي مٺ ۾ آهي. رچرڊ برٽن لکيو آهي ته ”ايشيا ۾ ڪوبه علائقو ائين پيرن جي چنبي ۾ نه آهي جيئن سنڌ.“

جنهن معاشري ۾ ماڻهوءَ جو جسم ۽ ذهن ٻئي غلام هوندا، انهيءَ معاشري ۾ ڀلا ڪهڙي ترقي ۽ سڌارو ٿيندو؟ اهوئي سبب آهي، جو ويهينءَ صديءَ ۾، جڏهن انسان، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي رهبريءَ هيٺ، چنڊ تي وڃي قدم رکيو آهي، تڏهن سنڌ هن ڌرتيءَ تي هڪ اونداهي ٻيٽ وانگر بيٺي آهي، جنهن جا رهاڪو وڃايل واٽ وارن مسافرن وانگر پريشان ۽ سرگردان آهن.“

غلام رباني آگرو.

مدد علي سنڌي

# علم جي کاڻ - انڊيا آفيس لائبريري، لنڊن

لنڊن شهر ۾ ٿيمس نديءَ جي ڀرئين ڀر بليڪ فرينرس روڊ تي هڪ بلڊنگ واقع آهي. ٻاهران ٻنهه شانت، پر اندران ڏاڍي وشال، ڄڻ هڪ وڏو عميق، جنهن ۾ جيڪو ويو اهو ماڻڪ موتي لال ٻاڻ سان ڪٺي آيو. سچ پچ تہ انهيءَ عميق ڏي جيڪي بہ اجايل ويا آهن، تہ اُهي خالي ناهن موٽيا. اهو علم، ۽ ڄاڻ جو خزانو آهي تہ ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي ملڪيت، پر ١٩٦ ورهين کان سانده انگريز اڇن ٿا انهن کي سانڍيندا. واقعي اها ملڪيت سنڀالي بہ انگريز ئي وينا آهن. جيڪر اهو املهہ ماڻڪن جو انبار هٿ هجي تہ هوند ڪٿو ڪٿو ٿي وڃي. هزارين قلمي دستخط پنو پنو ٿي وکري وڃن، ٻي ٻها شيون ڪٿو ڪٿو تي ڳولڻي بہ نہ لڀن. پنهنجي ديس ۾ پراڻن ڪتابن، اڻلڀ قلمي دستخطن، پراڻي دور جي نقاشن جي قلمي ڪاوشن جو جيڪو حال ڏٺو اٿئون، تہ ڀانيون ٿا تہ چڱو آهي جو اهو سڀ اتي ئي رکيو هجي. هتان جو تہ حال اهو آهي جو "سائي کي سهي ڪونہ، سُجي کي ڏني ڪونہ!" اجا انهيءَ ڳالهہ کي ٻنهہ ڪو وڏو عرصو ناهي گذريو جو لنڊن جي انهيءَ ذخيري تي پاڪستان، هندستان ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ تنازعو شروع ٿي ويو هو. چي: "اها اسان جي مِلڪ آهي اصل سڀ ٽيڙ ورهايو." ٻر ڏٺيءَ خير ڪيو، جو انهن قيمتي ڪتابن، دستاويزن، تصويرن، قلمي نسخن جو تين وال نہ ٿي سگهيو. "انڊيا آفيس لائبريري"، جيڪا ورهين کان علم، ڄاڻ ۽ تحقيق جي اُجايلن جي اُڃ لاهيندي پئي اچي. ڪي ورهيہ اڳ مون جڏهن انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ پئي ڪم ڪيو، تہ ڪيترن تاريخي دستاويزن جو اڀياس ڪندي اهو اچي خيال ٿيم، تہ آخر هيءَ هيڏي ساري شاهي "لائبريري" قائم ڪينن ٿي؟ يا هن لائبريريءَ جو تاريخي پس منظر ڪهڙو آهي؟ اُهي ڪهڙا مڙس مثير هئا، جن جي محنت جي ٻوک اڄ ٻيا ٻيا لڻن. پوءِ تہ يڪدم وڃي لائبريري جي مدارالمهام سان ملاقات ڪيم، جنهن وري مون کي اسسٽنٽ لائبريرين مسٽر قريشيءَ جي حوالي ڪيو، جنهن سان پوءِ دوستي ٿي ويئي. ڪجهہ ڏينهن جي محنت کان پوءِ آخرڪار ايترو مصالحو ضرور هٿ چڙهي ويو، جنهن مان هي مضمون تيار ڪري جهڙو ٿي ويس.

اصل ۾ پهرين پهرين لائبريري قائم ڪرڻ جو خيال ١٧ عيسوي ڏاري "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ" جي هڪ ملازم مسٽر رابرٽ اوم جي دل ۾ پيدا ٿيو، جنهن هندستان ۾ سوين ڪتاب، قيمتي نوادرات، ۽ قلمي نسخا برباد ٿيندي ڏٺا هئا. ڇاڪاڻ ته هُن پاڻ هندستان ۾ ڪيترا ورهيه نوڪري ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ڪيس اها ڄاڻ هئي ته هندستان جي راجائن، نوابن ۽ وڏگهراڻن وٽ ڪيترو ئي علمي، ادبي ذخيرو موجود آهي، جيڪو جيڪڏهن هڪ هنڌ گڏ ڪجي ته هوند انهيءَ مان گهڻا ماڻهو لاڀ پرائي ٿا سگهن. ساڳئي وقت اهو دور مغل شهنشاهيت جي زوال جي زماني جو هو، وڏن وڏن نوابن، ۽ راجائن جا پونير پنهنجن قيمتي نوادرات، ۽ ڪتب خانن کي خاص طرح ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي گورن کي خوش رکڻ لاءِ تحفي ۾ ڏيئي ڇڏيندا هئا، جڏهن ته ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جتي به سوڀ ٿيندي هئي ته گورا سپاهي مال غنيمت ۾ هٿ آيل شيون کڻي ويندا هئا، جن مان ڪيترا ته اهي شيون گم ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ ڪيترا وري انهن کي کڻي لنڊن ويندا هئا. لنڊن ۾ به ڇاڪاڻ ته انهي وقت ڪو اهڙو هنڌ موجود ڪونه هو، جنهن جي ڪري ڪيتريون شيون ضايع ٿي ويندڙيون هيون. اها حالت ڏسي هُن مئي ١٧٩٨ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي هڪ رٽ لکي موڪلي، جنهن ۾ انهيءَ سموري حالت جو دردناڪ منظر چٽيندي، ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن کي عرض ڪيو ته ڇاڪاڻ ته ڪمپنيءَ جا ملازم انيڪ بيش بها نوادرات هتي کڻي اچي ڦٽو ڪري ٿا ڇڏين، جن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪمپنيءَ جي مرڪزي دفتر ۾ به ڪمرا مهيا ڪري ڏنا وڃن، ته جيئن اهو املهه خزانو تباهه ٿيڻ کان بچي سگهي.

چون ٿا ته رابرٽ جي اها رٽ ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن وٽ ويچار هيٺ هئي، ته ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي سُڄاڻ، ۽ علم جي پارکو، عربي، فارسي، بنگالي، سنسڪرت جي ڄاڻو "چارلس ولڪنز" نالي هڪ شخص کي ڪا اها سٽس پهچي ويئي، سو هُن ترت رابرٽ جي انهيءَ رٽ ۾ ڪي سڌارا ۽ واڌارا آڻي، هڪ نئون خاڪو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي اماڻي موڪليو. "جيڪڏهن اهڙي قسم جي لائبريري، ميوزيم سميت قائم ٿئي، ته هوند گهڻو ڪجهه لاڀ پائي سگهجي ٿو." چارلس ولڪنز پاڻ هڪ چست ۽ هوشيار شخص هو، جنهن ورهين جا ورهيه ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نوڪري ڪئي هئي، ۽ بنگال ۾ گهڻو عرصو گهاريو هئائين. هُن ١٧٨٥ع ۾، گورنر جنرل "وارن هيسٽنگز" جي چوڻ تي ڀڳوت گيتا جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، ۽ سندس ئي ڪوشش سان بنگالي، ناگري، سنسڪرت ۽ فارسي اکرن جي ٽائيپ تيار ٿي هئي، انهيءَ ڪري ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن جو مٿس گهڻو ويساهه هو، ويتر هن جي رٿا ۾ لائبريريءَ سان گڏ ميوزيم جو به نقشو شامل هو، سو ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن، ١٨٠١ع ۾ انهيءَ رٽ کي عملي جامو پهرائيندي، "اورينٽل ريپازيٽري" جي نالي سان لائبريري قائم ڪئي، ۽ چارلس ولڪنز کي ٢٠٠ پائونڊ ساليانو پگهار سان پهريون لائبريرين مقرر ڪيو. شروعات ۾ اها لائبريري ڪمپنيءَ جي مرڪزي آفيس ۾ ٻن ڪمرن اندر قائم ڪئي ويئي، جيڪا لنڊن جي ليڊن هال اسٽريٽ منجهه واقع هئي. لائبريريءَ کي پهريون پهريون جيڪو املهه ڪتب خانو تحفي طور هٿ چڙهيو، سو هيو رابرٽ جو. اهو سال ١٨٠٢ع جو هو، جڏهن لائبريريءَ کي قائم ٿئي هڪ سال مس ٿيو هو. جو رابرٽ اوم چالاڻو ڪري ويو. ڇاڪاڻ ته مذڪوره لائبريري قائم

ڪرڻ جو خواب ئي هن ڏنو هو. انهيءَ ڪري مرندي مرندي اها وصيعت ڪري ويو تہ سندس قيمتي ڪتب خانو لائبريريءَ کي ڏنو وڃي. بلاشڪ سندس ڪتب خانو ڪيترن قيمتي نوادرات، انيڪ قلمي نسخن جو ڀنڊار هو. اهو ڪتب خانو لائبريريءَ کي ڇا حاصل ٿيو، ڄڻ لائبريريءَ ۾ جان پئجي ويئي. ۱۸۰۴ع ۾ وري هڪ ٻئي شخص نومب ول، بنا ڪنهن اجوري جي ڪين فارسي ملفوظات جو هڪ نادر ذخيرو پيش ڪيو. ساڳئي سال ڊيوڊ، چيني ٻوليءَ جا ڪتاب ڏنا. پوءِ تہ لائبريري ۾ نادر قلمي نسخا، ڪتاب، تصويرون، وغيره گڏ ٿيندا ويا، جڏهن تہ خود ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن کي بہ اهي شيون حاصل ڪرڻ جو ويو شوق وڌندو. سندن انهيءَ ڪم ۾ شوق جو اهو عالم هوندو هو، جو جڏهن بہ ڪين اها ڄاڻ ملندي هئي، تہ هندستان ۾ ڪو ڪتب خانو لڌو ويو آهي تہ هو فوري طور تي لکپڙه هلائيندا هئا، تہ سمورا ڪتاب ۽ نوادرات فقط لنڊن ئي اماڻيا وڃن. هوڏانهن هندستان ۾ بہ چاڪاڻ تہ رايل ايشاٽڪ سوسائٽي بنگال ۽ فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي وارا بہ پنهنجي پر ۾ ويا تي نوادرات ۽ ڪتاب گڏ ڪندا، انهيءَ لاءِ هندستان جي گورنر جنرل کي هو باربار تاڪيد پيا ڪندا هئا. ان سلسلي جو هڪ اهڙو ئي خط ۵ جون ۱۸۰۶ع تي هندستان جي گورنر جنرل سرجارج بارلو کي هن ريت لکي اماڻيو ويو:

"اوهان کي اها ڳالهہ بخوبي معلوم هوندي تہ اسان پاڻ هتي هڪ لائبريري ۽ عجائب گهر قائم ڪيو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي سختيءَ سان تنبيه تي ڪئي وڃي تہ آئنده سمورا ڪتاب، قلمي نسخا، پراڻا سڪا، تصويرون ۽ نوادرات جيڪي بہ اوهان کي هٿ اچن، اهي فقط لنڊن موڪليا وڃن. اسين اوهان جو توجهہ ٽيپو سلطان جي انهيءَ ڪتب خاني طرف پڻ ڇڪايون ٿا، جيڪو سرنگا پٽم جي فتح بعد اسان جي فوج کي هٿ آيو هو، جنهن کي پڻ هيڏانهن موڪلڻ تمام ضروري آهي. اسان جو اهو رايو آهي تہ انهيءَ ڪتب خاني جي اصلوڪي جاءِ بہ ڪمپنيءَ جي لائبريري آهي، تعجب آهي تہ انهيءَ ڪتب خاني جي مڪمل لسٽ بہ اسان کي نہ اچا پهتي آهي، بهرحال اسان کي غيرسرڪاري طريقي سان ڪُتب خاني جي لسٽ هٿ آئي آهي، جنهن موجب ڪتب خاني ۾ قرآن ۽ شاهنامي جا ڪجهہ قيمتي نسخا موجود آهن، ازانسواءِ ڪجهہ مصوريءَ جا جلد ٽيل نادر نمونا بہ شامل آهن، جن بابت اميد اٿئون تہ اهو سڀ ڪجهہ محفوظ هنڌ تي رکيل هوندو. اوهان کي سختيءَ سان هدايت ڪجي ٿي تہ اهو سمورو ذخيرو وڏي خبرداريءَ سان، علحده ڪري رکيو وڃي، ۽ اهو سڀ ڪجهہ پيٽين ۾ بند ڪري سمنڊ رستي فوري طور تي هيڏانهن اماڻيو وڃي!"

انهيءَ خط بعد جيتوڻيڪ ترت ڪين اهو ڪتب خانو حاصل تہ نہ ٿيو، پر ڪتابن جي ڳولا ۾ هو هروقت سرگردان رهيا. انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪين ڪجهہ سڪا تي مليا تہ ڪڏهن وري ڪين پراڻا بت تي هٿ آيا، جيڪي لائبريري جي عجائب گهر ۾ تي رکيا ويا. انهيءَ وقت تائين لائبريريءَ جو اهو اصول هو تہ جيڪا شئي ڪين مفت هٿ چڙهي ٿي تہ اها محفوظ تي ڪيائون، باقي پيسن سان ڪابہ نوادرات وغيره هو بنهہ نہ ڳنهندا هئا، جنهن جي ڪري ڪيتريون شيون سندن هٿن ڪان نڪري ٿي ويون. انهي ڳالهہ کي آڏو رکندي ۱۸۰۷ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني پنهنجي ايڪٽ ۾

ڦير ڦار اٽي اهو فيصلو ڪيو تہ جيڪر آئنده ڪن شين لاءِ ڪا وڏي قيمت چڪائڻي پوي تہ انهيءَ ڳالهہ کان بنهہ ڪن لاتار نہ ڪني وجي.

انهي فيصلي بعد جنهن شخص ڪان ٽن هزارن ڳنين ۾ جيڪو املهہ ڪتب خانو خريد ڪيو ويو، اهو هو ڪمپنيءَ جو هڪ رٽائيرڊ ملازم رچرڊ جانسن، جيڪو پڻ هندستان ۾ ٣٠ ورهيہ رهي آيو هو. جانسن بہ ٻين وانگر ١٧٧٠ع ۾ ڪلارڪ ٿي ڪلڪتي ويو هو، ۽ ترقي ماٽيندو وڃي حيدرآباد دکن جي نظام وٽ ريزيڊنٽ ٿيو هو: جتي هن ڪوڙ ڪتاب، قلمي نسخا ۽ مصوريءَ جا شاهڪار نمونا هٿ ڪيا هئا ۽ جڏهن هو انگلينڊ واپس وريو تہ وٽس فارسي ۽ عربي جا ١١٠٠ ڪتاب ۽ ١٣٠٠ رنگين تصويرون موجود هيون، جن کي هو پنهنجي سر سان سانڍي رکندو هو. قدرت خدا جي، جو آخري ڄمار ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو ۽ زماني جي حالتن هٿان اهڙو تہ ڪنگال ٿي پيو جو وٽس کائڻ لاءِ هڪ پيني بہ نہ هئي: پر اهو املهہ ڪتب خانو ضرور موجود هو، جنهن تي لائبريري وارن جي اکيون اڳي ئي اک هئي. بهرحال هن وڏي لاچاريءَ، وڃان تمام سستي اگهہ تي اهو سمورو ڪتب خانو لائبريريءَ کي وڪڻي ڇڏيو. جڏهن تہ انهيءَ ڪتب خاني جي ماليت ٽن هزار سونين ڳنين کان گهڻو وڌيڪ هئي.

١٨٠٩ع ۾ هندستان جي اڳوڻي گورنر جنرل وارن هيسٽنگز بہ ٨٠٠ پائونڊن ۾ پنهنجا سمورا ڪتاب لائبريريءَ کي وڪرو ڪري ڇڏيا. وارن هيسٽنگز بہ ڪلائيو وانگر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ ڪلارڪ ٿي گهڙيو هو. پهريائين هو هندستان ۾ ١٧٥٠ع ۾ آيو. شروع ۾ هو ٻيجڪن جا نقل ڪندو هو، ۽ پَٽ جي ڪپڙي ۾ ململ تي نول پڌندو هو. ١٧٥٧ع ۾ مير جعفر جي دربار ۾ انگريزن جو عيوضي ٿي ويو هو. ١٧٦٠ع ۾ ڪلڪتي ڪونسل جو ميمبر ٿيو. ١٧٦٩ع ۾ مدراس ڪونسل جو ميمبر ۽ ١٧٧٢ع ۾ بنگال جو گورنر ٿيو. ساڳئي سال چاڪاڻ تہ برٽش پارليامينٽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا نيڙ ورهائي غلام هندستان کي سڌو پارليامينٽ جي عمل هيٺ آڻي ڇڏيو، انهي ڪري هو هندستان جو پهريون گورنر جنرل ٿيو. ١٧٨٥ع ۾ مٿس پڪارون ٿيڻ ڪري پارليامينٽ هڪ مقدمو ڪڙو ڪيو، جنهن جي ڪري کيس نوڪري ڇڏڻي پئي. برٽش انڊيا ۾ ٣٥ ورهيہ لڳاتار رهڻ سبب هُن بہ ڪتاب هٿ ڪيا. جيئن تہ سندس دلچسپي فارسي سان هوندي هئي، انهيءَ ڪري سندس گڏ ڪيل ڪتاب بہ گهڻو تڻو فارسي ٻولي ۾ هئا. ١٧٨٨ع کان ١٧٩٥ع تائين کيس هڪ ڪيس ڪي منهن ڏيڻو پئجي ويو، جنهن ۾ هن جو اگر تگر سڀ چٽ ٿي ويو ۽ ڳٽين هٿي هِن کي ڳاري وڌو. وري بہ شڪر جو پڇاڙيءَ ۾ کيس بي ڏوهي ٺهرايائون. انهيءَ ڪري هن پنهنجا سمورا فارسي ڪتاب لائبريري کي وڪڻي ڇڏيا، جيڪي فارسي شاعري جي مجموعن تي پڌل هئا.

١٨٠٩ع ۾ هندستان جي هڪ مشهور رياست بڙودي جي راجا لائبريريءَ کي فارسي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي ڪتابن جو هڪ وڏو تعداد تحفي طور اماڻي موڪليو. سال ١٨١٩ع ۾ وري "هنري ڪول بروڪ" سنسڪرت ٻوليءَ جا اٽڪل بہ هزار ڪتاب لائبريريءَ کي پيٽا ڪيا. اڄ بہ لائبريري منجهہ جيڪڏهن سنسڪرت ٻوليءَ جي ججهن ڪتابن جو تعداد موجود آهي. اهو هنري ڪول جو ئي ڏنل آهي. هنري ڪول بروڪ اصل ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن جي صدر سرجارج ڪول بروڪ

جو سڪيلڊو پٽ هو. هو ١٧٨٢ع ۾ ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ داخل ٿيو. ۽ ساڳئي سال هندستان پهتو هو. پهريون اڪائونٽنٽ ۽ پوءِ اسسٽنٽ ڪليڪٽر جج جا عهدا ماڻيندو ١٨٠٠ع ۾ وڃي گورنر جنرل جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر بڻيو. اتي هو سنسڪرت پڙهي سکيو جنهن ۾ هن ايڏي ته مهارت حاصل ڪئي جو ١٧٩٤ع ۾ گورنر جنرل جي حڪم تي هندو ڌرم شاستر جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ويهي ترجمو ڪيائين. چون ٿا ته هن کي ويدن تي ايڏو ته عبور حاصل هوندو هو. جو سنسڪرت جا نقاد ۽ عالم ڪيس وڏو ڄاڻو ڪري ليکيندا هئا. هن ويدن تي جيڪا تنقيد لکي آهي، اُها اسلوب توڙي ڄاڻ جي لحاظ کان هڪ وڏو شاهڪار آهي. سنسڪرت کان سواءِ هن کي حيوانات، نباتات، حساب، معدنيات جي علمن جي وڏي ڄاڻ حاصل هئي. هندستان ۾ ٣٢ ورهيه رهڻ بعد ١٨١٥ع ۾ انگلينڊ اچي هُن ٻن هزارن کان به مٿي سنسڪرت ٻوليءَ جا ڪتاب لائبريري کي عطئي طور ڏيئي ڇڏيا. نتيجي ۾ لائبريري وارن به سندس هڪ عاليشان سنگمرمر جو مجسمو ٺهرائي لائبريري جي اڱڻ ۾ يادگار طور هٽائي ڇڏيو.

١٨٢٣ع ۾ لائبريري وارن جان ليڊن نالي هڪ شخص جو ڪتب خانو ٥٠٠ پائونڊن ۾ خريد ڪيو. جان ليڊن به ١٨٠٣ع ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت سان مدراس ويو هو. پر هندستان اچڻ کان پهريائين هن فارسي ۽ عربي سکي ۽ ان ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. ڏکڻ هندستان ۾ هُن تليگو ۽ مليالم ٻوليون به سکي ورتيون. ١٨٠٦ع ۾ هو فورٽ وليم ڪاليج ۾ اڙدو پڙهائڻ لڳو. اتي هُن سنسڪرت ۽ فارسي جا ڪتاب انگريزيءَ ۾ ويهي ترجما ڪيا. ۽ هڪ وڏي لسانيات جي ماهر جي حيثيت ۾ ناماچاري حاصل ڪئي. ڪابه نئين ٻولي سکڻ هن لاءِ آسان ڳالهه هوندي هئي، جڏهن ته هو بعد ۾ ڪلڪتي کان جاوا ۽ سماترا پهتو ته اتي به هن جاوي ٻولي سکي ورتي. بهرحال حياتيءَ وفا نه ڪيس، جو ٣٦ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. سندس وفات بعد سندس سمورا ڪتاب لائبريري خريد ڪري ورتا.

١٨٣٨ع ۾ آخرڪار لائبريريءَ ۾ ٽيپو سلطان وارو اهو ڪُتب خانو اچي لنڊن پهتو. جيڪو ١٧٩٩ع ۾ سرنگا پٽم واري لڙائيءَ کان پوءِ انگريزي فوج کي هٿ آيو هو. اهو ڪتب خانو ورهين جا ورهيه فورٽ وليم ڪاليج ۾ پيو هو. جنهن لاءِ ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن بار بار ٿي هندستان خط لکيا. انهيءَ ڪتب خاني ۾ ٻن هزارن کان به مٿي ڪتاب شامل هئا. جيڪي فورٽ وليم ڪاليج جي بند ٿيڻ جي نتيجي ۾ لائبريريءَ کي هٿ چڙهيا. ٽيپوءَ جي ڪتب خاني ۾ فارسي، ترڪي، عربي، هندي ۽ دکني ٻولين جا سوين ڪتاب شامل هئا. انهي کان سواءِ ڪتب خاني ۾ شهيد ٽيپو سلطان جو خواب نامو به شامل هو. چون ٿا ته ٽيپو سلطان کي خوابن تي ڏاڍو يقين هوندو هو. روز رات جو هو جيڪو سپنو ڏسندو هو. اهو صبح جو هڪ وڏي رجسٽر ۾ لکي ڇڏيندو هو. اهو رجسٽر وري هو هڪ ڳجهي هنڌ تي لڪائي رکندو هو. جنهن جي ڄاڻ فقط سندس هڪ خاص خدمتگار حبيب الله کي هوندي هئي. جڏهن ٽيپو سلطان شهيد ٿيو ته سندس خدمتگار انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪين انهيءَ رجسٽر جو ڏس ڏنو. سندس ئي ڏس تي انگريزي فوج جي عملدار ڪرنل "ڪرڪ پيٽرڪ" ڪتابن جي ڪٻٽن

مان اهو رجسٽر هٿ ڪري ورتو.

هوڏانهن لائبريري، منجهه ڪتاب ۽ نوادرات ويا وڌندا، ته خود لائبريري ۾ ڪم ڪندڙن جي ذميوارين ۾ ويو اضافو ٿيندو. لائبريرين چارلس ولڪنز جي به پگهار وڌائي ۷۰۰ پائونڊ ساليانو مقرر ڪيو ويو. ۽ لائبريري جي اسٽاف ۾ به ٽن ماڻهن جو اضافو ڪيو ويو. مئي ۱۸۲۵ع ۾ فرانس بڪانن کان به سندس ڪتب خانو خريد ڪيو ويو. جيڪو پڻ ۱۷۸۳ع کان ۱۸۱۵ع تائين هندستان ۾ رهيو هو. ۽ وٽس به ڪتابن جو چڱو چوکو ذخيرو موجود هو.

مئي ۱۸۳٦ع ۾ لائبريري جو پهريون لائبريرين چارلس ولڪنز گذاري ويو. جنهن پنهنجي حياتيءَ جا ۳۵ ورهيه هن لائبريري کي ڏاهيندي ۽ وڌائيندي گذاري ڇڏيا هئا. سندس ئي محنتن جو ثمر هيو، جو لائبريريءَ ۾ هزارين ڪتاب ۽ نوادرات اچي شامل ٿيا هئا. هو پاڻ، عربي، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. انهن خدمتن جي مڃتا طور کيس نائٽ هُڊ جو به لقب ڏنو ويو، ازانسواءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي پڻ هن کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني هئي. ولڪنز جي مرڻ بعد هُن جي زال پنهنجي مڙس جا سمورا ڪتاب لائبريريءَ کي ڏيئي ڇڏيا.

سر چارلس ولڪنز جي وفات بعد پروفيسر هاريس ولسن کي لائبريرين مقرر ڪيو ويو. اهو نئون لائبريرين پاڻ ذاتي طور تي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو وڏو ڄاڻو هو. ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ اندر ڊاڪٽر تي هندستان ويو هو. جتي هن پهرين ڪاليداس جي ٻن ناٽڪن کي ايڊٽ ڪري ڇپرايو هو. ۽ ۱۸۱۹ع ۾ انگريزي ۽ سنسڪرت جي لغت مرتب ڪئي هئي. انڊيا آفيس لائبريري ۾ لائبريرن ٿيڻ کان پهرين هو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ سنسڪرت جو پروفيسر تي ڪم ڪري رهيو هو. سندس زماني ۾ به لائبريري منجهه سوين ڪتاب داخل ڪيا ويا.

۱۸۵۷ع ۾ هندستان ۾ انگريزن خلاف بغاوت جي پهرين باهه ڀڙڪو ڪاڍي وڳوڙين جي ٻهڄاڻي ٿي، ته برٽش پارليامينٽ نئون انڊيا ايڪٽ پاس ڪيو. انهيءَ پٽاندر هندستان جي حڪومت جون واڳون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان وٺي پنهنجي هٿ ۾ ڪيون. برٽش پارليامينٽ هندستان جو انتظام هلائڻ واسطي انڊيا آفيس جي نالي سان هڪ علحده دفتر قائم ڪري هڪ جدا "وزير هند" مقرر ڪيو. جاڪاڻ ته ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا سمورا معاملا حوالي ٿيا انڊيا آفيس وارن جي، انهيءَ ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي اها تاريخي لائبريري عجائب گهر سميت انڊيا آفيس وارن جي حوالي ٿي، جنهن بعد انهيءَ لائبريري جو نالو ڦري سڏجڻ لڳو، "انڊيا آفيس لائبريري" جيڪو اڄ ڏينهن تائين ساڳئي نالي سان قائم آهي. بعد ۾ لائبريريءَ کي ليڊن هال اسٽريٽ مان ڪڍي ڪينن روڊ جي هڪ گهر ۾ آندو ويو، جتي جڳهه جي تنگيءَ سبب لائبريريءَ کان ميوزيم کي هميشه هميشه لاءِ علحده ڪيو ويو.

۱۸٦۵ع ۾ انڊيا آفيس لائبريريءَ کي ۱۸۵۷ع واري آزاديءَ جي جنگ وقت هٿ آيل مغلن جي ڪتب خاني جا ڪجهه ڪتاب هٿ چڙهيا. جن جو تعداد ڇهه هزار هو. مورخ لکن ٿا ته مغلن جو اهو ڪتب خانو شهنشاه شاهجهان جي وقت ۲۴ هزار ڪتابن تي مشتمل هو. اٽليءَ جو مشهور سياح

"منوڪي" پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو ته شاهجهان جي ڪتب خاني ۾ ٢٤ هزار ڪتاب شامل آهن، جن جي جلدن تي سون ۽ چاندي چڙهيل آهي، جيڪڏهن انهن جلدن تي چڙهيل سون ۽ چانديءَ جي ڪٿ ڪجي ته اها لاڳت ٦٤ لک ٦٣ هزار ٤٢١ رپين تائين وڃي پهچي ٿي!

١٨٧٠ع ۾ انڊين سول سروس جي آرٿر برنل لائبريري کي ساڍا ٽي سو سنسڪرت جا ڪتاب پيٽا ڪيا. آرٿر ١٨٦٠ع ڌاري ويهن سالن جي ڄمار ۾ انڊين سول سروس ۾ ڀرتي ٿي هندستان ويو هو ۽ پنهنجي ملازمت جو گهڻو تڻو حصو ڏکڻ هندستان ۾ بسر ڪيو هئائين. اتي هن وڏي شوق سان سنسڪرت جا انتهائي ناياب نسخا خريد ڪيا. هن کي عربي، فارسي، تامل، اڙدو ۽ سنسڪرت تي به وڏو عبور حاصل هوندو هو. ١٨٨٢ع ۾ هو اوچتو ٤٢ ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. ته لائبريري وارن سندس رهيل ٣٠٠ ڪتاب به خريد ڪري ورتا.

١٨٦٠ع ۾ پروفيسر هاريس ولسن گذاري ويو ته سندس جاءِ تي سنسڪرت گورمينٽ ڪاليج بنارس جي پرنسپل ڊاڪٽر جيمز بيلنٽائن کي لائبريرين ڪري رکيو ويو. ڊاڪٽر جيمز پڻ سنسڪرت جو هڪ وڏو عالم هو. ۽ ١٥ ورهيه بنارس ڪاليج جو پرنسپل ٿي ڪم ڪيو هئائين. سندس ئي ڪوشش ۽ محنتن سان بعد ۾ اهو ڪاليج وڃي يونيورسٽيءَ جي درجي تائين پهتو هو. هن سنسڪرت جا انيڪ ڪتاب انگريزي ۾ ترجمو ڪري ناماچاري حاصل ڪئي هئي. انهيءَ کان سواءِ هن فارسي، سنسڪرت ۽ اڙدو ۾ پڻ ڪيترا ڪتاب لکيا هئا. فيبروري ١٨٦٤ع ۾ هن لاڏاڻو ڪيو. اهڙيءَ ريت هو به فقط چار ورهيه انڊيا آفيس لائبريريءَ جي خدمت ڪري سگهيو. سندس وفات کان پوءِ بنارس ڪاليج جي اڙدو ۽ سنسڪرت جي پروفيسر "فٽز ڊورڊ هال" لائبريرين مقرر ٿيو. پر هن ١٨٦٩ع ۾ ڪن ذاتي مجبورين سبب استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. ١٨٧٠ع ۾ هڪ جرمن عالم ڊاڪٽر "راٽن هولڊروٽ" لائبريرين مقرر ٿيو. ڊاڪٽر روٽ لاءِ چون ٿا ته هو اٽڪل ٣٠ ٻولين تي عبور رکندو هو جن ۾ عربي، فارسي، هندي، اڙدو تامل، تليگو، تبتي، چيني ٻوليون شامل هيون. ازانسواءِ هن ڪيترا ڪتاب ايڊٽ ڪيا ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا هئا. هن لڳاتار ٣٤ ورهيه انڊيا آفيس لائبريريءَ جي خدمت ڪئي. سندس ئي ڪوشش سان اهو آرڊيننس پاس ڪيو ويو ته آئنده جيڪو به ڪتاب هندستان ۾ شايع ٿئي ته، انهيءَ جي هڪ ڪاپي انڊيا آفيس لنڊن کي ضرور اماڻي وڃي. انهيءَ قانون جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان جي سمورين ٻولين جا هزارين ڇپجندڙ ڪتاب انڊيا آفيس لائبريري ۾ پهچي ويا. اهو قانون ١٩٣٧ع تائين لاڳو رهيو. ڊاڪٽر روٽ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ لائبريري کي ڪينن روڊ مان ڪڍي وائيٽ هال جي عمارت ۾ آندو ويو. پر چاڪاڻ ته بدقسمتيءَ سان انڊيا آفيس لائبريري جي تاريخي ميوزيم لاءِ انگلينڊ جي سرڪار ڪا عمارت فراهم نه ڪري سگهي، انهيءَ ڪري انڊيا آفيس لائبريري جي ميوزيم جا سمورا نوادرات لنڊن جي مختلف عجائب گهرن کي ورهائي ڏنا ويا. اڄ به لنڊن جي وڪٽوريا البرٽ ميوزيم، جيالوجيڪل ميوزيم، سائنس ۽ نيچرل هسٽري ميوزيم وغيره ۾ جيڪي شيون اسان کي نظر اچن ٿيون، اهي سڀ انڊيا آفيس لائبريري جي انهيءَ پراڻي ميوزيم جون ئي ملڪيت آهن، جيڪي ١٨٠٦ع کان وٺي ١٨٥٧ع تائين هندستان جي

ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪٺي لنڊن آنديون ويون هيون.

۱۹۰۲ع ۾ پريزيڊنسي ڪلڪتي ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر چارلس انڊيا آفيس لائبريريءَ جو لائبريرين مقرر ٿيو. ۱۹۰۳ع ۾ هن استعفيٰ ڏني، تہ سندس جاءِ تي ڊاڪٽر ايف ڊبليو ٿامس کي اڳتي آندو ويو. انهيءَ سموري دور ۾ لائبريريءَ اندر مختلف ٻولين جا ڪتاب، ۽ قلمي نسخا وڏي تعداد ۾ شامل ڪيا ويا.

"انڊيا آفيس لائبريري" کي ڪنهن چاچا ڏنو، اهو سمورو تفصيل لائبريري جي "ڊي بوڪ" ۾ موجود آهي. جيڪڏهن هتي تفصيلي طور تي انهيءَ جو ذڪر ڪجي تہ هوند اهو وڏو مفصل احوال ٿي پوي، انڪري طوالت کان پاسو ڪندي رڳو اهو پڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ مجموعي طور تي ۱۸۰۶ع کان وٺي ۱۹۴۷ع تائين انگريز آفيسرن هن لائبريريءَ کي وڏيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ناهيو. هو جڏهن بہ رٽائر ٿي پنهنجي وطن ورندا هئا، تہ پاڻ سان انيڪ دستاوين قلمي مسودا، سياسي احوال، نوادرات، پراڻي جڳ جي مصورن جون روغني تصويرون، سڪا، مجسما وغيره ڪٺي اچي هن لائبريريءَ کي مالا مال ڪندا هئا. پوءِ تہ خود "برٽش هندستان" جي سموري لکپڙهہ جا ڪاغذ بہ انڊيا آفيس جي حوالي ٿيا.

هن وقت لائبريريءَ ۾ جيڪي ڪتاب رکيل آهن، انهن جو تعداد "چئن لکن" تائين وڃي پهچي ٿو، جڏهن تہ انهن کان سواءِ اڄ بہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لائبريريءَ کي تحفي طور ڪتاب ملندا رهن ٿا. لائبريريءَ ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، سنڌي، هندي، ڪشميري، گجراتي، بنگالي، اڙدو مرائي، آسامي، تامل، تليگو، پنجابي، پشتو، ترڪي، سَنهالي، پالي، تبتي، چيني، سرائيڪي، وغيره جا ڇپيل ۽ اڻڇپيل مسودا، ملفوظات، وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ساڳئي وقت يورپي ٻولين جا بہ اٽڪل هڪ لک ڪتاب رکيا آهن، جڏهن تہ هزارين قلمي مسودا اُتي انهيءَ کان سواءِ آهن، جن جو تعداد ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهي. مون کي اسسٽنٽ لائبريرين مسٽر سليم الدين قريشي جي مهربانيءَ سان اهڙيون شيون ڏسڻ ۾ آيون، جن کي ڏسي اچرج ٿي وڪوڙي وئي. مثال طور ڪيترا مسودا وڻن جي ڇوڏن ۽ پنن تي ۽ ڪيترا وري سون جي پڙڇن تي لکيل ڏسڻ ۾ آيا. ڪيتراٰ پراڻا سنسڪرت جا نسخا عاج ۽ ڪاٺ جي ٽُڪرن تي لکيل هئا. ڪجهہ وري جانورن جي کلن تي لکيل هئا. اهو سڄو تاريخي ورثو عجب سان پريل آهي!

انهن شين کان سواءِ لائبريريءَ ۾ اڄ بہ تاريخي ۽ اڻلڀ تصويرن جو هڪ وڏو ذخيرو انڊيا آفيس لائبريري ۾ رکيل آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ خاص اجازت جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ خزاني ۾ مصوري جا نادر نمونا موجود آهن. ننڍي کنڊ جي اصلوڪي ۽ ڇٽي ٻني تصوير انهن رنگين تصويرن کي ڏسڻ سان بہ اسان جي آڏو عيان ٿئي ٿي. اڪثر رنگين تصويرون مغل دور جون آهن. انهن تصويرن جو تعداد چار هزار کن آهي، جن کي ڏسڻ لاءِ وڏي وقت جي ضرورت آهي. انهيءَ نوادرات ۾ فوٽوگرافي جا بہ نهايت اعليٰ ۽ اڻلڀ عڪس نظر اچن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ ننڍي کنڊ جي ماڻهن، شهرن ۽ جاين جا اوائلي فوٽوگراف بہ فقط انڊيا آفيس لائبريري ۾ موجود آهن.

انڊيا آفيس لائبريري، جو موجوده دفتر جيئن مون شروعات ۾ ذڪر ڪيو ته اهو ٿيمس نديءَ جي ڀرئين پر بليڪ فريئرس روڊ تي واقع آهي. لائبريريءَ جي موجوده عمارت اصل ۾ ڪامن ويلٿ جي آهي، جتي ٽئين ماڙ تي اهو اٿلپ خزانو هرهڪ اينڊڙ لاءِ پنهنجي وشال اونهائيءَ سان ٻئي ٻانهون کولي آجيان ڪندو ٿو رهي.

نوٽ: مون ڪوشش ڪئي ته "سنڌ" سان تعلق رکندڙ قيمتي مواد جون ڪي فوٽو اسٽيٽ ھٽ ڪريان، پر مون کي ٻڌايو ويو ته انڊيا آفيس لائبريريءَ وارن کي سموري دنيا مان ايڏا ته آرڊر اچن ٿا، جو فوٽو اسٽيٽ لاءِ ٻه واري جو انتظار ڪندي ڇھ اٺ مهينا لڳي ٿا وڃن. منهنجي دلچسپي انهي ڳالھ سان هئي ته ١٨٣٢ع کان وٺي ١٨٣٨ع تائين انگريزن جا ٽالپرن سان ڪيل سمورا عهد ناما، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا سنڌ سان ڪيل واپار جا تفصيل، ١٨٣٩ع ۾ لارڊ آڪلنڊ گورنر جنرل هندستان طرفان ڪيل انهيءَ اصرار جا احوال، جنهن ۾ ٽالپرن کي چيو ويو ته سنڌو نديءَ مان واپاري غورابن لنگهڻ سان گڏوگڏ فوج ۽ جنگي ساز ۽ سامان کي به لنگهڻ ڏنو وڃي، ١٨٣١ع ۾ افغانستان اندر ٿيل وڳوڙ کان پوءِ سنڌ ۾ انگريز ريزيڊنٽ ميجر آئوٽرام جا سمورا خط، جنهن ۾ هن وس وارن وٽ دانهن ڪئي، ته ميرن سان ٺهي هلو، نه ته مير اسان جي هٿن مان نڪري ويندا. هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو طرفان ١٨٣٢ع ۾ نيپيئر کي سنڌ ۾ موڪلڻ وارو داستان، ١٢ فيبروري ١٨٤٣ع تي ميجر آئوٽرام جي موجودگيءَ ۾ حيدرآباد اندر ٿيل آخري عهد نامو، دبي ۽ مياڻيءَ جي لڙائيءَ جا وچون ٽالپرن کي ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ رکڻ جي لکپڙھ، ميجر آئوٽرام جي برٽش سرڪار ڏانهن ڪيل لکپڙھ (ته "ميرن سان نسورو انڌير ٿيو آهي، ميرن کي سنڌ موٽائي ڏيو!". جواب ۾ انگريز حڪومت جو ڪتو جواب ته، ("ميرن سان انڌير ٿئي ٿو اها ڳالھ اسان مڃي، پر هينئر سنڌ ڪين موٽائي ڏبي ته اهو وڏو انڌير ٿيندو!") ١٨٥٧ع. واري وڳوڙ جا وچون جن مان هڪ مکيه ڪارڻ اهو به هو جو هند سرڪار جيڪي بنگالي سپاهي سنڌ ڏانهن اماڻيا هئا، انهن جو واعدي موجب ڀتو نه ڏنو ويو هو. ١٨٥٧ع ۽ ١٨٥٨ع سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر طرفان بمبئي سرڪار سان ڪيل لکپڙھ جا تفصيل (جنهن ۾ بار بار چيو ويو ته سنڌ ۾ سياسي بدامنيءَ جو انديشو آهي، فوري طور تي پنرا مليٽري فورس جا جٿا سنڌ اماڻيا وڃن، ٻي صورت ۾ ڪو به مهي ولوڙو مَچي سگهي ٿو)، سنڌ جي ڪمشنرن جو سنڌ جي سياسي، سماجي، حالتن بابت لکيل رپورٽون، انيڪ پارليامينٽري پيپر (١٩٠٨ع کان ١٩٣٧ع)، جن جو واسطو سنڌ سان آهي.

## BOOKS REFFERED


1. 'Catalogue of portraits in the India Office Library and records' By: Pauline Rohatgi.
2. 'A Guide to India Office Library with a note on the India Office record' By: Scsutton.
3. 'Day Book' from 1806 to 1910.
4. 'The India Office Library– A Historical Sketch'. By: A.J. Arberry.

5. 'India Office Library and records'.
6. 'Indians Overseas: A guide to source material to the India Office records for the study of Indian imigration 1830–1930'. By: Timothy N. Thomas.
7. 'A General Guide to the India Office records' By: Martin Moir.
8. 'The source of the British Library' By: Nicolas Barher.
9. 'Indian paintings in the British Library' By: J.B. Losty.
10. 'Hand list of persian manuscripts–1895–F166 By: G.M. Mere Dith–Owens.
11. 'Catalogue of the Library of the India Office' Vol.2 (Oriental Languages).
12. 'The Indian Mutiny' 1857–58– a guide to source material in the India Office Library and records' By: Rosemary Setoh.
13. 'Annual reports of the India Office Library and records and Oriental collections'.
14. 'Catalogue of persian manuscripts in the India Office Library' By: H.Ethe.
15. 'Catalogue of the Punjabi and Sindhi manuscripts in the India Office Library' By: Christopher Shackle.

ڊاڪٽر فهميده حسين

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ

هن ڌرتيءَ تي ادب ڪي ايترو ئي قديم چئي سگهجي ٿو جيترو انسان پاڻ. گيت ۽ ڪهاڻيءَ مان اول ڪنهن جنم ورتو ان لاءِ ڪنهن هنڌ پڙهيو هئم تہ شايد جڏهن ڪنهن ماءُ پنهنجي ڪير پياڪ ٻار کي سمهارڻ لاءِ جهونگاريو هوندو تہ اها جهونگار لفظن جو روپ وٺي لولي بڻي هوندي جيڪا شعر جو پهريون روپ چئي سگهجي ٿو. ۽ ڪهاڻي؟ ڪهاڻي تہ ماءُ، ناني يا ڏاڏي ٻار کي ٽن چئن سالن جي عمر کان ئي وندرائڻ ۽ ڪجهہ سمجهائڻ لاءِ ٻڌائيندي آئي آهي ... اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهو شعر يا اها ڪهاڻي لکيل لفظن جي صورت ۾ گهڻو پوءِ آئي ۽ وقت گذرڻ سان ان ۾ تبديليون اينديون رهيون آهن، فڪشن (Fiction) يا تصوراتي ادب جيڪا ترقي ڪئي آهي اها صدين جي ارتقائي عمل جو نتيجو آهي. اڄ اسان وٽ ڪهاڻي جنهن روپ ۾ موجود آهي اهو بہ آخري يا فائنل نٿو چئي سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو ڪهاڻيءَ جي ڪا مقرر وصف بہ نٿي ڪري سگهجي. مختلف دورن ۾ مختلف ماڻهن مختلف وصفون ڏنيون پر وقت گذرڻ کانپوءِ ان ۾ تبديلي آڻڻ جي ضرورت محسوس ٿي، تنهن هوندي بہ ڪي ڳالهيون اهڙيون ضرور آهن جيڪي سڀني ۾ ساڳيون هونديون جن مان پنهنجو ڪو رايو جوڙي سگهجي.

سڀ ڪو ڄاڻي ٿو تہ انسان پنهنجو اندر ٻين سان اورڻ چاهيندو آهي. ڇاڪاڻ جو Self expression يا پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ انسان جي بنيادي جبلتن مان هڪ جبلت آهي. پوءِ ان اظهار جا مختلف انداز لطيف فن جي مختلف صورتن ۾ نظر اچن يا ڪنهن سان محبت، ڪنهن سان نفرت جي شڪل ۾ ظاهر ٿين اهو سندس ذاتي تجربي تي منحصر آهي. مطلب تہ اندر اورڻ جو بنيادي محرڪ بہ اهوئي ذاتي اظهار آهي. ان ڪري انساني سماج ۾ موجود هر اظهار جي پٺيان هڪ نہ پر گهڻ ۾ گهٽ ٻن ماڻهن جو هئڻ ضروري رهيو آهي. اهو اظهار لفظن جي صورت ۾ هجي تہ ادب سڏجي ٿو ۽ اهو جيڪڏهن ڪنهن انوکي ۽ دلچسپ واردات جو ذڪر آهي تہ ڪهاڻي جنم وٺي ٿي. ان ڪهاڻيءَ ۾ ممڪن آهي تہ نظر ايندڙ ڪردار هڪ هجي پر اهو هڪڙو ڪردار بہ ان ڪهاڻيءَ جو ڪردار بڻجڻ لاءِ ٻئي ڪنهن ڪردار جو محتاج ٿئي ٿو. ٻئي ڪردار کان سواءِ ڪهاڻي وجود ۾ ئي ڪانہ ايندي. اهي ٻہ ڪردار ٻہ مرد بہ ٿي سگهن ٿا، ٻہ عورتون بہ ٿي سگهن ٿيون ۽ هڪ مرد هڪ عورت بہ. ٿي سگهي ٿو تہ ڪهاڻيءَ ۾ بظاهر نظر ايندڙ ڪردار هڪ هجي ۽ خود ڪلاميءَ يا Soliloqui ذريعي پنهنجو اندر اڪيليندو هجي پر سندس اها خود ڪلامي سندس ئي وجود ۾ موجود ٻئي ڪردار ڏانهن اشارو ڪري ٿي، اهو بہ عام طرح سان ڏٺو ويو آهي تہ سموري ادبي اتهاس ۾ اڪثر ڪري

اهي به ڪردار عورت ۽ مرد جا رهيا آهن، بلڪ خود سندن ڪردار ڪهاڻيءَ جو حصو بنجڻ لاءِ ڪنهن ٽئين ڪردار جا به محتاج رهيا آهن. اهو ٽيون ڪردار ايڊگر ايلن پو جي بيان ڪيل روايتي ٽڪنڊي کي مڪمل ڪندڙ چئي سگهجي ٿو ۽ اهو ٽيون ڪردار ڪنهن انسان، سماج يا پنهنجي ڪنهن بي جان وجود جو به ٿي سگهي ٿو.

دنيا ۾ ڪهاڻيءَ جي تاريخ تي سرسري نظر وجهڻ سان نظر ايندو ته هر دور ۾ ڪهاڻيءَ جو هڪ مکيه ڪردار ٿئي ٿو، جنهن جي چوڌاري ٻيا ڪردار ۽ واقعا ڦرن ٿا. عام مشاهدو اهو آهي ته اهو ڪردار گهڻو ڪري عورت جو ئي رهيو آهي.

زندگيءَ پاڻ کي تحرڪ ۾ رکڻ لاءِ هميشه محبت ۽ اتساهه جو ٻارڻ ٻاريو آهي ۽ اها محبت اڪثر ڪري ڪهاڻيءَ جي تخليق جو باعث بڻي آهي. آدم ۽ حوا جي ڪهاڻيءَ جا مختلف قومن وٽ مختلف روپ مروج آهن پر ان جي هر روپ ۾ "حوا" جو ڪردار هميشه خاص توجهه جو مرڪز رهيو آهي. هومر جي اليڊ ۾ سموري ڪهاڻيءَ ۾ هيلن (آف ٽراءِ) نظر اچي ٿي. عيسوي سن کان به سو سال اڳي جي ميليشن ڪهاڻي (Aristides of Miletus) يوناني ۽ لئٽن ٻولين کان ٿيندي جديد دور جي مختلف زبانن ۾ زنده رهي آهي. ان جو مکيه ڪردار به هڪ عورت آهي جيڪا ايفيرس (Epherus) جي زال آهي. ان کان سواءِ هندستاني اپڪٿا ۾ موهن جي دڙي جي نرتڪيءَ جو مجسمو پڻ ڪنهن ڪهاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو، ڪاليداس جهڙي مهان ڪلاڪار جي مهانتا جي ڪارڻ مان هڪ ڪارڻ ناريءَ جي سونهن جي اعليٰ بيان ۽ سندس من جي اونهاين ۾ پيهي سندس احساسن جي اظهار ڪرڻ جي ڪاميابي آهي. شڪنتلا ۽ دمينتيءَ جا ڪردار ان جو مثال آهن. ڏکڻ يورپ ۾ بوڪيشيو (Boceaccio) جي ڊيڪيمران ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪيو. ان ۾ به مکيه ڪردار طور ليسيتا (Lessetta) موجود آهي.

شيڪسپيئر جا ڊراما به عورت جي ڪردار تي اهڙي روشني وجهن ٿا جو سندن ڪمزورين ۽ ڪوتاهين ۽ زندگيءَ کي ورتائڻ جو ڍنگ نرالي انداز ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ هر ڪهاڻيءَ کي مکيه موڙ ڏيندڙ اهي ڪردار ٿا محسوس ٿين. سنڌ ۾ عام طور مشهور ڪهاڻين جا مکيه ڪردار مارئي، نوري، سسئي، سهڻي سڀ جا سڀ مرد ڪردارن کان وڌيڪ اهميت سان بيان ٿيل آهن ساڳيو حال پنجاب جي هير ۽ صاحبان جي ڪردارن جو آهي.

هر سماج جو اولڙو اتان جي ادب ۾ نظر ايندو آهي ان ڪري ئي ادب کي سماج جو آئينو به ڪوٺيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن سماج ۽ ان جي ماحول کي سمجهڻو هجي ته اتان جي ادب ۾ موجود ڪردارن جي معرفت سمجهي سگهجي ٿو. انهن ڪردارن کي تخليق ڪرڻ وارو فنڪار پنهنجي انهن ئي ڪردارن ڏانهن رويي ۽ ورتاءَ يا Treatment مان نه صرف پاڻ سڃاڻجي ٿو بلڪ سماج جي روين جي سڃاڻپ به بڻجي ٿو وڃي. سنڌيءَ ۾ موجود لوڪ ڪهاڻيون جو انداز ڏند ڪٿائي هوندي به سنڌي سماج تي چڱي روشني وجهن ٿيون. انهن جا اصل خالق نا معلوم آهن پر عوام تائين جن

فنڪارن انهن کي پهچايو تن ضرور انهن کي پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪيو ۽ اهي چاڪاڻ جو لوڪ فنڪار هئا ان ڪري انهن ڪردارن جي ذريعي عام لوڪن جي رويي سان گڏ سنڌي سماج جي روين تي به روشني پوي ٿي.

جديد مفهوم ۾ ڪهاڻي يا Short Story جي فن جي ابتدا لاءِ به مختلف رايا آهن. صحيح معنيٰ ۾ پهرين اهڙي ڪهاڻي امريڪا ۾ لکي وئي. واشنگٽن ارونگ ١٨١٩ع ۾ "اسڪيچ بڪ" نالي ڪهاڻي لکي جنهن جو مقصد محض تفريح مهيا ڪرڻ بيان ڪيو ويجي ٿو. البت ايڊگر ايلن پو کي هڪ عام ۽ وڏي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ مڃيو ويو. هن افساني جي بنيادي وصف ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي ۽ ڪهاڻيءَ جي منطقي ارتقاء جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مجموعي تاثر جي وحدت (To-tality) کي سڀ کان اهم ڄاڻايو. پر هن وٽ به ڪهاڻي لکڻ جو مقصد محض تفريح هو. فڪشن جي هڪ خاص صنف طور پهريون پيرو ڪهاڻيءَ کي مڃڻ وارو برانڊر ميٿيوز هو جنهن ١٨٨٥ ۾ هڪ ڪتاب لکيو 'The philosophy of short story' هن ڪهاڻيءَ ۾ زمان ۽ مڪان ۽ عمل جي وحدت (Unity) کان سواءِ ڪردار جي وحدت تي به زور ڏنو. ان کان پوءِ مختلف ملڪن ۾ مختلف ليکڪن ان فن کي اڳتي وڌايو. فرانس ۾ (١٨٥٠ـ١٨٩٣) موپاسان جو نالو اهميت اختيار ڪري ويو. هن ايڊگر ايلن پو جي اثر کي قبول ڪيو ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان هن جون ڪهاڻيون ماڊل جي حيثيت رکن ٿيون. رڊ يارڊ ڪپلنگ ته پو کان به گوءِ کٽي ويو. هن جو دور ١٨٦٥ کان ١٩٣٦ آهي. سندس ٽيڪنڪ جي پوئواري گهڻن ئي امريڪي افسانہ نگارن ڪئي، جن ۾ او هينري، وليم سڊني پورٽر شامل آهن.

روسي افسانہ نگارن وري ڪهاڻيءَ جي شڪل ئي بدلائي ڇڏي ۽ هنن ان کي ڏاڍو خوبصورت انداز ڏنو. خاص ڪري چيخوف، پُشڪن، گوگول ۽ ڪيوپرون ڪهاڻي ڏانهن ڌيان ڏنو. انگلينڊ ۾ وري جيڪي اهم نالا ملن ٿا تن ۾ ڪيٿرائين مينسفيلڊ (١٨٨٨ـ١٩٢٣) جو نالو اهم آهي. ائين ٿيندي ٿيندي مختصر افسانو يا ڪهاڻيءَ جو فن سموري دنيا ۾ پکڙجي ويو ۽ ان جا موضوع انساني زندگيءَ جا مختلف سماجي ۽ نفسياتي پهلو بنجي ويا. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ سماجي ۽ اقتصادي موضوعن تي ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون. سمرسيٽ ماهم (١٨٧٤ـ١٩٦٥) هن جديد دور جو نمايان ليکڪ هو. جيمس جوائس (١٨٨٢ـ١٩٤١) پنهنجي فني تخليقن ۾ زندگيءَ جي احساس کي آندو. هن فن جي معيار طور زندگيءَ جي احساس کي اهميت ڏني. سندس نظر ۾ افساني جو مقصد تفريح هرگز ڪونہ هو.

هندستان پاڪستان جي اپکنڊ ۾ منشي پريم چند کي انهيءَ فن جو باني سمجهيو ويجي ٿو. هو حقيقت پسنديءَ جو قائل هو. ڪرشن چندر منٽو، عصمت چغتائي زندگيءَ جي افساني ۾ عڪاسيءَ جي ڏس ۾ ڪنهن لڪ لڪاءَ جا قائل ڪونہ هئا.

هاڻي افساني يا ڪهاڻيءَ جي وصف به بدلجي چڪي آهي. وقار عظيم چواڻي تہ "افسانو ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ پهريون پيرو وحدت جي اهميت جو مظهر بڻيو. ڪنهن هڪ واقعي، هڪ جذبي، هڪ

احساس، هڪ تاثر هڪ اصلاحي مقصد، هڪ روحاني ڪيفيت کي اهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪرڻ جو رواج پيو جو اها ٻين شين کان الڳ نمايان ٿي بيهي ۽ پڙهندڙن جي جذبن ۽ احساسن تي اثر انداز ٿئي."

موجوده دور ۾ افساني ايتري ترقي ڪئي آهي جو هاڻي ان کي زمان، مڪان، عمل يا ڪردار جي وحدت جو پابند به نٿو چئي سگهجي، انهن بندشن کانسواءِ به ڪامياب افسانا لکيا ويا آهن. ايڊ گر ايلن پو افساني جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته "افسانو اهڙو نثري داستان آهي جنهن کي پڙهڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کان ٻن ڪلاڪن جو وقت لڳي" پر اڄ جي افساني تي وقت جي پابندي نٿي هڻي سگهجي. مختلف قسم جي وحدتن کي ڇڏي صرف هڪ وحدت جنهن کي "تاثر جي وحدت" چئجي ٿو، اها ڪامياب ڪهاڻيءَ جو اهم شرط سمجهي وڃي ٿي، ان کانسواءِ افساني جي مختلف جزن جو پاڻ ۾ ربط ۽ ابتدا کان پڇاڙيءَ تائين تسلسل پڻ ضروري آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ افساني جي ابتدا ورهاڱي کان اڳ ٿي ٿي چڪي هئي ۽ "ادو عبدالرحمان" امر لعل هڱوراڻيءَ جي شاهڪار ڪهاڻي هئي. هن کي پهريون جديد ڪهاڻيڪار ڪوٺيو ويو آهي. آسانند مامتورا لاءِ چيو ويو آهي ته هن پهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون جن ۾ جنسي نفسيات جي جهلڪ ملي ٿي. "ڪڪي" سندس هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هن هڪ عورت جي جنسياتي غير مطمئن حالت جو من چيد ذريعي اظهار ڪيو آهي. عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي "ململ جو چولو" هڪ باوقار عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن سان سندس مڙس سنگدلانه رويو اختيار ڪري ٿو جنهن جو پڇاڙيءَ ۾ هوءَ بدلو وٺي ٿي، ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻي "منجري ڪولهڻ" پڻ عورت جي ڪردار جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ پنهنجي منفرد اسلوب جي ڪري اها ان دور جي بهترين ڪهاڻي آهي. هن دور جو سڀ کان نمايان ڪهاڻيڪار شيخ اياز آهي جنهن ان وقت جي سياسي ڇڪتاڻ واري دور ۾ محبت ۽ انسانيت جي آدرشن کي سامهون رکي ڪهاڻيون لکيون. سفيد وحشي، ڪلٽي، مسافر مڪراني ان دور جون مشهور ڪهاڻيون آهن؛ هن تي محبت ۽ انسانيت جا آدرش ايتري قدر طاري آهن جو سندس ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي عڪاسي بدران ڪٿي ڪٿي تخيل پرستيءَ ۽ آئيڊيلزم جو گمان ٿيڻ لڳي ٿو ۽ ڪهاڻيڪار مٿان شاعر حاوي نظر اچي ٿو.

شيخ اياز ورهاڱي کان پوءِ به ڪهاڻيون لکيون بلڪ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پنهل کان پوءِ" ورهاڱي کان پوءِ ڇپيو. ان کان پوءِ ڪهاڻي کيتر جا وڏا نالا، اياز قادري، غلام رباني، سراج، حفيظ شيخ، ثميره زرين، رشيد ڀٽي، ماهتاب محبوب آهن، جن جي دور کي ڪهاڻيءَ جو عبوري دور ڪوٺيو ويو آهي.

هن عبوري دور ۾ ڪهاڻين جا موضوع گهڻو ڪري ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ سماجي ۽ معاشي پس منظر رکندڙ هئا ۽ زندگيءَ جون تلخ حقيقتون بيان ٿينديون هيون، غلط قسم جي ريتن رسمن ۽ جاگيردارانه نظام جي سبب عوام جي مظلوميت تي قلم کنيو ويندو هو، جنهن ۾ عورت لاءِ خصوصي طور ڪونه ٿي لکيو ويو.

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ان ڪان پوءِ وارو دور تعميري دور سڏجي ٿو ان دور جا مکيه ڪهاڻيڪار ڪجهه ته اهي ساڳيا ئي آهن جيڪي عبوري دور ۾ لکندڙ هئا، پر ڪجهه نوان نالا جن اهميت اختيار ڪئي تن ۾ نسيم کرل، امر جليل، منير احمد (مانڪ)، غلام نبي مغل، آغا سليم، نجم عباسي، طارق اشرف، رسول بخش پليجو، خيرالنساء جعفري، زرينه بلوچ، سلميٰ صديقي وغيره آهن. انهن ليکڪن مان به گهڻا ورندڙ دور ۾ ساڳيا ئي رهيا.

جديد ڪهاڻيڪارن سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ بلڪل نئين فني راهه تي آندو. جديديت روايت کان فرار ۽ آزاديءَ جو نعرو هڻي فرد جي پوڳنا کي ڪهاڻي جو روپ ڏنو. ڀارت ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن مان موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي لعل پشپ وغيره مشهور ٿيا، ۽ سنڌ ۾ جيڪي ليکڪ نالو ڪڍي سگهيا تن ۾ مانڪ، علي بابا، شوڪت شورو، مدد علي سنڌي، نورالهديٰ شاهه، خيرالنساء جعفري آهن. هنن ليکڪن جديد مغربي لاڙن، وجوديت اظهاريت، سرريئلزم يا رمزيت وغيره کان متاثر هئڻ ڪانسواءِ هن فن ۾ نفسياتي تجزيي ۽ تجربي جي به عڪاسي ڪئي ۽ ڪن تي قنوطيت مايوسي ۽ فراريت جا رجحان ڏيڻ جو به الزام آيو. بهرحال هڪ نئين ۽ ڪاوڙيل نسل جي حيثيت ۾ هنن جي سڄاڻپ به دنيا جي بين سماجن ۾ اهڙي ساڳئي روايت جو تسلسل آهي.

مختصر افساني يا ڪهاڻيءَ جي انهيءَ مختصر احوال کان پوءِ هاڻي آءٌ اچان ٿي پنهنجي اصل موضوع تي ته سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي ڪردار جي عڪاسي ڪهڙيءَ ريت ڪئي ويئي آهي.

عام طور تي جڏهن "ادب ۾ عورت جي ڪردار" جي باري ۾ ڪتاب پڙهيا آهن ته اهي عورت جا مختلف روايتي روپ پڌائيندا آهن جن کي عموماً پيش ڪيو ويندو آهي. 'Images of Woman in Literature' جي ليکڪا ميري اين فرگوسن عورتن جا اهڙا ڇهه روپ پڌايا آهن، جيڪي مذهبي ادب ۽ ڏند ڪٿائن کان وٺي هن وقت تائين تخليق ٿيندڙ ڪهاڻين، شعرن يا ڊرامن وغيره ۾ ڏنا ويا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| فرمانبردار زال | 1. Subnissive wife |
| ماءُ (ماءُ جي روپ واري ڪابه عورت) | 2. The Mother |
| مرد تي حاوي عورت | 3. Dominating Wife |
| حسين محبوبه جيڪا اوچي آسڻ تي هجي | 4. Woman on Pedestal |
| جنسي علامت يا رانديڪو | 5. Sex object |
| ڇڙي يا اڪيلي عورت | 6. Woman Without man |

پر منهنجي تحقيق موجب اسان جو مسئلو ان کان جدا آهي ۽ اسان وٽ انهيءَ نموني ورهاست نٿي ڪري سگهجي، اهي Stereo type characters يا روايتي ڪردار اسان وٽ آهن ضرور پر ادب ۾ انهن جو ايترو نمايان روپ نظر نٿو اچي. ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ شڪايت اها به نظر اچي ٿي ته ادب ۾ عورتن کي مردن جي پيٺ ۾ گهٽ فعال يا مرڳو غير فعال ڏيکاريو وڃي ٿو. اها ڳالهه اسان جي داستانن ۾ ته بنهه ابتڙ آهي ۽ شاعريءَ ۾ به سسئي، سهڻي، مارئي مرد ڪردارن کان وڌيڪ فعال

اهن. البت ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ اها ڳالهه درست آهي، جنهن تي اڳتي هلي روشني وجهنداسين. باقي ٻيون ڪي ڳالهيون عورتن سان ٻيد يا تعصب رکي سماج ۽ ادب ۾ ڪيون وڃن ٿيون سي هاڻي ٻنهه حال ۾ اسان وٽ توجهه حاصل ڪرڻ لڳيون آهن نه ته اڳي اها ڪا عجيب يا حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه ڪانه سمجهبي هئي. مثال طور مرد عورت تي ملڪيت جتائي ۽ Possessiveness جو اظهار ڪري ته ان ۾ عورت کي سندس حفاظت يعني Protectiveness جي معنىٰ سمجهائي ويندي آهي ۽ اها مرد جي ذميداري چئي ان کي جائز قرار ڏنو ويندو آهي. پر جي ڪا عورت مرد لاءِ اها ملڪيت يا Possessiveness ڏيکاري ته تنگدليءَ جو طعنو ملندو اٿس.

خود قرباني يا Self Sacrifice ڪندڙ مرد کي هرڪو ساراهيندو آهي، پر اها خوبي عورت جي عادت سمجهي اهم بڻائي وئي آهي. جنسي طلب جي گهٽتائي يا گهٽائي ٻئي عورت جي لاءِ جرم بنجيو وڃن. جي ڪنهن عورت ۾ اها طلب (Urge) گهٽ آهي ته مڙس ڪيس ٿڌاڻ (Frigidity) جو طعنو هڻي ٻيا در جاچڻ جو جواز پيش ڪندو ۽ جي اها طلب ڪنهن عورت ۾ وڌيڪ هوندي ته ان کي بدڪردار ۽ گندي ذهن واري سڏيو ويندو. جڏهن ته مرد ۾ ان طلب جي گهٽتائي هوندي ته هو اهو ڏوهه به عورت تي هڻندو ته، تو ۾ اها ڳالهه ئي ڪانهي جو طلب ٿئي ۽ جي وڌيڪ هوندس ته ڇتو ٿي ٻيو در در ٿونا هڻندو ۽ سندس مردانگي ٻئي ڳائبي.

جي ڪا عورت گهڻي ذهين هوندي، يا ڪنهن خالص مردن جي ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي ته ان کي سندس ذهانت سان منسوب ڪرڻ بدران سندس حُسن جي ڪرامت يا جنس جي ڪشش سمجهيو ويندو. گهڻو ڪري ادب ۾ گهڻي هوشيار ۽ ذهين عورت جو مذاق اڏايو ويندو آهي ۽ ڪيس مرد مار نسوانيت کان عاري (Unfeminine) ۽ غير حقيقي (Un–natural) سڏيو ويندو آهي. بهرحال مغربي ڪتابن ۾ ڏنل اهي معيار به اسان وٽ سؤ في سيڪڙو صحيح ڪونه ٿا لڳن، ان ڪري اسان پنهنجي هن ايياس ۾ سنڌي سماج جي صورتحال موجب ڪهاڻين ۾ عورت جي ڪردار جي عڪاسيءَ جو جائزو وٺنداسين ۽ ان لاءِ ڪجهه چونڊ ڪهاڻيڪارن جي چونڊ ڪهاڻين جا مثال پيش ڪنداسين، جن مان خبر پوي ته سنڌي عورت جو ڪهڙو روپ پيش ڪيو ويو آهي، سندس جذبن ۽ احساسن جي ڪيتريقدر سچي عڪاسي ڪئي وئي آهي. ساڻس ڪيترو انصاف يا نا انصافي ٿي آهي. مجموعي طرح سان سنڌي ليکڪن جي ڏانهس رويي ۽ ورتاءَ (Treatment) کي ڏسنداسين. مٿي بيان ٿيل سنڌي ڪهاڻيءَ جي دورن سان ڪهاڻيڪارن جون ٽي پيڙهيون لاڳاپيل آهن، جن جي ورتاءَ، ذهني روين ۽ Approach ۾ فرق هوندي به هڪ تسلسل نظر ايندو.

پنجاهه ۽ سٺ وارن ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي اديبن سماجي تبديليءَ جي ڏس ۾ طبقاتي ڪشمڪش کي موضوع بڻايو ۽ ترقي پسند تحريڪ جي اصولن پٽاندڙ پيڙهيل طبقن سان همدرديءَ واري رويي کي اڳتي وڌايو ۽ انهن ڪارڻن تي به روشني وڌي جيڪي ڪنهن طبقي جي پيڙجڻ يا پٺتي پوڻ جو سبب هئا، عورت کي سماج جي هڪ پٺتي پيل ۽ پيڙهيل طبقي جي نمائندي طور پيش ڪرڻ جي شروعات اتان ٿي ۽ سندس ڪمزوريءَ جي ڪارڻن تي قلم کڻڻ جو رواج پيو، ان ۾ ڪن عام طرح

سان عورت تي ٿيندڙ ظلمن ۽ ڏاڍاين تي لکيو ته ڪن خاص طرح سان سنڌي عورت کي موضوع بنايو ۽ سماج ۾ موجود انهن ريتن رسمن خلاف لکڻ جي ابتدا ڪئي، جيڪي عورت جي پرماريت ۽ سندس غلاميءَ جو باعث هيون. جاگيرداري نظام جي انهن خرابين تي قلم کنيو ويو، جيڪي مجموعي طرح سان سموري سماج کي نپوڙي رهيون هيون ۽ انهيءَ ۾ عورتن سان ٿيندڙ ويڌن تي به خصوصي توجهه ڏني وئي.

شيخ اياز جون ڪي ڪهاڻيون ورهاڱي کان اڳ لکيل هيون، پوءِ ڪجهه پيون ڪهاڻيون لکيائين جن سيني کي گڏي پنهنجي پهرئين ڪهاڻين جي مجموعي "پنهل کانپوءِ" ۾ (١٩٥٣) شايع ڪرايائين، ان ۾ سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين جا عنوان زنانن ڪردارن جي نالن تي رکيل آهن، جئين "نوران"، "نظيران" وغيره ۽ مکيه ڪردارن طور عورت کي پيش ڪندڙ بين ڪهاڻين ۾ "ڪارو رنگ" ۽ "ڪلٽي" قابل ذڪر آهن، جن ۾ سندس ورتاءَ کي جاچي سگهجي ٿو، هڪ شاعر واري حيثيت ۾ هن وٽ "عورت" جو هڪ روپ "محبوبه" وارو "پرين" "سپرين" وارو به آهي ته هو ان کي سندس جسم ۽ جنس جي حوالي سان به ڏسي ٿو، هن شاعر پيار جي لطيف احساس جي اثر ۾ ڪائنات جي سڀ کان سهڻي ۽ پياري تخليق طور عورت کي محسوس ڪيو آهي، پر ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ هو عورت کيٰ جدا روپ ۾ ڏسي ٿو. "ڪلٽي" ۾ هو هڪ اهڙي عورت جو ڪردار پيش ڪري ٿو جيڪا هن سماج ۾ پنهنجي پيار کي ظاهر ڪرڻ جي سگهه ساري نٿي سگهي، هن عورت جا اهي احساس ظاهر ڪيا آهن جيڪي هوءِ پنهنجو پاڻ کان به لڪائي رکڻ تي مجبور ٿئي ٿي، اياز هن جي روپ ۽ بهروپ کي سمجهيو آهي. هڪ ڪلٽي ڪڏٽي عورت جي اندر جي اونهائيءَ ۾ لڪل جذبن کي محسوس ڪيو آهي، سندس ٺهڪن ۾ لڙڪ ڏٺا آهن. هن جي نفرت ۾ محبت ۽ محبت ۾ نفرت محسوس ڪئي آهي، هن ڪهاڻيءَ جو مرد ڪردار ڏاڍو ڪٺور آهي، هو سندس محبت جو دل ۾ اعتراف به ٿو ڪري، سندس جذبن کي سمجهڻ جي دعويٰ به ٿو ڪري پر تڏهن به ڄاڻي ٻجهي اڻڄاڻ ٿو بڻجي وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جو رويو ڏاڍو همدردانه آهي. هو عورت جي اندر ۾ جهاتي پائي هن جا ڪنئرا احساس سمجهڻ جو اشارو ٿو ڏئي، شيخ اياز جي ٻي ڪهاڻيءَ "ڪارو رنگ" به اهڙي ئي قسم جي همدردي ڏيکاري ٿي، هو بظاهر ڪارو رنگ رکندڙ عورت کي خوبصورت ٿو ڪوٺي، ڇاڪاڻ جو هن جي اصلي سونهن هن جي اندر ۾ آهي. هو سندس سپاجهڙائيءَ ۾ سونهن ٿو ڏسي ۽ وري جڏهن هوءِ ڪردار جي ڪچائي ٿي ڏيکاري ته ڪانئس نفرت جو اظهار ٿو ڪري، سندس ڪوجهائيءَ ڏانهن ٿو ڏيان وجهيس. چوي ٿو: "محبت حسن جي محتاج نه هئي، جتي زندگي بي معنيٰ نه هئي، دوستي دلبو نه هئي، جذبا بيوس نه هئا." آخر ۾ ڪردار جو موت انهيءَ اڇي ۽ ڪاري جي ڇڪتاڻ ۾، سونهن ۽ ڪوجهائپ جي ڪشمڪش ۾ ڪوڙهه جو شڪار ٿيڻ سان ٿئي ٿو، ليکڪ، عورت جي بيوسيءَ تي ساڻس همدردي ٿو محسوس ڪري. سندس هڪ ڪهاڻي "نظيران" پڻ هڪ عورت جي گرد گهمي ٿي جيڪا هڪ نڌڻڪي عورت هئڻ ڪري رحم جي قابل ٿو سمجهي، هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ مرد جي سخت دلي ۽ جنسي ڪميڻائپ کي وانکو ڪري ٿو. ماما چوندڙ هڪ

يارنهن سالن جي ننڍڙي ڇوڪريءَ کي ڏسي هڪ اڌڙوٽ عمر جو ماڻهو سوچي ٿو "باقي ڪو سال ڏيڍ، هاڻي ٿو پٽس کان سگ گهران." ڏٺو وڃي ته پنهنجي ڪهاڻين ۾ اياز سڌي يا اڻ سڌي طرح جنسي يا جنسي مسئلن کي ضرور آڻي ٿو.

ان ئي ساڳئي دور ۾ رشيد ڀٽيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ" پڻ آيو هو جنهن ۾ پڻ هن پنهنجي منفرد انداز ۾ ڪردارن جي جنسي بي جوابداريءَ کي موضوع بڻايو آهي، جنهن جي ذميداري هو سماج تي وجهي ٿو. سندس ڪردار عورتون ته مردن کان مختلف ڪونه آهن. سندن جذبن جي استحصال ڪندڙ ريتن رسمن تي هو ذميداري وجهي ٿو. هو ڪردار جي ڪمزوريءَ پٺيان موجود محرڪ ڄاڻائڻ کانپوءِ اهو پڙهندڙ تي ٿو ڇڏي ته هو ان کان نفرت ڪري يا رحم ڪائي. "پاڇوڪڙ" نالي ڪهاڻيءَ ۾ جوان جماڻ ساران جو ڪردار آهي جيڪا پنهنجي ننڍڙي ماسات سان مٿا ميڙ کانپوءِ جذباتي ڪشمڪش جو شڪار ٿئي ٿي ۽ آخرڪار هڪ پنهنجي هم عمر مرد سان ڀڄي وڃي ٿي. اتي ننڍي عمر جي ٻار سان جوان عورت جي وهانءَ جي بد رسم تي روشني وڌي وئي آهي ۽ ان جي لازمي نتيجي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي. جيتوڻيڪ اظهار ڪافي بيباڪ آهي ته به ساران جي ڪردار سان همدردي محسوس ٿئي ٿي رشيد ڀٽيءَ جي ٻين افسانن ۾ مردن ۽ عورتن جي جنسي زندگيءَ تي اهڙي ريت روشني وڌل آهي جو عورت جذبي جي وهڪ ۾ وهي ويندڙ هڪ ڪمزور هستي ٿي محسوس ٿئي، جنهن کي ڪوبه سماجي ٻنڌڻ ٻڌي نٿو سگهي، پر ڄاڪاڻ جو سندس مرد ڪردارن جو به اهڙو ئي ساڳيو حال آهي ان ڪري خصوصي طرح سان عورت ڏانهن سندس اهڙي رويي جي شڪايت نٿي ڪري سگهجي. هونءَ به هن دور جي اڪثر ليکڪن جي ڪهاڻين ۾ عورت جو صرف هڪ ئي مسئلو سمجهيو ۽ سمجهايو ويو آهي سو آهي سندس جنسي گهرج پوري نه ٿيڻ، جنهن جي ذميوار ريتن رسمن کي ننديو ويو آهي، پر ذهن ۾ سوال اڀري ٿو ته ڇا ان دور جي عورت جا ٻيا ڪي مسئلا هئا ئي ڪونه ڇا؟

اياز قادريءَ جو تعلق به ساڳي ٽهيءَ سان آهي. هن به ترقي پسند دور جي روايتن کي سامهون رکي لکيو آهي، سندس به افسانا هن ڏس ۾ خاص توجهه گهرن ٿا. "بلو دادا" نالي سندس ڪهاڻين جي مجموعي ۾ "ليڊر" ۽ "علوءَ جا عشق" افسانا پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته هو عورت لاءِ پنهنجي دل ۾ هڪ نرم گوشو رکي ٿو. هن سماج ۾ گندگيءَ جي اصل محرڪن ۽ ڪردارن کي وائکو ڪري ٿو. عصمت فروشي هڪ نفرت جوڳو پيشو آهي ۽ اهو پيشو ڪندڙ عورتون پڻ قابل نفرت سمجهيون وڃن ٿيون پر انهن کي انهيءَ مقام تي پهچائڻ وارو بظاهر سماج سڌارڪ، ليڊر ۽ سياستدان اصل ڏوهاري آهي جيڪي پنهنجي ٻچاڙائيءَ سبب سماج جي نظرن ۾ سرخرو ٿيو ٿا گهمندا وتن. "ليڊر" نالي افساني ۾ عورت جي مجبوريءَ مان فائدو وٺندڙ مردن تي طنز آهي. هڪ ٻئي افساني "علوءَ جا عشق" ۾ اياز قادريءَ علوءَ نالي ڪردار جي ڪيل عشقن ذريعي عورت جا اهي روپ ڏيکاريا آهن، جيڪي هڪ نه ٻئي نالي ۾ محرومين جو شڪار آهن. جيڪي ڪين پنهنجي گهروارن کان مليون آهن ۽ سماج انهن جي ٻيرائي ڪري ٿو. هڪ روپ ۾ وڏيري جي ڇوٽين زال آهي جيڪا شاديءَ کانپوءِ حويليءَ ۾ واڙي

وٺي آهي. جڏهن ته وڏيري جو گهڻو وقت سريتن سان ئي گذري. ٻئي روپ ۾ ٻڍڙي جمعي لوهر جي جوان زال آهي جيڪا ٻنسن تي ورتي وئي آهي جنهن لاءِ ليکڪ لکي ٿو، "ڪراڙو مڙس سوڙ جو ساڙ، هو ٻيو ڪونگهرا هڻندو ۽ هوءِ ٻئي پاسا ورائيندي" علوءَ جا ٻيا عشق اهڙين ڇوڪرين سان آهن جن کي مائٽ پرڻائڻ کان ڪيٻائين ٿا. اهڙي هڪ عورت جو روپ وڏيري جي جوان بيوه ڀيڻ آهي، جنهن وٽ مڙس جي ملڪيت هڻڻ ڪري کيس پرڻائڻ کان پاسو ڪيو ٿو وڃي ته جيئن ملڪيت قبضي ۾ رهي. مطلب ته اهي سيئي عورتون ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجن جون ٿي ستايل آهن ۽ ڇاڪاڻ جو هو پاڻ وهيٺيون ڪونه آهن ان ڪري پوڳين ٿيون. پر هتي به مسئلو ساڳيو پيش ٿيل آهي.

هن ساڳئي دور ۾ شعوري طرح عورتن جي حق ۾ لکندڙ مرد ليکڪ جمال ابڙو آهي جيڪو سيني کان گوءِ کٽي ويو آهي. سندس شاهڪار ڪهاڻيءَ "مان مڙد" "عورت جي مظلوميت ڏانهن اهڙي ته انوکي ۽ منفرد انداز ۾ توجهه ڇڪايو جو اها مثالي بنجي وئي. ڪهاڻي فينٽسي جي ٽيڪنڪ تي لکيل آهي ۽ اڻ ٽيٺي ڪي، ٽيندو ڏيکاريو ويو آهي، جمال جون ڪردار عورتون ٻين سيني ليکڪن جي ڪردارن کان وڌيڪ مانائتيون ٿيون محسوس ٿين ۽ سندن لاءِ ڪهل ۽ قياس جا جذبا ٿا اڀري اچن.

جمال جي هڪ ٻي مشهور ڪهاڻي "پيراڻي" عورتن جي وڪري ۽ غربت جي موضوع تي بهترين ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ننڍڙي بروهي نينگر سان ٿيندڙ ويساهه گهاتي اندر ۾ وڍ وجهي ٿي پر تڏهن به کيس ٻنسن تي وڪڻي ويندڙ مائٽن کان نفرت نٿي محسوس ٿئي ڇاڪاڻ جو هنن کي تمام گهڻو مجبور ڏيکاريو ويو آهي ۽ هو به ان لاءِ تڙپن ٿا. جمال پنهنجن ڪردارن سان ڏاڍو پنهنجائپ وارو رويو رکي ٿو. سندس پوئين دور جي لکيل ڪهاڻي "سينڌ" ۾ ڪارو ڪاريءَ جي ظالم رسم جي پٺيان اصل محرڪن کي وائکو ڪرڻ سان هن سنڌي سماج جي ان طبقي کي ڀرپور نموني ڇماٽ وهائي ڪڍي آهي. سنڌيءَ ۾ ڪارو ڪاريءَ جي موضوع تي جمال کانسواءِ ٻين به لکيو آهي پر جمال جو احساس ٻين کان گهڻو مختلف آهي، اڪثر ليکڪ انهيءَ بهتان هيٺ ماريل مرد ۽ عورت کي ٻن پريمين جي روپ ۾ پيش ڪن ٿا. مارينڌڙن وٽ پيار جو ڏوهه جواز طور موجود هوندو آهي، ان ڪري ڪردارن سان اوتري همدردي محسوس نه ڪئي ويندي آهي ڇاڪاڻ جو مروج سماجي قدرن جي ڀڃڪڙيءَ جي سزا طور ان کي ڪي طبقا انصاف به سمجهندا آهن. پر جمال ان جي برعڪس اصل حقيقت تان پردو کڻي سماج جي ان ڪاري منهن کي پڌرو ڪيو آهي جيڪو هڪ بلڪل بيگناهه معصوم عورت کي هروڀرو ڪوڙو الزام هڻي قتل ٿو ڪري ڇاڪاڻ جو اصل ۾ ڪنهن مرد کي مارڻو آهي. هو گهڻو ساراهيل قبائلي غيرت تي به چوٽ ٿو هڻي وڃي جڏهن هڪ اهڙي ڇوڪري جنهن جي ڪنهن غير مرد سينڌ به ڪانه ڏٺي هئي، ان کي اگهاڙو ڪري قاتل پنهنجي قتل کي جواز ٿا ڏين، اهي قاتل ٻيا ڪي ڪردار ناهن بلڪ خود ڇوڪريءَ جو ڀاءُ ۽ پيءُ آهن. جمال ابڙي جي افسانوي مجموعي "پشو پاشا" کي پنهنجي دور ۾ تمام گهڻي اهميت ملي. هن وقت تائين لکيل اڪثر ڪهاڻيڪارن جو عورت جي معاشي محتاجي، سماج ۾ گهٽ حيثيت ۽ غير برابريءَ ڏانهن توجهه نه ويو هو. ڪٿي ڪٿي ڪو غير شعوري اشارو ملي ٿو باقي شعوري طرح ائين ڪنهن به نه ڪيو. سٺ جي ڏهاڪي

۾ غلام رباني جي ڪهاڻين جو ڳٽڪو "آب حيات" نالي آيو جنهن ۾ ڳهڻو ڪري ٻهراڙيءَ جو پس منظر رکندڙ ڪهاڻيون آهن. عورتون به مردن وانگي پورهيو ڪندڙ آهن. هڪ ڪهاڻي "ڪارا ڳاڙها ليڪا" آهي جنهن ۾ هڪ شهري پڙهيل لکيل ڊاڪٽر ٽر ۾ ويرا واهه جي ڪنهن جوانڙيءَ جي سونهن ڏسي ڪيس ڦاسائي ٿو. ڪوڙا دلبا ڏئي غريب ۽ گهٽ ذات ڇوڪريءَ سان ڪو وقت رانديڪي وانگي ڪيڏي پوءِ ان کي اوسيئڙي ۾ ڇڏي هليو ٿو وڃي ۽ چوي ٿو "ڪير ٿو ڪم ذات لاءِ جان جوکي ۾ وجهي. هوءِ ڪولهڻ ڇوڪري، ڪمذات جهنگلي تنهن سان ڪير شادي ڪندو. مان پڙهيل ڊاڪٽر آهيان شادي ڪندس ته پاڻ جهڙيءَ سان". اتي ذات پات جي پيد پاوَ کان نفرت ۽ مرد جي ڪميٽائپ کي وائکو ڪيو ويو آهي، وقت گذاري لاءِ ڪم ذات غريب عورت به حلال آهي پر شاديءَ لاءِ نه. هن افساني ۾ ليکڪ جو اصل مقصد طبقاتي سوچ کي نشانو بنائڻ آهي. هو شعوري طرح غريب ۽ گهٽ ذات طبقي سان همدردي ڪرڻ لاءِ غير شعوري طرح عورت کي مرڪز بنائي ٿو.

ربانيءَ جي افساني "نئون مڙدو" ۾ پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردياڻين جي حيثيت ۾ عورت جو ڪردار ملي ٿو. ربانيءَ "نيٽ بهار ايندو" ۾ هڪ ٻيو نئون موضوع به ڇيڙيو آهي سو آهي شادي شده زندگيءَ ۾ مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ذهني هم آهنگيءَ جو. جيتوڻيڪ احساس مرد جا ڏنا اٿس پر عورت لاءِ به اهي اهڙائي سچا آهن. نندي هوندي جي شاديءَ خلاف احتجاج به ملي ٿو. ڪهاڻيءَ جو ڪردار پهرين اڻ پڙهيل زال کي ڇڏي ٻي شادي ڪري ٿو، پر سندس دل ۾ پهرين زال لاءِ به نرم گوشو آهي. هن افساني ۾ ليکڪ مرد ۽ عورت جي پاڻ ۾ ذهني برابري ۽ جذباتي لاڳاپي کي هڪجهڙن بنيادن تي قائم ڪرڻ جو قائل لڳي ٿو، لکي ٿو مونکي نه ته بورچيءَ جي ضرورت هئي ۽ نه درزيءَ جي ۽ نه وري سنگ مرمر جي بت جي، مون کي ته زندگيءَ جي ساٿيءَ جي ضرورت هئي. آءٌ بغير موزون ساٿيءَ جي زندگي گذاري ئي نه سگهان ها."

مجموعي طرح سان چئي سگهجي ٿو ته انهن مرد ليکڪن عورت جو سماج ۾ جيڪو روپ ڏنو، ان ۾ سانس ٿيندڙ ظلمن، ويساهه گهاتين جذباتي ڏاڍاين جي خلاف آواز اٿاريو ۽ هو سندس وڪيل بنجي اڳيان وڌيا تن ۾ ذات پات، مال ملڪيت سبب شاديون نه ڪرڻ يا وري ٻي جوڙ شاديون، ڪارو ڪاري ڳالهيون شامل آهن. سندن جذباتي اڻ تڻ ۽ جنسي ٻي راهه رويءَ جو سبب يا جواز انهن کي ئي ٻڌايو. ان دور جي اهائي حقيقت هئي. عورت جي سماج ۾ ڪنهن فعال ڪردار ادا ڪرڻ، سندس پيداواري پهلوءَ بابت لکڻ يا مرد سان برابريءَ وارا آدرش اجا سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪونه آيا هئا. بلڪ سماج ۾ به ڪونه هئا. جيتوڻيڪ ڳالهيون ترقي پسند نظريي جي حوالي سان ليکڪن لاءِ اوپريون ڪونه هونديون. انهن موضوعن تي ايف اينگز يا ڪارل مارڪس جي تحريرن ۾ واضح نموني لکيل هو ۽ عورت جي فرد واري حيثيت يا پيداواري پورهيت واري حيثيت بابت هو ڄاڻندا هوندا. هنن جي نظر ۾ هوءَ هڪ پرماريت جو شڪار وجود ته هئي پر سندس وجود جي فعاليت کي اجاگر ڪونه ٿي ڪيو ويو. هنن عورتن جي جسماني جذباتي استحصال جو ذڪر ته ڪيو ٿي پر سندن ذهني صلاحيتن جي زيان جو شعور اجا ڪونه آيو هو. عورت کي به سوچيندڙ ذهن آهي، هن ۾ به ڪي ذهني

صلاحيتون تي سگهن ٿيون. اها ڳالهه اجا محسوس ڪانہ ڪئي وئي هئي. هن دور جي افسانہ نگارن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سنا ليکڪ آهن پر اسان لاءِ چاڪاڻ جو هن وقت سيني تي لکڻ ممڪن ڪونهي ان ڪري هاڻي ڪجهه ليکڪائن جي افسانن جي ٿيم جي باري ۾ ۽ سندن ڪردارن جي باري ۾ لکنداسين. ڀلي ڪٿي اسان چئون تہ فنڪارن؛ اديبن شاعرن ڪي جنس جي بنياد تي ورهائڻ درست ڪونهي پر هتي ان جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. نفسياتي لحاظ کان انسان جي اندر جي وارتائن کي سمجهڻ جي معاملي ۾ عورت ۽ مرد جي طريقي ۽ Approach ۾ گهڻو فرق هوندو آهي. هڪ مرد ڪنهن عورت جو مجسمو ناهي يا ڪهاڻيءَ جو ڪو ڪردار تخليق ڪري ۽ ٻئي پاسي هڪ عورت ڪنهن عورت جو مجسمو ناهي يا ڪردار تخليق ڪري تہ ٻڪ سان ٻنهي جي خيال ۽ احساس ۾ فرق هوندو ... ساڳي ڳالهہ مرد هٿان مرد ڪردار تخليق ڪرڻ ۽ عورت هٿان مرد ڪردار تخليق ڪرڻ ۾ فرق ٿئي ٿو. چاڪاڻ جو هرڪو فنڪار پنهنجي طبقي يا جنس جي ڪردارن جي احساسن ۽ نفسيات کي وڌيڪ بهتر نموني پيش ڪري سگهي ٿو. ٻنهي جو زندگيءَ ڏانهن رويو بہ مختلف ٿي سگهي ٿو ۽ ظاهر آهي تہ مرد جو عورت ڏانهن جيڪو رويو هوندو سو عورت ڏانهن عورت جو ڪونہ هوندو ۽ ساڳي ڳالهہ ابتڙ بہ چئي سگهجي ٿي.

هونءَ مزي جي ڳالهہ آهي تہ مرد فنڪارن جي تخليق ڪيل ڪردارن ۾ گهٽائي عورتن جي آهي تہ فنڪار عورتن جي تخليق ڪيل ڪردارن ۾ بہ گهٽائي عورتن جي ئي آهي. مرد ڪيترو بہ عورت سان همدردي رکندو هجي، هو عورت جي جسماني، جذباتي ۽ ذهني پيچيدگين ۽ مونجهارن کي ائين ڪونہ سمجهي سگهندو جئين عورت سمجهندي. بهرحال هن دور جي اهم ليکڪائن ۾ بيگم زينت عبدالله چنا، ثميره زرين، ماهتاب محبوب، رشيده حجاب، زرينہ بلوچ، اقبال پروين سومرو جميلہ نرگس وغيره جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جن مان اسين هتي ثميره زرين، ماهتاب محبوب ۽ زرينہ بلوچ جي عورت ڪردارن تي روشني وجهنداسين.

ثميره زرين کي سنڌي ادب جي خاتون اول جو خطاب بہ ڏنو ويو آهي، سندس تعلق شڪارپور جي هڪ شهري پڙهيل لکيل خاندان سان هئڻ جي باوجود ڪيس پنهنجو اصل نالو لڪائي لکڻو پيو، انهيءَ ڳالهہ مان سندس شروعاتي افسانن ۾ پيش ٿيل ماحول تي چڱي طرح روشني پوي ٿي جيڪو اردو افسانن ۽ ناولن ۾ پڙهيل هو. مڪس ڳنڍجاٺيون، ڪافي هائوس ۽ هوٽل يا ڪلب ۾ علمي ادبي گفتگو ڪندڙ عورت سندس تخيل جي تخليق هئي، مشاهدي جو نتيجو نہ ـ گهرن ۾ بہ جيڪي علم ادب سان ڳڌوڳڌ پرت، سلائي، رڌڻ پچائڻ ۾ مهارت رکندڙ عورتون ڪردارن طور ڪنيو اٿس، اهي، حقيقت کان دور ٿيون لڳن، چاڪاڻ جو ان زماني ۾ سنڌي شهري گهرن جو بہ ماحول اهڙو ڪونہ هو جنهن ۾ اهي پنهنجي ڪنهن ڪزن سان ڊسڪس ڪري سگهن. اهو ئي سبب هو جو ثميره کي اول ڪو مرد سمجهيو ويو. پر پوءِ وڌيڪ مطالعي ۽ ڪجهه قدر ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ وڌيل مشاهدي ثميره کان ڪي تمام سُٺيون ڪهاڻيون لکرايون، جن ڪيس "خاتون اول" جو خطاب ڏياريو. ٻنهي دورن ۾ ثميره عورت جي آزاديءَ جي قائل نظر اچي ٿي ۽ ان جو ڪيس وڙهندي نظر اچي ٿي، سندس پهريون

مجموعو "گيت اجايل مورن جا" هو. پوءِ ٻيا مجموعا "اءُ اهائي مارئي" ۽ "روشن ڇانورو" پڻ ڇپيا، جن ۾ سندس سڀئي ڪهاڻيون ورهايل آهن. هن "وطن" جهڙو شاهڪار افسانو به لکيو. سندس هڪ ڪهاڻي "زندگيءَ جي ڊائري" نالي آهي، ان ۾ مرد ڪردار خورشيد نالي ڇوڪريءَ کي ٻي عقل ۽ ڪمتر ٿو چوي تڏهن هوءِ وراڻي ٿي "اسين جيڪڏهن توهان جيترو پڙهون ته ضرور اهڙا ئي ڪم ڪري سگهون؟ اتي هوءِ عورت جي ذهني صلاحيت کي مڃرائڻ چاهي ٿي، هڪ ٻي ڪهاڻي "بي شرم ڪير" ۾ زبيده نالي ڪردار عورت جو مڙس ٻي شاديءَ ڪانپوءِ هن کي سنڀالڻ ڇڏي ٿو ڏئي ۽ هوءِ معاشي طور بلڪل بيوس ٿي ٿي پوي. آخر بک کان ٻي حال ٿي پيٽ گذر لاءِ پورهيو ٿي ڪري ته مڙس پنهنجي بدنامي يا گهٽتائيءَ جي احساس کان کيس "بيشرم" ٿو چوي. اتي افساني ۾ ڀرپور طنز ٿي محسوس ٿئي ته هڪ مرد عورت کي پاڻ ئي مجبور ڪري ٿو ته هوءِ پنهنجي پيٽ گذران لاءِ پورهيو ڪري ۽ پاڻ ئي کيس ننديو ٿو.

هڪ ٻيو افسانو "لڙڪ ۽ مرڪ" پڻ عورت جي مظلوميت جو داستان آهي. هڪ هنڌ لکي ٿي "سندس نظريو اهو هو ته پٽ ڪيترا به بدمعاش هجن ليڪن ڌيئرن کان بدرجها بهتر هئا." وري ٻئي هنڌ لکي ٿي "ڌيئرن جي ڄمڻ تي سندن استقبال ڳوڙهن سان ڪيو ويندو هو ۽ اهي آنسو عورت جي قسمت کي ڄڻ هميشه لاءِ ملي ويندا هئا." ڇوڪرين ۽ عورتن لاءِ اهڙو احساس هڪ حساس ليکڪا جو پنهنجو ذاتي مشاهدو يا تجربو ٿي سگهي ٿو جنهن جي پيڙا سندس لفظن ۾ جهلڪي ٿي. ثميره جا اهي موضوع سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڀريون پيرو نظر اچن ٿا، جتي هوءَ سنڌي سماج ۾ عورتن لاءِ تعليم، پاڻ ڀرائي ۽ آزاديءَ جا آدرش سامهون آڻي ٿي.

هن ئي دور ۾ ماهتاب محبوب جا افسانا هڪ ٻنهه مختلف ماحول پيش ڪن ٿا. ثميره جي رومانويت پسندي ۽ مصنوعي ماحول ۾ غير حقيقي خيالي محسوس ٿيندڙ ڪردارن جي ڀيٽ ۾ ماهتاب جي افسانن جو ماحول عام ڳهرو ماحول تي ٻڌل آهي ۽ سندس ڪردار به حقيقي ۽ اسان جي مشاهدي ۾ آيل عورتن جي ڪردارن سان ٺهڪندڙ آهن. ثميره جي افسانن جون ڪردار ڇوڪريون "آدرشي ڪردار" آهن جيئن جمال ابڙي جو "پشو پاشا" آدرشي ڪردار هو يا جيئن اياز قادريءَ جو "بلو دادا"، تيئن ثميره به اها اميد ٿي ڪئي ته ڪاش سنڌي ڇوڪريون اهڙيون هجن. ترقي پسند افساني ۾ اها ڳالهه شعوري طرح به آندي وئي هئي. بهرحال ماهتاب جا ڪردار آئڊيل نه پر حقيقي آهن. جيتوڻيڪ مجموعي طور تي ماهتاب جي ڪردارن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ عام تاثر اهو ٿو ٻيهي ته اهي عورتون گهٽو ڪري دل جون ڪوڙيون، گهر ڦٽائيندڙ، سازشي ۽ هڪ ٻئي جون دلي دشمن آهن. عورت جي ڪردار جو ڪو مثبت پهلو گهٽ ڏيکاريل آهي. اهو خالص عورتاڻي نفسيات جي نالي ۾ ڏيکاريل روپ جهالت ۽ واندڪائيءَ جو پيدا ڪيل چئي سگهجي ٿو، جنهن جي ڪري اهي عورتون اجاين رسمن ۾ اندو عقيدو رکن ٿيون، منافقي ڪن ٿيون سس، ننهن نٽاڻ ياڄائي، ڀاڄ هڪ ٻئي جا تختا ڪيڻ ۾ پوريون نظر اچن ٿيون. رئيسياڻيون، نوڪرياڻيون، ڏوتيون مطلب ته هر طبقو نظر اچي ٿو ۽ خالص ڳهرو سياست سندس تنقيد جو نشانو نظر اچي ٿي. عورت جا اهي روپ به بهرحال هن

سماج ۾ موجود اهن ان ڪانسواءِ هوءَ ڪي اهڙيون ڳالهيون به لکي ٿي جيڪي بظاهر عام ٿيون لڳن پر انهن جي سچائي دل کي ڇهي ٿي وڃي. مثلاً هڪ ڪهاڻي "لڙڪن جو راز" نالي آهي جنهن ۾ هن عورت جي جذبن جي ايتري حقيقي عڪاسي ڪئي آهي جو ان جو مثال ئي ڪونهي. لکي ٿي "جذهن به ڪو ڏک وارو سنڌي راڳ ريڊيو تان وڄندو هو ته ننڍي پيڻ ياءُ سان شرطون لڳائيندي هئي ته ڏسجان امان ڇاڻ رني" ان پس منظر ۾ وري خود اهو ئي ڪردار پنهنجن پاٽرن لاءِ روئي ٿو ڏئي. "نڪ" نالي ڪهاڻيءَ ۾ ماهتاب ڇوڪرين جي تعليم حاصل ڪرڻ تان ٿيندڙ ڳالهين تان پردو ڪڻي انهن کي وانکو ڪيو آهي ۽ ماهتاب محبوب ليکڪائن ۾ سڀ کان وڌيڪ ۽ مسلسل لکندڙ رهي آهي. شروعاتي دور جا سندس مجموعا چانديءَ جون تارون ۽ پرھ کان پهرين هئا ۽ ان زماني ۾ عام گهرن ۾ عورت جي ڪردار کي ماهتاب پنهنجن افسانن ۾ آندو. ادب سماج جو آئينو ئي ته هوندو آهي، ان ۾ پنهنجي سماج بلڪ گهرن جا اولڙا ڏسي سگهجن ٿا. گهرن ۾ غير فعال زندگي گذاريندڙ عورت پنهنجي اهميت ۽ حيثيت کان اڻواقف پنهنجي ڪارج کان بيخبر مردن جي جنسي خواهش پوري ڪندڙ هڪ جسم يا ٻارن ڄڻڻ جي مشين کان وڌيڪ ڪجھ به ڪانه هوندي آهي. سندس سوچ جو دائرو به انهيءَ سبب محدود ئي رهندو آهي. وڏ ۾ وڏ سندن سوچ ۾ ايندڙ ڳالهيون اهي ئي آهن جن جي ماهتاب عڪاسي ڪئي آهي.

هن دور ۾ زرينه بلوچ محض هڪ افسانو لکي وڏي ڪهاڻيڪاره طور پاڻ مڃائي وئي. ان کان پوءِ پاڻ چند ٻيا افسانا به لکيائين، پر جيتري شهرت "جيجي" افساني کي ملي اوتري ٻئي ڪنهن کي ڪانه ملي، ان دور ۾ هي اهڙي موضوع تي لکيل افسانو هو جنهن تي سنڌيءَ ۾ اڃا مردن به قلم ڪونه کنيو هو. ليسبئنزم يا عورتن ۾ هم جنس پرستيءَ جي لاڙي تي اردو ۾ "ريختي" نالي شاعري به ٿيندي آهي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ "عصمت چغتائي" ابتدا ڪري چڪي هئي. سنڌي ماحول ۾ اهڙي ڪنهن موضوع تي لکڻ سو به ڪنهن عورت هٿان جهڙوڪر ممڪن ئي نٿي لڳو، فني لحاظ کان به هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪو جهول ڪونه هو. ان ڪري عام طور اها ڳالھ ھُلائي وئي ته اها ڪهاڻي اصل ۾ زرينه کي رسول بخش پليجي لکي ڏني آهي يا لکڻ ۾ مدد ڪئي آهي. جيتريقدر پليجي جي لکڻ جو سوال آهي ته اهو ممڪن ئي ڪونهي ڇاڪاڻ جو اهو هڪ جيترو جاڳندو ڪردار هو. اها عورت زرينه جي پليجي سان شادي کان اڳ سندس پاڙي ۾ رهندي هئي ۽ ان جا ڪيترا اکين ڏٺا شاهد موجود آهن. البت اهو ممڪن آهي ته پليجي ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ جي سلسلي ۾ زرينه کي ڪجھ سمجهايو هجي، جا ڪا معيوب ڳالھ ڪانه چئبي. بهرحال هن ڪهاڻيءَ جو موضوع به "جنس" آهي. ائين محسوس ٿو ٿئي ته عورت سان جنس کي ايترو ته لاڳاپيو ويو آهي جو ان جي ذات سان لاڳاپيل مسئلن تي سوچڻ سان اهو ئي موضوع سڀني کان نمايان صورت ۾ اڳيان اچيو بيهيو رهي. انهيءَ روايت کي آخرڪار هڪ ليکڪا ئي ٽوڙيو ۽ اها بلاشڪ سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڌيڪ ذهين حساس ۽ ڄاڻو ليکڪا آهي، جنهن جهڙو ذهن، انساني نفسيات جو مطالعو ۽ مشاهدو ۽ ڪهاڻيءَ جي بهترين ٽيڪنڪ جو استعمال ۽ لفظن جي چونڊ ۾ ٻي ڪابه ليکڪا ساڻس برابري نه ڪري

سگهي آهي سا آهي خيرالنساء جعفري! ڪهاڻيءَ جي ميڊيم ۾ ڪنهن پڙهيل لکيل، ذهين پنهنجي ليکي هڪ مڪمل شخص جو ڪردار ادا ڪندڙ ڇوڪريون خيرالنساء ڀهريون پيرو پيش ڪيون. هن سچ تہ عورت جو ڪيس تمام ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو آهي، بنا ڪنهن پروپيگنڊه يا نعري بازيءَ جي، خود پنهنجي پاڻ کي ان ڪردار ۾ گم ڪري ضمير متڪلم جي استعمال سان هوءَ عورت جو اندر کولي ٿي رکي، ڏاهپ جا ڏنگ سهندڙ، آگاهيءَ جي آگ ۾ ٻرندڙ هڪ وجود طور سوچيندڙ هڪ ڪردار جي حيثيت ۾ هوءَ سنڌي ادب ۾ عورت جو نئون روپ ڪڍي آئي، جنهن جو رڳو هڪڙو مسئلو ڪونہ هو. رڳو جنس مٿس حاوي ڪانہ هئي پر جنس ۽ جسم جي ڪيفيتن کانسواءِ هن جون کي پيون بہ ذهني ڪيفيتون هيون، ڪي نفسياتي ڪي جذباتي ڪيفيتون هيون جن تي اڳ ۾ ڪنهن بہ قلم ڪونہ کنيو هو. "حويلي کان هاسٽل تائين" ۾ هر طرف عورت ئي عورت آهي، بند دروازن ۾ بند ذهن واري بہ عورت آهي تہ کليل ذهن واري بہ عورت آهي ۽ هي مان وڏيڪ پيڙا ڪنهن جي هوندي سو سيڪو سمجهي سگهي ٿو. دلين تي پهرا، جذبن تي پهرا، جسم تي پهرا پوءِ بہ دعويٰ ڪجي تہ عورت آزاد آهي ڪاليج ۾ پڙهي آهي حويليءَ جو ڀرم رکندي.

"پيڙا جو پڙلاءُ" ڪهاڻي پڙهي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ڄڻ خيرو پاڻ يا ان جهڙي ئي ڪا بہ پڙهيل لکيل ڇوڪري "بوسٽن" ۾ يا ڪنهن بہ ٻاهرئين ملڪ جي يونيورسٽيءَ ۾ بردباريءَ سان سچ بچ تہ اهو سڀ ڪجهہ ڀوڳي ٿي جيڪو هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿي گذريو آهي، سڀ ڪردار حقيقي ٿا لڳن، سڀ واقعا ٿيڻ جهڙا ٿا لڳن.

خيرالنساء جي هڪ تمام اهم خوبي سندس پنهنجي ڪردارن ۾ Involvement آهي. عورت کي رانديڪو سمجهڻ جي عام تشبيهہ تہ هر ڪنهن ٻڌي هوندي پر عورت کي سگريٽ سمجهڻ واري تشبيهہ بلڪل ئي نئين ۽ ڇرڪائيندڙ آهي. "ڪهڙو براند ۽ ڪهڙو سگريٽ" نالي ڪهاڻيءَ ۾ ضمير متڪلم ۾ ڳالهائيندڙ ڪردار مرد جو آهي ۽ اهو مرد جي عورت لاءِ عام سوچ جو اظهار هيئن ٿو ڪري "منهنجي هٿن جون آڱريون بيحد سڊول آهن ۽ منهنجن چپن جو لمس خوب گرمائيندڙ. ان ڪري اڄ تائين ڪا بہ سگريٽ هڪ دفعو منهنجي چپن کان متاثر ٿي، نہ مون کي ڇڏيندي آهي نہ مان ئي ڇڏيندو آهيانس، توڙ نباهيندو آهيانس، انت تائين، تان جو نئين سگريٽ ڀرڻ مان ڊ ڪائي رک ٿيندڙ سگريٽ کي بوٽ هيٺ آڻي پير جو گهڪو ڏيئي ڪيس هٽ پر ڪري ڇڏيندو آهيان. چين سموڪر هئڻ ناتي ٿورو اهو هرجائي پڻو ٿي ويندو اٿم". ڇا مرد جي هرجائي پڻي ۽ عورت جي بيوسيءَ جو ان کان بهتر ڪو نقشو ٿي سگهي ٿو؟ هن ڪهاڻيءَ جي نانڪا نانڪ جي حواسن تي طاري ٿي وڃي ٿي پر هو پنهنجي هار مڃڻ نٿو چاهي پنهنجي آپي جو اهنڪار برداشت نٿو ڪري سگهي، تڏهن چوي ٿو "ڪو بہ مرد هڪ ذهين ۽ هوشيار عورت کي دوست بڻائي تہ فخر ڪري سگهي ٿو پر زال بڻائي ڪڏهن بہ چين نہ پائيندو" اهو اعتراف هڪ مرد جو اصل ۾ هن سموري سماج جي مردن جي نفسيات جو پرتوو آهي جنهن کي خيرالنساء پاڻ بہ محسوس ڪيو آهي ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڀرپور نموني محسوس بہ ڪرايو آهي.

خيرالنساء جي لکڻيءَ ۾ هڪ غير شعوري رواني ۽ اندر ۾ محسوس ڪيل واردات جو تجربو هو جڏهن، ته ان ڪانپوءِ ان انداز ۾ لکندڙن جي تحرير ۾ هڪ قسم جي شعوري ڪوشش ملي ٿي، جيڪا ڪهاڻيءَ جي "پيڙا" مايوسي فرسٽريشن قنوطيت فراريت هوندي به محسوس ٿئي ٿي. اهڙي شعوري ڪوشش ان ماحول ۾ اڻ ٿر هئي جڏهن ستر واري ڏهاڪي ۾ اسان کي اظهار لاءِ نئين نئين آزادي ملي هئي ، خاص ڪري عورتن جا رسالا ۽ اخبارن جا صفحا نئين سجاڳي آزادي (Emancipation) جو نئون تصور کڻي اڳتي آيا هئا.

هن دور ۾ اهڙا سنڌي اديب، جيڪي سٺ واري ڏهاڪي کان لکي رهيا هئا، مثلاً امر جليل، غلام نبي مغل، منير احمد، طارق اشرف وغيره انهن به پنهنجي لکڻين ذريعي سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، انهن سڀني مان وڏيڪ مقبوليت ۽ مشهوري امر جليل کي ملي. هو ترقي پسند ڪهاڻي ۽ جديد ڪهاڻيءَ جي وچ تي جڻ ته Turning point ثابت ٿيو، هن جو پهريون مجموعو "دل جي دنيا" ١٩٦٩ع ۾ شايع ٿيو هو.

جليل جو قلم "عورت" جي حوالي سان محض سنڌس حمايت ۾ ئلهي همدردي ڪندو نظر ڪونه ٿو اچي، بلڪ هن وٽ عورت جي هڪ فرد واري حيثيت واضح آهي ۽ هو سنڌس عزت ڪري ٿو. جليل جي افسانن ۾ شهري، ورڪنگ وومين به نظر ٿيون اچن (جيتوڻيڪ اهي سنڌي ناهن) محبت جي نالي ۾ هوس جو شڪار ٿيندڙ عورتون به آهن (ڌرتيءَ جي ڌوڙ آسمان جا تارا). عورت جي جنسي استحصال جو ذڪر ڪرڻ مهل هو ان مان لذت نٿو وٺي. "هن چار ۾" نالي سنڌس ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي مرد جي عورت ڏانهن رويي تي ڀرپور طنز آهي، خاص ڪري وڏيرڪي ذهنيت کي چڱو وائکو ڪيو اٿس. امر جليل جي خاص خوبي سنڌس وڍيندڙ ڪنيندڙ طنز آهي جيڪو دل ۽ دماغ کي وڃيو جهلي. سنڌس افساني "رج" ۾ اهڙي ڀرپور طنز آهي. هن ۾ هو ٻن ڪردارن واتان عورت لاءِ جيڪي جملا چورائي ٿو انهن ۾ سنڌس عورت ڏانهن رويو ظاهر آهي. لکي ٿو: "بخت بيوفا ٿيندو آهي، عورت به بي وفا هوندي آهي، شادي هڪ سان ڪندي سمهندي ٻيءَ سان ۽ عشق ٽينءَ سان ڪندي ـ شيڪسپيئر چيو هو عورت تنهنجو ٻيو نالو بيوفائي آهي ـ عورت فقط عشق ڪرڻ لاءِ آهي. عورت عورت آهي، عورت جو ٻيون نالو نان خطائي آهي، عورت پيڙو آهي. نيپئر روڊ زنده باد ـ هي سڀ رنڊيون آهن ـ عورتون ناهن، نه، دنيا جون سڀئي عورتون رنڊيون آهن ـ ۽ ماڻهين؟؟؟ اهو آهي انهن خيالن جو ڪلائيميڪس. اهو آهي جليل جو عورت لاءِ احساس.

ادب ۾ جنس جي ڪيفيتن جو ڪيترو ذڪر فحاشي (Pornography) جي دائري ۾ اچي ٿو، ان لاءِ مختلف سماجن ۾ مختلف معيار آهن پر هڪ ڳالهه تي اڪثر نقاد متفق آهن ته اهو ڏسڻو پوندو ته ليکڪ جو مقصد ڪهڙو آهي ۽ پڙهندڙ تي ان جو مجموعي تاثر ڪهڙو ٿو پوي؟

امر جليل جي افساني "سرد لاش جو سفر" تي اهڙو الزام هنيو ويو هو، پر ان جي پس منظر ۾ موجود واقعي کي ڏسندي وقت جي نقادن ثابت ڪيو ته ان جي لکڻ جو مقصد ڪهڙو هو ۽ پڙهندڙن تي ان جو مجموعي تاثر ڪهڙو بيٺو. ان جي برعڪس ماڻڪ جو لڙهندڙ نسل يا "حويلي جا راز" پل

تہ حقیقت جا عڪاس چئجن، پل تہ انهن ۾ فرسٽريشن جو شڪار ڪنهن جوان مرد ۽ حويليءَ ۾ بند ڪنهن بيبيءَ جي گهٽيل جذبن جي عڪاسي هجي، اهي ڪهاڻيون پڙهندڙ تي چڱو تاثر نٿيون ڇڏين.

غلام نبي مغل بہ جنس کي موضوع بنائي لکندڙن ۾ ڳڻيو ويندو آهي، سندس بہ ڪهاڻيون "رات جا نيڻ" ۽ "جي رلن ٿا پرين ڪاڻ" نموني طور ڪٽي ڏسون تہ هو عورت جو ڪهڙو روپ ٿو ڏيکاري ۽ سندس ڪهڙا مسئلا ٿو بيان ڪري. "رات جا نيڻ" ڪهاڻيءَ ۾ جتي بہ عورت جو ذڪر آيو آهي اتي سندس ڇاتين جي اڀار ۽ رانن جي گولائيءَ جو ذڪر ضرور ڪيو ويو آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو: "حنا جهڙيون تہ آهن ٿي مرد مار عورتون. مرد کي چار ۾ آٺ لاءِ وٺن هزار حيلا آهن، آزاد خيال، نہ پنهنجي پرواهہ، نہ زماني جي ڳالهين جو ڪنڪو" هڪ ٻئي هنڌ هو عورت جي صلاحيتن جي ميجتا بہ ڪري ٿو ۽ چوي ٿو "زالون گهڻ ٿوروئي آهن اسپٽنڪ ۾ ويهي پولار مان،ٿي آيون آهن، امتحان جا رزلٽ ڏسجن تہ ڇوڪريون پاڻ ڇوڪرن کان وڌيڪ نمبر کنيو وڃن" غلام نبي مغل هڪ تمام سٺو ڪهاڻيڪار آهي ۽ سندس لکڻيءَ ۾ سگهہ آهي، پر هن جي لکڻين ۾ جنسي پهلو ايترو گهڻو اچي ويو آهي جو ان جي ٻين خوبين ڏانهن پڙهندڙ جو ڌيان گهٽ ٿو وڃي.

ساڳيءَ ريت ماڻڪ وٽ بہ زندگيءَ جو احساس تمام گهرو آهي پر سندس سچائپ تي ٻيو ڪجهہ حاوي ٿي ويو آهي، هو عورت جي شخصيت جي بہ اڻ سڌي ميجتا ڏيکاري ٿو. سندس هڪ ڪهاڻي "رڃ ۽ پڙاڏا" ۾ پيڻ جي پڃي وڃڻ تي مرد ڪردار چوي ٿو "نہ مونکي اهو حق نٿو پهچي تہ چوان تہ هوءَ پڃي وڃي. هوءَ منهنجي ٻانهي نہ هئي، مون وٽ پالتو جانور وانگر ٻڌل ڪانہ هئي جو مان هن جي وڃڻ کي، ٻين لفظن ۾ خود مختياريءَ سان پنهنجي واٽ اختيار ڪرڻ کي چوان تہ پڃي وئي. هوءَ آزاد ۽ خود مختيار هئي. هن کي پنهنجي زندگيءَ بابت فيصلي ڪرڻ جو حق هو" عورت جي شخصيت، سندس پنهنجي زندگيءَ تي اختيار ۽ سندس حق کي تسليم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هي ڀرپور باقاعده اظهار آهي، جيڪو ڪنهن ليڪ ڪيو آهي، ان لاءِ سندس سوچ کي ساراهڻو پوندو. اردوءَ جي ليکڪا ڪشور ناهيد ڪٿي لکيو آهي تہ اسان جي ليکڪن عورت جي آزاديءَ جو جيڪو تصور ڏنو ان ۾ عورت رومان جو مرڪزي نقطو هئي ۽ ان سان روايتي زبردستي ۽ سندس مجبوريءَ جو ذڪر بہ صرف زيب داستان جي حد تائين ۽ ڪتابن تائين محدود هو ۽ آهي ۽ انهن ليکڪن جي پنهنجي گهر جي عورت اهڙي ئي مظلوم ۽ مجبور هئي. اها ڳالهہ گهڻي قدر سچ آهي ۽ قول ۽ فعل جو تضاد اڪثر نظر ايندو آهي.

سنڌي اديبن عورت جي مظلوميت تي لکيو ۽ اجا بہ لکي رهيا آهن ۽ مڪمل ڪمٽمينٽ سان لکن ٿا، پر جڏهن عورتن لکيو تہ انهن لاءِ صرف ڪمٽمينٽ جو معاملو ڪونہ هو بلڪ اها هنن جي ڪنوڪشن (Conviction) هئي. ڪمٽمينٽ ۽ ڪنوڪشن ۾ وڏو فرق هوندو آهي. ڪمٽمينٽ کي نظريي جو درجو حاصل آهي ۽ اهو هڪڙو خارجي تجربو هوندو آهي جنهن ۾ اسان جي مرد ليکڪن جي شعوري ڪوشش شامل هئي ۽ جڏهن تہ ڪنوڪشن هڪڙو ايمان جهڙو درجو آهي. اهو داخلي تجربي هئڻ ڪري غير شعوري طرح اسان جي ليکائن جي لکڻين ۾ ڀرپور نموني سان نظر اچي

تو. ڪن ليکڪائن انهن پنهي تجربن کي يڪجا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪن وٽ هڪڙو پئي تي حاوي آهي. خيرالنساء جي ڪنوڪشن ۾ اهو غير شعوري طور موجود آهي ان جي پيٽ ۾ نورالهديٰ شاهه وٽ ڪمٽمينٽ وڌيڪ آهي، سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "جلاوطن" هو. هوءَ ان جي مهاڳ ۾ لکي ٿي "ڪڏهن ڪڏهن شدت سان چاهيندي آهيان تہ سٺ ڏئي اچيون پڳون لاهي ڪنين ڪسين ۾ اڇلائي ڇڏيان، ڪوٽن ۾ زمانن کان قيد شهزاديون پڃائي وڃان. چڪلن جون ڪسبياڻيون با عزت پڳدارن سان پرڻائي ڇڏيان." اتي نورالهديٰ جي شعوري بغاوت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هوءَ اڳتي لکي ٿي تہ "دراصل اسين سنڌي، عورت کي چلهہ جي آڳ ۾ د کندي ڏسڻ جا عادي آهيون. برقعو اوڍي، ڪاري نقاب مان عشق ڪندو ڏسڻ جا هيراڪ آهيون. عورتن کي محض انهيءَ ڪري جاهل رکندا پيا اچون تہ جيئن هو پنهنجو حق گهرڻ جي سگهہ نہ سارين ... چلهہ جي آڳ مان مڙس جي جنسي خواهشن جي تڪميل ڪان، ٻار ڄڻڻ جي مشين بنجڻ تائين تہ هنن جو وجود قابل قبول آهي" پر جيڪر ڪا سنڌي عورت چئن ديوارن مان نڪري ٿي اچي تہ ...؟!

نورالهديٰ جيڪا ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي آهي ان جو جواب ورجينا وولف اڳئي ڏئي چڪي آهي. هوءَ لکي ٿي تہ "ان کان پهرين جو اسين لکڻ شروع ڪريون، اهو ضروري آهي تہ گهر ۾ رهندڙ فرشتن جهڙي هستي رکندڙ عورت جي تصور کي قتل ڪري ڇڏيون. مردن گهرن ۾ رهندڙ عورتن کي ملائڪن جهڙو ۽ گهر کان ٻاهر نڪرندڙن کي ڏائڻ صفت. پراوا مڙس ڦاسائيندڙ ۽ جنسي لالچ ڏيندڙ ڪري پيش ڪيو آهي.

عورت جو اهڙو روپ، جيڪو ٻاهرين دنيا ۾ فعال ڪردار جي شڪل ۾ هجي سنڌي ادب ۾ ۽ خاص ڪري ڪهاڻين ۾ اچا ڪونہ آيو آهي اچا تہ محض جنسي پابندين ۽ ٽئبوز خلاف لکڻ جو رواج پيو آهي، اچا تہ چار ديواري مان نڪرڻ جون ڪوششون ملن ٿيون. سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽرياڻيون، ماسترياڻيون ايئر هوسٽسون نرسون ڪو مثبت يا هاڪاري ڪردار ادا ڪندي ڪونہ ڏيکاريون ويون آهن. ڪٿي ڪٿي اهي محبوبائن جي روپ ۾ ضرور ملن ٿيون پر انهن جو Image اهڙو چڱو ڪونہ ٿو بيهي.

مجموعي طرح سان ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ کان وٺي موضوع جي حوالي سان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ تسلسل ۽ لاڳيتو ارتقائي سلسلو نظر اچي ٿو. ترقي پسند افساني ۾ پلاٽ ڪردار ۽ بيون فني گهرجون پوريون ڪندي موضوعن کي روايت ۽ جدت جي امتزاج سان ٿي پيش ڪيو ويو. ليکڪ جي قلم تي داخلي ڪيفيتن کان وڌيڪ خارجي محرڪن جي ڳالهہ هئي. عورت جو استحصال جنسي حوالي سان ٿي پڌايو ويو ۽ ان لاءِ ذميداري سماجي حالتن، ريتن رسمن تي ٿي وڌي وئي. سندس اندروني ڪيفيتن تي ڪا روشني وجهڻ بدران سندس رد عمل کي منطقي نتيجي طور پيش ڪيو ٿي ويو. سندس سماج ۾ پئي ڪنهن فعال ڪردار جي ڪا تصوير ڪانہ پيش ڪئي وئي ۽ پيو ڪوبہ مسئلو توجهہ حاصل ڪري نہ سگهيو. هن دور کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ بنيادي ۽ اهم سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ حالتون بدليون، سياسي، سماجي سطح تي تبديلي آئي ٻهراڙين کان شهرن ڏانهن

لڏ پلاڻ جي لازمي نتيجي طور ليڪن اڪيلائيءَ جو درد پوڳيو ۽ ان درد کي فرد سان ڳنڍي پيش ڪيو. جيئن هن دور جي ماڻهو جي زندگي بي ربط ۽ وکريل هئي تيئن ڪهاڻي ۾ به ٿيو. پلاٽ جي تنظيم خارجي سطح تي ڪرڻ بدران داخلي سطح تي هڪڙي غير محسوس اندروني وحدت يا (Unity) ۽ هم آهنگي (Harmony) پيدا ٿي. هن دور جو افسانو باطني زندگيءَ جي عڪاسي هو. ڪردارن جا عمل سوچيل سمجهيل نه پر اوچتا ۽ بنهه ابتا ٿي محسوس ٿيا. گهڻو ڪري ڪردارن کان واحد متڪلم جو ضمير (First person) استعمال ڪرايو ٿي ويو ۽ زمانه حال جو ذڪر ڪيو ويو. ڪن ليکڪن انسان جي پيڙائن جو ايترو ذڪر ڪيو جو انهن کي نقادن "پيڙائي اديب" به سڏيو. انهيءَ تسلسل ۾ ڪن سارتر جي وجوديت جي لاڙي کي آندو ۽ فرد جي اهميت تي زور ڏنو، تيئن ڪهاڻيءَ ۾ تجريدي ۽ علامتي رجحان به آيو جنهن جي پس منظر ۾ ڊپ، خوف، ذهني انتشار جلاوطنيءَ جو احساس، ڪرب جو احساس، اڪيلائيءَ جو خوف، پنهنجي اندر جي گم ٿيل انسان جي تلاش جا جذبا سمايل هئا. هنن کي مجموعي طرح اظهار وارو يا (Expressionist) چئي سگهجي ٿو. هنن مان ڪن شعور جي وهڪري (Stream of Consnciousness) ۾ لکڻ شروع ڪيو. اهو هنن جيمس جوائس جي اثر ۾ ڪيو. ڊي ايچ لارينس انسان جي "شڪست جي احساس" جي نتيجي ۾ اهڙا افسانا لکيا، جن جا ڪردار فرسٽريٽيڊ ۽ چڙيل يا مايوس هئا ۽ هنن هرهڪ ڳالهه کي جنس جي بنياد تي ڏٺو، اهي هر وقت پنهنجي جنسي جذبي جي تسڪين لاءِ سرگردان نظر اچن ٿا. مرد ۽ عورتون سڀ ان جذبي ۾ ٻڌل آهن. ورجينا وولف به ساڳيو اثر قبول ڪيو. فرائڊ جي تحليل نفسيءَ جو به ڪجهه اديبن مطالعو ڪيو. مطلب ته انهن ٻاهرين لاڙن کي سنڌي اديبن قبول ڪيو، ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي شڪل ئي بدلجي وئي، پر نه بدلي ته عورت جي حيثيت نه بدلي. اڄ به جيڪڏهن ڪو ڪهاڻيڪار عورت جي حمايت ۾ لکڻ ٿو ويهي ته سندس نظر انهن ئي پراڻن موضوعن تي پوي ٿي. جن جو مقصد ۽ تت اهو ئي عورت جي جنسي گهرج جي پورائي آهي، ڪارو ڪاريءَ جي رسم جي خلاف لکندي به هو عورت لاءِ آزاد جنسي زندگيءَ جي تمنا ڪري ٿو. ننڍي ٻار يا پوڙهي ماڻهوءَ سان پرڻيل عورت جي جنسي بي راه رويءَ جي حمايت ۾ لکي ٿو، عورتون لکن ٿيون ته اهي به سندس اڻپورن جسماني جذبن جي ڳالهه ٿيون ڪن، جن جي پورائيءَ لاءِ هو شيدين يا شيدياڻين سان سندن تعلق کي (Justify) ڪنديون نظر ٿيون اچن. اهو صحيح آهي ته اهي مسئلا پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر انهن جو گهڻو ورجاءُ ٿي چڪو آهي. انهن تي لکڻ وارن مان گهڻن جو مقصد ماڻهن کي چرڪائڻ هو سو به پورو ٿي ويو، هرڪو ڄاڻي ٿو ته انسان جي دل ۽ دماغ جي ڪيفيتن سان گڏوگڏ جسم جون ڪيفيتون جيتريون مرد لاءِ اهميت رکين ٿيون اوتريون عورت لاءِ به اهم آهن - پر هاڻي انهن جسماني ڪيفيتن جي اظهار ۾ مرڳو ئي عورت جون دل ۽ دماغ جون ڪيفيتون نظر انداز ٿيڻ جو ڊپ آهي. ادب جو موضوع نه جسم ٿي سگهي ٿو نه ئي گل نه وري ڪو چنڊ. جسم حياتيات جو، گل نباتات يا باٽنيءَ جو ۽ چنڊ فلڪيات جو موضوع ته ٿي سگهن ٿا. ادب جو نه - ادب جو موضوع ته اهي ڪيفيتون يا اهي جذبا ۽ احساس آهن جن جي لاءِ جسم، چنڊ ۽ گل محرڪ ثابت ٿين ٿا. ان

ڪري اسان کي انهن ڪيفيتن تي لکڻ گهرجي. عورت جي ذهني ڪيفيت اجا بہ هڪ معمو آهي. اسان جي اديبن لاءِ عورت وٽ هڪ ذهن آهي جيڪو سوچي ٿو لوچي ٿو. ان جون ڪي صلاحيتون آهن جيڪي استعمال گهرن ٿيون. عورت جي ان سوچيندڙ ذهن ۽ صلاحيتن جي مڃتا جي ضرورت آهي. سماج ۾ سندس فعال ڪردار جي ادائگيءَ لاءِ کيس هڪ مڪمل انسان، هڪ فرد، هڪ شخص سمجهي ادب ۾ بہ اهڙو ڪردار ڏيڻ جي ضرورت آهي.

## مددي ڪتاب


1. Introduction to Literature – Gordon, J. Edward. Yale University Ginu and company.
2. Socialist Realism in Literature and Art. Progressive Publishers Moscow. (Compiled by M. Gorkey)
3. A History of English Literature. Legoius Enile and cazamain Luies. J.M. Dent and sons London 1967.
4. Images of women in Literature – Mary Anne Fergusan, Houghton Mufflin Co.

٥ـ داستان سي افساني تک ـ سيد وقار عظيم ـ ڪراچي، ١٩٦٠.
٦ـ نيا افسانہ ـ سيد وقار عظيم ـ الہ آباد، ١٩٧٣.
٧ـ اردو مختصر افسانہ فني و تيڪنڪي مطالعہ ـ ڊاڪٽر نگهت ريحانہ خان ـ بک وائز لاهور ١٩٨٨.
٨ـ اردو افسانہ ـ روايت اور مسائل ـ ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ، دهلي ١٩٨١.
٩ـ ترقي پسند افساني مين عورت ڪا تصور ـ خورشيد عابدي دهلي يونيورسٽي دهلي ١٩٨٧.
١٠ـ ويچار ـ ممتاز مهر ـ آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد.
١١ـ آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر ـ شمس الدين عرساڻي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
١٢ـ منهنجو تخليقي سفر ـ خيرالنساءِ جعفري، سنڌيڪا اڪيڊمي ١٩٩٢.
١٣ـ مختلف سنڌي افسانہ نگارن جي افسانن جا مجموعا.

غلام محمد لاکو

# ڪرنل ٽروٽ: ٿرپارڪر جو پهريون پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ [سوانح جا ڪي مڪيه ۽ گمشده گوشا]

١٨٤٣ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ان جي تصوير هڪ اهڙي رياست جي هئي: جيڪا ملڪي سطح تي ٽن حصن ۾ ورهايل هئي. ان جي قومي وحدت ٽالپور شهزادن جي غيرذميدارانه طبيعت سبب ورڇيل هئي، سڄو ملڪ سرسبز زمينن جي پوکي راهيءَ بجاءِ ٻيلن ۽ شڪارگاهن جي روپ ۾ موجود هو، ۽ ڪابل جا برسر اقتدار حاڪم يا ٽڙيل امير پنهنجي خواهش موجب جيڏيءَ مهل ۽ جتي به چاهيندا هئا ته هتان جي صاحب اقتدار طبقن کان، پنهنجي عياشيءَ لاءِ بي دريغ پيسو ڏوڪڙ وٺي ويندا هئا.

نيپئر سنڌ تي قبضو ڪندي ئي ان کي انتظامي طرح ٽن ضلعن ۾ تقسيم ڪيو ۽ اتي ڪليڪٽر مقرر ڪيا. ان ريت ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور نوان انتظامي يونٽ ٿيا. جتي ترتيب وار ميجر هينري پريڊي، ڪيپٽن راٿبورن ۽ ڪيپٽن گولڊني- روينيو عملدار توڙي ضلعي ميجسٽريٽ بڻايا ويا(١). مير علي مراد جي وفادارين جو قدر ڪندي، انگريزن ڪيس رياست خيرپور جو والي قبول ڪيو. جيتوڻيڪ ڪجهه وقت پوءِ مير صاحب تي هي الزام لڳو ته، هن انگريزن جي سنڌ جا ڪي علائقا ڦٻايا آهن. ان هوندي به هي رياست ١٩٥٦ع تائين برقرار رهي.

نيپئر سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿيو. هو هتي ١٨٤٧ع تائين رهيو. سندس دور ۾ ئي جديد سنڌ جي تشڪيل شروع ٿي، پر صحيح معنيٰ ۾ اهو سر بارٽل فريئر ئي آهي، جنهن کي نئين سنڌ جو باني مباني سڏڻ ۾ عيب نه ٿيندو(٢). فريئر سنڌ جو ٻيون نمبر ڪمشنر هو. ١٨٥١ع ۾ هت آيو ۽ ١٨٥٩ع ۾ سنڌ کان موڪلايائين. سندس دور ۾ انتظامي سڌارا ٿيا. رودن رستن جي تعمير تي توجه ڏنو ويو. انهن تي پلين اڏڻ جو حڪم ڏنو ويو. سنڌ ڊاڪ جو بنياد پيو. ريلوي جي ابتدا ٿي. ڪراچي بندرگاه جي اڏجڻ تي ڌيان ڏنو ويو. سنڌي الفابيٽ کي مڪمل ڪيو ويو. تعليم تي توجه ڏيندي سنڌي زبان کي سرڪاري ٻولي مڃيو ويو. آبپاشيءَ جي رٿن کي هٿ ۾ ڪنيو ويو. ان قسم جا ڪي ٻيا سٺا ڪم به هن جي نالي ڏانهن منسوب آهن. فريئر صاحب ان بعد بمبئي علائقي جو گورنر به مقرر ٿيو. سندس مفصل احوال ميسر آهن(٣).

سنڌ جي جديد تاريخ ۽ نئين تعمير ۾ هڪ وڏيڪ نمايان نالو جان جيڪب جو به ڏسجي ٿو . هو ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ موجود هو. جنوري ١٨٤٧ع ۾ "اپر سنڌ فرنٽيئر" نالي سان چوٿون ضلعو قائم ٿيو ته، جيڪب کي تمام گهڻا اختيار ڏئي هتان جو پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو. ١٨٥١ع ۾ ننڍڙو

ڳوٺ "خانڳڙھ" تبديل ٿي "جيڪب آباد" سڏجڻ ۾ آيو. ١٨٥٦ع ۾ هو ٿوري وقت لاءِ سنڌ جو قائم مقام ڪمشنر بہ ٿي رهيو. هن اتر سنڌ ۾ ٻروچن کي مطيع ڪرڻ، قلات جي خان سان سرحدي معاملا نبيرڻ، علائقي جي پوکي راهيءَ لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست ڪرڻ، ۽ امن امان جي قيام ۾ خاص ڪاميابي حاصل ڪئي. هو ١٨٥٨ع ۾ فوت ٿيو ۽ کيس جيڪب آباد شهر ۾ دفن ڪيو ويو(٣). جان جيڪب جي باري ۾ تحريري مواد عام دستياب آهي(٥). سندس شهرت رڳو سنڌ تائين محدود نہ رهي. فريزر پنهنجو ڪتاب "افغانستان" بابت لکيو. تڏهن تحرير ڪيو هئائين تہ: جتي لاقانونيت هجي اتي کي طاقتور ماڻهو ڪامياب ٿين ٿا. سنڌ ۾ جيڪب، پنجاب ۾ جان لارينس، ۽ پشاور ۾ وري هربرٽ ايڊوردس ڪاميابي ماڻي هئي(٦).

سنڌ ۾ جيڪب جهڙو هڪ ٻيو ڪردار بہ ان دور ۾ موجود ڏسجي ٿو. ليڪن بدقسمتيءَ سان کيس نہ تہ وليم نيپئر يا ميجر آئوٽرام، ۽ نہ وري جان مارٽينو يا ليمبرڪ جهڙو ليکڪ پلئہ پيو. ٻي صورت ۾ سنڌ جي ابتدائي انگريزي دور تي ڪم ڪندي، کيس ڪڏهن بہ نظرانداز نہ ڪيو وڃي ها(٧). هو عام طرح ڪرنل تروٽ جي نالي سان مشهور آهي. هن صاحب سنڌ جي اوڀرين سرحد تي لڳ ڀڳ اهڙو ڪردار ادا ڪيو، جهڙو عمل اتر سنڌ ۾ جان جيڪب جو ڏسجي ٿو. هن اتهاسڪ انسان کي مجموعي طرح سنڌ جي تاريخ ۾ ڪا خاص اهميت نہ ملي آهي، جنهن جو هو صحيح معنيٰ ۾ حقدار ڏسجي ٿو. البتہ ٿر جا تذڪرا ۽ تاريخون کيس زنده ۽ ياد رکيو اچن. نہ رڳو ايترو پر عام ڳوٺاڻين ڪچهرين، لوڪ گيتن توڙي ڳيچن ۾ اڄ بہ "تروٽ" زنده آهي ۽ کيس ڳائي وڄائي ياد ڪيو وڃي ٿو.

هربرٽ ايڊوردس، جان لارينس ۽ جان جيڪب جي قطار ۾ سونهندڙ "ڪرنل تروٽ" جي باري ۾ اڄ سوڌو ڪن بنيادي معاملن تي بہ علمي انداز سان تحقيق نہ ٿي آهي. اهو سچ آهي تہ جي هو ٿرپارڪر جو اعليٰ عملدار نہ رهي ها تہ، پوءِ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ٻين انگريز عملدارن وانگر پاڻ بہ گمناميءَ جي اوڙاهہ ۾ غرق ٿي وڃي ها. ٿر ۽ پارڪر جي مقامي تذڪره نويسن، تروٽ جي هتي جي ڪردار بابت گهڻو مواد مهيا ڪيو آهي. محمد اسماعيل عرساڻي "سير ريگستان" ۾، رائچند "تاريخ ريگستان" ۾ ۽ منگهارام اوجها "پراڻو پارڪر" ۾ ـ هن عنوان تي تفصيلي اپياس لاءِ گهڻو ئي مواد ڇڏيو آهي. اسين ورجاءَ کان بچندي، ڪرنل تروٽ جي باري ۾ مستقبل جي مؤرخن لاءِ، ڪن بنيادي، مکيہ ۽ گمشده ڪڙين تي روشني وجهنداسين.

(١) هن اعليٰ انگريز عملدار جو اصل نالو، ان جي انگريزي صورتخطي، مقامي اچار ۽ صورت توڙي ماٿيل عُهدن جي باري ۾ اسان کي متضاد معلومات ملي ٿي. هيوز سڀ کان اول سن ١٨٧٤ع ۾ سنڌ بابت هڪ گزيٽيئر لنڊن مان شايع ڪيو. ٻن سالن کان پوءِ سن ١٨٧٦ع ۾ ساڳئي گزيٽيئر جو نئون ايڊيشن بہ منظر عام تي آيو. ليڪن ڪرنل تروٽ جو پاڻ نالو بہ نہ ڪيائين ۽ نہ وري ٿرپارڪر جي انتظام تي ڪو مناسب مواد تحرير ڪيائين. البتہ ٻہ حوالا تڏهن جا بہ مليا آهن، جنهن وقت هي صاحب ٿرپارڪر جو انتظامي عملدار هو. سندس نالي جون مختلف صورتون ملن ٿيون. انگريز ليکڪن جي صورتخطي هن ريت آهي:

● جارج بياس: (8) Captain G.B. Tyrwhitt
● جَي فوربس واٽسن ۽ سروليمر ڪي: (9) Captain Tyrwhitt
● جَي پالن: (10) Lieutenant Tyrwhitt
● اينڪن: (11) Lieutenant Tyrwhitt
● ڪزنس: (12) Colonel Tyrwhitt
● ليمبرڪ: .(13) Tyrwhitt G.B

سنڌ جي لکندڙن هن ريت تحرير ڇڏي آهي:

● سنڌ اينيوئل: (14) Lieutenant Colonel Trywhit
● پير علي محمد راشدي: (15) Captain Trywhitt
● ڊاڪٽر بلوچ: (16) Captain Trywhitt

هي نالو سنڌي زبان ۾ هن ريت لکيو ويو آهي:

● قليچ بيگ: ڪرنل تروٽ (١٧)
● لطف الله بدوي: ليفٽيننٽ جارج برٽ ترويٽ (١٨)
● ناشاد: ليفٽيننٽ ڪرنل تروٽ (١٩)

خداداد خان پنهنجي ڪتاب "لب تاريخ سنڌ" ۾ "ڪپتان تيروٽ" لکيو آهي(٢٠) ڏسجي ائين ٿو ته انگريز ليکڪن جي ڏنل صورتخطي درست آهي. البت صاحب موصوف جو مڪمل نالو اهوئي آهي، جيڪو بدوي صاحب مرحوم ڏنو آهي. سنڌي لکندڙن انگريزي صورتخطي ڏيندي ڏوڪو کاڌو آهي. مقامي طور تي سندس نالو "تروٽ صاحب" مشهور ٿيو. عهدي جي لحاظ کان هو ڪهڙي عهدي کان شروع ٿي ڪٿي پهتو، اهو سمورو معاملو اجا تحقيق طلب آهي.

(٢) تروٽ صاحب جي سنڌ ۾ ابتدائي ايامڪاري معلوم ڪانهي. گمان غالب آهي ته پاڻ سنڌ ۾ ان وقت پهتو، جڏهن انگريزن جا هن ملڪ لاءِ ارادا روز بروز خطرناڪ ٿيندا پئي ويا. افغانستان جي ناڪام فوجي مهم بعد، جڏهن سنڌ تي قبضي جو پڪو ارادو ڪيو ويو، تڏهن ذهين، فرض شناس، محنتي ۽ عيار قسم جي ماڻهن کي، جن جو تعلق انگريزي فوج سان هو، سنڌ ڏي منتقل ڪيو ويو. جيڪب، آئوٽرام، نيپئر، برٽن ۽ تروٽ - اهي سڀ جا سڀ فوجي عملدار هئا، ۽ سنڌ جي قبضي لاءِ سڌو سنئون ذميدار هئا. ١٨٤٣ع ۾ سنڌ جي فتح بعد نئين انتظامي جوڙجڪ ۾، ڪن کي روينيو ۽ جديشريءَ ۾ کپايو ويو. ڪي صاحب وري پوليس ۽ فوج جي عهدن تي برقرار رکيا ويا. ڪجهه انگريز عملدارن کي وري خفيه سروس ۽ فوجي انٽيليجنس جي ذميوارين تي فائز ڪيو ويو. امڪاني طرح معلوم ٿئي ٿو ته ڪرنل تروٽ سنڌ جي فتح کان اڳ هن ملڪ ۾ پهتو. فتوحات ۾ برابر جو شريڪ رهيو. فتح کان پوءِ کيس حيدرآباد جي ڪليڪٽريءَ ۾ مناسب عهدو ڏنو ويو. شهر حيدرآباد سان سندس گهري وابستگي ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي. ليڪن ذميدارين جي نوعيت ۽ دور بابت معلومات اجا گهربل آهي(٢١).

(٣) ڪرنل تروٽ هڪ برجستو آفيسر ۽ ياررويس انسان هو. حيدرآباد ۾ رهندي جن به خاندانن سان تعلقات پيدا ڪيائين، انهن ۾ مرزائن جو گهراڻو وڏي اهميت رکي ٿو. مرزا قليچ بيگ جي ناني خسرو بيگ (وفات: ١٨٦٠ع)، ۽ والد فريدون بيگ (وفات: ١٨٧١ع)، سان بين عملدارن وانگر تروٽ جو به وڏو واسطو هو. مرزا قليچ بيگ هن بابت لکي ٿو.

"گولڊ سمڊ صاحب، جو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ جاگيرات جو صاحب هو ۽ تعليم کاتو به سنڀاليندو هو، تنهن سان خاص دوستي هنس، ۽ انهيءَ سان لکپڙهه ڪندو هو. ناني مرحوم جي حياتيءَ ۾ اهو صاحب، توڙي ڪمشنر صاحب، تروٽ صاحب ۽ راس برون يا فلپس صاحب ڪليڪٽر ۽ ٻيا صاحبلوڪ ناني وٽ ايندا هئا. انهن سان به بابو گهڻي صحبت ڪندو هو. انهن جي صلاح سان ته بابي، منهنجا به وڏا ڀائر ڀهرين انگريزي پڙهڻ ويهاريا."(٢٢).

هن حوالي جي تاريخي طرح بيحد وقعت آهي. سنڌ جو هي ممتاز علمي گهراڻو انگريزي تعليم ته وٺي سگهيو، پر هن خاندان جي رهائش، کاڌ خوراڪ، ۽ ڪپڙي لٽي تي به انگريز عملدارن جي صحبت جو گهرو اثر پيو. مرزا صاحب جا ٻه وڏا ڀائر: مرزا غلام رضا بيگ ۽ مرزا صادق علي بيگ ـ ابتدائي دور ۾ جديد تعليم حاصل ڪري، وڏين ذميدارين تي پهتا. ياد رهي ته مرزا صادق علي بيگ ١٨٧٢ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ هو پهريون سنڌي مسلمان گريجوئيٽ هو.

(٤) حيدرآباد سان ڪرنل تروٽ جي وابستگيءَ جو هڪ وڏيڪ ثبوت "تروٽ باغ" جي حوالي سان ملي ٿو. اهو باغ اڳتي هلي سنڌ جي مشهور شخصيت، حسن علي آفنديءَ خريد ڪيو ۽ پوءِ افندي باغ سڏجڻ ۾ آيو. آفندي مرحوم کي رحلت بعد انهيءَ باغ ۾ ئي دفن ڪيو ويو هو(٢٣). تروٽ ۽ آفنديءَ جي تعلق جو وڌيڪ ذڪر اڳتي هلي هن مقالي ۾ ڪيو ويندو.

(٥) انگريز سرڪار ١٨٤٣ع ۾ مٿي، ڊيپلو ۽ ننگرپارڪر جا تعلقا ڪڇ ڀڄ جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ ڪيپٽن اسٽينلي نيپئر ريڪس جي حوالي ڪيا. انتظامي طرح هن علائقي کي "ٿر اينڊ پارڪر ڊسٽرڪٽس آف سنڌ" سڏيو ويو. ٿر جا باقي علائقا عمر ڪوٽ، گڊڙي ۽ ناري سميت ميرپور (عمرڪوٽ) سب ڊويزن (ڊويزن) ۾ شامل ڪري، حيدرآباد جي ڪليڪٽر جي تحويل ۾ ڏنا ويا. ريڪس کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هن صاحب ٿرپارڪر بابت پهريون ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب (Memoirs on Thurr and Parker Districts of Sindh) هن ١٨٥٦ع ۾ لکيو ۽ پوءِ بمبئي مان ١٨٥٩ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. ڪتابي اڀياس مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٿر جون حالتون لڳاتار ٺيڪ نه هيون، ان ڪري سال ١٨٥٦ع جي آخر ۾ ڪڇ کان ٿئي تعلقا واپس وٺي ميرپور ڊويزن ۾ شامل ڪيا ويا(٢٤). ان ريت حيدرآباد ضلعي جي وسعت اڃا به وڌي وئي. جيتوڻيڪ تروٽ ٿر سان اڳ ئي وابسته ٿي چڪو هو(٢٥) تاهم فريئر صاحب جي ذاتي دلچسپيءَ سان ڪيس سڄي ٿر اينڊ پارڪر ڊويزن (ضلعو ١٨٦٠ع ۾ ٿيو) جو ميرپور سب ڊويزن سميت، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ميجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. ليمبرڪ جي راءِ ۾ جديد سنڌ جي تعمير ۾ فريئر جن به محنتي، مستعد ۽ برجستن عملدارن کي شامل ڪيو،

انهن ۾ تروٽ جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو(٢٦). هن پوزيشن ۾ رهندي تروٽ ٽي سال خدمتون سرانجام ڏنيون.

(٦) سن ١٨٥٧ع ۾ هندستان جي مشهور بغاوت پکڙي. اهڙي پرآشوب دور ۾ فريئر کي ڪلڪتي کان سنڌ ڏي ايندڙ ٽپال جو فڪر هو. انڪري هلندڙ انتظام کي تبديل ڪري ڪمشنر صاحب، هي سڄو معاملو تروٽ جي سپرد ڪيو، جنهن ان کي بهتر طريقي سان پورو ڪيو. ان بابت پروفيسر بدوي صاحب لکي ٿو:

"ملڪ ۾ بي آرامي ۽ بي چينيءَ جي ڪري، سرڪاري ٽپال، جا ڪلڪتي کان پنجاب رستي سنڌ ۾ ايندي هئي، ان ۾ بي بندوبستي پيدا ٿي وئي هئي. فريئر هن گهٽتائيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ، عمرڪوٽ، جوڌپور نصيرآباد، آگري ۽ ڪلڪتي تائين ٽپال پهچائڻ جو انتظام ڪيو. هُن، هن ڪم لاءِ ليفٽيننٽ جارج برٽ ترويٽ صاحب جو انتخاب ڪيو، جو ان وقت ميرپور ۽ عمرڪوٽ جي حصي جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. ترويٽ نهايت تندهيءَ سان هن ڪم کي رڻ پٽ کان بالمير تائين پهچايو. ضروري ڊاڪ هاٿي حيدرآباد کان بالميرَ آسانيءَ سان اچڻ وڃڻ لڳي. هن رستي جي هموار ٿيڻ سبب، نتيجو اهو نڪتو جو ڪلڪتي کان بمبئيءَ جي ڊاڪ به سنڌ جي رستي وڃڻ لڳي. ڪراچي اولهه هندستان جو هڪ اهم مرڪز بڻجي پئي"(٢٧).

(٧) سرڪاري ڪاغذن مان تصديق ٿئي ٿي ته ننگرپارڪر جي ١٨٥٩ع واري بغاوت وقت، تروٽ ٿر اينڊ پارڪر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ميجسٽريٽ هو ۽ ان حيثيت ۾ هو عمرڪوٽ کان ننگرپارڪر ويو هو(٢٨).

(٨) اپريل ١٨٥٩ع جي پندرهين تاريخ تي ننگر ۾ بغاوت پکڙي، ٿر جي تذڪرن ۾ ان جو گهڻو ذڪر ٿيو آهي. اسين هت مختصر طرح تروٽ جي ڪردار بابت گفتگو ڪنداسين. ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ ٿري وطن دوستن، راڻي جي قيادت ۾، مختيارڪاريءَ تي حملو ڪيو، خزاني آفيسر کي ڦريو ۽ ٿاڻي کي باهه ڏني. هي خبر ١٩ تاريخ تي حيدرآباد پهتي، ته اتان جي ڪمانڊنگ آفيسر ڪرنل ايوانس ٽرڊ بلوچ ريجمنٽ جو ڪجهه حصو ترت اوڏانهن موڪلي ڏنو. بعد ۾ ڪيس ڪمر پهتو ته هو پنهنجي سر ننگر پارڪر پهچي ۽ ڊيسا، عمرڪوٽ ۽ ڪڇ توڙي احمدآباد کان ايندڙ فوجن جي قيادت ۽ رهبري ڪري. اسلام ڪوٽ وٽ هن کي، ٿر ۽ پارڪر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ميجسٽريٽ به مليو. هو صاحب مختلف سردارن ۽ عمرڪوٽ جي سوڍن توڙي پنهنجي پوليس جي دستن سان گڏ آيو هو(٢٩). اينڪن لکيو آهي ته، تروٽ ڇهه سؤ پوليس اهلڪارن جو دستو وٺي آيو هو(٣٠). مئي جي ٽين تاريخ تي شهر جو انتظام بحال ڪيو ويو. راڻو ۽ ٻيا ليڊر ڀڄي ويا. ليڪن سال کن کان پوءِ اهي موٽيا، تڏهن کين سزائون ڏنيون ويون. راڻي کي چوڏهن سالن جي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ۽ سندس وزير کي ڏهن سالن جي سزا ڏني وئي، ڪيترن ماڻهن زمينون وڃايون. وري هت ڪڏهن به بغاوت نه ٿي.

ٻالن ۽ اينڪن کان سواءِ هڪ وڏيڪ سرڪاري مؤرخ خداداد خان به هن واقعي جو ذڪر ڪيو آهي. خان پاڻ به معرڪي وقت موجود ۽ تروٽ سان گڏ هو. لکي ٿو ته: هي واقعو سن ١٢٨٩ھ برابر

۱۸٦۲ع ۾ ٿيو. ان وقت سنڌ جو ڪمشنر انوار ريٽي صاحب هو. ڪمشنر صاحب بهادر پاڻ پنهنجي عملي، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ۽ سپرنٽينڊنٽ پوليس، بلوچ ريجمنٽ ۽ ٻين ڪيترن ئي عملدارن، ناڪرن ۽ زميندارن سان گڏجي سرزمين تي پهتو. ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪرائي سزائون ڏنائين. جن ماڻهن هن مهم ۾ انگريز سرڪار جي مدد ڪئي، انهن کي جاگيرون، باراني زمينون، ترارون ۽ لونگيون وغيره انعام ۾ ڏئي خوش ڪيائين. پوءِ ڪراچيءَ واپس آيو. راقم الحروف هن مهم ۾ ڪيپٽن تيروٽ صاحب سان گڏ هو ۽ آفرين نامو حاصل ڪيو(۳۱).

(۹) ننگرپارڪر جي هن لڙائيءَ ۾ مکيه ڪردار ڪرنل ايوانس جو ڏسجي ٿو. تڏهن به ڪرنل تروٽ سچي مهم ۾ نمايان ڏسجي ٿو. مٿي ذڪر ٿيو ته عمرڪوٽ جا سوڍا، راڻا ۽ ڪي ٻيا رضاڪار به، تروٽ سان گڏ ننگرپارڪر جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ پهتا هئا. تروٽ عمرڪوٽ ۽ ميرپور ۾ رهندي قديم سياسي خاندانن سان تعلقات پيدا ڪيا ۽ انهن کي انگريز سرڪار جو دوست بنايو. هن ڏس ۾ ميرپور جو ٽالپور خاندان نمايان ڏسجي ٿو. ميرپور جي سابق حاڪم مير شير محمد خان جو پٽ مير فتح خان به تروٽ سان گڏ ڪولهين کي ناس ڪرائڻ لاءِ ننگرپارڪر ويو هو. ٿر جي تذڪرن ۾ ان جو گهٽ ذڪر ٿيو آهي. ٻن انگريز ليکڪن ان جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي: هو خاص صلاحيتن (مير فتح خان) جو مالڪ ڪونهي، پر ڪنهن به ڪم ۾ سرجوشيءَ سان حصو وٺي ٿو. ۱۸۵۹ع جي ننگرپارڪر واري بغاوت ۾، ڪرنل تروٽ سان گڏ ڪيئي مهينا شامل رهيو ۽ هڪ سچي بلوچ سپاهيءَ وانگر حصو ورتائين. هي خاندان برطانوي هند سرڪار جي پينشن تي مدار رکي ٿو ۽ کين سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت به آهي(۳۲).

(۱۰) هڪ سؤ ويهه سال پوءِ جڏهن مير شيرمحمد جي خاندان جي هڪ فرد مير حاجي محمد بخش ٽالپور، ميرپورخاص جي تاريخ تي ڪم ڪيو، تڏهن ان پڻ هن معرڪي لاءِ اهائي سرڪاري ٻولي ڪم آندي آهي جا انگريزن ڪتب آندي هئي. حاجي صاحب ڪيس (تروٽ کي) شينهن سان ڀيٽيو آهي. لکي ٿو ته ميرن ۽ انگريزن جي لڙاين ۾ راجپوتن ۽ ناڪرن اسان جي مدد نه ڪئي هئي. جڏهن سنڌن لوازمات کسيا ويا تڏهن انهن بغاوت ڪئي. مير فتح خان انگريزن جي مدد ڪئي. بعد ۾ سرڪار کيس تعلقي ساماري ۾ هزارين ايڪڙ جاگير ڏني. مير صاحب هڪ ٻيو مذڪور به ڪيو آهي. اسان جي خيال ۾ اهو هڪ مبالغو آهي، تاهم تروٽ جي سلسلي ۾ هڪ وڏيڪ حوالو ضرور ملي ٿو. انڪري هت اهو نقل ڪجي ٿو. مير شير محمد خط لکي تروٽ کان گهر ڪئي ته، ڍڪ ۾ ٻيل مينهن موٽائي جا هن ٻئي ڏينهن ڇڏي. ان تي ناراض ٿي هن وائسراءِ هند کي تارون ڪيون ۽ چيو ته هڪ ٻيلي ۾ به شينهن (مير شير محمد ۽ تروٽ) نه ٿا رهي سگهن. ميرپور ۾ يا آءٌ رهندس يا تروٽ. اهڙيءَ ريت حڪومت ڊويزن جو هيڊ ڪوارٽر ميرپور کان تبديل ڪري عمر ڪوٽ ۾ مقرر ڪيو(۳۳).

(۱۱) ٿر ۽ پارڪر ۾ امن ۽ انتظام جي بحاليءَ کان پوءِ سرڪار هن پرانهين علائقي بابت سنجيدگيءَ سان سوچيو. حڪومت کي احساس ٿيو ته اهڙو علائقو جيڪو ڪراچيءَ کان تمام پري آهي، جتي هر وقت شورش جو امڪان به هجي ۽ ٻين پرڳڻن جا ڏوهاري پڻ جتي اچي پناه وٺندا هجن؛

اهڙي خطي کي ائين نظرانداز نہ ڪري گهرجي. هڪ سال جي سوچ ويچار بعد ميرپور ڪان نگرپارڪر تائين ۽ ٿر جي پٽوري توڙي سانگهڙ جا علائقا ملائي هڪ جداگانہ ضلعو بڻايو ويو. اهو فيصلو پهرين آگسٽ ١٨٦٠ع تي عمل ۾ آيو. ان طرح ڪيپٽن ٽروٽ جي قيادت ۾ هڪ سياسي سپرنٽينڊنسي (Political Superintendency) وجود ۾ اچي وئي(٣٤). سنڌ اندر قائم ٿيندڙ هن پنجين نمبر ضلعي کي "ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر" جو نالو ڏنو ويو. متس مقرر ٿيندڙ اعليٰ عملدار کي ڪليڪٽر بجاءِ پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ سڏيو ويو ۽ هي عهدو ڪرنل ٽروٽ جي ڀاڱي ۾ آيو، جو برابر تيرهن سال (١٨٦٠-١٨٧٣ع) هت عملداري ڪندو رهيو. نئين ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر عمرڪوٽ ۾ رکيو ويو(٣٥).

(١٢) سوال آهي تہ جڏهن سنڌ ۾ ٻيا بہ سوين انگريز عملدار موجود هئا، ۽ هرهڪ پنهنجي انتظام ۽ اهليت ۾ ناماچار پيدا ڪري چڪو هو، تڏهن اهڙي پرانهين ۽ ڏکئي علائقي لاءِ ٽروٽ جو انتخاب ڇو ڪيو ويو؟ ايٽڪن هن سوال جو نهايت دلچسپ جواب ڏنو آهي:

"سنڌس يادگيرين ۽ عجب ۾ وجهندڙ ڪيترين ئي ڳالهين سان، روايتون سانديل آهن. پر ڪيس ان وقت لائق، برجستو ۽ سرحدي قبيلن جي عادتن، چال چلت ۽ جذبات جو حددرجي تائين، ادراڪ رکندڙ آفيسر تسليم ڪيو ٿي ويو"(٣٦).

ايٽڪن جي هت ڏنل اقتباس کي اساس بنائي، ٽروٽ جي شخصيت، انتظامي مهارت ۽ هڪ طاقتور انسان جي روپ ۾، هن انگريز عملدار جي ڇنڊڇاڻ ڪري تاريخ جي متعدد سوالن جا جواب ڏئي سگهجن ٿا.

(١٣) آوتراءِ منچنديا پنهنجي هڪ مضمون ۾ سنڌ جي پهرئين خود ساختہ صدر منصف (چيف جسٽس) جو ذڪر ڪندي، ڪرنل ٽروٽ جي همٿ ۽ فرض ادائگيءَ جي هڪ بهترين حقيقت اسان آڏو آندي آهي. "١٨٧٠ع ڌاري حيدرآباد ۾ هڪ مڙس ماڻهو ساماڻو. سڄي سنڌ ۾ نالو ڪديائين. آخر ٿر وڃڻ جو ارادو ڪري ويهہ - پنجويهہ ماڻهن جي ڪيمپ تيار ڪيائين. جيڪي سڀ جا سڀ سنڌس ليکي ۾ ڪاڻڪو ۽ همٿ ڀريا هئا. سامان سڙو تنبو تولان، پنا ڪاغذ، پينسلون مُهرون ۽ اسٽامپ وغيره هٿ ڪري؛ پاتاريدارن مان ڪنهن کي سرشتيدار، ڪنهن کي منشي، ڪنهن کي ناظر ڪنهن کي بنلف ۽ ڪنهن کي نائڪ بنائي اٺن تي سوار ٿي وڃي ٿر مان نڪتو. اعلانِ ٿيو تہ سرڪار پاران ٿرت انصاف ڏيڻ لاءِ ٿر ۾ صدر منصف پهتو آهي. اُن زماني ۾ ريل، فون ۽ تار جو انتظام نہ هو. بندوبست اهڙو ڪيائين جو هر تعلقي ۾ مختيارڪار کي پنهنجي پروگرام کان وقت سر آگاه ڪندو ويو. هر ڪامورو سنڌس بهتر خاطر تواضع ڪندو رهيو. طريقو اهڙو جو فريادي توڙي جوابدار هر حال ۾ بنهي کان ڏوڪڙ اسٽامپ فِي جي صورت ۾ وٺندو هو. سزا ڪنهن کي ڪانہ ڏنائين. هر جاءِ تي ٻہ ڏينهن ڪيمپ ۽ اوڳاڙي بہ انهن ٻن ڏينهن ۾ ڪندو هو. نيٺ اها ڳالهہ هن ريت پڌري ٿي، جڏهن ڏيپلي جي ٺڪرن جو فيصلو ڪندي هڪ ڌر کان سرس رقم وٺي، ٻيءَ ڌر کان جاءِ جو قبضو اتي جو اتي وٺي ڏنائين. اڳلي ڌر دانهون تہ گهڻيون ڪيون، پر پاڻ هڪ بہ نہ ٻڌائين. نيٺ ٺڪرن وڃي ٽروٽ

کي دانهن ڏني تہ اسان سان، صدر منصف ناانصافي ڪئي آهي ۽ واهر ڪري اوهين ڪو ترت انصاف ڪيو. تروٽ ابتدا ۾ ڳالھ سمجهي نہ ٿي ڪونہ. جڏهن قصي کي پرکي ويو تہ بنا ڪنهن دير جي هٽ نوڪري جج صاحب جو پيڇو ڪيائين. هوڏي هن يار کي بہ تروٽ جي تحرڪ جي ڪڙڪ پئي سو گهوڙا ڊوڙائي راتورات اچي حيدرآباد پهتو. وڏيءَ ڪوشش ۽ ڳولا کان پوءِ نيٺ تروٽ، ڪيس هڪ ڀُهري مان گرفتار ڪيو. ڪيس عمر قيد جي سزا ڏئي منهوڙي پهچايو ويو. انهن ڏينهن ۾ جنم ٽيپ وارن کي اتي رکندا هئا"(٣٧). تروٽ بلاشبه انگريز هو ۽ انگريزي سلطنت جي پرماريت جو ڪل پرزو هو. ليڪن اسان جي پنهنجي دور جي آفيسر شاهيءَ کهڙا ڪلور ڪيا آهن، ان لاءِ مرحوم نسيم کرل جي هڪ ڪهاڻي "چوٽيهون در" ثبوت طور موجود آهي.

(١٤) ڪرنل تروٽ يار ويس عملدار هو. پنهنجي عملداريءَ جي ساک قائم رکڻ لاءِ، پيرن، مشائخن سان بہ تعلقات رکي، پنهنجي عقيدت ڏيکاريندو هو. هڪ اهڙو مثال مليو آهي جنهن موجب، بکيرن واري پير امام بخش شاه (وفات: ١٢٨٣ھ برابر ١٨٨٦ع) سان سندس دعا سلام جو پتو پوي ٿو. لاڙ جي علائقي ۾ خاص طرح ٿرپارڪر ضلعي ۾ غوث ملتاني جي خاندان جا بي شمار مريد آهن، انڪري انگريزن جي اوائلي حڪومت ۾ ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڪمشنر تروٽ صاحب، پير صاحب وٽ پنهنجو بي حد اعتقاد ڏيکاريندو هو. هو بکيرن ۾ اچي رهندو هو ۽ خدمتون بجا آڻيندو هو(٣٨).

(١٥) مٽي تروٽ جي باغ جي مختصر ڳالھ ٿي آهي. ممتاز مرزا صاحب پنهنجي ڪتاب ۾، هن باغ جي تاريخ ۽ جاگرافي ٻڌائي آهي. سندس لکت ذريعي حيدرآباد ۾ تروٽ جي تعلق تي بہ ڳالھ ٻولھ ڪري سگهجي ٿي. البتہ ممتاز مرزا لکي ٿو تہ هي باغ، حسن علي آفنديءَ جو ڪيئڻ ٿيو. ان جي ڪيس بنھ خبر ڪانهي. پاڻ لکي ٿو تہ "ٽنڊي آغا جي ٻنھ اولھ ۾ تروٽ جو باغ هو، جنهن کي اڄ آفندي ٿانون چيو وڃي ٿو. هي باغ پاڻ قيدين کان سخت ترين محنت ڪرائي قائم ڪرايائين ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ مشهور ٿيو تہ: "تروٽ تنهنجي بند ۾، باندي ٻک مرن" (٣٩). مرزا قليچ بيگ مرحوم هن ڏس ۾ وڌيڪ، هن ريت اسان جي رهنمائي ڪري ٿو: "هي باغ حسن علي آفندي مرحوم خريد ڪيو هو. ڪرنل تروٽ تي هڪ وڏو ڪيس داخل ٿيو، جنهن ۾ هو جوابدار بڻجي پيو. سندس پاران حسن علي وڪيل بڻيو. ڪيس هلندي ڪرنل ولايت هليو ويو. وڪيل ٽن هزارن کان بہ وڌيڪ في ورتي. ڪيس تروٽ جي فائدي ۾ نبريو. ان وچ ۾ هو فوت ٿي ويو هو. اها في لکپڙھ ذريعي بعد ۾ سندس بيوه ادا ڪئي. هن تي هتان جي دڪاندارن جي بہ پنجن هزارن جي دعوا هئي، جنهن جي نيڪاليءَ ۾ ميان مرحوم ولايت ۾ ڪرنل ۽ سنڌس اتي جي ساليسٽر کي گهڻي مدد ڪئي ۽ پنهنجي قاعدي دانيءَ جي قابليت ڏيکاري، جنهن ڪري هو سندس ڏاڍا شڪر گذار ٿيا. اهڙا سندس خط بہ موجود آهن. هي لکپڙھ ١٨٧٤ع جي هليل آهي(٤٠). ياد رهي تہ حسن علي آفندي ١٨٩٥ع ۾ وفات ڪئي ۽ کيس تروٽ باغ ۾ دفن ڪيو ويو. هن اراضيءَ کي هاڻي "آفندي ٿانون" سڏجي ٿو.

(١٦) تروٽ صاحب ٿرپارڪر کي ١٨٧٣ع ۾ ڇڏيو. سندس آخري دور ۽ موت بابت پڻ معلوم ڪونهي. هن بابت محمد اسماعيل عرساڻي مرحوم لکيو آهي تہ، آخر تروٽ يارنهن مهينا موڪل وٺي

ولايت روانو ٿيو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته وات ۾ جهاز هلندي تروٽ صاحب سمنڊ ۾ ٻڏي مري ويو. ڪهڙي طرح ٻڏو ان جي پڪي خبر ڪانهي(٣١). ڏسجي ٿو ته آخري ڏينهن ۾ هي عملدار سرڪاري عتاب هيٺ آيو. غالباً اهو ئي سبب آهي جو هيوز پنهنجي سنڌ بابت، گزيٽيئر ۾ سندس نالو به ڪٿڻ ڪان پاسو ڪيو ڏسجي ٿو. بهرحال مرزا قليچ بيگ مرحوم جي لکت مان اندازو ٿئي ٿو ته ٿرپارڪر ۾ پنهنجي ايامڪاريءَ جي آخر ۾، هو گهڻو بدنام ٿي ويو هو ۽ ان طرح مٿس ڪيس داخل ڪيا ويا. ان ڪان علاوه هو مقروض به ٿي چڪو هو. آخرڪار هو هتان ولايت لاءِ پڇي نڪتو. سمنڊ ۾ ٻڏڻ واري خبر به درست ڪانهي. ٻي صورت ۾ مرزا صاحب مرحوم ان جي تصديق ڪري ها. هو لنڊن ۾ ١٨٤٣ع ڪان پوءِ طبعي موت مئو هو.

(١٧) تروٽ لاءِ مشهور آهي ته هو انگريز خلاصي هو. سندس خلاصي (توبخاني يا جهاز تي ڪم ڪندڙ) هئڻ جي اها نشاني هئي، جو هن جي ڪنن ۾ چاندي جون اچيون ڪيونيون پيل هونديون هيون، جي ان وقت اڪثر خلاصي پائيندا هئا. سندس رعبدار شخصيت جو پڙاڏو اڃ سوڏو ٿر ۾ گونجي رهيو آهي. افسوس جو سندس فوٽوگراف ڪنهن به ڇاپي ڪتاب ۾ نه ٿو ملي. حالانڪ ان دور جي انگريز عملدارن جون تصويرون عام جام ملن ٿيون. مرزا قليچ بيگ جي خاندان سان هن جي دوستي هئي. سيد حسام الدين راشدي مرحوم لکيو آهي ته مرزا صاحب جي ڪتب خاني ۾ تصويرن جي آلبم ۾، تروٽ صاحب جي تصوير به موجود آهي، جنهن لاءِ سنڌ جو عوامي گيت چيل آهي: ”تروٽ واڳون وار ڙي، تروٽ واڳون وار“(٣٢). (اها تصوير هن مقالي سان گڏ ڇپجي رهي آهي.)

(١٨) پير علي محمد راشدي مرحوم، ٿرپارڪر ۾ تروٽ جي حاصلات ڪي نهايت مختصر مگر تز لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: ”ريڪس ڪان پوءِ تروٽ صاحب آيو ۽ پورا پنجويهه سال ٿر جو حاڪم ٿي رهيو. ٿر ڪي ان صاحب سنواري نئين زماني ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو. عوام ۾ سندس ايتري مقبوليت ٿي ويئي جو رٽائر ٿي وڃڻ ڪان پوءِ به ماڻهو، مدتن تائين ڪيس محبت سان ياد ڪندا رهيا، بلڪ ان محبت جي اظهار لاءِ ڪي لوڪ گيت به ٺاهيائون“(٣٣). پير صاحب ٿر ۾ سندس عملداريءَ جي دور ۽ سالن جو درست اندازو نه ڪيو آهي.

تروٽ ٿر ۾ رهندي زميندارن ۽ وڏيرن جو به هڪ سرڪار دوست ٽولو پيدا ڪيو، جي انگريزن جي وڃڻ ڪان پوءِ به، حڪومتن سان وفادار رهندا اچن. تروٽ جي باري ۾ شعرن، گيتن ۽ ڳيچن جو به وڏو تعداد ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ موجود آهي، جن ڪي گڏ ڪرڻ ۽ مرتب ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. تروٽ بابت مواد جي ڳولا مون ١٩٨٥ع ۾ عمر ڪوٽ ۾ ملازمت واري دور ۾ شروع ڪئي هئي. ان زماني ۾ هڪ اهڙو گيت محترم نفيس احمد شيخ، ٿپال ۾ ڏياري موڪليو، جو ڪيس پاءُ تاج جويي ڪان مليو هو جو اُن وقت مٺي ڪاليج ۾ استاد هو. ٻنهي دوستن جي شڪريي سان هي گيت هت ڏجي ٿو.

> سوڍا وتاڙون لاج جائي، مارو لاجي پاراٺو ديش
> ڪارونجهر ني ڪارٽي هون، سؤ سؤ ڪپاوُون سيس
> تروٽ! تون ڏاڪو جي ديش وديش، ڪولي مليانا ڪارونجهرنا



ڪرنل تروٽ

(ڪرنل تروٽ جي هي ناياب تصوير قليچ ڪتب خاني مان، شمس العلماء جي پوٽي مرزا محمد حبيب بيگ کان محترم نصير مرزا جي ذريعي ملي)

(گرفتاريءَ وقت روپلو انگريزن سان مخاطب ٿي چوي ٿو: جيڪڏهن اوهان کي آءٌ سوڍي جو ڏس ڏيان، يا ڏيکاريان ته ڇڻ پنهنجي لڄ وڃايان ۽ پنهنجي پارڪر ديش تي ٽِڪو لايان. آءَ ڪارونجهر واسطي سوين سر وڍائڻ لاءِ تيار آهيان. تروٽ! تون ڏيھ پرڏيھ وڃي ٻڌاءِ ته، مونکي ڪارونجهر جو بهادر ڪولهي گڏيو هو).

ترينو، پونيو، پاگڙي، ولي ڪڙي، ڪٽاري، ڍال
رڻ کيتر ڪاگ کيلوي، راوت روپو گوئيل
"ڍيڍ واڙي" تروٽ ٻوڙي، جائي اوڍي ڪال
واڳي ڏرينگا ڍول، ڪولي وڍي ڪارونجهرنو

(روپلي کي ته ڌوتي، پهراڻ ۽ پڳ پاتل آهي. ڪڙي، ڪٽاري، ۽ ڍال هٿيار اٿس. جنگ جي ميدان ۾ بهادر روپو گوئل (گوئل سنڌس قبيلو يا پاڙو آهي) بيٺو آهي. تروٽ، ڍيڍ واڙي (ڳوٺ جيڪو ننگر تعلقي ۾ آهي) ۾ پڃي وڃي (مينگهواڙ موچيءَ جي گهر) ڪلن ۾ لڪو آهي. ڪولهي دهل وڄائي خوشي ڪن ٿا (۽ تروٽ ٻڃي مينگهواڙ کي لڪائڻ لاءِ چوي ٿو. مونکي ڪارونجهر جو ڪولهي ماري ڇڏيندو).

روپو ڪهي ڏجيا، آپي تيون گهوڙي سوار
پاڙي پورا ني پڃاوتي، ڪِتي ڪِ لاڳسي وار

(روپلو پنهنجي ساٿي ڏجي کي چوي ٿو ته پاڻ کي گهوڙي تي سوار ٿيڻ گهرجي. پاڙئي انگريز کي پڃائيندي پاڻ کي کهڙي دير لڳندي).

اسان هن پيپر ۾ ڪرنل تروٽ جي سوانح ۽ خدمتن جي ڪن مکيہ ۽ پوشيده رخن تي روشني وڌي آهي. کهڙو نہ چڱو ٿئي جيڪڏهن ڪو صاحب، دلچسپي وٺي هن ڏس ۾ ٽڙ ۾ ٽڙيل پکڙيل مواد کي گڏ ڪري، انگريزي رڪارڊ ۽ ڪتاب اٿلائي، اهڙو ڪو ڪتاب تيار ڪري جينن: جان جيڪب، فريئر ۽ برٽن توڙي نيپئر جي باري ۾ مستند ۽ مفصل اڀياس موجود آهن.

## حوالا ۽ حاشيا

(١) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ" فارسي، ص ١٣٧، طبع امرتسر ١٩٠٠ع.
(٢) ڊاڪٽر حميده کهڙو هن دور کي "جديد سنڌ جي تشڪيل" سان پڙهيو آهي. ان ريت انگريزن جي دور بابت پنهنجي ٿيسز کي پاڻ "دي ميڪنگ آف ماڊرن سنڌ" جي نالي سان شايع ڪرايائين (انڊس پبليڪيشن ڪراچي ١٩٧٨ع).
(٣) جان مارٽينو: "لائيف اينڊ ڪرسپانڊنس آف سر بارٽل فريئر" ٻہ جلد، لنڊن ١٨٩٥ع.
(٤) تاريخ تازه نواءِ معارڪ: تعليقات ص ٩٩٢، عبدالحي حبيبي افغاني، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع

(۵) جان جيڪب بابت ليمبرڪ جي ڪتاب کان علاوه ٻيو بہ گھڻو مواد موجود آهي.
(٦) فريزر ٽنلر: "افغانستان"، صہ ١٢٢، لنڊن ١٨٥٨ع.
(٧) ڊاڪٽر حميده کهڙو (حوالو مٽي ڏنل) پنهنجي ڪتاب ۾ ٽروٽ جو نالو بہ نہ ڪنيو آهي.
(٨) جارج بياس: "دي سنڌ ڊئريڪٽري" صہ ١٩٦، بمبئي ١٨٦٢ع.
- جارج بياس سنڌ سول لسٽ عنوان هيٺ ٽروٽ بابت هن ريت ڄاڻ ڏني آهي.
1. H.S. Coll. Captain G.B. Tyrwhitt, H.M.'s Bombay Staff Corps, Political Superintendent.
2. Akhoond Hubbeeboola, Assistant to ditto.

(٩) دي پيپل آف انڊيا، جلد ڇهون، صہ ١٧، لنڊن، انڊيا ميوزم ١٨٧٢ع.
(١٠) جَي پالن: "سنڌ جي جاگيرات جي تاريخ"، انگريزي، جلد ١، صہ ٢٩١، ڪراچي ١٨٦٦ع.
(١١) ايٽڪن: "سنڌ گزيٽيئر"، صہ ١٣٩، صہ ٣٩٧، جديد ڇاپو.
نوٽ: ايٽڪن پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٣٩٧ تي Captain Tyrwhitt لکيو آهي.
(١٢) سنڌ جا قديم آثار انگريزي، صہ ١٧٧، جديد ڇاپو.
(١٣) ليمبرڪ ايچ. ٽي: "جان جيڪب آف جيڪب آباد"، صہ. ٢٨٨، ڪراچي ١٩٧٥ع.
(١٤) سنڌ اينيوئل، صہ ١٩٦، ١٩٧٨ع.
(١٥) پير علي محمد راشدي: "اهي ڏينهن اهي شينهن"، جلد ٣، صہ ٣٣٥، س.ا.ب. ١٩٨١ع.
(١٦) جنگناما، صہ ٣٠١، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٣ع.
(١٧) سوانح حسن علي آفندي، صہ ٢٣.
(١٨) رسالو مهراڻ، صہ ٦٢، ١٩٦٧/١ع.
(١٩) انا مينهن مليس صہ ٢٣٧، سال ١٩٧٥ع.
(٢٠) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ"، صہ ١٦٠، امرتسر جو ١٩٠٠ع وارو ڇاپو.
نوٽ خداداد خان جي ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾ ڊاڪٽر بلوچ ڪپتان ٽيروٽ (TARVID) لکيو آهي (صہ ١٧٥ ۽ ٻڻ حاشيو). سنڌي ڇاپي ۾ ڪيپٽن ٽيروڊ لکيل آهي (صہ ٢٠٣).
(٢١) محمد اسماعيل عرسائي (سير ريگستان، صہ ١٣٥) لکيو آهي تہ، ٽروٽ ٽر اچڻ کان اڳ حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو. هي ڳالهہ درست ڪانهي. البتہ هن مان ٽروٽ جي حيدرآباد سان گهري تعلق تي وڌيڪ روشني پوي ٿي. هن ڏس ۾ ٻيا حوالا هيٺ اچن ٿا.
(٢٢) مرزا قليچ بيگ: "سائو پن يا ڪارو پن"، صہ ١٣، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٨ع.
(٢٣) سوانح حسن علي آفندي، صہ ٢٣.
(٢٣) هيوز جو سنڌ گزيٽيئر صہ ٨٦٣، ٻيون ڇاپو، لنڊن ١٨٧٦ع.
(٢٥) سال ١٨٣٣ع ۾ ڪپتان ماليت عمرڪوٽ جو عملدار هو. ان کي اسين ١٨٣٥ع ۾ رياست خيرپور ۾ سفير طور ڏسون ٿا (ڏسجي منهنجو ڪتاب "مطالعو سنڌ جو" صہ ٣٩ ۽ صہ ٥٣، ڇپيل سال ١٩٩٢ع). منگهارام اوجها (پراڻو پارڪر) ۽ پير علي محمد راشدي (اهي ڏينهن

اهي شينهن)، ان خيال جا آهن تہ تروٽ سال ١٨٣٦ع کان عمرڪوٽ ڊويزن جو ڪليڪٽرهو. هن ڏس ۾ البتہ اڃا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

(٢٦) جان جيڪب آف جيڪب آباد، صہ ٢٨٨، ڪراچي ١٩٧٥ع.
- اصل انگريزي اقتباس هن ريت آهي:

"There were in Sind at the time a number of intelligent and resourceful young officers, discovered and encouraged by Frere, who undertook schemes of useful local improvements. St. Clair, Tyrwhitt and Jamson, among others, combined the progressive with the patiarchal in their methods and their names endure in the areas where they served."

(٢٧) رسالو مهراڻ، صہ ٦٢، ١٩٦٧/١ع.
(٢٨) سنڌ جي جاگيرات جي تاريخ، انگريزي، جلد ١، صہ ٢٩١.
(٢٩) ساڳيو حوالو.
(٣٠) اينڪن: "سنڌ جو گزيٽيئر"، صہ ١٣٩، انگريزي، جديد ڇاپو.
- ڪزنس لکيو آهي تہ ويڙه وقت تاريخي گوڙي مندر کي ڏاڍو نقصان رسيو هو. ڇو تہ تروٽ ان جا ڳچ حصا بارود ذريعي اڏائي ڇڏيا هئا (سنڌ جا قديم آثار صہ ١٧٧، سال ١٩٧٥ع، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي).

(٣١) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ"، مترجم حافظ خير محمد اوحدي، صہ صہ ٢٠٣-٢٠٤، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٩ع.
(٣٢) پيپل آف انڊيا، جلد ڇهون، صہ ١٧ (حوالو متي ڏنل).
(٣٣) مير محمد بخش ٽالپر: "تاريخ ميران سنڌ ميرپورخاص"، صہ صہ ٣٧٠، ٣٧١، ٣٧٧، صہ صہ ٣٨٩-٣٩٠، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٢ع.
- مير فتح خان ۽ تروٽ جي تعلق جي ڳالهہ ڊاڪٽر بلوچ پڻ ڪئي آهي. ليڪن ياڻ سجي ڳالهہ مير عبدالحسين خان سانگي ۽ ڪمشنر گبسن جي حوالي سان ڪري ٿو (ڪليات سانگي، مقدمو، صہ ٢٢، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٩). ڳالهہ جي صداقت ۾ تہ شڪ ڪونهي. البتہ تروٽ ١٨٧٣ع ۾ سنڌ ڇڏي. مير سانگي ١٩٢٤ع ۾ فوت ٿيو ۽ گبسن ١٩٣٣ع ۾ ڪمشنر مقرر ٿيو.
(٣٤) اينڪن جو سنڌ گزيٽيئر صہ ٣٩٧.
(٣٥) رائچند هريجن: "تاريخ ريگستان"، جلد ١، صہ ٢١٢، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٧ع.
(٣٦) اينڪن جو سنڌ گزيٽيئر صہ ٣٩٧.
- اصل انگريزي اقتباس هن ريت آهي:

"…. Under Captain Tyrwhitt, an officer whose memory associated in the traditions of Sind with many eccentricities, but who was described at that time as able, energetic, and possessing an astonishing degree of sight into the characters, habits and feelings of the border tribes…"

(٣٧) آوتراءِ منچنديا: "سنڌ جو پهريون خود ساخته صدر منصف"، رسالو مهراڻ صہ صہ ٣٧-٣٩، جلد ١، آگسٽ-آڪٽوبر ١٩٣٦ع.
- منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ هي مقالو لعلچند امرڏني مل جو تحرير ڪيل هو (سنڌي نثر جي تاريخ، صہ ٢٨٢، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٧٧ع).

(٣٨) مولانا دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد ٢، صہ ٣٢٣، سال ١٩٨٥ع.

(٣٩) سپيريان سنڌي ڳالهڙي، صہ صہ ٣٠-٣٣، صہ صہ ٢١٩-٢٢٠، مهراڻ پبلشرز ڪراچي ١٩٩١ع.

(٤٠) سوانح حسن علي آفندي، صہ صہ ١٣، ٢٣، ٣٢.

(٤١) سير ريگستان، صہ ١٤٣، پراڻو ڇاپو.

(٤٢) ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، صہ ٦٨٧، انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي ١٩٨١ع.

(٤٣) "اهي ڏينهن اهي شينهن"، جلد ٣، صہ صہ ٣٣٥-٣٣٦.
- اهڙا ڪي گيت ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ڪتاب "جنگناما" ۾ پڻ ڏنا آهن.

## مقالي جي تياريءَ لاءِ ڪتب آندل انگريزي ڪتاب


1) George Bease: The Sind Directory, Bombay 1862.
2) A.W. Hughes: Gazetteer of the Province of Sind, 1874, Reprint, London 1876.
3) E.H. Aitken: Gazetteer of the Province of Sind, 1907, Reprint, Karachi 1986.
4) J. Forbes Watson & Sir John William Kaye: "The People of India", Volume Six, India Museum, London 1872.
5) John Martineau: Life and correspondence of Sir Bartle Frere, 2 Vols, London 1895.
6) H.T. Lambrick: John Jacob of Jacobabad, 1960, reprint, Karachi, 1975.
7) Alexander Innes Shand: General John Jacob 1900, reprint, Queetta 1978.
8) Fraser Tytler: Afghanistan, London 1958.
9) Hameeda Khuhro: The Making of modern Sind, Indus Publications Karachi, 1978.
10) H. Cousens: The Antiquities of Sind, 1929, reprint, Karachi 1975.
11) J. Pollen: History of Alienations in the Province of Sind, Karachi, 1886.
12) Captain S.N. Raikes: Memoirs on the Thurr and Parkur Districts of Sind, 1859, reprint, Karachi, 1977.
13) Anonymous: Sind Annual, Karachi, 1978.

*Muhammed Hussain Panhwar* (Sitara-e-Imtiaz)
B. E. (Mech & Elec); M. Sc. (Agr. Eng - U. S. A.)
EX SUPERINTENDING ENGINEER, AGR. ENG. T. JAM
EX HON. ENGINEERING ADVISOR SIND UNIVERSITY.
EX HON. VISITING PROF. MEHRAN UNIVERSITY
PRESIDENT RESEARCH & DEVELOPMENT ENGINEERS, KARACHI.
MEMB. ROYAL GEOG. SO. - U. K.
MEMB. NATIONAL GEOG. SO. - U. S. A.
MEMB. INST. AGRI. ENG. SILSOE - U. K.
MEMB. INTL. SO. HORT. SC.
MEMB. AMR. SO. AGR. ENG.
MEMB. AMR. SO. HORT. SC.
MEMB. AMR. SO. VIT & ONONOLOGY.
MEMB. AMR. POMOLOGICAL SO.
MEMB. JOJOBA GROWER ASS.

54-D, Block-9, Clifton, Karachi-75600, Pakistan.
TELE: '021' - 53 41 05 , 57 05 47
Fax No: (021) 570547 .
157-C Unit No 2. Latifabad, Hyderabad- Sindh. Pakistan.
TELE: RES:'0221' 65 45 70, 66 04 10.
TELE: OFF: 65 41 07.

DATED 30.10.1993.

My Dear Ghullam Muhammad,

Thanks for your recent letter of 25.10.1993 and an earlier letter of with your article on Makhdoom Bilawal.

I consider this article as an important research into the death of Makhdoom Bilawal. Leading tribe of Bilawal's Murids was Machis settled on a branch of river which biferated from the Indus near Nao Goth Village in Mehar Taluka, opposite present town of Radhan (Rai-Dhan) some time in 15th century. The present descendents of Machis call him "Shaheed". The story of crushing him in oil expeller is very famous among the local people, in the whole of Sehwan, Dadu, Khairpur and Johi Talukas.

The other factor hither to untouched is Qazi Qadan, who had become disciple of Mahdi of Jaunpur. Bilawal was opposed to Jaunpuri's Pan-Islamism. Qazi had joined hands with Arghoons and had endeavered to crush his opponents. Bilawal was his cheif opponent as he had managed to have Jaunpuri boats sunk in the Indus. Thus Qazi was most probably the main factor in killing of Makhdoom Bilawal and his whole family.

I was happy to have read your aurguments. While writting on Sammas in "Chronology" in 1977, I had little realized that controvercies on his death will arise in next 15 years and could have in corporated that "Shaheed" story.

The above discussed course of the branch Indus dried up in the 16th century and Machis settled as fishermen on Maha, Sutiaro, Jakhpari, Pirgunio and series of other lakes, formed by that channel, in Mehar, Khairpur Nathan Shah, Dadu and Sehwan Talukas. They still are Murids of that shrine with no other living Pir.

Accept heartiest congratulations for your article.

With thanks & regards,

Very Sincerely Yours,

(M.H. Panhwar)

---

نامياري عالم جناب ايم. ايچ. پنهور جو محترم غلام محمد
لاکي ڏانهن لکيل خط. لاکي صاحب جو مخدوم بلال تي تحقيقي
مقالو، مهراڻ جي گڏريل پرچي ١-٢/٩٣ع ۾ آيل آهي.

ڊاڪٽر پرسو گدوائي

# ڳيجھ (ڳيچ)

ڳيجھ لفظ جو اشتقاق وچي ٿو سنسڪرت جي لفظ گيت سان لڳي. گيت مان سنڌيءَ جي ڊاڪي اُپڀاشا ۾ ٿي پيو آهي ڳيت، ڪن اپڀاشائن ۾ ڳيت مان ٿي پيو آهي ڳيچ. ان ڳيچ مان ئي وري جتن جي اپڀاشا ۾ ڦري ٿيو آهي ڳيجھ. گيت ۽ ڳيت جي معنيٰ ته لڳ ڀڳ ساڳي آهي، يعني اها لفظي رچنا جا ڳائي سگھجي. وقت جي دوران ۾ گيت ۽ ڳيت لفظن جي بدران هندن ۾ شاديءَ، منڻ يا ڇٽي جي وقت ڳائجندڙ گيتن لاءِ لاڏا لفظ جو استعمال ٿيو پر مسلمانن طرف ۽ نڪاح وغيره جي خوشيءَ جي موقعن تي ڳائجندڙ گيتن لاءِ ڳيچ لفظ جو ئي استعمال ڪيو ۽ جتن وري ڳيجھ لفظ ئي ڪتب آندو.

ڳيجھ خوشيءَ جي اظهار جا گيت آهن، جن جي رچناڪارن جي ڄاڻ اڪثر نه هوندي آهي. انهن جي رچنا به ٿي سگھي ٿو ته خوشيءَ جي موقعي تي ڪنهن پيڻ يا ماءُ يا ٻئي ڪنهن جي وات مان ازخود ٿي هجي. ٿي سگھي ٿو ته نڪاح جي موقعي تي پيڻ جي وات مان پنهنجي ڀاءُ جي نڪاح جي خوشيءَ جو اظهار ڪندي هينيان لفظ دل کي ڇيري نڪتا هجن:

منهنجي ادل تان گھورون گھورايان،
اديون ادل تان گھورون گھورايان.

انهن لفظن جي اثر هيٺ اچي ٻيءَ پيڻ جي دل مان پڻ خوشيءَ جي اظهار لفظي جامو پهريو هجي:

گھورون گھورايان، ماڻڪ ورهايان

انهن لفظن ۾ وري اتي حاضر ڪن ٻين ڀينرن، ماسين يا خود گھوٽ ماءُ پنهنجا پنهنجا لفظ جوڙيا هجن ۽ اهو سلسلو جاري رهيو هجي ۽ ان نموني هڪڙي سهٽي ڳيجھ جي رچنا ٿي وئي هجي. ان ڳالھ جي تصديق ڪيترن ئي موقعن تي ڳيجھ ڪنا ڪندي ٿئي ٿي.

ڳيجهن ۾ پڻ ڳيچن ۽ لاڏن وانگر جنس مونث جي هڪ هٽي (Monopoly) آهي. جنس مذڪر کي ان علائقي ۾ جهانڪي پائڻ جي به منع آهي. جتن ۾ اڪثر ٿئي ائين جو جتن جون عورتون نڪاح جي خوشيءَ جو اظهار ڳيجھ ڳائي ڪن، مرد وري مولود ڳائين. مولود دراصل حضرت محمد صلعم جي ساراه جا گيت آهن، جن ۾ خوشيءَ جو اظهار گھٽ پر حضرت محمد صلعم جي ساراه جو اظهار وڌيڪ هوندو آهي. مون پنهنجي انيڪ دورن جي دوران ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مولود ٻڌا آهن پر مون کي ڪٿي به سندن آواز ۾ ڪي خاص لاھ چاڙھ نظر نه آيا. بس پنج يا ست ڄڻا يا ڏھ يا يارهان ڄڻان (اهو عدد ڪو مقرر نه هوندو آهي) پيا يڪ ـ سرا ڳائيندا. پر ان جي ڀيٽ ۾ ڳيجھن

جي آوازن جا لاهه چاڙهه وڌيڪ نظر ايندا. نه فقط ايترو پر خوشيءَ جي اظهار جي ٻڻ پوري جهلڪ ڳيجهن ۾ ملندي.

ڳيجهه جتن جي زالن جا ڳايل لاڏا آهن. هن مقالي ۾ ڪنا ڪيل ڳيجهه ڪڇ ضلع جي ٻنيءَ واري علائقي ۽ ان جي آس پاس جي جتن جي ڳوٺڙن مان ڪنا ڪيا ويا آهن. انهن کي ڪني ڪرڻ جي پريرڻا وقت به وقت کوجنا جي دوران ملندي رهندي هئم. شروع ۾ جڏهن ڪن سومرن جي ڳوٺن ۾ وڃڻ ٿيندو هوم تڏهن هنن کان جڏهن به ڳيچن جي باري ۾ پڇندو هوس تڏهن هميشه اهو ئي جواب ملندو هوم ته هو نڪاح وقت فقط مولود ئي ڳائيندا آهن، ڪافي ڪوشش جي باوجود به مان رڳو ايترو ٻڌڻ ۾ به ڪامياب ڪونه ويس ته ڪو سومرن جون زالون نڪاح جي وقت ڳيچ يا سهرا ڳائينديون آهن.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي سگهڙ سومري کان پڇيم ته "ادا! مهرباني ڪري رڳو مون کي ايترو ٻڌاءِ ته ڇا نڪاح وقت اوهان جون ڀايون (ڀينر) خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ ڳيچ يا سهرا ڳائين يا نه؟" وراڻيائين: "ڊاڪٽر صاحب! سچ ته اهو آهي ته مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ نڪاح جي وقت ڀاين کي ڳائيندي ضرور ٻڌو هئو پر پاڳلي (پارت پاڪ جي ورهاڱي کي ڪڇ ۾ پاڳلو چون) کان ڪجهه سال اڳ ڪا اهڙي هوا هلي جو ڳيچ ڳائڻ اسلام جي خلاف سمجهيا ويا. بس پوءِ ته ڏسندي ڏسندي ڳيچن جو رواج ختم ٿيندو ويو. هاڻي ته ڪي ڪي ڏوسيون (ڪراڙيون يا ڀڊيون) وڃي بچيون آهن جيڪي ڳيچن جون ڄاڻو هيون. هاڻي ته هنن جا به ڏند ڀُري ويا آهن ۽ هو هاڻي ڳائي نه سگهنديون. شايد ڳيچ سندن حافظي مان به نڪري ويا هجن". اهي دلي اظهار هڪڙي سومري جا ضرور هئا پر مان سخت دکي ٿيس. ان کان پوءِ جڏهن مَن جتن جي ٻوليءَ ۽ ڪلچر تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته سياويڪ لاڏن ۽ ڳيچن جي به پڇا ڪيم. بس اتي به ساڳيو جواب ته نڪاح وقت مولود ئي ڳايا ويندا آهن. پر جيئن جيئن مان هنن جي ويجهو ايندو ويس ۽ هنن کي وشواس ٿيو ته مان جتن جو خير خواه آهيان ته پوءِ ڪن جتن ايترو قبوليو ته سندن پيڻون نڪاح جي وقت ڳيجهه ڳائينديون آهن. پر ڪنهن کي ڳيجهه ٻڌڻ جي ته ڇا پر نالو وٺڻ جي به موڪل ڪونه آهي. تمام گهڻين ڪوششن جي باوجود به مان هڪڙي جت کي به تيار ڪري نه سگهيس ته هو مون کي ڳيجهه ڪنا ڪرڻ ۾ مدد ڪري ـ نه فقط ايترو پر ڳچ سالن تائين هڪڙو جت به مون کي موڪل ڏيڻ لاءِ به تيار نه ٿيو ته مان نڪاح جي وقت وڃي ڳيجهه لکان. مسئلو ڳرو هئو، پر سائنس جي ترقيءَ جي آڏو هر مسئلي جو علاج آهي. بنان جتن جي جذبات کي جهورڻ جي هيءُ ڪم وڏن ڪشٽن ۽ ڪشالن سان سرانجام ڏنو ويو آهي. ڪشٽ ۽ ڪشالا ڪنهن به کوجنا ڪاريه جو اهم ۽ اڻونڊجڻو حصو آهن، ان ڪري انهن جو بيان ڪرڻ هت بي جاءِ آهي. وڏي خوشيءَ جو باعث اهو آهي ته جتن جي هن املهه خزاني کي قلمبند ڪيو ويو آهي. مون کي وشواس آهي ته منهنجا جت ڀائر منهنجين ڪيل ڪوششن کي ضرور قبول ڪندا.

هت مان ٻنيءَ جي جتن جي باري ۾ جيڪر ٻه لفظ لکان ته وڌيڪ سنو ٿيندو. جت قوم سنڌ ۽ ڪڇ جي عظيم ۽ جهوني قوم آهي. سنڌ ۾ اٺين صديءَ جي شروع ۾ جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي هئي، ان وقت جت قوم گهڻو اوج تي هئي. ان زماني ۾ هنن ۾ وڏا عالم ۽ وڏا وڏا حڪيم ۽ بهادر سورهيه سپه

سالار هوندا هئا. اهڙا بيان ان وقت جي عربي عالمن جي بيانن ۾ به ملن ٿا (هن باري ۾ وڌيڪ وچور لاءِ ڏسو گنگارام سمرات جو ليک، ادبي چمن ۱۹۸۸ ڇاپايل گجرات سنڌي اڪادمي). ٻر وقت جي دوران ۾ جتن ۾ تعليم جي گهڻجهڻ ڪري جت ٻوئتي پئجي ويا ۽ اڄڪلهه اڪثر مال چارڻ يا ڪيتيءَ جي ڪم ۾ لڳل آهن.

ڪڇ ضلع ۾ اڄڪلهه جتن جي ڪافي گهڻائي آهي. ڪڇ ضلع ۾ جتن جو پورو تعداد ڪيترو آهي اِهو چوڻ تمام ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڀارت جي آدمشماريءَ ۾ هو پڻ سنڌي ٻولي پنهنجي مادري زبان لکائين ٿا، جهڙيءَ طرح سما، سومرا، متوا، ٿيبا، خاصخيلي، مينگهواڙ، جاڙيجا ۽ سوڍا وغيره لکائين ٿا. ٻر ڪن جاتو جتن جو چوڻ آهي ته ڪڇ ۾ سندن آدمشماري هڪ لک کن ٿيندي. ڀارت جي ۱۹۸۱ جي آدمشماري ۾ ڪڇ ضلع ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ٿي لک چوونجاهه هزار آهي. حساب سان هڪ لک ڪو گهڻ تعداد نه چئبو. ٻر جتن جي جنهن ڳالهه منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو اُهو آهي سندن سنڌي تمدن سان جڙيو رهڻ. ڪڇ ۾ اڄ به جيترا زنده شاعر جت آهن اوترا ٻين قومن ۾ مون کي نظر نه آيا آهن. گجهارتن ۾ به جيترا جت مون کي نظر آيا اوترا ٻين جاتين ۾ گهٽ نظر آيا. ساڳيءَ طرح ڪڇ جي ٻني علائقي ۾ جيترا سنڌي ٻوليءَ جا دستخط جتن جي ٻونگن ۾ ڪٻڻ ۾ ڏٺا اتم اوترا ٻين قومن وٽ مونکي اڃان تائين نظر نه آيا آهن. ڀٽاري ڳوٺ جي جت حاجي ولي محمد صاحب وٽ به وڏا ڪٻٽ ڪتابن ۽ دستخطن سان ڀريل آهن. خود حاجي ولي محمد صاحب جيڏو وڏو عالم مون کي ڪڇ جي علائقي ۾ اڄ تائين نظر نه آيو آهي. خاص ڪري شاهه صاحب جي ڪلام جي جيتري ڄاڻ کيس آهي اوتري ڄاڻ رکندڙ خير ڪو ملندو. هرويرو ائين به نه آهي ته عالم ٻين قومن ۾ ڪونه آهن. به سال اڳ ڏاڏر ڳوٺ ۾ جام ٿيبي سان ملاقات ٿي هئي ۽ ڪافي وقت ڪچهري ڪرڻ جو موقعو مليو هوم. اُن وقت پنهنجي عمر هڪ سوَ ست ورهيه ٻڌي ٻڌايائين ۽ ڪين شاهه جي رسالي جي تمام گهڻي ڄاڻ هئي. هو اُن وقت نابين هو، ٻر دماغي طرح تمام گهڻو سجاڳ هو. افسوس اهو آهي ته هو ڪجهه مهينا اڳ هيءَ فاني دنيا ڇڏي وڃي حق سان هڪ ٿيو. پنهنجو اڪيچار گيان جيڪو هن زندگيءَ ۾ ڪٺو ڪيو هئو ۽ شاهه صاحب جي شعر مان جيڪي ماڻڪ موتي هن ڳولهي ڪڍيا هئا اُهي هو پاڻ سان ڪٺي ويو. اهڙا عالم جتن کان سواءِ ٻين قومن ۾ گهٽ آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چوڻ ۾ وڌاءُ ڪونه آهي ته جتن ۾ وڌيڪ شوق آهي. اڪثر ڳوٺن ۾ وڃان ۽ جتن کان جڏهن پڇان ته ڇا سنڌي ٻولي ڪڇ ۾ زنده رهي سگهندي ته اِن جو جواب هو هميشه اهو ئي ڏيندا آهن ته سنڌيءَ کي هو ساهه سان سانديندا.

اِهي ته ٿيون ٻوليءَ جون ڳالهيون ٻر سنڌي سنگيت ۾ به جتن وڏا وڏا فنڪار پيدا ڪيا آهن. ڀارت ۾ ٻين (الغوزو) وڄائڻ وارو مشهور فنڪار موسي جت آهي جو ٻنيءَ جي لوٽي ڳوٺ جو رهواسي آهي. هو پڃ ريڊيو جو فنڪار آهي. ٻر هن ڀارت جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پنهنجا پروگرام ڏنا آهن. هو اڄڪلهه سنڌي سپيتا جو جهوني ۾ جهونو ساز بوڙيندو به وڄائندو آهي.

ملهه سنڌي ڪلچر جي هڪ خاص چيز آهي جا ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌي هندو بلڪل وساري ويٺا

ڪيل ڪي بہ سنڌي ادب جي سورمن ۽ سورمين جي متاڇري ڄاڻ هوندي آهي. بچل وراڻيو، "جت جي ٻار ڪي تہ هوش سنڀاليندي ئي رهاڻ ۽ ڪچهرين ۾ ويهڻ جو موقعو ملندو آهي ۽ لکڻ پڙهڻ نہ ايندي بہ جتن جا ٻار گهڻو ڪجهہ ڄاڻي وٺندا آهن." بچل جي ائين چوڻ سان مونکي برابر ياد آيو تہ ڪجهہ سال اڳ جڏهن مان وزيرا ڳوٺ جي هڪ بلند پائي جي سنڌي شاعر حاجي جهلڻ صاحب (جت) جي اوطاري ۾ رهيل هوس تہ اڌ رات تائين هلندڙ ان ڪچهريءَ ۾ جتن جا ننڍڙا ننڍڙا، پيارا پيارا گلڙا بہ سجاڳ ويٺا هئا. نہ فقط ايترو پر حاجي جهلڻ صاحب جي چئن سالن جي فرزند پنهنجي ٻاتي ٻوليءَ ۾ حاجي صاحب جي ئي لکيل هڪ ڪافي جهونگاري هئي.

جتن جي سنڌي ادب ۽ سنڌي تمدن جي انيڪ پهلوئن سان جڙني رهڻ ئي مون کان سندن ڳيچهہ ڪٺا ڪرايا. مون اهو پنهنجي اڀياس ڪرڻ چاهيو تہ ڳيچهن ۾ جتن ڪهڙن ڪهڙن شهرن جا بيان ڪيا آهن يا ڪهڙن ڪهڙن تواريخي ڪردارن جا بيان هنن ڪيا آهن يا ڪهڙن ڪهڙن ڳهن، ڪپڙن يا ريتين رسمن جا بيان جتن جي ڳيچهن ۾ ملن ٿا. اهو بہ هڪ اڀياس جو وشيہ ٿي سگهي ٿو تہ جتي جتن جي شاعريءَ ۾ ڪافي اوچي اُڏامر جا اهڃاڻ ملن ٿا اتي جتن جي ڀينرن، نياڻين ۽ مائن جي اڏامر جا اهڃاڻ بہ ڳيچهن مان ملي سگهندا. ان ڏس ۾ هن ڪتاب ۾ ڳيچهن جي اڀياس ڪندڙن کي مان نئو سمجهان تہ نراس ٿيڻو پوندو. چو تہ ڀاون ۽ ويچارن جي سادگي ڳيچهن ۾ ملي ٿي. ڪهڙو نہ سٺو ٿئي جو سمن، سومرن، سوڍن، جاڙيجن، ۽ خود ۱۹۴۷ ۾ لڏي آيل سنڌي هندن جي لاڏن کي ڪنو ڪري انهن جو اڀياس ڪجي. چو تہ جتن جي ڳيچهن کي ڏسڻ سان ئي لڳي ٿو تہ سنڌي هندن جي لاڏن ۽ جتن جي ڳيچهن ۾ ڪيترين ئي ڀاون ۽ ويچارن جون هڪجهڙايون آهن.
پڇاڙيءَ ۾ ايترو قبول ڪرڻو اٿم تہ اهو سچ نہ آهي تہ جتن ۾ ڪل ڳائجندڙ ڳيچهہ اهي ئي آهن جيڪي هن مجموعي (Collection) ۾ آهن. اها هام مونکي هڻڻي ڪونہ آهي تہ بس هاڻي باقي جتن وٽ ٻيا ڳيچهہ آهن ئي ڪونہ. دراصل هيءَ تہ هڪ شروعات آهي ۽ منهنجا جت يائر پنهنجي هن عظيم ثقافتي ورثي کي پاڻ ڪٺو ڪندا ۽ پاڻ ڇپائيندا.

## ڳيچهن تي هڪ نظر

جتن جي ڳيچهن کي گهرائيءَ سان ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ انهن ۾ ڪيترائي اهڙا پهلو آهن، جيڪي اپري ٿا بيهن. خاص ڪري پاءُ جي نڪاح ۾ ڀيڻ جي خوشيءَ جو اظهار يا گهور گهورڻ جو رواج سنڌ جي گهٽين ئي جاتين ۾ آهي. ساڳي رواج جا بيان جتن ۾ بہ ملن ٿا، ان کان سواءِ جتن جي ڳيچهن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن جا نالا ملن ٿا جا ڳالهہ ڏيکاري ٿي تہ ڪڇ جي جتن جو سنڌ جي شهرن سان ڪو نہ ڪو رشتو ضرور جڙيل هئو. لفظي ـ ڀنڊار جو اڀياس بہ هڪ اهم آهي، جنهن ۾ خاص ڪري ڀاشا وگيانين جي رچي ضرور بہ ضرور رهندي. انهن ۽ ٻين انيڪ پهلوئن جي اوک ڊوک هيٺ پيش ڪجي ٿي:

## ١ـ پيڻ ياءُ جي سڪ

ڳيجھ خوشيءَ جي اظهار جا بهترين نمونا آهن. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پيڻ ياءُ جو ٻڌن بہ هڪ عجيب ٻڌن آهي. دنيا جي هر قوم ۾ ان رشتي جي پويترتا قائم ٿي رهي آهي. ڀارت جي انيڪ لوڪ گيتن يا خاص ڪري خوشيءَ جي موقعي تي ڳانجندڙ لوڪ گيتن جو اڀياس ڪرڻ سان ان ڳالھ کي ثابت ڪرڻ لاءِ گهڻاني مثال ملي ويندا. اهو وشيہ ڪوجنا جو يا اڀياس جو اڳ وشيہ ٿي سگھي ٿو.

پڻ جي شاديءَ وقت جيتري خوشي ماءُ کي ٿئي، اوتري خوشي ياءُ جي پرڻجڻ وقت پيڻ کي ٿئي ٿي. ڳيجھ نمبر ٢٧ ۾ پيڻ پنهنجي خوشيءَ جو اظهار تمام سهڻن لفظن ۾ ٿي ڪري:

اڊا جي شاديءَ ۾ جهانجھ چو نہ پايان

—

دادا جي شاديءَ ۾ ڪنهنبا چو نہ پايان.

—

ياءُ جي شاديءَ ۾ دهري چونہ پايان.

—

مٿيان لفظ لڳي ٿو تہ پيڻ جي خوشيءَ جي اظهار ۾ دل کي ڇيري نڪتا آهن. ساڳي خوشيءَ جو اظهار ڳيجھ نمبر ٣٠ ۾ ڏسي سگھجي ٿو. خاص ڪري جڏهن هوءَ چوي ٿي تہ:

اديون ادل تان گهورون گهورايان،

—

آنءُ تہ پنهنجي راٹل جا راج گهرايان،

—

ڪونج ڪنوار تنهن کي آنءُ تہ پرٹايان.

—

سندس گاديءَ تي موتي مڙهايان.

—

مٿي راج گهرائڻ خاص ڏيان لهٽي، چو تہ پيڻ پنهنجي پايڙي جي شاديءَ ۾ خوشيءَ جو اظهار اڪيلي ۾ ني نٿي ڪرڻ چاهي. هوءَ تہ سڄي راج سان يعني مٽن مائٽن ۽ سڄي ڳوٺ سان پنهنجي خوشي ٿي ونڊڻ چاهي. ڳيجھ نمبر پهرئين ۾ بہ سندس خوشي دل جي تهن کي هٽاني باهر نڪتي آهي:

ماٹڪ اڇلايان مينهن جئن،
موتين ٿالھ پري،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي،
اديون گهوٽ چڙهيو گهوڙي

انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي مثال آهن جن ۾ پيڻ پنهنجي ڀاءُ جي شاديءَ تي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ٿي ڪري.

## ٢ـ گهوٽ چڙهيو گهوڙي

سنڌ ۾ اڪثر رواج هوندو هو تہ گهوٽ کي گهوڙي تي چڙهي، جڃ سان هلڻو پوندو هئو. جڏهن ڪار سنڌ ۾ آئي تہ سرنديءَ وارن گهوٽ کي ڪار ۾ وٺي وڃڻ پنهنجو شان سمجهيو. پر پوءِ جڏهن ڪار عام جام ٿي تہ سڀني گهوڙي جي بدران ڪار ئي ڪم آڻڻ لڳا. آهستي آهستي گهوٽ کي گهوڙي تي چاڙهي جڃ سان گڏ وٺي وڃڻ جو رواج ختم ٿي ويو. پر جتن جي وهانوَ ۾ اڄان تائين گهوٽ کي گهوڙي تي چڙهڻ جو رواج آهي. ڀلا ٻنيءَ جي رڻ ۾ ڪار هلي بہ ڪٿان سگهندي. انهن سببن ڪري ئي ڪيترا ڳيچ ملن ٿا جن ۾ ”گهوٽ چڙهيو گهوڙي“ جا ورڻن ملن ٿا. پر ڳيچ نمبر ٻهرين ۾ تمام سهڻي نموني اُن جو بيان ڪيو ويو آهي:

”گهوڙو منهنجي گهوٽ جو نچيو ناز ڪري“ مٿي خاص ڳالھ جنهن ڌيان لهڻو اها تہ مٿي چيو ويو آهي تہ گهوڙو منهنجي گهوٽ جو، يعني تہ ڳيچ چوندڙ ڪنوار پنهنجي گهوٽ جي گهوڙي جو بيان ٿي ڪري. ستين نمبر ڳيچ ۾ وري پيڻ پنهنجي ڀايڙي کي تمام سولن ۽ سادن لفظن ۾ ٿي چوي تہ:

ادل چڙھ گهوڙي، چڙھ گهوڙي

## ٣ـ دهل وڄائڻ

سنڌ ۾ جڏهن شادي ٿيندي هئي تہ اڪثر دهلاري در تي اچي دهل جو ڏونڪو هڻندو هئو. پر هاڻي تہ سائنس جي واڌاري جي ڪري اڄڪلھ لائوڊ اسپيڪرن تي فلمي گانن جو زور آهي، پر جتن ۾ اڄ بہ لاڏن ۾ ”دهل گهرايم سهڻان“ (ڳيچ نمبر ٢) لفظ ڏيکارين ٿا تہ شاديءَ ۾ ڀيو تہ سڀ سهڻو ڪجي پر دهل بہ سهڻا هڻڻ ضروري آهن. ان کان سواءِ ٻين ڪن ڳيچن ۾ بہ دهل جو بيان ملي ٿو.

## ٤ـ ڪنهنبو

اسان هندن جي شاديءَ ۾ ڪنهنبي رنگ جي تمام گهڻي اهميت آهي. اڪثر شاديءَ تي ست سهاڳڻيون ڪنهنبي رنگ سان بوڇڻي رڱينديون آهن. پر جتن ۾ بہ ڪنهنبي رنگ جي اهميت آهي ۽ ڇهين ڳيچ ۾ تہ چيو ويو آهي تہ:

ڪنهبا ادل جا سيوهڻ مان ٿي آيا

ٿي آيا، جتن جي ٻوليءَ ۾ گهرايا ويا يا آيا جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي.

مٿي جنهن ڳالھ خاص ڌيان لهڻو اها اِها تہ ٻنيءَ کان سيوهڻ جو شهر سوين ميل پري آهي، پر اِن هوندي بہ ان شهر کي ياد ڪيو ويو آهي، اها ڳالھ عجب ۾ وجهندڙ آهي. پر ستاويهين ڳيچ ۾ پيڻ چوي ٿي تہ:

دادا جي شاديءَ ۾ ڪنهنبو چو نہ پايان.

مطلب تہ ڪنهنبي جي اهميت جتن ۾ بہ گهٽ نہ آهي.

## ٥ـ موڙ ٻڌڻ

جتن جي ٻوليءَ ۾ موڙ منڊ ڪي چنبو آهي. اسان هندن جي شاديءَ ۾ منڊ کي وڏي اهميت آهي. بلڪل ساڳي اهميت جتن ۾ موڙ کي آهي. سترهين نمبر ڳيچ ۾ ڪنوار ٿي چوي تہ منهنجي گهوٽ کي موڙ ٻڌا. وري چوٽيهين ڳيچ ۾ تمام سهڻن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

منهنجا ننڍڙا لاڏا تنهنجي موڙ تان قربان وڃان

قربان وڃان لفظ پيار جي اظهار لاءِ بلڪل تز لفظ آهي. ٻين بہ ڪيترن ئي ڳيچن ۾ موڙ جا بيان ملن ٿا.

## ٦ـ ميندي لائڻ

ميندي لڳائڻ جو رواج اسان هندن ۾ ڪونہ آهي. خاص ڪري گهوٽ تہ ميندي ڪونہ لڳائيندو آهي. جتن ۾ ميندي لائڻ کي وڏي اهميت آهي. خاص ڪري ڳيچ نمبر ٻاويهون منديءَ جي بيان ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. تمام سهڻي نموني چيو ويو آهي پيڻ جي واتان تہ:

ميندي ادل جي پائرن آندي،
—
ميندي ادل جي ڪاڪن آندي،
—
ميندي ادل جي مامن آندي،
—
ميندي ادل جي پيٽن آندي،
—
ميندي سُهٽل جي راڇن آندي.
—

مٿين ڳيچ کي ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ پنهنجي رواج جو ڪئن نہ سهڻن ۽ سادن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ستين نمبر ڳيچ ۾ بہ منديءَ جو بيان تمام پيار سان ڪيو ويو آهي. ايتري قدر نازڪ ۽ نفيس بياني ڪئي ويئي آهي. منديءَ کي مينڌڙي بہ چيو ويو آهي:

توکي مينڌڙي لايان، مينڌڙي لايان

ان کان سواءِ ٻين ڪن ڳيچن ۾ بہ منديءَ جا سهڻا بيان ڪيا ويا آهن.

## ٧ـ گهورون گهورڻ

گهورون گهورڻ سنڌين ۾ خوشيءَ جي اظهار جو هڪ نمونو آهي ۽ اهو موقعو شاديءَ جو هجي، مڱڻي جو هجي، منڊ جو هجي يا ڪو ٻيو موقعو هجي. جتن ۾ به گهورون گهورڻ جو رواج آهي. ڳيچ نمبر چار ۾ ته ائين ٿو اظهار ملي ته اوهين سڀ يعني حاضرين گهوٽ جي مٿان گهورون گهوريو. ٻيا به ڪي اهڙي ئي قسم جا بيان ملن ٿا:

لاڏلي تان مان گهورون گهورايان.
(ڳيچ نمبر پنجون)
ڪندا ادل اچي گهورون گهوٽ مٿان.
(ڳيچ نمبر ايڪٽيهون)

رواجي طرح گهور ته روپين يا اڌ روپين جي سڪن سان ڪئي ويندي آهي پر ڳيچ نمبر هڪ ۾ ته ايترو وڌاءُ ڪيو ويو آهي ته:

ماڻڪ اچلايان مينهن جئن، موتين ٿالهه ڀري

لڳي ٿو هن وڌاءُ ڪري لکڻ جو مطلب تمام گهڻي خوشيءَ جو اظهار آهي.

## ٨ـ چج اچڻ:

اڳئين زماني ۾ ننڍڙا ڳوٺ هوندا هئا ۽ جيڪڏهن شهر به هوندا هئا ته ننڍڙا ئي هوندا هئا. ان ڪري اڪثر رواج هوندو هو ته گهوٽ گهوڙي تي چڙهي ايندو هئو ۽ جاڃي ان سان پنڌ ايندا هئا. ڳيچ نمبر پنجويهين ۾ تمام سهڻي نموني بيان ڪيو ويو آهي ته:

چج آئي ڙي بنان،

تنهنجي شهر برابر چج آئي،
تنهنجي باغ برابر چج آئي،
تنهنجي محل برابر چج آئي،
تنهنجي سيج برابر چج آئي.

مٿين ڳيچ ۾ ڪهڙي نه سهڻي نموني ٻڌايو ويو آهي ته پهرين چج شهر جي ويجهو آئي، پوءِ هلندي هلندي باغ جي ويجهو آئي، پوءِ محل جي ويجهو آئي ۽ آخر سيج جي ويجهو پهتي.

هونءَ رواجي طرح ججه سيج جي ويجهو تہ نہ پهچندي آهي. پر ٿي سگهي ٿو تہ اهو بيان بہ وڏاءُ ڪري يا وڏيڪ ويجهائپ ۽ پيار ڏيکارڻ جي ڪري ڪيو ويو هجي.

مٿي برابر لفظ جو استعمال ويجهو جي معنيٰ ۾ ڪيو ويو آهي.

## ٩ـ سوني سيج ماڻڻ:

دراصل خوشيءَ جي موقعي تي ان ۾ بہ شاديءَ جي موقعي تي اڪثر بيان ڪندڙ زندگيءَ ۾ نہ پوريون ٿيندڙ خواهشن جو بيان ڪندو آهي. ائين ڪرڻ سان هو ڄڻ رواجي زندگيءَ ۾ نہ پوريون ٿيندڙ خواهشن جي ڪوٽ ڪي پورو ڪندو آهي. اهڙن خيالن ۾ سوني سيج ماڻڻ بہ آهي. ڇو نہ رواجي طرح سون جي نهيل سيج ممڪن تہ آهي، پر ڏکي آهي، پر اُن جي ڪلپنا خود ۾ ئي خوشيءَ جو باعث آهي. ڳيچ نمبر ويهين ۾ سوني سيج ماڻڻ جو تمام سهڻو بيان ڪيو ويو آهي.

## ١٠ـ وهنين ماڻڻ

لاڏو سـدا ونهين ماڻي

(ڳيچه نمبر ايڪويهون)

مٿيون اظهار بہ تمام سهڻو آهي ۽ شبِ پاونا جو اظهار ڪيو ويو آهي تہ لاڏو سدائين پنهنجي ونهين سان خوش هجي.

ڳيچه نمبر ٻنجين ۾ وري پيڻ پنهنجي پاءَ لاءِ سک جي ڪلپنا ڪندي چوي ٿي:

وهنين تہ ماڻ منهنجا ادل

## ١١ـ ڏيءَ وڃي ٿي پرديس:

ڳيچه نمبر اٺيهين ۾ تمام سهڻن ۽ سادن لفظن ۾ ڌيءَ جي پرديس وڃڻ جو بيان ڪيو ويو آهي:

١ـ ڌيءَ وڃي ٿي پرديس،
مائٽ ڏيو ڌيءَ کي موڪل.
٢ـ لاڏي وڃي ٿي پرديس،
پاڻر ڏيو پيڻ کي موڪل.
٣ـ ڪنار وڃي ٿي ساهرين،
اديون ڏيو پيڻ کي موڪل.
٤ـ وڃي سک ماٺين ساهرين،
جيجل ڏي ڌيءَ کي موڪل.
٥ـ وڃي پنهنجو اڱڻ وسائي،
ادل ڏي اديءَ کي موڪل.

مٿين ڳيچه ۾ بلڪل سادگيءَ سان ڌيءَ جي ساهري وڃڻ تي مائٽن، پاڻرن، ادين، جيجل ۽ ادن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي تہ هو ڌيءُ کي موڪل ڏين، پر هرڊفعي تمام سهڻي پوپشيہ جي اڇا ظاهر ڪئي ويئي آهي، جنن تہ:

وجي سک ماٺين ساهرين
يا
وجي پنهنجو اڱڻ وسائي.
مٿيان لفظ سادا هوندي به اظهار جي قوت رکن ٿا.

## ١٢ـ شهرن جو بيان

ڳيجهن ۾ ڪيترن ئي سنڌ جي شهرن ۽ علائقن (Regions) جو به بيان ملي ٿو. دراصل ورهاڱي کان اڳ ٻني، جي جتن جو گهڻو واپار لاڙ سان ئي هو. جيتوڻيڪ پوين چئن ڏهاڪن ۾ سندن اها واٽ بند ٿي ويئي آهي ان هوندي به ڳيجهن ۾ شهرن جا جيڪي بيان ملن ٿا اهي سنڌ جي شهرن جا ئي آهن ۽ نه ڪڇ جي شهرن جا:

دهريون ادل جون لاٽڪاڻي ڪنوڻ گهرايان
(ڳيجهه ـ ٣)
(نوٽ مٿي لاڙڪاڻي کي لاٽڪاڻو چيو ويو آهي)
موڙ ادل جا سيوهڻون گهرايان
(ڳيجهه ـ ٦)
دهريون ادل جون لاڙئون گهرايان
(ڳيجهه ـ ٧)
موڙ پورل جا سيوهڻ مان گهرايان
(ڳيجهه ـ ٧)
ننڍڙا نه وڃ لاڙ
(ڳيجهه ـ ٣٠)

مٿي بيان ڪيل شهرن کان سواءِ ٻين به ڪن شهرن جا بيان ملن ٿا پر لاڙ کان سواءِ سنڌ جي ٻين علائقن ٿر ڪڇ، لس ٻيلي وغيره جا بيان نٿا ملن.

مٿي ڳيجهن جي ڪن ٿورن پهلوئن جي اوک ڊوک ڪئي ويئي آهي ۽ اجان به ڪيترا پهلو آهن جن تي تمام گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو پر هن مجموعي جو مقصد فقط اهو آهي، ته جتن جي ڳيجهن کي عوام، اديبن ۽ عالمن جي اڳيان پيش ڪجي ۽ باقي انهن تي ڇڏجي ته هنن ڳيجهن جو ٻين پهلوئن کان پڻ اڀياس ڪن.

(گجرات سنڌي اڪيڊمي گانڌي ڌام پاران شايع ڪيل ڪتاب "ڳيجهه / ڳيچ" جو مقدمو.)

●●●

ماربِ متاهون ٽيو، ماربِ چڙهي ڪيو
سا ٻچي ساٿ سوين جائي ماربِ تي مري.

جي تون ماربِ تي مرين، وڏا طالع تو،
سانول ساڳي سو، مٿان تو هٿ ڏني،

مَلِهي ماربِ مَرُ تان تون تنين جي ٽنين،
جبل هار نہ جَرُ ،ارتو اکڙين مون،

ماربِ جي مُنين، تان هنين، هوتياڻين هنج ۾
وجي ڪيچ سنين، ويچاري، وس ڪيو.

ماربِ مَرن جي، ور تنين کي ويجهڙو
هَي هَي هوتن کي، ٽني ارمان انهن جو.

ماربِ مرڻ آهہ، گهوريو جيڻ جيڏيون،
ٻير نہ ٻويون ٻا، عاشق مَرُ اڳي ٽنين.

ماربِ آهي مرڻ، جيڏيون هن جيڻ کون،
وس ويچاري، ايترو ڪوڪان ڪانڌ ڪرڻ،
ٻاروچا ٻُرڻ، ٽيو ڪم ڪوهيار جو.

ماربِ مران شال، دعا ڪريجو جيڏيون،
هوت ههڙي حال، مانَ مٿان مون هٿ ڏني.

ـ سچل سرمست

ڊاڪٽر الهرڪيو ڀَٽ ۽ بشير احمد ميمڻ

سنڌيڪار: عبدالڪريم ڪتي

# الوحيد سازش ڪيس

گذريل صديءَ جي موڙ تي، ترڪ سلطان جي سربراهيءَ ۾، مسلم خلافت جي خلاف، يورپي سازباز ۽ جارحانه ڪاروائيون پنهنجي اوج تي پهتل هيون. نتيجي طور پهرين مها ڀاري لڙائي دوران عثمانيه سلطنت جي ٽٽڻ جو عمل شروع ٿيو. جيڪو ١٩٢٣ع ۾ پڄاڻيءَ تي پهتو. اِهو سيڪجهه برطانوي چشم پوشيءَ ۽ دغابازيءَ جي ڪري ٿيو. جنهن وڏيءَ حد تائين هندوستان جي مسلمانن کي سنڌن حاڪمن جي خلاف متحرڪ ڪيو. مسلمانن جي ناراضپي، انگريز سان مهاڏو اٽڪائي، جلاوطن حڪومت قائم ڪرڻ ۽ ريشمي رومال خطن واري تحريڪ ۽ عدم تعاون واري تحريڪ جي شڪل ورتي. انهن تحريڪن آخر مقبول خلافت تحريڪ جي شڪل اختيار ڪئي.

سنه ١٩١٩ع جي آخر ڌاري، علي برادران جي شاندار سربراهيءَ ۾ مرڪزي خلافت ڪميٽي جوڙي ويئي. انڊين نيشنل ڪانگريس پڻ خلافت ڪميٽيءَ سان سهڪار ڪيو ۽ خلافت تحريڪ پوري هندوستان ۾ ڦهلجي ويئي، جنهن انگريز سلطنت جا بنياد لوڏي ڇڏيا. سنڌ اندر به ساڳئي سمي اِها تحريڪ شروع ٿي.

## اخبار جو قيام:

سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽيءَ جي سرواڻيءَ ۾ سنڌ جي عوام انهن مقبول عوامي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌ ۾ مرحوم حاجي عبدالله هارون تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي. عوامي گڏجاڻيون منعقد ڪيون ويون، احتجاجي جلسا ۽ جلوس ڪيا ويا ۽ تمام گهڻو لٽريچر ڇپائي ورهايو ويو.

سنڌ خلافت ڪميٽيءَ جو نهايت اهم ڪارنامو، ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ روزانه اخبار جو قيام هو. ١٥ـ مارچ ١٩٢٠ع تي قائم ٿيندڙ هن پهرين روزانه سنڌي مسلم اخبار کي ترڪ خليفي، محمد وحيد الدين جي نالي پٺيان، "الوحيد" نالو ڏنو ويو. اخبار سنڌ ۾ مولانا محمد عليءَ واري اخبار "ڪامريڊ" ۽ مولانا ظفر علي خان جي "زميندار" وارو معيار ماڻيو. سنڌ ۾ مسلم سياست جي جوڙ جڪ ۽ واڌاري ۾ "الوحيد"، بنيادي اهميت وارو ڪردار ادا ڪيو. سنڌي صحافت ۽ ادب کي عظيم لکئيون ڏنيون ۽ ان طوفاني دور ۾ ڪيترائي لاها چاڙها ڏٺائين. هتي اسان جو مقصد سنڌي مسلمانن جي هن مقبول ترين هٿيار جي گهري مطالعي ۾ وڃڻ هرگز ناهي، اسان صرف انهي اخبار جي پهرئين ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان، بي. اي، جي خلاف وقت جي حڪومت پاران قائم ڪيل سازش ڪيس تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## الوحيد خلاف سرڪاري ڏاڍايون:

دراصل ڳالهہ هن ريت آهي تہ، وقت جي مفاد پرست ٽولي، "الوحيد" جي قائم ٿيڻ واري ڳالهہ جي آجيان نہ ڪئي. دشمنن جي فهرست ۾ خطرناڪ ترين "دشمن، ڪراچيءَ مان نڪرندڙ يورپي انگريزي روزنامو، "ڊيلي گزيٽ" هو، جيڪو حڪومت جو وڏو حمايتي ۽ پشت پناهي ڪندڙ هو. "ڊيلي گزيٽ"، پنهنجي ٢- آگسٽ ١٩٢٠ع واري پرچي ۾، نئين اُسريل روزنامي ۽ سنڌس بانين، خاص ڪري حاجي عبدالله هارون جي خلاف انتهائي شرمناڪ ۽ توهين آميز انداز ۾ ڀرپور چوهڙ چنبڙيندي، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. مخالفت جو مقصد نہ رڳو نئين شروع ڪيل اخبار جي ساک کي ڇيهو رسائڻ هو، پر اُن جي خلاف انگريز سرڪار کي سخت قدم کڻڻ لاءِ واتون ۽ گس گهڙي ڏيڻ هو.

"الوحيد" اڳيني سنڌ سرڪار جي هِٽ لسٽ تي هئي. جولاءِ ١٩٢٠ع ۾ اخبار سرڪار وٽ سيڪيورٽي ڊپازٽ طور ہ هزار روپين جي وڏي رقم جمع ڪرائي هئي. ان کان سواءِ ساڳئي سال جي ٣٠ آگسٽ، ١٦- سيپٽمبر ۽ ٢٢- آڪٽوبر تي، اخبار جي ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان کي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڪراچيءَ وٽ پيش ٿيڻ لاءِ گهرايو ويو هو ۽ ڪيس خطرناڪ نتيجن ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون هيون. اِهو اخبار جي خلاف سخت ترين ۽ ساهہ سُڪائيندڙ قدم ڏانهن هڪ اشارو هو.

## الوحيد جو ايڊيٽر گرفتار:

اخبار جي سڀ کان وڏيڪ ۽ غير معمولي خصوصيت هيءَ هئي تہ، طاقتور انتظاميہ جون سيئي ڌمڪيون، هن اخبار جي ايڊيٽر کي پنهنجي مشن کان باز نہ رکي سگهيون. اخبار سرڪار تي ڀرپور انداز ۾ تنقيد جاري رکي، تنهن ڪري ١٩٢٠ع واري ناتال جي ڏينهن تي، "الوحيد" جي ايڊيٽر پرنٽر ۽ پبلشر قاضي عبدالرحمان کي، ڪراچيءَ ۾، انڊين پينل ڪوڊ جي سيڪشن ١٢٣-اي هيٺ هندوستان جي حڪومت خلاف نفرت ڦهلائڻ ۽ اُن جي توهين ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. جيٺمل پرسرام واري "ڀارت واسي" سميت سنڌي اخبارون اڳيني اهڙي قسم جا انومان ڪندي رهيون هيون.

سنڌي اڳواڻن ۽ دانشورن، قاضي عبدالرحمان خلاف سرڪاري قدم جي ملامت يا نندا ڪرڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ ڪئي. قاضي صاحب جو حوصلو وڌائڻ لاءِ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ۽ ٺٽي واري محمد زمان شاهہ سميت مجيل شاعرن، هن جي جرئت ۽ بيباڪيءَ جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي. جمع جي ڏينهن ١٩٢١ع واري نئين سال جي موقعي تي، ڪراچيءَ ۾ عوامي احتجاجي گڏجاڻي ڪوٺائي ويئي، جتي مقررن ۽ شاعرن، ملزم جي اڻ ٽٽ ۽ اڏول همت ۽ مردانگيءَ کي خراج تحسين پيش ڪيو. مهاتما گانڌيءَ ۽ سنڌس سيڪريٽريءَ پڻ قاضي عبدالرحمان واري دليرانہ قدم جي حمايت ۾ تارون اماڻيون.

## ايڊيٽر کي سزا:

٣- جنوري ١٩٢١ع تي شنوائي شروع ٿي. ملزم پنهنجو بچاءُ نہ ڪيو. ٻن سرڪاري ملازمن ۽ "الوحيد" ۾ شايع ٿيل مقالن جي شاهديءَ تي، ملزم کي مجرم قرار ڏيندي، نهايت عجلت ۾ ڪيس جو فيصلو ڏنو ويو. ٢٠ جنوري ١٩٢١ع تي. تہ تڪڙ ۾ قاضي عبدالرحمان کي ٻن هزار روپين واري

سيڪيورٽي ڊپازٽ جي ضبطي، سميت هڪ سال سخت پورهئي جي سزا ڏني ويئي.

شنوائين وارن ڏينهن وانگر ڪيس جي فيصلي واري ڏينهن تي، قاضي عبدالرحمان جي رشتيدارن، گهڻگهرن ۽ سندس حمايتين جو هڪ وڏو ميڙ ڪورٽ جي حدن ۾ گڏ ٿيو. انهن ۾ معروف شخصيتون حاجي عبدالله هارون، پير غلام مجدد سرهندي، شيخ عبدالعزيز شيخ عبدالمجيد سنڌي، جمشيد مهتا، عبدالجبار سيٺ احمد، محمد هاشم "مخلص" ۽ پروفيسر واسواڻي هئا. نوجوان ايڊيٽر جيڪو هاڻي ضمير جو قيدي بڻجي چڪو هو، تنهن کي هار پهرايا ويا. سارو منظر پرپور جذبات سان پُر هو. قاضي عبدالرحمان پاڻ ڪورٽ جي حدن ۾ گڏ ٿيل ماڻهن کي مختصر خطاب ڪيو. ٢٠ جنوري ١٩٢١ع جي "ڊيلي گزيٽ"، نوجوان ايڊيٽر جي عزم ۽ همت جي جهلڪ، سندس ئي لفظن ۾ هن ريت پيش ڪئي. "هن فقط الله جي نالي ۾ سزا قبول ڪئي آهي ۽ وڏي، همت سان اُن کي برداشت ڪندو."

سنڌ ڌرتي، جو هي بهادر پُٽ ڪنهن به موقعي تي پنهنجي مقصد تان نه هٽيو ۽ نه وري سندس عزم ۽ همت ۾ ڪا گهٽتائي آئي. جڏهن هن کي سينٽرل جيل ڪراچي، ڏانهن نيو پئي ويو ته، ماڻهن الله اڪبر جا نعرا هڻندي سندس ڪار تي گلن جي ورکا ڪئي.

## سرڪار جي غضب جو سبب:

"الوحيد" خلاف سرڪار جي غيض ۽ غضب جو هيئين پس منظر هو. خلافت ۽ عدم تعاون وارين تحريڪن دوران، سنڌ جي انتظاميه اِهو ٿي سمجهيو ته، الوحيد ۽ ان جي هلائيندڙن جهڙن ماڻهن جي انهن تحريڪن ۽ بي آرامي کي پنيرائي حاصل هئي. هن امر جي تصديق، اُن وقت جي سنڌ جي ڪمشنر جي ريمارڪس مان ڪري سگهجي ٿي. اهي لفظ خفيه سرڪاري دستاويز (انهن دستاويزن کي هاڻي عوامي بنايو ويو آهي)، "بمبئي پريزيڊنسي، ۾ شايع ٿيندڙ هندوستاني اخبارن جي سالياني رپورٽ، سال ١٩٢٠ع ۾ شايع ٿيا. اهي ريمارڪس هن ريت هئا. "عدم تعاون ۽ خلافت وارن سوالن تي بحث شدت سان جاري رهيو ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو. خصوصي طرح "الوحيد"، جيڪا خلافت واري سوال تي، سرڪار تي تمام سخت حملن ڪرڻ ۾ مشهور هئي. تان جو سنه ١٩٢١ع ۾ ان اخبار جي ايڊيٽر تي، انڊين پينل ڪوڊ جي سيڪشن ١٢٤ـاي ۽ ١٥٣ـاي تحت ملزم ٺهرائيندي مقدمو هلايو ويو ۽ پريس طرفان جمع ڪرايل سيڪيورٽي ڊپازٽ ضبط ڪئي ويئي."

١٩١٩ع ۽ ١٩٢٢ع جي وچ واري عرصي تي تنقيدي نگاهه گهمائڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته، انهن سالن دوران هندوستان جي سياسي افق تي خلافت ۽ عدم تعاون وارا مسئلا ڇانيل رهيا. هي اهو دور هو، جڏهن انهن ٻنهي مسئلن جي حوالي سان، سرڪاري پاليسين تي "الوحيد" جي تنقيد چوٽ تي پهتي، جنهن سندس خلاف حڪمرانن جي قهر کي دعوت ڏني.

## ڪيس جي ڪارروائي:

ڪيس جي ڪارروائي ڏانهن موٽندي، اسان کي معلوم هئڻ گهرجي، ته اها ڪارروائي سومر ڏينهن، تاريخ ٣ـ جنوري ١٩٢١ع تي ايچ. ايس. وي. ايڪاٽ، آءِ. سي. ايس، ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ

ڪراچي جي آڏو شروع ٿي. منجسٽريٽ ضلعي ۾ اعليٰ ترين عملدار جي حيثيت ۾، زوريءَ پنهنجا هٿ ٺوڪيا انتظامي ۽ عدالتي اختيار مڙهيا. ڪيس "الوحيد" جي مهم جي ساري ڄاڻ هئي ۽ بمبئي سرڪار ڏانهن هن جي ئي سفارش تي، اخبار ۽ ان جي ايڊيٽر تي هي ڪيس مڙهيو ويو هو. منجسٽريٽ جو هيڊ ڪلرڪ، ڊي. سوزا، ڪيس جي شاهدن مان هڪ هو، ٻين شاهدن ۾ موهن لال، جيڪو سنڌ جي ڪمشنر جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ٽرانسليٽر هو، بيريسٽر ٽي. جي. ايلفنسٽن، جيڪو پبلڪ پراسيڪيوٽر طور ملازم هو، شامل هئا. "الوحيد" جي خلاف، جي. بي. جين ڪنس، ڊي. ايس. پي (ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس) ڪراچي جي شڪايت تي قدم کنيو ويو ۽ ان ڪيس جو بنياد، اخبار جي ٻن پرچن ۾ ڇپيل ٽن مقالن، تاريخ ١٦_ آڪٽوبر ۽ ٢_ نومبر ١٩٢٠ع کي بنايو ويو هو. ١٦_ آڪٽوبر جي مقالن جا عنوان "هندو مسلم پاڻيءَ" ۽ "سرڪاري اسڪولن جو بائيڪاٽ ڇو ڪجي؟" هئا. جڏهن ته ٢_ نومبر واري مقالي جو عنوان "عدم تعاون جي ناگزيري (ضرورت)" هو.

ڊي سوزا شاهدي ڏني ته، قاضي عبدالرحمان خلاف قدم کي بمبئي سرڪار جي پوري پٺڀرائي حاصل هئي. اهڙا احڪام ١٣_ ڊسمبر ١٩٢٠ع تي ڪراچيءَ پهتا ۽ ملزم کي ساڳئي مهيني جي ٢٥_ تاريخ تي گرفتار ڪيو ويو هو. ٻي شاهد موهن لال، ڪورٽ جي آڏو ۵_ آگسٽ ۽ ١٦_ نومبر ١٩٢٠ع جي عرصي دوران "الوحيد" ۾ شايع ٿيل ١٦ مقالن جا تفصيل پيش ڪيا ۽ سنڌيءَ ۾ ٽيئي اصلي مقالا، سندس ڪيل انگريزي ترجمي سميت پڻ پيش ڪيائين. مذڪور مقالا اُهي هئا جن جي بنياد تي ملزم تي قدم کنيو ويو هو.

ٻي شنوائي ١۵_ جنوري ١٩٢١ع تي منعقد ٿي ۽ ان ڏينهن تي بادشاهه جي مشير (Public Pro-secuter) بيان ڏنو. هن دليل ڏنو ته، ملزم طرفان لکيل ٽي مقالا سخت بغاوت سان ڀريل هئا ۽ عرض ڪيائين ته، ليکڪ کي، هر مقالي تي، انڊين پينل ڪوڊ جي سيڪشن ١٢٤_اي تحت سزا ڏني وڃي. دليلن کان متاثر ٿيندي، ڪورٽ مٿين ٽن مقالن کي بنياد بڻائي، سزا سٽائيندي چيو ته، انهن جو مقصد هندوستان ۾ قانوني حڪومت جي خلاف نفرت پکيڙڻ هو. اسهڪاري هئڻ سبب ملزم پنهنجو بچاءُ نه ڪيو ۽ ڪنهن به زباني بيان ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. بهرحال، هن هڪ تفصيلي لکيل بيان پيش ڪيو، جنهن ۾ هن پنهنجي بي ڏوهي هئڻ جي دعويٰ ڪئي. هُن ڪيس ۾ آڏي پڇا لاءِ ڪنهن به شاهد کي سڏائڻ کان پڻ انڪار ڪيو.

مٿين سببن جي ڪري، منجسٽريٽ ملزم کي ٽن ڪيسن ۾ ڏوهاري سمجهيو، پر هن سزا جي مدي بابت شڪ ڏيکاريو، جنهن لاءِ هن سرڪاري وڪيل کان صفائي طلب ڪئي. فيصلي واري ڏينهن تي سرڪاري وڪيل جو مشورو آيو، جيڪو "ڊيلي گزيٽ" ٢٠_ جنوري ١٩٢١ع واري پرچي ۾ نمايان طور شايع ڪيو ويو هو. ان جو واسطو ڪيس يا ڏوهه جي سنجيدگيءَ سان هو، جيڪو ملزم جي طرفان ڄاڻي ٻجهي ڪيو ويو. هن "الوحيد" جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ قاضي عبدالرحمان جي ڪردار جي پڻ وضاحت ڪئي: "هن ٢_ جولاءِ تي ايڊيٽر جي چارج ورتي ۽ ٽن هفتن اندر يعني ٢٢_ جولاءِ تي ڊسٽرڪٽ منجسٽريٽ (خود جج) جي طرفان هنجي ضمانت واري رقم (Security) وڌائڻ ضروري



قاضي عبدالرحمان

وَلَا تَهِنُوا وَلَا تَحْزَنُوا وَأَنتُمُ الْأَعْلَوْنَ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ

نه سُست ٿيو، نه ڏک ڪريو جيڪڏهن توهين ايمان وارا هوندؤ ته سربلند هوندؤ

بقلم محمد جوهر

الوحيد لئبريري

# الوحيد

روزانه

خلافت اسلاميه جي متعلق مسلمانن کي ضروري واقفيت ڇپائيندو. هندو مسلم اتحاد، هندوستان جي مسلمانن کي سنڌ جي ضرورتن کان واقف ڪندو. حڪومت جو خير خواه، رعيت جي خيالن جو صحيح ترجمان.

[جلد ١] [نمبر ١] ڪراچي ١٥ مارچ ١٩٢٠ع مطابق ٢٣ جمادي الاخر ١٣٣٨ه

اخبار الوحيد ڪراچي

١٥ مارچ ١٩٢٠

اي بادشاهن جا بادشاه - اي حڪمرانن جا حڪمران ...

سمجهيو ويو. هن کي جولاءِ ان کان پوءِ آگسٽ، سپٽمبر ۽ آڪٽوبر هر مهيني تنبيهه پڻ ڪئي ويئي. جڏهن اِهي تنبيهون (Warnnings) پنهنجي مقصد ۾ ناڪام ٿيون ۽ ملزم باغيانه مواد لکڻ جاري رکيو، ته سرڪار لاءِ اِهو لازمي امر ٿي پيو ته، اهڙن مقالن کي بنجو ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ ته باغيانه مواد جو وهڪرو سنڌ جي عوام لاءِ هڪ قسم جي سنجيده شرارت جي برابر هو. سرڪار صبر کان ڪم وٺندي، ڪافي برداشت ڪيو ۽ جڏهن قدم کڻڻ ضروري سمجهيو ويو، ته ڪيس جون ڪارروائيون شروع ڪيون ويون"(٣).

قانوني ماهر طنزيه انداز ۾ اعلان ڪيو ته، ملزم جو دماغي توازن صحيح نه آهي: "هن تازو ڪاليج ڇڏيو آهي. مقالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته، هُو ذهني توازن وڃائي چڪو آهي". ڪيس ۽ سزا ڏانهن مڙندي، هن راءِ ڏيندي چيو: "هر ڪيس لاءِ، جيڪڏهن انهن کي جدا جدا هلايو وڃي ته وڌ ۾ وڌ ڏهه سال ڪاري پاڻي جي سزا ۽ لامحدود ڏنڊ آهي."(٤)

نوجوان ايڊيٽر لاءِ رحم جو بهانو ڪندي، بادشاهه جي قانصل ڪورٽ کي مشورو ڏنو:" ملزم رحم جو حقدار آهي، ڇو ته هن جي غلط ويچارن جو سبب، قابليت ۽ ذهني توازن جي کوٽ آهي. انهن ويچارن جي ڪري، ڪيس جي نوعيت کي پاسيرو رکندي، ملزم سان نرميءَ سان پيش اچڻ جو مشورو ڏيندس ۽ صلاح ڏيندس ته، هر ڪيس ۾ ٻارهن مهينن جي سخت پورهئي جي سزا ڏني وڃي، جيڪا گڏوگڏ ملي. انهي دوران ٿي سگهي ٿو ته، ملزم پنهنجي حياتي تي ويچار ڪري ۽ ان کانپوءِ هڪ سٺو شهري بنجي وڃي."(٥)

مٿين مشوري مطابق، ڪورٽ ايڊيٽر کي سخت پورهئي سان ٻارهن مهينن جي قيد جي سزا ڏني ۽ ٻه هزار روپين جي سيڪيورٽي ڊپازٽ ضبط ڪرڻ سان گڏو گڏ الوحيد جي اعتراض جوڳي مواد وارين سڀ ڪاپيون پڻ ضبط ڪيون ويون.

اخبار جي خلاف وڏيڪ سخت قدم:

اصولن تي سمجهوتو نه ڪندڙ اخبار؛الوحيد" کي وڏيڪ سزا ڏيڻ لاءِ، سرڪاري اسٽور ۾ اجا گهڻو مواد موجود هو. قاضي عبدالرحمٰن جي جاءِ هڪ ٻئي بهادر شيخ عبدالمجيد سنڌي والاري. "الوحيد" خلاف ١٩١٠ع واري انڊين پريس ايڪٽ وارو مهلڪ هٿيار استعمال ڪندي، حاڪمن ٻيو حملو ڪيو. هن ڀيري مطلق العنان حڪومت وڏيڪ بيرحميءَ سان پيش آئي. پريس ايڪٽ ١٩١٠ع جي سيڪشن ٥ تحت نئين ايڊيٽر کان ڏهه هزار روپين جي نئين ضمانت طلب ڪئي ويئي. اِهو قدم انهي ڪري کنيو ويو ته، حاڪمن تي نئين حملي کان اڳ، اخبار کي گوڏن ڀر جهڪايو وڃي. اِهو قدم تمام مهلڪ ثابت ٿيو. "الوحيد" ٣- فيبروري ١٩٢١ع کان پنهنجي اشاعت معطل ڪري ڇڏي، رنج ۽ صدمي واري حالت ۾، اخبار پنهنجي ٢- فيبروري واري شماري ۾، اخبار جي معطليءَ بابت پڙهندڙن آڏو حقيقي پوزيشن پيش ڪئي.

ان کان جلدي پوءِ هڪ اپيل وسيلي، عطيا وٺي الوحيد سيڪيورٽي فنڊ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ويو. سنڌ جي سيني ماڻهن، مسلمانن توڙي هندن ڏاڍي سخاوت جو مظاهرو ڪيو ۽ جون ١٩٢٢ع ۾،

۱٦ مهينن جي معطليءَ کانپوءِ مقبول عام "الوحيد" وري پڌري ٿي.

مقالن جو تجزيو.

اچو تہ آخر ۾ الوحيد جي مضمونن تي نظر وجهون، جن جي ڪري اِها حاڪمن جي ڏاڍ ۽ ڏمر جو نشانو بڻي، مقالن واري مواد تي ڪورٽ ۾ بحث ڪيو ويو ۽ انهن جي آڌار تي ڪيس جي فيصلي جو وڏو حصو تيار ڪيو ويو. فيصلي جو مڪمل متن، "ڊيلي گزيٽ" ۲٦- جنوري ۱۹۲۱ع ۾ شايع ڪيو ويو هو. هتي اسين فيصلي ۾ ڇاٽايل ٽنهي مقالن جي اهم نقطن تي ويچاريندا سين.

پهريون مقالو، ۱٦- آڪٽوبر واري پرچي جي پهرئين صفحي تي پڌرو ٿيو. ڇاپڻ واري، اُن جي اهم نقطن کي تمام سهڻي نموني سان سينگاري ۽ ننڍن وڏن گلن ڦلن سان سينگاريل بارڊر ڏيئي وڏي شان سان پيش ڪيو. ان مواد جو سرڪاري متن، ملزم جي پيش ڪيل بيان کان ٿورو مختلف هو. سرڪاري متن هن ريت هو. "اسلام جي دشمنن هندوستان جي ظالم حڪمرانن ۽ ڌرتي ماتا کي غلام بڻائيندڙن جي خلاف، ڪوبہ سهڪار نہ ڪرڻ جو عهد ڪريو. سرڪار جي دربارن ۽ ڪائو نسلن ۾ نہ وڃو ۽ پنهنجن غدار ڀائرن کي ڪڏهن بہ ووٽ نہ ڏجو ۽ اهڙن فوجين ۾ شمار نہ ٿجو. جيڪي عرب ڀائرن سان وڙهڻ لاءِ بغداد ڏانهن موڪليا وڃن."(٦)

انگريزيءَ ۾ پيش ڪيل ان ترجمي کي بنياد بڻائيندي، منجسٽريٽ ملزم کي ڏوهاري قرار ڏنو.

ٻيو مقالو پڻ ۱٦- آڪٽوبر واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو ۽ اُن ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن کي خطاب ڪيل هو ۽ انهن آڏو هندوستانين جون تمام ڏکوئيندڙ حالتون پيش ڪيون ويون هيون. "حڪومت جي نظر ۾ هندوستانين جي عزت کان توهين اٺڃاڻ ناهيو. گورن حاڪمن وٽ هندوستاني زندگيءَ جو، هڪ جانور جيتروقدر مس آهي. هندوستاني ماڻهن ۽ انهن جي خستہ حاليءَ ڏانهن گورا حاڪم ڪوبہ جوڳو ڌيان نٿا ڏين. جيڪڏهن ڪو گورو هندوستانين کي قتل ڪري ٿو، تہ اِها حاڪمن جي نظر ۾ ڪا وڏي ڳالھ ناهي، مگر جيڪڏهن ڪو گورو هندوستاني هٿان مري ٿو پوي، تہ سموري سفيد فام دنيا ۾ ڪهرام مچيو وڃي." هندوستانينۡ مٿان، خاص ڪري دهلي ۽ جليانوالا باغ ۾، حڪومت جيڪو ظلم ڪيو، ان جو حوالو ڏيندي، ليکڪ شاگردن آڏو هيٺيان سوال رکيا: "ڇا مٿين شرمناڪ ڪارروائين کانپوءِ بہ توهين حڪومت پاران هلندڙ ۽ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ اسڪولن ۽ ڪاليجن جو تعاون ڪرڻ نہ ڇڏيندا؟"

ساڳئي مقالي جي آخري حصي ۾، ليکڪ شاگرد برادريءَ کي بلڪل صاف لفظن ۾ صلاح ڏيندي، ڪين ٻڌائي ٿو تہ، انهن کي ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن: "هاڻي جيڪڏهن اوهان جو ضمير ۽ ذهن ٽن خوبين سان پر آهي ۽ توهان جو ذهن ۽ ضمير چالاڪي ۽ چالبازي کان آجو آهي تہ، ڪوبہ سبب نظر نٿو اچي، تہ توهان جا حواس شرم ساريءَ جي ڀيانڪ طوفان ۾ نہ وڪوڙجي وڃن ۽ اوهان کي مهاتما گانڌي طرفان هلايل عدم تعاون واري تحريڪ ۾ شامل ڪري هندوستان کي پيش ايندڙ تڪليفن کي ختم ڪرڻ لاءِ هٽ هٽ ۾ ملائي هلڻ لاءِ نہ اُڀاري."(۷)

مٿئين مقالي جا حقيقي ۽ خيالي نقصان ڳڻيندي، منجسٽريٽ ٽئين ۽ آخري مقالي ڏانهن متوجه ٿيو، جيڪو ٢ـ نومبر ١٩٢٠ع تي ڇاپيو ويو هو. ان مقالي جو موضوع حڪومت سان عدم تعاون ڪرڻ هو "حڪومت سان عدم تعاون وقت جي اهم ضرورت آهي. اُن وسيلي ظالم ۽ جابر سرڪار آڏو اسانجو وڃايل وقار ۽ رسوخ بحال ٿيندو ۽ اسان کي آزادگي ۽ آسودگي حاصل ٿيندي. اڇو ته عهد ڪريون ته، انهن هندوستانين سان عوام ڪنهن به قسم جو ساٿ نه ڏيندو جيڪي ماتر ڀومي، ۽ ڌرم ٻنهي سان سچا نه رهندي، حڪومت جي ڍونگي ڪائونسلن ۾ وڃي ويهندا. انهن ماڻهن اهڙي حڪومت سان هٿ هٿ ۾ ملائي هلڻ جو قصد ڪيو آهي، جنهن جا هٿ سنگين پاپن واري پُونء ۾ ڳتل آهن."(٨)

مذڪوره مقالي ۾ ليکڪ سنڌ ۽ هندوستان اندر سرڪار جي اعليٰ عملدارن تي نهايت سخت حملا ڪيا، ايتريقدر جو برطانيه جي وزير اعظم، جارج لائيڊ کي به بخش نه ڪيائين.

مٿي ڄاڻايل سيني نقطن کي آڏو رکي، منجسٽريٽ پنهنجو فيصلو هن ريت صادر ڪيو: "مٿي ذڪر ڪيل مقالن جو قصد، معنيٰ ۽ مطلب ايترو ته واضح آهي، جو آئون مدعي پاران پيش ڪيل ٻين مقالن جي تفصيلن ۾ وڃڻ ضروري نٿو سمجهان. رڪارڊ طور اهڙي قسم جا پندرهن ڪن مقالا موجود آهن ۽ انهن مان ڪيترا اهڙا مقالا به آهن، جن تي الڳ مقدمو هلي سگهي ٿو."(٩)

## حاصل مطلب

مٿئين ڪيس جي تفصيلن ذريعي، اسين اِهو بخوبي اندازو ڪري سگهون ٿا، ته ڪيئن نه هڪ جنوني سرڪار هڪ نوجوان ايڊيٽر کي، پنهنجي ملڪ جي غريب ۽ ڏتڙيل عوام جي حقن لاءِ لڙڻ جي پاداش ۾ عام ڏوهارين وانگر پيش ايندي، ڪيس سخت پورهئي سان ٻارهن مهينن جي قيد جي سزا سڻائي، سنڌ جي تاريخ ۾ هي هڪ انوکو باب ليکيو وڃي ٿو.

## حوالا


1. The Daily Gazettee, 20 January, 1921, P–5.
2. Annual Report on Indian papers published in the Bombay Presidency for the year 1920, P–6.
3. The Daily Gazettee, 20 January 1921, P–5.
4. Ibid. P–5.
5. Ibid. P–5.
6. The Daily Gazettee, 26 January 1921, P–4.
7. Ibid. P–4.
8. Ibid. P–4.
9. Ibid. P–4.


● ✶ ●

اختر درگاهي

# ديوان بيدل جو اڀياس

حضرت قادر بخش بيدل، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست ڪانپوءِ وڏو نالو آهي. هو ۱۲۳۰ هجري مطابق ۱۸۱۴ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو ۽ ۱۲۸۹هه مطابق ۱۸۷۳ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ روهڙيءَ ۾ ئي مدفون ٿيو.

بيدل سائينءَ جي شخصيت گهڻ پاسائين هئي. هو نه صرف سنڌي سرائڪي، اردو فارسي ۽ عربي زبان جو وڏو شاعر هو پر پنهنجي دور جو برک عالم، موسيقيءَ جو ماهر ۽ سچل سرمست ڪانپوءِ تصوف جي وحدت الوجودي فڪر جو مُک اڳواڻ ۽ پرچارڪ پڻ هيو. اهوئي سبب هو جو هن بيباڪ صوفي سرواڻ پنهنجي وقت جي ڪٽر مذهبي دعويدارن سان آمهون سامهون بحث مباحثا ڪيا ۽ پنهنجي فڪر ۽ شاعريءَ وسيلي بنياد پرستن ۽ تنگ نظر مولوين جا تڏا ويڙهايا. نتيجي طور هندن توڙي مسلمانن جو گهڻو تعداد سندس عقيدتمندن ۾ شامل ٿي ويو ۽ بيدل مذهبي ڪٽر پڻي ۽ فرقيبنديءَ خلاف هڪ تحريڪ بڻجي اڀريو. بيدل جي علم جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن صرف فارسي ۽ عربيءَ جا اٽڪل ۲۲ (ٻاويهه) ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. جن ۾ شاعريءَ ڪانسواءِ تصوف جي موضوعن تي سندس عالمانه تحريرون شامل آهن: جيڪڏهن بيدل جا اهي اڻڇپيل عربي ۽ فارسي ڪتاب شايع ڪيا وڃن ته هوند تصوف جا ۽ سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي اهم پهلو ظاهر ٿي سگهن ٿا.

بيدل سائينءَ جي ڪلام تي سڀ کان پهريان ۽ بنيادي ڪم گدومل هرجاڻيءَ ڪيو، جنهن ۱۹۳۰ع ۽ ۱۹۳۱ع ۾ بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام کي سندس سوانح عمريءَ سان گڏ شايع ڪرايو. ان کان پوءِ ماهوار رسالي "سنڌو" جي ايڊيٽر بولچند راجپال ۱۹۵۰ع ۾ "بيدل جو سنڌي ڪلام" سهيڙي ڇپرايو، جنهن بعد مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي، بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام کي "ديوان بيدل" جي نالي سان نئين سر سهيڙيو، جنهن کي ۱۹۵۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو. موسوي صاحب "ديوان بيدل" کي سهيڙڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪئي. هن صاحب بيدل جي ڪلام جي اڳ ڇپيل توڙي اڻڇپيل نسخن جو اڀياس ڪيو ۽ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي نه صرف مختلف فقيرن کان بيدل جو ڪلام ٻڌو پر پنهنجي دور جي اهم عالمن، اديبن ۽ صوفي درويشن سان رهاڻيون پڻ ڪيون، جن ۾ فقير فولاد علي شر مولوي محمد صادق راڻيپوري، جهامنداس ڀاٽيا صوفي نصير فقير جلالاڻي ۽ صوفي عبدالستار جهوڪ شريف وارو ۽ ٻيا شامل آهن. موسوي صاحب بيدل جي شاعريءَ ۽ زندگيءَ جي اهم پهلوئن تي ٻه سهڻي نموني لکيو آهي. ان ڪانسواءِ هن صاحب بيدل جي فارسي،

عربي ۽ اردو ڪلام جو نمونو بہ ڏنو اهي. ديوان بيدل جو پهريو ڇاپو ١٩٦١ع ۾ شايع ڪيو ويو هيو ۽ انهيءَ جو ٽيون ڇاپو تازو ١٩٩١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ني شايع ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ناميارې اديب ۽ محقق ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جو بيدل جي شاعريءَ تي اهم ۽ عالماڻو مقالو بہ شامل آهي ۽ شوق صاحب هن ڇاپي ۾ بيدل جا سنڌ جي بزرگن جي وفات تي چيل تاريخي قطعات ۽ شاهہ عنايت جي شان ۾ چيل هڪ قصيدو (جيڪي فارسي ۾ آهن) شامل ڪري، "ديوان بيدل" ۾ هڪ بهتر اضافو ڪيو آهي. موسوي صاحب جي انهيءَ تاليف کي توڙي جو بيدل جي ڪلام جي مڙني ڇپيل ڪتابن کان اهم ۽ مستند سمجهيو وڃي ٿو، پوءِ بہ مونکي انهيءَ ۾ ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون نظر آيون آهن جن جي چنڊ ڇاڻ ٿيڻ تمام ضروري آهي.

"ديوان بيدل" ۾ شامل سنڌي ڪلام ۾ ٽي ڪافيون اهڙيون نظر آيون آهن، جيڪي منهنجي خيال ۾ بيدل جون چيل نہ آهن. ان کانسواءِ چار سرائڪي ڪافيون اهڙيون شامل آهن جيڪي آهن تہ بيدل جون پر اهي هڪجهڙيون آهن، يعني ٻن ڪافين کي اڌ ڪري چئن ڪافين جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي. انهن ڪافين کي ڳولڻ ۽ پروڙڻ لاءِ مون پاڻ بيدل جي ڪلام جا سمورا ڇپيل ڪتاب ۽ هيٺيان قلمي نسخا ۽ بياض اٿلايا آهن.

١. بيدل جي فرزند بيڪس جو لکيل قلمي نسخو.
٢. قاضي پير محمد جو لکيل قلمي نسخو.
٣. فقير علي بخش ڪمتر جو لکيل قلمي بياض.
٤. منشي سلامت راءِ جو لکيل قلمي بياض.

هينئر آءٌ ديوان بيدل ۾ شامل اهي ٽي سنڌي ڪافيون پيش ڪريان ٿو جيڪي منهنجي خيال مطابق بيدل جون چيل نہ آهن.

## ١ ـ ڪافي

### پکيئڙا ولر کان وڇڙيا

پکيئڙا ولر کان وڇڙيا وڃي اوکيءَ منجهہ اڙيا
زهري زُلف زوراور جا توکي ڌُهرا دام پيا

١. ڇو تو پنهنجا ٻَرَ ٻنين توکي پختا پيچ پيا
ڦَتڪي ڦَتڪي ساهہ ڇڏئين چار بہ نہ چڻڻ جا

٢. وارن جي وراڪن ۾ ڪنين ڪامل قيد ٿيا
هت ڪاڪ ڪڪوريا ڪيترا هت ڪيئي ڊينگ ڊريا

۳. ماندين منديا ڪينڪي ۽ جوڳين ڪين جهليا
وهُه رکن واسينگن وانگر آهن زهر پريا

۴. ڇنڊي داڻا خال، سندا توکي ڪل نه پئي ڪا
هاٿي هنه هنه تو ڪرين جڏهن وار اٿئي وچڙيا

۵. بيدل ڏنگ جهلياسين ڏاڍا آهن اوکيرا
هيبتي حيوان الله ڙي! اجان ڪين مُڙيا.

●

## ۱۴ ـ ڪافي

پاڻ تو پيدا ڪيو ڪين مان ڇَپُني انسان ڪر
گهرج هئي توکي گهٽي ڪين مان ڇپُني احسان ڪر

۱. شڪم مادر ۾ رهيس تي ڏهه مهينا قيد ۾
تو اتي پاليو مونکي ڪين مان ڇپُني مهمان ڪر

۲. خوش خوراڪون ڏني مونکي جلدي اچي تو جوان ڪيو
موجود موجان تو ڏنيون ڪين مان ڇپني گهمسان ڪر

۳. جان ۽ جامو ڏني موجود موجان تو ڪيون
راند رس ۾ تو ڇڏي ڪين مان ڇپني نقصان ڪر

۴. بيدل برهه بي انت آ عام تا ائين چون
هر جا رمز تنهنجي آهي ڪين مان ڇپني اعلان ڪر

●

## ۷۹ ـ ڪافي

دم دم دلبر ڪاڻ سڪ سهٽيءَ کي سير گهڙڻ جي
۱. ميهر ڪاڻ سهٽي مستاني سُرڪي بيتائين صحي سُجاٽي
جاٽي تو رب جاڻ ميخ لڳي هس. مرڻ جيئڻ جي

۲. لهس لڳن کي لهر مان آيس دونهان دل ۾ درد دکايس
برهه ڏيکاريس پاڻ سڪ وڄايس سُرت سمهڻ جي

٣. روز ميھر لڌسيرتري‌تي‌ڪچ گهڙو ڪيون گهير گهري‌ٽي
برھ ٻوڙايس پاڻ محب ڏني هس ڪا ميچ ملڻ جي

٤. عشق ازلي جن کي آهي ڪاڻ ڪُنِ جي تن کي ناهي
عبدالقادر ڇاڻ نانھ ڪهين جي سُرڪ سلڻ جي

مٿي ڏنل ٽن ڪافين مان پهرين ڪافي سنڌ جي نامياري شاعر ڪشنچند "بيوس" جي آهي ۽ سندس ڪتاب "ڪليات بيوس" جي صفحي نمبر ٦١ تي ڇپيل آهي. بيوس جو اهو ڪتاب ڊاڪٽر محمود شاھ بخاري سهيڙي ڇپرايو آهي. ان کان سواءِ مذڪوره ڪافي بيدل جي ڪلام جي ڪنهن بہ مستند قلمي نسخي ۾ موجود ڪانهي ۽ نہ ئي وري ڪافيءَ جي مٿان ڪو روپ يا راڳڻي ڏيکاري وئي آهي، ڇو تہ بيدل جو سمورو سنڌي سرائڪي ڪلام مختلف راڳڻين تي چيل آهي. در اصل اها ڪافي سڀ کان پهريان بولچند راجپال پنهنجي ڪتاب "بيدل جو سنڌي ڪلام" ۾ شامل ڪئي آهي ۽ ان جي هينان خود پاڻ اهو لکيو اٿائين تہ "هيءَ ڪافي درسي ڪتابن ۾ تہ ملي ٿي پر بيدل جي ڪلام جي ڪنهن بہ مستند قلمي نسخن ۾ موجود ناهي". ۽ ائين ئي موسوي صاحب اها ڪافي بنان تحقيق "ديوان بيدل" ۾ شامل ڪري ڇڏي لهذا، انهيءَ ڪافيءَ کي بيدل جي ڪافي سمجهڻ نہ گهرجي.

ٻي ڪافي، جنهن جو "ديوان بيدل" ۾ نمبر ١٣ آهي، سابہ بيدل جي ڪلام جي ڪنهن بہ مستند قلمي نسخي ۾ موجود ڪانهي ۽ ان جي مٿان بہ ڪا راڳڻي يا روپ ڏيکاريل ناهي، جيئن بيدل جي هر ڪافيءَ ۾ ملي ٿو. انهيءَ ڪانسواءِ انهيءَ ڪافيءَ ۾ بيان ڪيل ٻولي شاعراڻو اظهار بيدل جهڙي باڪمال شاعر جي ڪلام سان مشابحت نٿو رکي. اها ڪافي شايد موسوي صاحب فقيرن کان ٻڌي بنان تحقيق "ديوان بيدل" ۾ شامل ڪئي آهي، ڇو تہ ڪافيءَ جي حاشيءَ ۾ ڪنهن بہ نسخي يا بياض جي مختلف پڙهڻي ڏنل ناهي. البتہ انهيءَ ڪافيءَ جي اصل خالق جو پتو پنجي نہ سگهيو آهي.

ٽئين ڪافي جنهن جو ديوان بيدل ۾ ٤٩ نمبر آهي سا بہ منهنجي خيال موجب بيدل جي چيل ڪافي ناهي، ڇو تہ مذڪوره ڪافي بہ بيدل جي ڪنهن بہ مستند قلمي نسخي ۾ موجود ڪانهي ۽ نہ ئي مٿس ڪا راڳڻي روپ ڏيکاريل آهي. انهيءَ ڪانسواءِ فڪري لحاظ سان ڏسبو تہ انهيءَ ڪافيءَ ۾ "سهڻي" جي تاريخي واقعي کي پيش ڪيو ويو آهي ۽ سمورو داستان ٻڌايو ويو آهي، جڏهن تہ بيدل جو سمورو ڪلام همہ اوست ۽ وحدت الوجودي فڪر تي مشتمل آهي. بيدل اهڙن تاريخي ڪردارن جي حوالي سان ڪلام چيو آهي پر اهو صرف ۽ صرف تمثيلي ۽ علامتي اظهار طور. يعني انهن ڪردارن ۾ بہ علامتي طور بيدل تصوف جوئي موضوع برقرار رکيو آهي ۽ اهڙي ڳالھ موسوي صاحب پاڻ بہ لکي آهي. ان کان سواءِ مذڪوره ڪافي جي نالي واري مصرع ۾ نالو "عبدالقادر" استعمال ٿيل آهي، جڏهن تہ بيدل پنهنجي ٻي ڪنهن بہ ڪافيءَ ۾ "عبدالقادر" نالو استعمال نہ ڪيو

اهي، جڏهن تہ هو "بيدل" تخلص استعمال ڪندو هو تہ پوءِ صرف هڪڙي ڪافيءَ ۾ "عبدالقادر" چو استعمال ڪندو. هونءَ بہ بيدل پاڻ کي عبدالقادر نہ پر قادر بخش سڏائيندو هيو. در اصل اها ڪافي روهڙيءَ ويجهو ڪنڏرن جي صوفي عبدالقادر جي ٿي سگهي ٿي، جنهن جي مختلف بياضن ۾ اها ڪافي بہ پڙهي وئي آهي. تنهن ڪري منهنجي خيال موجب اها ڪافي بہ بيدل جي سمجهڻ نہ گهرجي.

هينئر "بيدل" جي انهن ڪافين جو ذڪر ڪريان ٿو، جيڪي "ديوان بيدل" ۾ اڌو اڌ ڪري مختلف صفحن تي شايع ڪيون ويون آهن. ديوان بيدل جي صفحي ١٦٢ تي ڏنل ڪافي نمبر ١١۴ جا سمورا مصرع ۽ ٿلهہ صفحي نمبر ١٦٩ تي ڇپيل ڪافي نمبر ١٣٥ ۾ شامل آهن لهذا ڪافي نمبر ١١٦ کي ختم ڪري ڪافي نمبر ١۴٩ برقرار رهڻ کپي.

ان ڪانسواءِ ديوان بيدل جي صفحي نمبر ٢١٩ تي ڏنل ڪافي نمبر ٢٦٩ جا صرف مصرع ڏنل آهن پر ان جو ٿلهہ غائب آهي، جڏهن تہ اها سموري ڪافي صفحي ٢۴٠ تي ڏنل آهي جنهن جو نمبر ٣١٨ آهي، تنهن ڪري انهن ٻن ڪافين کي هڪ ڪافي طور پڙهڻ گهرجي، يعني ڪافي نمبر ٢٦٩ کي ختم ڪري ڪافي نمبر ٣١٨ برقرار رهڻ کپي.

ديوان بيدل جي اڀياس ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجي نينڍڙي ذهن کي جيڪي مٿيون ڳالهيون نظر آيون آهن. سي مون عرض رکيون آهن. ٿي سگهي ٿو تہ مان بہ صحيح نہ هجان ۽ اجان بہ ڪي گهٽ وڌايون هجن. هينئر سنڌ جي برک اديبن ۽ محققن جو ڪم آهي تہ هو انهيءَ سلسلي ۾ ڪا بهتر ڇنڊ ڇاڻ ڪن ۽ بيدل جي ڪلام جو ڪو مستند نسخو سنڌ واسين کي ڏين.

●

# کھاٹیون

★★★★★★★

”ڪيترن ماڻهن کي ائين ڇونديي ٻڌو اٿم ته رچنا ڪرڻ آهي سور ڪاڻي ٻار ڄڻڻ سمان، مگر مون کي ته رچنا ڪرڻ مهل پرڪرتيءَ سان لين ٿي وڃڻ جو آنند محسوس ٿيندو آهي. پنهنجي چوگرد لوڪن جا دک سک، لڳ لاڳاپا، وير ساڙ، همدرديون ۽ حسد. هزارين احساس ڪنيو، منهنجو تصور هڪ اهڙي دنيا رچڻ چاهيندو آهي، جا هجي سچائي، سونهن ۽ سنائيءَ جو سنگم. ڪڏهن دک جا نظارا ڇتيندي اکين مان لڙڪ لڙي پوندا آهن ته به ائين پيو لڳندو آهي، ڄڻ مان دک جي ندي پار ڪندي، سک جي سرسبز ڪيت ڏانهن پئي وڃان.

ڪابه ڪهاڻي، ناٽڪ، ناول يا ڪوتا لکندي ائين لڳندو اٿم ته چوڌاري ڏٺل ڪردارن ۽ واقعن جو بس ويٺي نقل ڪريان. رچنا جي لاءِ نوس حقيقتن جي ڍانچي مٿان پنهنجي ڪلپنا، ڪلا، سوجهه ٻوجهه ۽ سوچ ويچار جو ماس چاڙهڻ بلڪل ضروري آهي. رچنا، ڪورين حقيقتن جي رڳي فوٽي گرافي ڪرڻ ناهي. ائين ته حقيقتن جا ڍير اسان جي چوگرد خوب ٻڪريا پيا آهن. جهڙا سنڌباد لاءِ هيرن جي ماٽريءَ ۾ هيرا. ليڪن هرڪو هيرو گهڙجڻ ۽ پرڪجڻ ڪان پوءِ ئي ڪنهن نو ورنيءَ جي سينگار جو زيور بڻجي سگهي ٿو.

جڏهن روزاني جيوت جي حقيقتن جي اکٽ ڀنڊار مان رچنا ڪار ڪجهه ڪٽي، ان تي ڪلا ۽ ڪلپنا جو پوش چاڙهي ٿو ڇڏي، تڏهن واچيندڙ عجب ٿو ڪائي. اڙي هيءَ ته حقيقت مون به ڏٺي هئي ...... مگر رچنا جو روپ پوءِ اهڙو آهي جهڙو پٽ ڪنئين جي وات مان نڪتل ريشم جي تند، جا وسترِ جو روپ ڌاري، ڪنهن جوانڙيءَ جي جسم مٿان سهڻي پوشاڪ بڻجي ٻهڪي پئي.“
سندري اُتمچنداڻي

★★★★★★★

علي بابا

# مِٽي

آل انڊيا ريڊيو تان موهن جي خبر ٻڌي هينئڙو لوڻ پروڻ ٿي ويو هئس. اندوهه ۾ اچي ويو هو. ٻليس، ڪاتيءَ ڪان تکو قلم ڪٽي نڪري ويو آهي ڪنهن سرڳ جي ڳولا ۾. پڳوان تي ڪاوڙيل ماٺهو. ڪجهه ڏينهن اڳي ع - ق - ش، ٻلي، طارق ۽ نارائڻ ڪنهن ڏوراهين سفر هليا ويا هئا. پلوڙي يار - کهڙو سگ سياڪو، جيجان تن جتن سان! سڀ هليا ويا. منير عالماڻي، الطاف، رشيد ۽ نسيم جيان لاڏاٺا ڪري 'All their days burried by' نارائڻ جو شعر ڪنن ۾ ٿو ٻُريس:

ءِ هڪڙيءَ ئي شمع جي اُجالي ۾،
سونهن منهنجي ٿي ويندي ڏنڍلي.

هڪ ڏينهن گذري ويس، ٻيو ڏينهن گذري ويس. ٽيون ڏينهن گذري ويس. لُڙڪ ئي نه! من چويس ته رانيات ڪري ٻار ڪيڏي روئي، سڏڪو ئي نه! بس رڳو دماغ ۾ هڪ آواڪ چولان چول اُپ - سمونڊ پئي چليس. سنڌ جي چڙواڳ هوائن جيان جنهن پئي سندس ذهن کي ڏوٽيو. ٻلا جي سور سلجي ته ڪنهن سان؟ اسين سڀ ڪيڏو نه ورهانجي وڻ وڻ ڪاني ٿي ويا آهيون.

اُن ڏينهن اجان پرهه مس ڦٽي هئي. هو پرهه جا رنگ پسڻ لاءِ ڇت تي ڪرسي رکيو ويٺو هو. ٻوتو ٻٽيو. گونگين اکين سان ويٺي نهاريائين اوپر ڪان ڦتندڙ ٻاک ڏانهن جنهن کي لاک لڳي وئي هئي. سندس وڏي ڀيڻ چانهه جو ڪوپ کڻي آئي هئي.

ڇو آهين ايڏو اپاٽڪو؟ ڳالهه ته ڪر .... آهي ڇا؟ ....

ڪجهه به نه، بس ائين ئي.

نه ڪين آهي. تون لڪائين ٿيو ....

ڇيم نه ڪجهه به ڪينهين .... ٻلا ڇا ٻڌائي ڀيڻ کي. ڪنهن ڪنهن لاءِ ٻڌائيس. هڪ دکي عورت کي اجان وڏيڪ دکي ڇو ٻڌائي. جنهن ويچاريءَ کي الف - ب به اچي ڪانه. ان کي ٻلا ڪيهي خبر ته ادب ۽ آرٽ آهي ڇا. ونس رڳو آهن احساس. نج انساني احساس ۽ جذبا. جي ڪنهن به ڏگريءَ يا ڏاهپ جا محتاج نه هوندا آهن. اهڙا ئي احساس، جي ڪنهن به راڄاڻ عورت وٽ هوندا آهن. جي ماٺهوءَ جو منهن ڏسي سڀ پرکي وينديون آهن. هوءَ ڪيس چانهن جو ڪوپ ڏئي ڪُڏ تان هيٺ لهي وئي آهي ۽ هو وري اوپر ڏانهن. نهارڻ لڳو آهي. گلشن جي ڇتين ۽ ڀتين ڏانهن. وٽن ۾ ڪوئل جي درديلي ڪوڪ جو آواز آهي. ڇيهن، جهرڪين ۽ پکين جا آواز آهن. هو محسوس ڪري ٿو ته سندس ڀيڻ هاڻ گهر جي ڇنڊ ڦوڪ ۾ لڳي وئي آهي. درين کي ڇنڊڻ جا آواز پيا اچن. سندس ڀيڻ وڏوا آهي. ڀيڻ کي

ڏسي سدائين کيس گجراتي ناول ليکڪ جهيوير لال جي ناول "جنگ جو ميدان" جي نائڪا وزيرياڻيءَ جو ڊائلاگ ياد ايندو آهي.

"جي مڙس جا ڪپڙا عورت پاڻ نہ ڌوئيندي تہ پلا کيس ڪپڙن مان هڳاءُ ئي ڪهڙو ايندو." ناگمتي نديءَ جي ڪناري اها ڳالھ هن پنهنجي ٻانهين کي چئي هئي ۽ پيٽس ڪينن نہ پنهنجو گهر چمڪايو ويئي آهي. عورت بہ ڇا شيءِ آهي. عورت خدا جو نور آهي. رومي بہ عورت لاءِ ڪجھ ائين ئي چيو هو تہ عورت خلقيل نہ بلڪ پاڻ تخليقڪار آهي.

اوپر کان سورج شاخون ڪڍيون آهن. کن لاءِ هو سج اُڀرڻ جي رنگا رنگ ڇهڇٽي ۾ ڪوئجي ٿو وڃي. سج ڪني ڪني مٿي چڙهندو پئي آئيو. هيٺ پڌر ۾ ستل ٻارڙا جاڳيا آهن. ٻيا لڙن ۽ ڪيڏ ڪن. اڍائي سالن جو ٻانو اجان ستو آهي. گنو جاڳيو آهي. هو پيار مان ڪڏهن کيس گنو ڪڏهن ڪِنو تہ ڪڏهن سامتاٽي چوندو آهي. گنو سدائين جيان خوش خوش جاڳيو آهي. ائن مهنن جو گنو هلي چلي ڪونہ. ٻيا ننڍا وڏا کيس ٻيا هلائيندا چلائيندا آهن. پر جڏهن کان گني ٻليءَ کان تکن ننهن سان سندس ٻوٽ پٽڻ شروع ڪيو تڏهن کان هن گني کي ڪچ تي ڪٽڻ واري ياري چڏي ڏني آهي. هاڻ گني سان رڳو پري واري ياري اٿس. پري کان ڏسيو پيو بيهوديون گاريون ڏيندو اٿس:

او گنا، ڪِنا، لوڙ ڪڏهن سامت ۾ بہ ايندين ڪي نہ. ۽ گنو کيرا ڏند ڪڍيو ڪٽائڻ لاءِ پيو هونگڙيون پريندو آهي. گني جو سامت ۾ اچي آنگونو.

۽ هينئر هو سو هڪ نئين سوچ ۾ اُلجهي ويو آهي. هو سوچي ٿو:

هون .... ڪيڏو نہ مٺ مت آهيان مان. ڪيترن ڏينهن کان غير شعوري طور آئون پنهنجي ٻار کي پنهنجي ٻار جي نالي سان سڏي رهيو آهيان! اڳي تہ مون ائين ڪڏهن بہ ڪين ڪيو. پلا جي آئون ان ٻار کي ع ـ ق ـ شيخ، نارائڻ، پلي، طارق، يا موهن جي نالي سان پڪاريان ها تہ اڄ منهنجي اندر جا ودِ ڪيڏا نہ ٻيٽا هجن ها. ڪيڏي نہ تڪليف ٿئي ها مون کي. هون .... نہ .... اصل ٽريجڊي اها نہ آهي. اصل ٽريجڊي تہ ڪا ٻي آهي. شيڪسپيئر واري تہ "مهنجو ڪردار سڀني کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي. جوليس سيزر بہ مان تہ بروٽس بہ مان، هئمليٽ بہ مان تہ اوفيليا بہ مان." سچي بہ هن حياتيءَ ۾ هڪ شاعر ۽ اديب ڪيڏو نہ پوڳي ٿو پنهنجن ئي ناٽڪن جي ڪردارن ۾. اصل پوڳنا تہ اها ئي آهي ـ اياز جي "دودي سومري جو موت" واري "دودا تنهنجو ساھ تہ ويندو ماڻهوءَ جو ويساھ نہ ويندو: هر شي اڇٽي وڃٽي آهي، هر شي پيري پڇٽي آهي: موت اٽل آ، موت اٽل آ ...." پر ڇا سڀ شاعر اديب هڪ سمان هوندا آهن؟ ڇا ايتن آهي. ڇا ڪڏهن بہ ڪو دلائي لاما گوتم پڌ ٻڌجي سگهيو آهي يا ڪو انقلابي چي گويريا: مان تہ ائين ٿو وسهان تہ هر ڪنهن جو پنهنجو منهن پنهنجو رستو آهي. بس هاڻ سڀني ايترو محسوس ڪيو آهي بروٽس ٿي جيئڻ وڌيڪ بهتر آهي.

هو ٿڏي ٿڏي ٽامي جي ٿالھ جيهي سج ۾ ڏاڍي موھ مان نهاريندو ٿو رهي. سوچيندو ٿو رهي.

جيون ۾ ناٽڪ کي ڪيڏي نہ اهميت آهي. آئون ريڊيو، ٽيليويزن، فلم يا اسٽيج تان "روپلو ڪولهي"، "موکي متارا" يا "هوش محمد" پيش نٿو ڪري سگهان! ڪي ماڻهو ايڏا تہ سگهارا ۽ طاقتور

تي گذرندا آهن جو وقت انهن کي ماري نہ سگھندو آهي. پر هو پاڻ تاريخ کي جياريندا ايندا آهن. هڪ ماڻهو هڪ تاريخ آهي. ماڻهو - جو اجرڪ اوڍيو ستو آهي. گهري اونهين اَسرت، اَجهاڳ، ننڊ! الائي ڪيڏي گهري ننڊ. "خبرداں مون کي نہ جاڳائجو" جيئن ع - ق شيخ، طارق، پلي اجرڪون اوڍي سمهي پيا هئا تيئن وديس ۾ نارائڻ ۽ موهن بہ اجرڪن ۾ ستا هوندا؟ نصيب ٿيون هونديون ڪين اجرڪون؟ سوپي کي ڪاوڙ آهي تہ ويا ڇو، ڇو ويا. ٻڌايو نہ ڇو ويا! .... ۽ هندستان بہ ڪيڏڙو نہ ننڍڙو ملڪ آهي جو موهن کي سنڌ جو ويزا ئي نہ ڏنائين! ايڏو ڇرڪ ۽ خوف 'The Sun of slave thoughts to a adorn the diaduim' "غلامن جا ہار بہ ڪڏهن شاهي تخت سينگاري ۽ سنڀالي سگهيا آهن؟".
اونهن .... ڇامڙا حڪمران. سمجهندا آهن پاڻ کي ائنٽنس جو وڏو پاءُ. ڌرتيءَ ۾ نہ ساهہ نہ ويساهہ!

ڪجهہ کاءُ ....

بک ڪانهين ....

پلا ڪير گلاس پي.

نہ، مون کي چانهن ڏي .... هو محسوس ڪري ٿو تہ هو اندر ئي اندر پڇي پورا ٿي رهيو آهي. وڻ - ويڙهيءَ جيان سوچون سندس ذهن ۾ پڪڙ وجهنديون ٿيون وڃن. سوچون، جن ۾ آهي هڪ سڪرات ۽ ڪوئي ڪونہ ٿو چاهي سڪرات ڏيڻ. ڪوبہ نہ! هي پرٿوي ڪيڏي نہ حسناڪ آهي. هن ڌرتيءَ تان خدائي جا سمورا بهشت، سمورا سرڳ گهوري سگهجن ٿا.

هو ڪانو ڪانو متي چڙهي آيل سج ۾ نهاري ٿو. سج سورج مکيءَ جيان ڌرتيءَ کي پاڻ پسائڻ، وٺائڻ لاءِ ڪيئن نہ نيٽن ۾ وڏا موهہ پري هيٺ ڌرتي ڏانهن پيو واجهائي. جهڙو ڪر هڪ عاشق آهي سوين سپنا ڪنيو آڪاس ۾ پري رهيو آهي. هون .... هيڏو سهڻو سنسار ان کي ڇڏي وڃڻو پوندو. موت اٽل آ .... موت اٽل آ .... اُمالڪ ڇڏي وڃڻو پوندو. اَوس .... ڪالرج بہ تہ ائين ئي چيو هو:

> 'We are such stuff
> As dreams are made on, and our little lifes
> Is Rounded with the sleep.

هو صبح جو تجلو نہ سهي ڏاڪڻ ڪان هيٺ لهي ويو آهي. گني جي گجگوڙ آهي. نلڪي جي هيٺان نڪري ئي نتو. ماءُ جي هٿن ۾ ويئو ڪونار ۾ ٽاڦوڙا هڻي، چندا اُڏائي. هو هڪ نهار گني تي اڇلائيندو پنهنجي ڪتابن واري ڪمري ۾ آيو آهي. ڪتابن ۾ پناهہ وٺڻ ٿو چاهي. ريڪس ۾ قطارون قطارون ڪتاب، هڪ ٻئي مٿان سٿيل ڪتاب. ڪتابَ، جي سڀ ڪان سٺي پناهہ گاهہ آهن. ڪتاب، جي ڳالهائيندا آهن. ساري ڪائنات جون ڪهاڻيون ٻڌائيندا آهن. هو ڪتابن ۾ غور سان نهارڻ ڪان پوءِ ريڪ مان هڪ ڪتاب ڇڪي ٿو ڪڍي. اتاترڪ جو ڪتاب آهي. پنا اٿلائيندي هو هڪ پنو پڙهڻ ٿو لڳي: "تون نتو ڄاڻين، جن سرحدن جي حفاظت ۽ مدافعت تلواں قوت، شرف ۽ عزت سان نٿي ڪري سگهجي تہ انهن سرحدن جي حفاظت ٻئي ڪنهن نظريي سان بہ نٿي ڪري سگهجي." هو ڪجهہ پنا اڳتي اُٿلائي:

"او منهنجي وطن جا ماڻهو! اسين پڄنداسين تہ غلام ٿي وينداسين. پر جهاد کان پوءِ جي غلاميءَ ۽ جهاد کان سواءِ غلاميءَ ۾ وڏو فرق آهي. هڪ قوم جهاد ڪري ٿي ۽ پوءِ آهہ آزاريءَ سان عمر جا ڏهاڙا ٿي ڪاٽي ۽ ٻي قوم جهاد کان سواءِ ذلت جو موت مريو وڃي. اتاترڪ جي اها تاريخ هن الاهي پيرا پڙهي آهي. ڪن لاءِ هو ترڪيءَ جي موجوده ڏينهن، ڇامڙن ۽ بنياد پرستن تي سوچي ٿو، جن ترڪيءَ کي سامراجي هوائي جهازن جو اڏو بڻائي رکيو آهي. جي اتاترڪ جا منڪر آهن. هو ڪتاب واپس شيلف ۾ ٿو لڳائي ۽ ٻيو ڪو ڪتاب ٿو کولي. جدلياتي ماديت تي ڪارل مارڪس جو ڪتاب نڪري آيو آهي. هو ڪتاب جا ورق ٿو ورائي:

"مادو شعور تي مقدم آهي. شعور مادي جي ئي هڪ صفت آهي. ذهن (دماغ) مادو آهي. مادو ڪائنات ۾ معروضي صورت ۾ موجود آهي، جنهن جو عڪس اسان جي ذهن تي پوي ٿو. عالم مادي ۾ جي قانون ڪار فرما آهن اُهي انساني ارادي کان مٿانهان آهن. البت انسان انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري انهن کان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم وٺي سگهي ٿو. مثاليت پسندن جي اها دعويٰ آهي تہ مادي ڪي ذهن ۽ شعور تخليق ڪيو آهي. هي ڌرتيءَ جو گولو سج کان گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ ارب سال اڳ جدا ٿيو آهي ۽ انسان جي ابن ڏاڏن جي ظهور کي وڌ ۾ وڌ ٻہ ڪروڙ سال مس ٿيا آهن. فطرت ۾ ڪوبہ قانون ڪينهين. پر انتشار ۽ فساد آهي. مادي جو عڪس ذهن تي پوي ٿو جنهن سان جمالياتي ربط ۽ تعلق پيدا ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي متاثر ڪندا رهن ٿا.

ان ويل اوچتو ئي اوچتو هو محسوس ڪري ٿو تہ هن جي ذهن تي گوريءَ جو عڪس پنجي رهيو آهي. هو ڏاڍو بيچين ٿي ٿو وڃي. سالن کان پوءِ تصور ئي تصور ۾ گوري هن کي ڪيڏو نہ ڇتو پئي ڏسڻ ۾ آئي. گوري، جيڪا الائي جيئرو بہ هوندي ڪي نہ! هن کي محسوس ٿئي ٿو سندس ذهن کان سواءِ گوري ڪٿي بہ ڪانهين. گوري الائي هئي بہ يا هئي ئي ڪانہ. ڪو سپنو هو، هڪ خوبصورت تصور هو. گوري ـ جا سدائين لاءِ هن کان جدا ٿي وئي هئي، بس رڳو هڪ عڪس رهجي ويو هو. ڪجهہ ڌنڌلو، ڪجهہ روشن عڪس ۽ نانهن مان ايندڙ آواز:

ها، آئون توکان پيچو ڇڏائڻ ٿي چاهيان.

ڇو؟ ....

ڇا ضروري آهي تہ آئون توسان لڳي هلان؟

تو ٻاڻ چيو هو، آئون جڳن کان تنهنجي ئي اوسيئڙي ۾ هيس. اُهو تون آهين، تون ....

.... .... ....

ڇو ڇپ ڇو ٿي وئي آهين.

جتان آيو آهين اوڏانهن وڃ، هليو وڃ، نہ! ....

[بہ منٽ پريل روڻهار اکيون] هو ڪنن ۾ ٻُرندڙ انهيءَ آواز کان پيچو ڇڏائڻ لاءِ ٻيو ڪتاب ٿو کولي ۽ فادئيف جو ناول "قافلہ شهيدون ڪا" نڪري آيو آهي. هو ائين ئي ورق ٿو ورائي:

"جڏهن قومون ڀڄيون پيرو وطن کان بي وطن ٿيون هيون. تڏهن کان دونيتس ندي جي استيپي

جي ماڻهن انساني انبوهه جي ايڏي وڏي ياج ڪڏهن به ڪانه ڏني هئي! ڪن لاءِ هن جو ذهن ڇڻ سَن ٿي وڃي ٿو:

هون .... اڄ جي فادئيف هجي ها ته پنهنجي ناول تي رت نه روئي ها. پنهنجي ئي نڙگهٽ ۾ هٿي ها پنهنجي قلم جو تلوار ڪان تکو نِب. مونن ۾ منهن وجهي روئي ها پنهنجي ناول جي ڪردارن جي قربانين تي، جيڪي فاشسٽ جرمن فوجين هٿان اُيا زمين ۾ پوريا ويا هئا. زالين مڙسين ٻارين ٻچين اُيا ئي اُيا! ڪيڏو نه پوڳڻو پوي ها فادئيف کي. ڪيڏو سچ ـــ ان کي روسين ڪيڏو ڪوڙ ثابت ڪري ڏيکاريو!

۽ اڄ .... اڄ ڪنهن ڪنهن کي فاشسٽ چئون؟ ردون .... بوٽ ڪاريون ردون. ڇا اهو سڀ ڪجهه بي علمي جي ڪري نه ٿيو آهي. هن کي لينن جي هڪ تمام وڏي ڳالهه تي ياد اچي:

"اوهين ڪميونسٽ رڳو ان وقت تي سگهو ٿا جڏهن اوهين پنهنجي ذهنن کي سڄي انسان ذات جي تخليق ڪيل علم جي خزانن سان مالا مال نه ڪري ڇڏيو .... واهه روسين جي علمي ڄاڻ! ڪوڙي سامراجي طاقت اڳيان ڪيئن نه گوڏا ڪوڙي ويهي رهيا. ڄڻ روس نه جنرل نيازي هو اروڙا اڳيان.

خسرو جو ملڪ
هاڻ چين جو ملڪ ٿي ويو آهي
۽ هاڻ،
آئون اهو ڏسيو خوش پيو ٿيان
ته منهنجي وطن ۾
شريعت ۽ طريقت سيڪارڻ وارا
چوريون پيا ڪن.
سوچيان ٿو،
عادي چورن جو ڏوهه ئي ڪهڙو آهي. (فرخي)

★

تيز بس
ٽرن ۽ برن مان
ڪيس اُڏايو ڪنيو پئي وڃي.

★

ڪيڏا پٽ ويران پيا ها.
او تربيلا جا رڻ.

هون. هاڻ پلا هن پوڙهيءَ جي پٽ کي ڪهڙي خبر ته پنيور جون زمينون جڏهن بيابان ٿي ويندين آهن ته ملڪ ۾ بک ۽ بدامني پئدا ٿي ويندي آهي. پنهنجي ئي وطن ۾ ماڻهو پاڻ کي ڪيڏو نه غير

محفوظ ۾ بي وطن سمجهندو آهي. درياهن جي رستا روڪ! درياهه ٽيو ڪي بنا ليسن ۾ ڪاڳرن جي ٽنڪسي! پاڻي تہ فقط يزيد بند ڪندو آهي. اونهن .... يزيد جا پانڙ.

"او معاويا! هي اقتدار تو لاءِ گهڻن ڏينهن جو سرمايو آهي؟ امام حسن چيو هو. (آهي ڪو ان ڳالهہ جو جواب.)

۾ ميرپور گهمندي ڪامريڊ غلام قادر ڇا چيو هو؟ بنگالين جي رت جا دڙڳ فيض احمد "فيض" شعر جو وڏو مينهن وسائي ڌوئڻ تي چاهيو، تڏهن هڪ بنگاليءَ چيس تہ ڪامريڊ رت ڪڏهن بہ برسات جي پاڻيءَ سان نہ ڌوپندو آهي.

رت

رتو رت ڌرتي

ماڻهو بہ اڌ ماڻهو

ڳيا ڳيا ماڻهو.

[A Toy in blood] ۾ پوڙهيون ٺوڙهيون گوڙو سياسي ڳجهون. ڪتان آٿيندا نو بلتي آف بلڊ. غلام جي ڦر مان اها آس ٿي اجاڻي. او فردوسي، انهن مان اهڙي مظاهري لاءِ سوچ ٿي نہ ....

هو جي،

رڳو راتاها هڻندا آهن

پراوا ملڪ ڦريندا آهن

نگريون ناس ڪندا آهن.

يا حسين! .... پت پت تي ٽنگيل الطاف حسين؟! .... ڇا "حق پرست" لفظ ـ معني نہ وڃائي وينو آهي. اسلم بيگڙو چوي ٿو تہ مون کي ٽارچر سيلن جي اڳواڻ خبر هئي. اونهن محمد شاهہ بيگڙي جو ناجائز اولاد!

تلوراون شرمائينديون

پالن جا ڳاٽ جهڪي ويندا.

۾ شاهہ جو ڪهڙو بيت هو؟....

ڪنپ ڪسنئي ڳجهڙي، لڳين پوئني واءِ

هميرن مٿان، تو ڦلين چاڻون نہ ڪيون.

ايڏو پاراتوا پوءِ بہ اها ڳجهہ ڪانہ ٿي مري. انهن سيني تي ڪليءَ عدالت ۾ ڪيس هلايو وڃي. اهي ٺوڙهي ڦاٽڪ ڪان وٺي بهاول ڳوٺ تائين جا ڏوهي آهن. انهن کي ڪلي عام ڦاهيون ڏنيون وڃن.

هو اجان وري پيو ڪتاب چڪي ٿو ڪڏي 'Holiday of evil' اهو بہ پڙهيل. ڪيڏانهن وڃڻو بہ نہ آهي. پوءِ هي قيامت جهڙو وقت ڪيئن گذرندو. هو ٽڪي پيو آهي. هو اجرڪ مٿان وجهي ليٽي پيو آهي. سمهي پوڻ لاءِ يا ڪجهہ دير مري وڃڻ لاءِ. هو ٻڪ پنجي ويو آهي موت جي پيٽ ڪي.

موت .... چرڪ تا پونس. موت جا.
It is the sun set of life gives me mystical lore and coming events casts their shadow's before.

ڇا هو مري پيو !....

تصور
سپنا
ڌنڌلا سپنا.
ڪوريئڙو پيو اُٺي
پيار جا سپنا.

مٿي ۾ جو وينل آهي ڪوريئڙو. ۽ وڃي پيا آهن ڪوڙين جهانجهه ڪَماچ، دُهل دَمامر. هو وڏي واڪ ڳائڻي جي مڌر آلاپ ۾ ڪوئجي هلندو ٿو وڃي.

نارائڻ ساڌ ٻيلي ۾ نيلار ڪندو ڪوئلن سان سُرَ ملائي خوابناڪ نيڻن سان ڳائي پيو. ازل جا گيت.

جڻ ايندڙ ڇيٽ جي ڳڙڪين منجهان هو ڪيس ڏسي وڏيون آسيسون پيو مائي.

ڌنڌلو روشن منهنجو جيون
سنجها ويلا
ڪيڏي گهري هي خاموشي
سڪٽو جيون
سنجها ويلا
پرت پريل منهنجي پوتي
جهر مر دامن
سنجها ويلا
پل پل گهٽجي عمر ڇٽي جينن
گل جو پن پن
سنجها ويلا

نارائڻ!
هون ....
اڄ ڏاڍو اُداس آهيان. ڪو نئون شعر ٻڌاءِ رومانٽڪ.
چڱو .... اڄ توکي آئون پنهنجي سُريت جو گيت ٿو ٻڌايان. She is mokery evil ۽ مان ڏيان سان نارائڻ کي ٻڌڻ لڳو آهيان:

ڪڏهن پي ڪين پوريءِ ريت مان سمجهي سگهيس توکي.
ڇوين ڪڏهن ته مان آهيان تنهنجي فقط تنهنجي

چوين ڪڏهن تہ آهي چا. ڇڏيندين بہ منهنجي پڇرا
ٻتي ٻاريان تہ اڪيون پوري چوين: مون کي نٿي وڻي
وسايان تہ جهڻڪين: ڪيئن ٿي اونداهي توکي وڻي!
اڳيان وڌندو وڃان تڪڙو چوين: منزل اچي وئي
اجان ٻيهان چوين: ٿورو ٿي باقي پنڌ آهيئي.

اصل ايڏا ناڏ!....

وڏي ناٽڪڻ آهي .... ٻڌ .... تو واريء جي خبر ڏي ....

مون واري سوا سير اٿني. چوي ٿي ٻاهر گهم ڦر تہ هوا لڳني. هي چمي چنڪي جو نہ. ايڊز جو زمانو آهي.

اصل ائين ....

ٻتا نهڪ
سنڌوء جي
چولين ۾ ٿا لهي وڃن.

چور .... چور .... چور .... الاهين جامڙا ماڻهو ڊوڙندا آيا آهن. اسان جي محفل ٺي ڦتائي ڇڏي اٿن.

اڙي هي ڇا جو هُل آهي. ڏسو نتا نارائڻ ويٺو آهي.

سائين شيڪسپيئر جا ٻاونجاهہ، گوئٽي جا ستيتاليهہ، ٻائرن جا ٻارنهن ۽ روميء جو ٻُڙي شعر ڪٽل آهي. اياز چور آهي سائين اياز چور ....

ڪهڙو اياز سينئر يا جونيئر؟ ....

سينئر سائين ....

ٻري ڏينداسين بابا، ٻري ڏينداسين. نارائڻ ڏادي ڏيرج سان تو چوي: "ڀلا روميء جو ڪهڙو شعر ڪٽل آهي؟"

سائين رومي ويچارو تہ اجان ان شعر تي سوچي رهيو هو. هُن اجان اُن شعر کي ڪاڳرن تي اُتارڻ جي ٻني سانبهہ ڪئي. ظلم تہ ڏسو سائين.

ڀلا گوئٽي جو ڪهڙو شعر گم آهي؟

سائين گوئٽي جو مشهور شعر "هيء دنيا هني ني ڪانہ، جيسين مون ان کي جوڙي راس نہ ڪيو."

اوهان وٽ ڪهڙو ثبوت آهي تہ اهو شعر اياز چوري ڪيو آهي؟

اياز ٻاڻ هاڪاري آهي بادشاهہ. ٻاڻ چوي ٿو: "مان ڏوهي هان ـ مان ڏوهي هان. مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن."

ها، هاڻ سمجهيس. نارائڻ اڻ ـ لکو مُرڪي پيو آهي:

بابلا .... هي دنيا جوڙي راس ڪرڻ ۽ "ماڻهوء جي مٽي ٻيهر ڳوهڻ" ۾ وڏو فرق آهي. اسان جي پوپل موتين تي اجرڪ، گربي، سوسي، جنديءَ، ڪاشيءَ، رليء ۽ کهاڙيء جيان اسان جا پنهنجا رنگ

۽ چٽ چاڙهيل آهن. انهن متان اسان جو پنهنجو ٻيو لڳل آهي. اُهي ڪتان به اداارا ورتل ڪينهن. هي شور اجايو آ پيارا. نارائڻ جي نڙيءَ ۾ جڻ ٻلي جو ڪنڊو ڦاسي پيو آهي. اٽڪي ويو آهي.

ڪل ڪچاڙيا ڪائيين ـ ڪل ڪچاڙيا ڪائيين. دور پولارن ۾ ڪڪرن جي گجگوڙ آهي. ڪڪرالي جيهي موسم. هيڏيءَ ساري سنڌ ۾ رڳو ڪارونجهر وٺو. سو به پنهنجي اتانگهه چوٽين جي طاقت سان چار ڪٽيون زوري روڪي برسايائين! .... ....

ڪي مون هين ۾ ڪاڻ ـ ڪي مون هين ۾ ڪاڻ

★

چاچا، توکي ٻاهر ماٺهو ٿو سڏي. ٻاهر نڪري ڏسي ٿو بشرٽ ۽ پتلون سان موهن بيٺو آهي، اُداس موهن.

موهن تون .... تون .... ڪڏهن آيو آهين موهن؟ ڪڏهن؟ ....

سڌو آيو آهيان. هاڻ آئون هندستان ۽ پاڪستان جي قيد کان آزاد آهيان.

هل نه گهر هل. امان اڄ به ٻلي ۾ ٻلاءِ اهڙو ئي پڇائيندي آهي.

نه .... آئون هڪ فرض پورو ڪرڻ آيو آهيان.

ڪهڙو فرض؟ ....

ورهاڱي ويل جڏهن آئون هندستان وڃي رهيو هئس ته آئون پاڻ سان سنڌ جي مٽي کڻي ويو هئس. ننيڙو بت ٺاهڻ لاءِ.

تو ٺاهيو؟

نه .... هاڻ اها مٽي آئون موٽائڻ آيو آهيان. چوندا آهن جتي جو خمير هجي اُهو ات پڄائجي. اوچتو مان ڏسان ٿو موهن تحليل ٿي ويو آهي. اُتي فقط ننيڙي هڙ پئي آهي جنهن ۾ پريل آهي سنڌوءَ جي خاڪ! ....

هُنَ موت جي پيڻ جي ٻڪ مان پاسو ورايو آهي. هوريان هوريان ننڊ اکڙڻ لڳي اٿس. نمن متان ڪوئلن جي ڪوڪار آهي. ۽ هو ڍڪون پري روئي ٿو پئي.

مشتاق احمد شورو

# گيديپٽي سان پريل جيون

زندگيءَ جي ڪا خوبصورتي، ڪو سندر روپ، ڪو حسين پهلو - رخ به آهي ڇا؟ تي سگهي ٿو ڪن لاءِ هجي به، پر آئون ان جيون مان سندرپٽو ڪٿان ڳوليان، جنهن ۾ جمڻ کان وٺي اڄ تائين رڳو ذلت سان پريل ناڪامين ۽ بدصورت شڪستن کي ئي منهن ڏيندو رهيو آهيان. مون لاءِ ته زندگي، پيار سونهن، خوشيون ته رڳو خالي - کوکلا لفظ ئي آهن، جن جي ڪا معنيٰ، ڪو مقصد، ڪو مطلب ته آهي ئي ڪونه. مون ته رڳو هڪ ئي حقيقت - سچائي کي ڏٺو، ڄاتو ۽ پاتو آهي، زندگي جي ڪراهت سان پريل بدصورتي ۽ پيار ته زندگيءَ کان به وڌيڪ بدصورت ۽ ڏڪار جوڳو آهي ....؟

شايد ....!

هن مڪروهه ۽ بدبودار زندگيءَ ۾ مون ڪيترائي بي معنيٰ لاڳاپا، بي مقصد رشتا، ناتا - ناهيا، جوڙيا، ڳنڍيا، (ڪي ته جمڻ سان ئي جڙيل هئا) جيڪي بُڪ ۾ جهليل پاڻيءَ جيان آڱرين جي وِٿين مان وهي ويا ۽ مون کي سواءِ خالي هٿن جي ڪجهه به پلئه نه پيو آهي ۽ هاڻي ناتن، رشتن، لاڳاپن جي پيڙ - هجوم کان ڇڇي، ڪنجي، ڏار تي پري بيهندي - اهو احساس هيڪاري چٽو بڻجي منهنجي ذهن کي چڪ هڻڻ لڳو آهي ته آئون سچي ڄمار Disposses ئي رهيس - ڇو؟ نيٺ ڪهڙي ڏوهه ۾؟

ڪجهه به هجي پر اگهاڙي حقيقت ۽ ظالم - فحش سچ اهو آهي ته رشتا، ناتا، لاڳاپا سماجي هجن يا فطري پر اهي شخص جي سماجي رتبي ۽ حيثيت پٽاندڙ ئي ٺهندا، جڙندا ۽ ڍهندا آهن. سماجي يا فطري لاڳاپا ڪنهن به ريت ڪنهن به صورت ۾ اٽل - اٿمٽ ناهن پر ضرورتن، حالتن، انساني لالچن، غرضن موجب پنهنجي معنيٰ، مقصد ۽ شڪل مٽائيندا تا رهن. شايد رشتن - لاڳاپن جي ضرورت آهر تبديلي ئي سپاويڪ - قدرتي هجي.

ڪيڏي نه بدصورت ۽ شيطاني صورتحال آهي جو ذهني اٿل پٿل مان اڀريل سوالن جو ڪو جواب ئي موجود ناهي. لڳي ٿو ته ظالم ۽ انڌيون - انڌوڪار واريون آسماني طاقتون انهن جوابن کي به ڳڙڪايو وڃن. هونئن به هر سوال جو جواب هجڻ ڇا ضروري آهي؟ انسان ذات جو مقدر اهو آهي ته اها سوالن جون پريون هڏيو هلندي رهي. هڪ انڌي، اونداهي، اڻ ڄاڻ آئيندي ڏانهن سفرڪندي.

سوزوڪي ڪنريءَ جو تيز - گهٽيندڙ دونهون نڪ جي ناسن کي چيريندو ڦڦڙن ڏانهن پيو وڃي. سامان ڍوئڻ واري گاڏيءَ ۾ ماڻهن کي ڍوئڻ به ڪيڏي نه عجيب - ڪريل ۽ غير انساني حرڪت آهي. عجيب ۽ غير انساني ڇو؟ ڇا ماڻهوءَ جي به ڪا حيثيت آهي يا خاص طور تي مون جهڙن ماڻهن جي، جيڪي هنن سوزوڪين ۾ به مشڪل سان ٿا چڙهي سگهن، تن جي ڪا حيثيت آهي ڀلا؟ هونئن به ماڻهو هڪ اهڙي ڪميني، واهيات، ذليل، ڪريل ۽ خسيس مخلوق آهي، جنهن سان جيتري به

ويڌن ـ جٺ ٿني سا ٿوري آهي. ڦاٽڪ کان پل تائين جو فاصلو ڇڻ ڪيترن ئي ميلن جو فاصلو هجي، ڪٽڻ جو ئي نٿو لڳي. گهٽ، ٻوسٽ، گرمي ۽ مٿان وري سوزوڪيءَ ۾ ٻڪرين جيان واڙيل ماڻهو. پل تي اچي سک جو ساهه کڻي لٿو آهيان.

اڄ ٽيون ڏينهن آهي ۽ آئون ساوٽي سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ لڳاتار ٽن ڏينهن کان پل تي ايندو رهيو آهيان. پهريان ٻه ڏينهن ته دل نه جهلي سگهيس ـ ٽپو ڏيڻ لاءِ. ٽيون ڏينهن پوليس وارن پڇيو ته پل تي ڇو بيٺو آهين؟ آئون اجائي مصيبت ۾ ڦچيءَ ۾ وجهڻ کان اتان ڀڄي نڪتس. ڪالهه ٻه گهڻي دير نه بيهي سگهيو هوس ـ ان ڊپ کان ته اتي هلندڙ وردي وارا ان شڪ ۾ نه ٻڌي وڃن ته ڪو دهشت گرد آهيان ۽ پل اڏائڻ لاءِ پيو رٿابندي ڪريان، ۽ هونئن به اڄ ته گهران پڪو پهه ڪري نڪتو آهيان ته پل تي هلندو رهندس ـ بيهندس ڪٿي به نه، جتي به دل ٻڌي وينس اتان هڪدم ٽپو ڏيئي ڇڏيندس. ڪالهه به اهو سوچي واپس وريو هوس ته سپاڻي پل تي اچي ـ گهڻي سوچ، ٻه دليو ٽيڻ، ڊپ، ها ـ نه جي وچ واري ڇڪتاڻ ۾ پوڻ جي پاڻ مهلت ئي نه ڏيندس ۽ ايندي شرط سڌو ٽپو ڏيندس، بلڪل خالي دماغ سان.

— مون تو جهڙو ڀٽر دل انسان سڄي زندگيءَ نه ڏٺو. توتي ڪنهن ڳالهه جو اثر ئي نٿو ٿئي. لڳي ٿو ته تو وٽ دل آهي ئي ڪونه.

هن ائين چيو يا جيڪي ڪجهه هن چيو ان جو مطلب اهو ئي هو. مون کي ٺيڪ سان ياد ته ناهي، پر هن لفظ اهي ئي چيا. ٿي سگهي ٿو لفظن جي جوڙجڪ مان جيڪو جملو ٺهيو هجي، سو ڪجهه ٻيو ئي هجي، پر مون کي عجب ـ حيرت، اچرج يا شايد شاڪ ان ڳالهه جو آهي ته هن مون ۾ ڏٺو ڇا هو ـ خاص طور تي ان حالت ۾، جنهن مان آئون لنگهان پيو. ڇا سچ پچ هن کي مون لاءِ ايتري ـ ان حد تائين گهري چاهت ٿي ويئي هئي، جو هن حقيقي زندگيءَ جي ڀيانڪ نتيجن تي به نٿي سوچيو. ڇو؟ ڇا لاءِ؟ هن لاءِ منهنجي ڇڪ سياويڪ هئي. آئون جو سڄي ڄمار ذلت سان ڀريل شڪستن، بدصورت ناڪامين، اذيت ڏيندڙ نامرادين ۽ رجيڪشن جي هڪ وڏي هجوم ۾ گهيريل رهيو آهيان، تنهن کي پهريون ڀيرو ڪنهن حيثيت جو احساس ٿيو. منهنجي به ڪا اهميت آهي ۽ ڪو آهي مون کي به چاهڻ وارو، مون لاءِ سوچڻ وارو. پر پوءِ به ڏيکا، مون ئي ڏنو ته مون کي پرواهه ناهي ـ ڪنهن به شيءِ جي. منهنجو ورتاءُ هن سان برف جهڙو هو، بلڪل ٿڌو سائيبيريا جي ميدانن وانگر ڄميل ـ منهنجي مرضيءَ جي خلاف ـ ابتڙ شايد! خبر ناهي ڇو؟ ٺيڪ طرح ته اڄ به سمجهي نٿو سگهان ته ڇو؟ مون ائين ڇو ڪيو ڪنهن جي اٿاهه پيار ـ قرب جي موٽ ائين بي جان خالي جذبن سان ....! شايد ڊپ لڳو، پنهنجو پاڻ کان يا شايد ... ...؟

آئون پل تي وڃڻ بدران هيڏانهن هن پاسي ـ پلا پچائڻ واري ريسٽارنٽ ڏانهن ڇو هليو آيو آهيان. هونئن هڪ طرح سان ٺيڪ به ته آهي. هتي ماڻهن جو هجوم آهي. چپر تي، ڪرسين تي ويٺل، هلندڙ ـ ڦرندڙ ماڻهو ـ عورتون، ٻار. هيٺ درياهه ۾ بيٺل ٻيڙيون. هتي سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته، هتي ڪيتري دير به بيٺو، ويٺو، هلندو رهجي ته به ڪو به ڏيان نه ڏيندو ۽ ڪير به، ڪجهه به نه پڇندو. وڏي

ڳالھ تہ ڪنھن ڪي بہ ڪوبہ ـ ڪنھن بہ قسم جو شڪ نہ پوندو. شڪ بہ ڇو پوندو؟ هتي تہ هرڪو گھمڻ ـ ڦرڻ ۽ وندر لاءِ ئي تہ آيو آهي. آئون بہ ان سڄي وايو منڊل ۾ ٿڌي دل سان سوچي سمجھي، پريشرس ڪان آجو ٿي، دل ٻڌي، همت پيدا ڪري ٽپو ڏيڻي ڇڏيندس ـ بلڪل سانت ٿي.

نہ نہ، اهو تہ سڀ ڪجھ ابتو ٿي پوندو. ائين نٿو ٿي سگھي، اهو سڀ غلط آهي، بلڪل ننڱي ۽ ڊونگ پنهنجو پاڻ سان. شايد۔ شايد نہ پر پڪ ئي پڪ ذهن جي ڪنھن ڪنڊ ۾ اهو احساس هجي تہ هيترن سارن ماڻهن ۾ ڀيڙي وارن مهاڻن جي ڏسندي، هنن اڳيان ٽپو ۾ هو مون ڪي هڪدم ٻاهر ڪڍي وٺن. نہ، اهو تہ ڊرامون ـ تماشو ٿي پوندو. اها دماغ جي جيئڻ واري جبلت جي ڪا چال آهي ۽ آئون پاڻ سان اهو دوکو۔ فريب ٿيڻ نہ ڏيندس. مون ڪي تہ ڪو ماڻهن اڳيان ناٽڪ۔ تماشو ڪرڻو تہ آهي ڪونہ. آئون تہ سچي دل سان۔ واقعي هن بدصورت، مڪروهہ زندگيءَ، بي بقا، بي يقين آئيندي مان جان آجي ڪرڻ ٿو چاهيان. مڪتي۔ ڇوٽڪارو پاڻ ٿو چاهيان هن دنيا مان، پنهنجو پاڻ مان، هي دنيا مون جهڙن ماڻهن جي رهڻ جوڳي ناهي، جنهن دنيا کي سمجھي۔ سچائي ئي نہ سگھجي تنهن ۾ رهڻ مان فائدو؟ خير آئون تہ ڪٿي ڇا بہ ويچاريان پر سچ۔ حقيقت تہ اها آهي تہ انسان هڪ اهڙي ڪميڻي، واهيات، بي عزت، بي حياءِ ۽ ڪريل شيءِ آهي، جيڪا هر وقت، سمجھ ۾ نہ ايندڙ، عجيب قسم جون ڇرڪائيندڙ حرفتون، چالاڪيون، فريب ۽ مڪر ڪرڻ جي تاڙ ۾ رهي ٿي. ڀين سان تہ خير۔ پر خود پنهنجو پاڻ سان بہ! گھڻو ڪري ماڻهو آپ گھات ڪرڻ نہ چاهيندو آهي پر رڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ان مقصد سان تہ ـ مرڻ ڪان بچي وڃي يا بچايو وڃي ۽ پوءِ جيئڻ ماڻهن جي ڌيان ـ توجهہ جو مرڪز بنجي، خيراتي همدردين ۽ مدد سان جهول ڀري سگھي ۽ ماڻهن جي سستين ۽ واهيات ڳالهين ـ گفتگو جو موضوع بنجي نالو ڪمائي سگھي. ڪٿي ائين تہ ناهي تہ منهنجي جيئڻ جي جبلت بہ مون ڪان اهو سڀ ڪجھ ڪرائي، مون ڪي ذليل ـ خوار تہ ڪرڻ نٿي گھري ـ لڳي تہ ڪجھ ائين ئي ٿو.

حيرت جي ڳالھ تہ اها آهي. ماڻهو موت ڪان ايترو ڪنبي ۽ ڊڄي ڇو ٿو؟ جڏهن تہ اج نہ تہ سڀاڻي موت ڪي اچڻو ئي اچڻو آهي. موت ڪي ڪن تہ آهن ئي ڪونہ جو هو ڪنھن جون منٿون ميڙون ٻڌي، خوشامدون ڪندو ڏسي موٽي وڃي. خير ڀيا تہ وڃي ڏوڙ پائين، پر آئون ڪڙهان پنهنجي حال ڪي. مون جهڙو ماڻهو جنهن جي جيئري رهڻ جا هڙيئي دروازا بند ٿي چڪا هجن، جنهن جو ڪو مستقبل نہ هجي، جنهن تي بک، ڏک، سور تڪليفون، اذيتون، عذاب، ذلتون جهپون هڻڻ جي اوسيئڙي ۾ هجن ۽ انهن آسماني آفتن ڪان بچڻ جي بہ ڪا واهہ نہ هجي، تہ پوءِ سڀ ڪان بهتر ۽ سولي وات اها آهي تہ، انهن سمورين آفتن جي اچڻ ڪان اڳ ماڻهو پنهنجي حياتي تان ئي هٿ ڌوئي ويهي ۽ اهو سڀ ڪجھ ڏسڻ، ان گھاٽي ۾ ڀيڙجڻ لاءِ جيئرو ئي نہ رهي. اها حياتي ئي ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ معمولي ڪان معمولي ۽ خسيس ڪان خسيس خواهش ـ ننڍڙي ڳالھ بہ پوري نہ ٿئي. زنده رهڻ لاءِ ڪو معمولي، هلڪو، اڇاترو وسيلو ـ ذريعو ئي هٿ نہ لڳي. مون جهڙن ماڻهن لاءِ، جن وٽ هن ڌرتي تي ڪابہ پناهہ گاهہ نہ بچي آهي، زنده رهڻ جو عمل انتهائي ڀيانڪ، هيبتناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي.

اهو عجب نہ آهي تہ، جن ماڻهن وٽ جيئڻ لاءِ گهربل وسيلا ـ ذريعا بہ اڻ منيا هوندا آهن سي رڳو معمولي پيار جي ناڪاميءَ جي ڪري آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن. پيار جيڪو مئيءَ جي ٽانو وانگر پُرندڙ هوندو آهي. جيڪو هميشه روپ پيو بدلائيندو آهي، ڪڏهن ڪنهن سان تہ ڪڏهن ڪنهن سان. ماڻهو پيار بہ پنهنجين سهوليتن ۽ شرطن تي ڪندو آهي ۽ واقعي ـ سچ، پچ اهي ماڻهو تمام گهڻو بهادر ۽ دلير هوندا آهن جيڪي پيار جهڙي بي معنيٰ، بي مقصد ۽ واهيات جذبي ڪاڻ آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن ۽ هڪ آئون آهيان جو بک ۽ بي روزگاريءَ ۽ ان جي نتيجي ۾ سماج کان ملندڙ بي عزتي ـ ذڪار کان بچڻ لاءِ سنڌوءَ ۾ ٽپو بہ نٿو ڏيئي سگهان، جڏهن تہ ان سموري صورتحال پويان هڪ پڪو پختو ريشنيل موجود آهي، هڪ نوس ـ سگهارو ڪارڻ، پر پوءِ بہ توري همت پيدا ڪرڻ ۾ سوپارو نہ ٿيو آهيان اجا تائين بہ! آخر ائين ڇو آهي؟ بزدلي؟ شايد. اچرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ ان بي مقصد ـ بي معنيٰ، نڪي جهڙي خسيس زندگيءَ جو انت آڻڻ لاءِ، ايڏي هڏ ترِ ايڏي گهوٽالي ۾ ڇو آهيان ـ نيٺ. اهڙي ننگي، اگهاڙي، بيمار روڳ ورتل جيون ڪٿي جيئڻ مان پلا فائدو ڪهڙو جنهن مان حالتن خواب، اميدون، خواهشون، ۽ آسون بہ ڪسي ورتيون هجن. هونئن بہ جڏهن جيئري رهڻ جا سمورا لنگهہ ـ گهٽَ بند ٿي وڃن تہ پوءِ بہ پاڻ کي زبردستي زنده رکڻ ئي سڀ کان وڏي ڪانئرتا ۽ گيديپڻو آهي.

ماڻهن جي پيڙ ـ هجوم کان هٽي بري ٿي ـ پل ڏانهن وڌان ٿو ۽ پل تي نهيل فوٽ پاٿ وٺي بي پر ڏانهن وجان پيو. زندگيءَ جي ظالم قوتن سان اکيوٽ ڪندي، بي ڍنگي ـ بي تڪي، واهيات مسخري ڪندي چاليهہ سال گذري ويا. هيڏي جبل جيڏي عمر تہ ڇڏي آيو آهيان. پنيان ۽ هاٽي هن چمار ۾ ڪنهن بهتري جي، ڪنهن چڱي وقت جي بہ تہ ڪا اميد نہ رهي آهي. نوڪريءَ لاءِ هرهنڌ عمر جي حد رکيل آهي جا آئون پار ڪري آيو آهيان. اميد جي ڪٿي رکجي تہ رکجي بہ ڪهڙي؟ آئون سمجهان ٿو تہ ماڻهو بي انتها مايوسيءَ، نااميدي ۽ ناڪاميءَ کان پوءِ ئي آپگهات جي امڪان جي روبرو اچي بيهي ٿو. آپگهات وجود جو انت آڻي شخص کي ڇوٽڪارو ڏيئي ٿي ڇڏي. هيءَ زندگي بہ هر شخص لاءِ جنگ جو ميدان آهي ۽ آئون تہ جيون جي جنگ جو اهو هارايل سپاهي آهيان جيڪو، اذيتن، ذلتن، بکن، ڏکن جي زخمن سان چور چور ٿي، چڳي ـ چڳي پنهنجا ڦٽ پيو چٽيان.

هيل تائين تہ منهنجي زندگي ڪل خوشيءَ سان گذري آهي. مائٽن ڪڏهن دڙڪو بہ نہ ڏنو آهي. اجا تائين تہ ڪو ڏک نہ ڏنو اٿم. اڳتي ڇا ٿيندو ان جي ڪا خبر ناهي.

خبر ناهي، ڪهڙي ڳالهہ نڪتي ۽ ڪهڙي حوالي سان هُن ائين چيو. پر جيڪڏهن هن جو پلئو مون سان اٽڪي پوي تہ پوءِ پڪ ئي پڪ هن کي سواءِ ڏکن، تڪليفن، اذيتن، بکن جي اڻ کٽ اوڙاهہ کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ هٿ نہ اچي ها. مون ويچاريو، مون کي ان حد تائين خود غرض نہ ٿيڻ کپي، جيڪا ڇوڪري منهنجي غربت، بي روزگاري مفلسي ڏسڻ کان پوءِ بہ مون سان ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ لاءِ تيار آهي. تنهن کي آئون پاڻ سان گڏ دوزخ جي ڏڳندڙ باهہ ۾ ڇو ڌڪيان. اهڙو حق مون کي ڪنهن ڏنو آهي تہ آئون ڪنهن معصوم انسان کي پنهنجي باهہ ۾ ساڙيان. اها باهہ تہ رڳو مون لاءِ ئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪٿي، ڪنهن هنڌ تي هن لاءِ ڪو خوبصورت مستقبل اوسيئڙي ۾ هجي ۽ آئون هن کان اهو

خوبصورت مستقبل بہ ڪسي ونان جذباتي بليڪ ميل ڪري. هن جا مون لاءِ جذبا سچا ۽ خلوص وارا آهن، ان ڪري .... خبر ناهي جذبا سچا ۽ خلوص وارا ٿيندا بہ آهن يا .... ٿي سگهي ٿو وقتي هجن بہ، پر آئون چو هن جي خوشين تي ڏاڙو هڻي، هن کي ڪنهن سهڻي ۽ سٺي زندگي گذارڻ کان محروم ڪري ڇڏيان. اهڙو تہ خير هن منهنجو ڪو ڏوهہ بہ تہ ڪونہ ڪيو آهي، نہ ئي ڪا دشمني آهي. مفلسي، تنگدستي ۽ بيڪاريءَ جي جنهن گهاٽي ۾ آئون پيڙهجان پيو- اتي سواءِ سڪڻين آسن، بيڪار اميدن ۽ بي تعبير خوابن جي ٻيو ڪيس ملي بہ ڇا ها. مون وٽ تہ هاڻي نہ خواب رهيا آهن، نہ ڪا آس ـ اميد يا ٻيو ڪو اهڙو جذبو.

منهنجيون تہ ڪي ايڏيون وڏيون خواهشون ۽ ضرورتون بہ ڪونہ آهن. آئون هر حال ۾ خوش رهي ويندس.

چيو تہ خير هن اهو بہ هو- پر آئون اهو ڪيئن قبول ڪري ونان تہ ڪو مون جهڙي نڪمي ۽ بيڪار شخص لاءِ پنهنجين خوشين ـ خواهشن ۽ آسن جو بليدان ڪري ڇڏي. ڇا آئون ان لائق آهيان بہ سهي. خير اهو تہ مِٺو ني پوندو تہ آدرش ـ پيار جي نشي ۾ ماڻهو لاءِ هيڪر تہ ڪو فيصلو ڪرڻ ـ قدم کڻڻ ڏاڍو سولو هوندو آهي پر پوءِ حقيقتن سان ٽڪرجندي جڏهن هن جون اکيون کلنديون آهن تڏهن انهن بدصورت ۽ اپاهج حالتن ۾ رهڻ ـ گذارڻ انتهائي ڏکيو ۽ سهپ کان ٻاهر ٿي پوندو آهي. آدرشن، پيار ۽ رومانٽ ازم جي بي بقا ۽ ڪمزور بنيادن تي ماڻهو ڪجهہ ڏينهن ـ مهينا تہ گذاري سگهي ٿو پر سڄي ڄمار نٿو ڪاٽي سگهي، جتي هر پل ـ هر نئون ڪن هڪ نئين اذيت، هڪ نئين مصيبت کڻي ٿو اچي. مون سان گڏ ـ انهن ڪنين ۽ ڪوجهين حالتن ۾ رهندي هن جا خواب ڀوائيتا خواب بنجي وڃن ها ۽ هن جي سچن ۽ خلوص وارن جذبن ۾ ڪوڙاڻ ـ نفرت پرجي وڃي ها. ڀڪ ني ڀڪ نہ رڳو منهنجي پر هن جي زندگي بہ نسورو زهر ني زهر هجي ها. بدصورت حالتن کي پري کان ڏسڻ ۽ انهن سان گڏ رهڻ ۾ زمين ـ آسمان جو فرق آهي.

اڻ هوند کان وڏي بيماري ـ بدصورتي ٻي ڪانہ هوندي. بيزاري ۽ بوريت تہ هر انسان جي تقدير آهي. انهن کان آجو تہ ڪو جيئرو جيو هوندو بہ ڪونہ. انسان جي هن سڄي ترقيءَ ۽ سڌرڻ پٺيان بہ هڪ ئي ڪارڻ آهي ـ بيزاري بوريت. بوريت ڪارڻ ئي تہ انسان ان درجي تي پهتو آهي، جتي اڄ بيٺو آهي. آئون ڀانيان ٿو تہ هر انسان جي وجود ۾ هڪ بدصورت ڏندن وارو بدنماءُ جانڙو ويٺل آهي، جيڪو انسان کي ڪنهن اجنبي خوشيءَ ۽ ڇوٽڪاري جي نالي ۾ ان صورتحال ۽ حالتن مان ڇوٽڪارو وٺڻ لاءِ اياريندو ـ پڙڪائيندو ٿو رهي، جنهن ۾ انسان رهي ٿو. پوءِ جن وٽ ڪجهہ هڙ ۾ آهي سي دياواني، سخاوت، خيرات ۽ ٻلي جي ڪمن ۾ ڇوٽڪارو ٿا ڳولين. (ٻلي جا ڪم تہ خبر ناهي ڪهڙا آهن ـ گهٽ ۾ گهٽ آئون ڀلائي ۽ چڱائي کي ڪواليفائي نٿو ڪري سگهان) جن وٽ ڪجهہ بہ ناهي ـ سي ان ورتاءَ ـ هلت کي اپنائين ٿا ۽ اها واٽ وٺن ٿا جيڪا سماج کي قبول ناهي، جنهن لاءِ سماج سخت سزائون گهڙيو ويٺو آهي (سماج سزا کان سواءِ ڏيني بہ ڇا ٿو سگهي) ڪي مذهب ـ ڌرم جو سهارو وٺي جنوني ۽ اڻ سهو ٻڻجي ٿا وڃن، ڪي تياڳ جي واٽ ٿا وٺن تہ ڪي صوفي ۽ الله لوڪ

بنجي، من کي ماري دنيا ـ سماج کان پري ٿي ٿا وڃن. بهتر وات کڙي آهي، ان جي ته مون کي سڌ ناهي، پر مون وٽ ته چونڊ لاءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه ـ سواءِ هن بي معنيٰ ـ بي مقصد وجود کي ختم ڪرڻ جي، جو نه رڳو مون لاءِ، پر ٻين لاءِ ۽ هن ڌرتي تي بوجه بڻيل آهي.

لڳي ٿو آئون جيترو گهڻو ويچاريندس ان سوال تي اوترو منهنجو ارادو هيڻو ٿيندو ويندو. ساڳي ٻڌتر جي ڪري اڳيئن ٻن ڏينهن جيان اڄ به وري خالي هٿين ورڻو پوندو. ڪجهه سوچڻ، گذري ويل وقت کي ياد ڪرڻ يا ان ڳالهه تي دليل بازي ڪرڻ ته هئين نه ڪريان ها، هونئن نه ڪريان ها. هيئن ڪريان ها ته، هي ٿي پوي ها، هو نه ٿئي ها. ماضي هئي گذري ويئي ـ ان کي موٽائي نه ٿو آڻي سگهجي. جڏهن ان کي موٽائي نٿو سگهجي، ان ۾ ڪا درستي، ڪو سڌارو ڪا ڦير ڦار نٿي ڪري سگهجي ته پوءِ اجايو ويهي ان تي مٿاڪٽ ڪرڻ مان ڀلا ڇا حاصل؟ ڪجي به ڀلا ڇا؟ ماڻهو ويچارو ايترو ته ڪنگال آهي جو هن وٽ ماضي ۽ يادن کان سواءِ آهي به ڇا. لاچار آهي ماضي ۾ رهڻ لاءِ. ها پر مون کي ته چڱيءَ ريت پروڙ آهي ته منهنجي لاءِ هڪ ڀيانڪ، اذيت ناڪ، ذلت سان ڀريل آئيندو اوسيئڙي ۾ ويٺو آهي. ماضي پنهنجي جاءِ تي، پر جيتري دير ڪندس ـ اوترو وڌيڪ ان اونداهي آئيندي جو ڪاڄ ٻڌجندو ويندس. هن وقت جيڪا ٿوري گهڻي حيثيت ـ عزت، جيڪا به آهي، ان کان به هٿ ڌوئي ويهندس. مون کي خبر آهي ته بي روزگار ـ بيڪار ماڻهوءَ ويچاري جو ته ڪو پنهنجو حوالو ـ ريفرنس ته آهي ئي ڪونه. هن ٻي جوڙ ۽ ٻڪ طرفي سماجي ڍانچي ـ جوڙجڪ ۾ اهڙي شخص لاءِ نه ڪا عزت آهي ۽ نه ئي ڪا جڳهه. بي روزگار ماڻهو ته بس ائين ئي آهي ـ خوار خراب، نفرتن ـ ڌڪارن جو شڪار هر هنڌان ڌتڪاريل، تڙيل، سماجي رتبي ـ حيثيت جي بلڪل هيٺين ڏاڪي تي بيٺل ـ بيٺل به نه پر ڪريل. جنهن جي نه ڪاوڙ، نه خوشيءَ جي ڪنهن کي پرواهه هوندي.

آپگهات جو فيصلو ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ ايتري ڪا وٿي ـ فاصلو آهي، ان جو احساس مون کي هاڻي هنن ٽن ڏينهن ۾ ٿيو آهي. هونئن به هر ماڻهو ڪڏهن، نه ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي آپگهات جو فيصلو ڪندو ته ضرور آهي پر عمل رڳو، بهادر انسان ئي ڪندا آهن. ڪا نه ڪا پريشاني ته آهي ئي هر جيئري جيو سان جڙيل. باقي آپگهات اخلاقي ۽ قانوني ۽ وغيره ـ وغيره لحاظ کان خراب آهي يا سٺي، اهو مسئلو منهنجو ناهي. هتي، هيڏو پنڌ ڪري آئون ڀلا اهو فيصلو ڪرڻ آيو آهيان ڇا ته دريا ۾ ٽپو ڏيڻ اخلاقي آهي يا غير اخلاقي، قانوني ۽ سماجي لحاظ کان نيڪ آهي يا نه؟ لعنت آهي. منهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن ته منهنجو پنهنجو ذهن آهي، آئون ته هرويرو سماج کي ڏوهاري ٺهرايو ويو گهمان. خير آهي ته سماج به انتهائي ذليل شيءِ. اهو به انسان تي عذاب جي صورت ۾ نازل ٿيو آهي. سماج ۽ مذهب جو زور رڳو ان ڳالهه تي آهي ته انسان ذات جي هڏي ـ اتحاد ٽٽي ته جنين فرد لاءِ ڀڄي نڪرڻ جو ڪو گس، ڪو لنگهه ئي نه بچي ۽ نه ئي فرد وٽ پنهنجي آزادي ۽ پرائيويسي جو حق رهي. سڄو سماج ـ سڄي دنيا زهر سان ڀريل آهي جنهن ۾ سوچيندڙ ۽ حساس فرد لاءِ ڪابه جڳهه ناهي. هتي ته رڳو چالاڪي، مڪاري، فريب، ڪوڙ، دوهه، ٺڳي، ڪميناپ، دلاگيري، منافقت، خوشامد، پرايا حق ڦبائڻ سان ئي جيئي سگهجي ٿو. جنهن به شخص ۾ اهي گڻ

ناهن، تنهن کي سماج، مذهب، دنيا جيئڻ ڪونہ ڏيندي.

هن آخري نوڪري مان جڏهن ڪڍيو ويو هوس، تڏهن اسلام آباد ڇڏڻ کان اڳ، هن سان سندس آفيس ۾ مليڻ / موڪلائڻ ويو هوس. مون کي ڏسي هوءَ مرڪي ۽ منهنجي منهن تي بہ مئل ۽ ڦڪي مرڪ تري آئي. ويهندي چيو هوم.

— اڄ توسان فلرٽ ڪرڻ نہ آيو آهيان، موڪلائڻ آيو آهيان.

— اهو تہ تنهنجي چهري مان لڳي ٿو، پر ٿيو ڇا آهي؟

— پهرين ڪافي پيئار.

— ڪافي تہ پيئاريان ٿي، پر ٻڌائي تہ سهي ڇا ٿيو آهي؟

— منهنجي نوڪري هلي ويئي.

— هاڻي ڇا ڪندين؟

— في الحال تہ وڃان پيو.

— ڪيڏانهن ؟

— واپس - ڄام شوري

— اتي ڇا ڪندين؟

— ٻي ڪنهن نوڪريءَ جي ڳولا ڪندس.

— ملندي؟

— خبر ناهي!

— جي نہ ملي تہ پوءِ؟

— پوءِ .... پوءِ ... خبر ناهي پر شايد خودڪشي ڪري ڇڏيان.

— ڪري سگهندين؟

— مون کي تہ ڪا رڪاوٽ نظر نٿي اچي، ڪو سماجي ٻنڌڻ، ڪو اهڙو سنبند، رشتو، ناتو، لاڳاپو منهنجو آهي ڪونہ جو پيرن جو ڏاوڻ بنجي پوي. اڪيلو ماڻهو جو ٺهيس.

— آهي پوءِ بہ هڪ ٻنڌڻ جو تنهنجي پيرن جي زنجير بنجي سگهي ٿو.

— ڪهڙو؟

— زندگيءَ جو، جيئڻ جو، زنده رهڻ جي جبلت جو، ۽ خود تنهنجو پنهنجو ذهن بہ توسان بغاوت ڪري سگهي ٿو. بهرحال آئون توکي مس ڪنديس ڏاڍو. ساري، مون تنهنجي نوڪري وڃڻ لاءِ ساري نہ چيو.

تڏهن فقط ڳالهہ ڪيم، هاڻي جڏهن فيصلو ڪيو اٿم تہ همت جواب ڏيڻي ويئي آهي. سماجي ۽ نفسياتي ڄاڻو - ماهر ڀلي ڪهڙي بہ بڪواس ڪن تہ آپگهات بزدلي آهي، ڪائرپڻو آهي. بزدلي - ڪائرپڻو تہ اهو آهي تہ ماڻهو مفلوج، بدصورت حالتن ۾ بہ جيئرو رهڻ تي سندرو ٻڌي ويهي. آئون تہ سمجهان ٿو تہ اهي دنيا جا بهادر ترين انسان آهن، جيڪي آپگهات ڪن ٿا، انهن ئن ڏينهن ۾ ئي

مون کي خبر پئي آهي تہ زندگيءَ کان پلئہ آجا ڪرائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ـ مشڪل آهي. ذري گهٽ اڻ ٿيڻو.

پل جي پٺي پر پهچي ويس. هي سڄو چڪر ٿي اجايو هليو ويو. نہ هتي نہ بيهان. هتي بيهڻ خطرناڪ آهي. قانون نافذ ڪندڙ ادارا يا پوليس ڪنهن بہ شڪ ۾ پڪڙي سگهي ٿي، شڪ جي بہ ڪهڙي ضرورت آهي، جي هنن کي منهنجو چهرو پسند نہ آيو تہ بہ پڪڙي ويندا. پوليس جو تہ خير آهي، پر جي قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي ور چڙهي ويس تہ پوءِ انتهائي خطرناڪ. دل ڏاريندڙ ٽارچر جو شڪار ٿيڻو پوندو. شايد ماڻهو ذهني ۽ جسماني طرح اپاهج بہ بنجي وڃي.

وري واپس ہي ڪناري ڏانهن هلڻ لڳان ٿو. هيڏانهن پڇاري ۽ قليلي بہ تہ آهن. انهن ۾ بہ تہ ٽپو ڏيئي سگهجي ٿو. اتي تہ آهي بہ ڪير ڪونہ. سواءِ پل جي ڪنڌ تي ويٺل پوليس وارن جي ۽ اهي بہ گاهہ ۽ بوهہ وارين ٽرڪن کان مال ڇڏائڻ ۾ مصروف آهن ۽ اتان اچي مون کي بچائيندا. هونئن بہ ڪونہ. پر سنڌوءَ جي پنهنجي رومانيت آهي. جي سنڌوءَ جي رومانيت جي چڪر ۾ ڦاتس تہ پوءِ ٽپو ڪڏهن بہ نہ ڏيئي سگهندس. ائين ذلتن، اذيتن ۾ ڇچرجي ـ ڇچرجي، ٻچڙو ٿي، خوار خراب ٿي مرندس. ماڻهو جي پاڻ کي پنهنجو پاڻ کان بچائي، ڇڏائي وٺي تہ ان کان وڌيڪ خوشنصيبي ہي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

اها واقعي حيرت ۽ اچرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ فرد پنهنجي وجود ـ هستيءَ جو انت آڻڻ جو فيصلو ڪري تہ سماجي ۽ رياستي ادارا مچرجيو پون ـ هرو پرو جي ٺيڪيداري! ڪيڏي نہ وڏي منافقت آهي جو هڪ طرف تہ سماج ـ رياست بي گناهہ ـ معصوم ماڻهن کي ديس ڀڳتي، وطن پرستي ۽ شهادت جا پرم ڏيو. بي وقوف بنايو، اجاين ـ بي سود جنگين ۾ ڌڪيو اجتماعي آپگهات ڪرايو ڇڏين ۽ مٿان وري انتهائي بي شرميءَ سان ان عمل کي گلوريفاءِ ڪيو وڃي ٿو ۽ سماج ۽ رياست جي چرچ تي آپگهات ڪندڙن کي عظيم ۽ شهيد جي لقبن سان نوازي عجيب نالن وارا ميډل، انعام ڏنا وڃن ٿا. ٻئي طرف جي فرد پنهنجي مرضيءَ سان آپگهات ڪري تہ انهن ادارن کي مرچ پئجيو وڃن ۽ اهو شخص سماج ـ رياست جي نظرن ۾ ڏوهاري ۽ مجرم آهي. هي اها دنيا آهي، جنهن ۾ انسان زنده رهي ٿو. اهو تمام ضروري آهي تہ گڏيل قومن جي بنيادي انساني حقن واري پڌرنامي ۾ آپگهات جي حق کي بہ مڃيو وڃي. سماج، رياست، قانون يا ہي ڪنهن شخص کي اهو حق نٿو ڏيئي سگهجي تہ هو فرد جي پنهنجي ذاتي زندگيءَ بابت ڪيل فيصلي ۾ هٿ چراند ڪن يا ان فيصلي تي عمل ڪرڻ کان فرد کي روڪين. آپگهات تہ فرد جو نجي فيصلو آهي، ان سان ڪابہ ٻي ڌر متاثر نٿي ٿئي. آئون بہ تہ ڪو صفا چريو ۽ واهيات آهيان جو بي واجبي ۽ بي انصافيءَ واري دنيا کان ڪنهن لاجڪ، ريزن يا ريشنيل جي اميد ٿو رکان. آپگهات کان پوءِ ڪير آڱوٺو پٽيندو. گڏيل قومن جي پڌرنامي ۾ آتم هتيا جي حق کي تسليم ڪن نہ ڪن، وڃي ڌوڙ پائين، جنهن کي آپگهات ڪرڻي هوندي سو انهن بيڪار ڳالهين ڏانهن ڪهڙو ڏسندو ڇا؟ يا هن کي ڪنهن جي اجازت جي ضرورت پوندي!

هاڻ تہ مون لاءِ هن جا جذبا بہ مانا ٿي برف جيان ڄمي ـ ٺڏا ٿي ويا هوندا شايد (؟) يا شايد نفرت

به ٿي ويني هجيس ـ مون لاءِ! ڪجهه به ٿيو هجي مون لاءِ ڪو فرق پوي ٿو ڀلا؟ هونئن به پيار ۽ نفرت جي وچ ۾ ايتري ته سنهي ۽ نازڪ ليڪ آهي، جنهن کي اورانگهڻ ۾ ويرم ئي ڪونه لڳندي آهي. جذبن ۽ پيار جو به ته ساڳئي جو ساڳيو رهڻ ممڪن ڪونهي. پيار، چاهتن، پسندن، ناپسندن، نفرتن جا جذبا به ته موسمن وانگر ڦرندا، متجندا رهندا آهن ـ وقت آهر. جيڪڏهن پيار اهڙو لافاني ۽ اٽمٽ جذبو آهي، جيئن اڪثر چيو ويندو آهي، ته پوءِ ماڻهو ڪنهن وقت، ڪنهن ڪيفيت ۾ اهو ڇو محسوس ڪندو آهي ته هن جنهن سان بي انتها پيار ٿي ڪيو، جنهن کان سواءِ زندگيءَ جي ڪا معنيٰ، ڪو مقصد نه هو، سو هاڻي بلڪل اجنبي آهي. ماڻهو جنهن سان، پاڻ کي مٽائي، ٽٽي پيار ڪندو آهي، تنهن ڏانهن ڪنهن مرحلي تي ورتاءُ به جذبن کان خالي ڇو ٿي ويندو آهي. مون کي ته لڳندو آهي ته پيار به پاڻي جي ڦوٽي جيان آهي، جيڪو هلڪي اڻ لکي ٺوڪر هوا جي هلڪي جهوٽي سان به ڦاٽي پوندو آهي.

منهنجيون مجبوريون ته شايد هوءَ سمجهي نه سگهي يا شايد هن جي انا جو سوال هو، پر ڪڏهن ڪٿي پڪ اڳتي هلي ـ وقت سان هن کي اهو احساس ضرور ٿيندو ته هن جيڪي ڪجهه چاهيو ٿي ـ اهو نه ٿي سگهي ٿو ٿيو. هوءَ هينئر جڏهن آخري ڀيرو اتفاق سان اچانڪ واٽ ويندي ملي هئي ته لڳو ته ڪونه ٿي ته هن وٽ مون لاءِ ڪا تلخي، ڪا ڪوڙاڻ هئي. ائين سڀ ڪجهه عام رواجي ئي لڳو يا ٿي سگهي ٿو ته هن تلخيءَ ـ نفرت کي لڪائي ڇڏيو هجي، ظاهر ڪرڻ نه چاهيو هجي، ڪارڻ ته ڪو به ٿي سگهي ٿو. منهنجي آپگهات جي خبر جو ڪهڙو اثر ونندي؟ خير اثر ته ڪٿي ڪهڙو به وئي، ان سان منهنجو ڇا، ڇا واهياتپڻو آهي، آئون ڇا ڀلا ماڻهن جا ردعمل ڏسڻ لاءِ ٿو آپگهات ڪريان ڇا؟ انهن سڀني ڳالهين سان منهنجي آپگهات جو ڪهڙو واسطو. ڪجهه به هجي پر گهٽ ۾ گهٽ هن کي اها ته خبر پئجي ويندي ته ٻاهران سخت نظر ايندڙ اهو شخص اندر مان ڪيترو نه هيڻو، ڪمزور ڀڳل ـ ڀريل، ٽٽل ۽ ڀرزا ـ ڀرزا ٿيل هو.

خبر ناهي ڇو ٿو ٿئي. مون سان جيڪي ڏک، تڪليفون، اذيتون، ذلتون آهن ـ تن لاءِ ڏک ناهي مون کي ۽ نه ڪو پڇتاءُ، ڪنهن سان ڪا شڪايت به ناهي، نه قدرت سان، نه سماج سان ڪا شڪايت آهي. ڏک ڇو؟ شڪايت ڇا لاءِ؟ اهي حالتون سڄي دنيا ۾ رڳو مون هڪڙي سان ته لاڳو ٿاهن. آئون ئي ته اڪيلو ناهيان جو اهو سڀ ڪجهه ڀوڳيان ۽ لوڙيان پيو. مون سان گڏ، مون جهڙا ٻيا به انيڪ ڪروڙين ـ لکين انسان هوندا، مون کان به وڌيڪ بدتر غير انساني حالتن ۾ رهندڙ ـ ڇڳندڙ. مون کي جي ڪاوڙ ـ غصو آهي ته رڳو ان ڳالهه تي ته اهو سڀ ڪجهه هوندي به مون ۾ اها همت ڇو نٿي پيدا ٿئي ته انهن حالتن کان هميشه هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺان. ائين به ته ناهي ته انهن حالتن کان جند ڇڏائڻ جي ڪا واٽ ئي نه هجي. واٽ ته آهي پر رڳو ٿوري همت جي ضرورت آهي.

ماڻهو جيڪڏهن چريو ٿي پوي ته به انهن تڪليفن کان مڪت ٿي سگهي ٿو. اها ته خير خبر ناهي ته چريو ماڻهو تڪليفن کان مڪت ٿي ويندو آهي پر اهو ضروري آهي ته تڪليفن جو احساس نه ٿيندو هوندو يا خبر ئي نه پوندي هوندي. جڏهن دماغ ڪارڻ ڳولڻ بند ڪري ڇڏيندو ۽ شين، حالتن،

ماڻهن جي وچ ۾ سجاڳپ ڪرڻ جي شڪتي ئي نہ رهندي تہ پوءِ احساس ڇا جو؟ خبر ڪهڙي؟ ڇريو ٿيڻ بہ تہ ڪو ماڻهوءَ جي وس ۾ آهي ڇا؟ عجيب بڪواس آهي. سوال تہ اهو آهي تہ ڀين Options تي ويچارجي ئي ڇو، جڏهن تہ هڪ سولو آسان رستو موجود آهي ـ ان تي عمل ڪرڻ ۾ نيٺ ڏکيائي ئي ڪهڙي آهي؟ هونئن جي آپشنس تي ئي ويچارجي، ويچارڻ ۾ ڪو هرج يا ڏوهہ بہ ڪونهي، تہ سماجي اڻ برابري، ناانصافي ۽ وچايل موقعن واري صورتحال ۾ سماج، رياست خلاف بغاوت بہ تہ ڪري سگهجي ٿي. چوريون، ڌاڙا، ڦر ڀين جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏجي. هونئن بہ تہ انسان رڳو هرو ڀرو ڏيکاءُ لاءِ ئي تهذيب ۽ مهذبپڻي جو نقاب اوڍيو پيو گهمندو آهي، جي اهو نقاب ڇڪي لاهي ونجي تہ هر انسان مان هڪ وحشي، خطرناڪ ڪرمنل ئي نڪرندو. ان ڳالهہ ۾ تہ ذري جو بہ شڪ ڪونهي تہ هر انسان ۾ هڪ ڪرمنل موجود آهي جو ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي ڪو نہ ڪو ڏوهہ ڪرڻ وارو هوندو آهي يا ڪرڻ چاهيندو آهي. ڳالهہ رڳو موقعي ملڻ جي آهي. موقعو ملندي ئي انسان جي اندر جو ڪرمنل ڀيڪيون ڏيئي اٿي ويهندو آهي. انسان ذات جهڙي ذليل، ڪميڻي مخلوق بنيادي طرح آهي ئي ڪرمنل.

مون کي پنهنجي ذهن تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو. جيترو وڌيڪ مونجهارا ذهن ۾ پيدا ٿيندا، جيترو وڌيڪ آئون دليلن ۾ ڦاسندو رهندس، پنهنجو پاڻ سان ارگيومينٽ ڪندو رهندس، ڪجهہ بہ ڪرڻ جوڳو نہ ٿي سگهندس. ائين بيڪار اجايو وقت وڃائيندو پاڻ کي ڪپائيندو رهندس. هن دماغ جو نيٺ آئون ڇا ڪريان؟

هڪ ساعت لاءِ منهنجيون ڪچندڙ بيمار وکون بيهجي ٿيون وڃن ۽ مون کي پهريون ڀيرو پل تان لنگهندڙ ٽرئفڪ جو احساس ٿو ٿئي. پل جي درن مان تيزيءَ سان نڪرندڙ پاڻيءَ جي گجگوڙ، ٽرڪن، بسن جو تيز آواز ۽ تکا هارن، پل جي ريلينگ تي ٻئي هٿ رکي اٿاهہ ـ ٺهڪندڙ، گجندڙ پاڻيءَ ڏانهن ڏسان ٿو. هن پاڻيءَ مان تہ لاش بہ نہ ملندو. درن مان گجي نڪرندڙ پاڻيءَ جي هوا جي اڇل تي منهن تي پوندڙ هلڪي بوند ۽ تيز ـ تڏي هوا مان ڪيڏو نہ سرور پيو ملي. ٻڏندڙ سج جي سنڌوءَ تي پوندڙ لالاڻ، پکين جي اُڏام، وڻن جي ساوڪ، سنڌو جو عجيب اسرارن سان ڀريل گوڙ. ان سڀ ڪجهہ ۾ هڪ عجيب ڪيفيت آهي، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ. ڇا سونهن اها ئي آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍو سندر ۽ من موهيندڙ ٿو لڳي. ڪجهہ بہ لڳندو هجي، پر ڇا اهو سڀ ڪجهہ منهنجو بکيو پيٽ ڀريندو؟ هونئن بہ بکئي پيٽ ۽ سخت تڪليف واري حالت ۾ سونهن جي ڪهڙي ساڃهہ ٿي سگهي ٿي. مجان ٿو تہ اها ڪيفيت ڇا آئون هاڻي محسوس پيو ڪريان، مون کي ڪجهہ ساعت لاءِ، ڪن پل لاءِ هلڪو سرور ۽ سڪون ڏيئي ٿينشن کان ڪجهہ دير لاءِ آجو تہ ڪري سگهي ٿي پر زنده رهڻ لاءِ اُتساهہ نٿي ڏيئي سگهي، هن بدصورت زندگيءَ ۾ سونهن ڀري جيئڻ لاءِ موهہ پيدا نٿي ڪري سگهي. ڇا چنڊ جي چانڊاڻ، سنڌوءَ جون مستيون ڪندڙ موجون، پکين جون لاتيون، سمونڊ جو سانت ۽ پراسرار ڪنارو، تڏي هوا، جهرڻا، خوبصورت نظارا، مڌر سنگيت منهنجي اونداهي مستقبل ۾ اميد جي لاٽ ٻاري سگهن ٿا، منهنجو خالي پيٽ ڀري سگهن ٿا. انهن شين ۾ پيٽ ڀريلن ـ هوند وارن لاءِ ئي اُتساهہ، چارم،

رومانيت ٿي سگهي ٿي پر مون ۾ مون جهڙن لاءِ نه! منهنجيون تڪليفون ايتريون نه گهڻيون، ذلتون ايتريون نه گهريون ۽ اذيتون ايتريون نه اڻ مٽيون آهن جو ڪا به شيءِ، ڪا به سونهن، ڪو به جذبو مون کي اُتساهه يا آٿت نٿو ڏيئي سگهي، جيون لاءِ موهه نٿو جاڳائي سگهي. آئون نااميدي، نراسائي، ناڪامي جي ان چيڙي تي پهچي ويو آهيان، جتي اميد جي به اميد ناهي، آس جي به ڪا آس نه رهي آهي. مون وٽ چونڊ ڪرڻ لاءِ به ڪجهه نه بچيو آهي. منهنجا نه هڙئي Options ڪٽي ويا آهن. تڏهن ئي نه ماڻهن سان منهنجي ميل ملاقات، اٺ ويهه ڪافي حد تائين گهٽجي ويئي آهي. گهٽجي چا وئي آهي، بس ختم ٿي وئي آهي. شايد ڪو به مون سان ملڻ ئي نه چاهيندو هوندو ڪير مون سان ملندو يا تعلق رکندو به چو؟ آئون ڪنهن کي ڏيئي به چا ٿو سگهان؟ ڪنهن جي ڪهڙي ڪم اچي سگهان ٿو؟ هونئن به قدرتي طور رشتن، ناتن، دوستين جو بنياد ڏي وٺ، ۽ لالچ تي ٻڌل هوندو آهي، جنهن کي پوءِ ماڻهو خلوص، سچائي ۽ بي لوث جا نقاب ڍڪائي، انساني لاڳاپن ۾ لڪل لالچ ۽ غرض کي لڪائي ڇڏيندا آهن. منهنجي نه ٻي طرح ڪا به بارگين ڪانهي، ان ڪري ظاهر آهي نه ڪنهن به ليکي ۾ نه آهيان.

ڪڏهن ڪنهن تي اعتبار به ڪري ڏس.

هن چيو هو ڪجهه ڪاوڙ مان يا بيزاريءَ وچان يا مون کي ئي ائين لڳو. ڪاوڙ ۾ نه بهرحال مون هن کي ڪڏهن ڏنو نه ڪونه آهي. مون کي ياد ناهي ان وقت مون ان ڳالهه جو ڪهڙو جواب ڏنو هو. جواب ڏنو به هئم يا ائين لنوائي ويس يا ماٺ رهيس. پر هاڻي ويچاريان ٿو نه هن تي نه ڪٿي گهڻي ئي اعتبار ڪريان، پر مون کي پنهنجو پاڻ تي به نه اعتبار هجي نه! هن کي اهو ڪيئن ٻڌايان ها نه آئون نه پنهنجو پاڻ تان ئي ويساهه وڃائي چڪو آهيان.

ڇُڪ نه سڀ منهنجي آهي. مون ڪان ئي ڪٿي ـ ڪا نه ڪا پُل ٿي ويئي آهي، جنهن جي سزا اڄ آئون ڀوڳيان پيو. پر اهو اينئن چو پيو ٿئي. آئون هتي سنڌوءَ ۾ ٻڏي مرڻ لاءِ آيو آهيان يا پنهنجيون غلطيون ڳڻڻ ۽ ڀلن چڪن جا حساب ڪرڻ آيو آهيان. هاڻي هن حالت ۾ گذري ويل ٻل جي غلطين، ڀلن چڪن پنهنجين اوڻاين، ڪمزورين، ڪڌن ڪرتوتن جو ڪهڙو ويهي حساب ڪتاب ڪجي؟ ڪجي به چا لاءِ! سڀ جمار ڪڏهن به، ڪنهن به موقعي تي نفعي ـ نقصان جو جڏهن سوچيو ئي ڪونه نه پوءِ هاڻي چو؟ لعنت آهي هن اهڙي سوچ تي. جيڪي ڪجهه ٿيو، سٺو يا خراب، غلط يا صحيح، اهو هاڻي هن وقت منهنجي مٽي جو سور چو اچي بٽيو آهي؟ چا آئون هتي جنهن نيت ـ مقصد سان آيو آهيان، ان ڪان لنوائڻ ۽ پٺي نڪرڻ جا بهانا پيو ڳوليان؟ اهي حسابن ڪتابن جون ڳالهيون نه اهي وڃي ويچارين جن کي هن دنيا ڪان ڪجهه ڏيٺو وٺڻو آهي، جن کي سماجي ضابطن، بندشن جي پرواهه هجي. جيڪي هر وقت روايتن، رسمن، قدرن، رک رکاءُ، رواداريءَ، مٽي مائٽي جون پريون ٻڌيو ـ مٽي تي ڪٽيو هلن تا ۽ وڏي ڳالهه نه اهڙن ماڻهن وٽ جيئڻ جو زوردار ڪارڻ به موجود آهي. مون کي نه ائين سوچيندي به شرم اچڻ گهرجي. نيٺ ڪيستائين ڏيوالو نڪتل جيون کي گهليندو رهندس.

نہ، ھاٹي ھرويرو ايئن بہ تہ ڪونھي تہ منھنجي مٿي تي ڪو وڏو بار اچي ويو آھي يا منھنجي زندگيءَ جو مقصد ئي اھو ھو يا آھي تہ سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيئي پنھنجو انت آڻيان. ڳالھہ اھا ڪونھي، آئون جذباتي ٻڌجي تہ ٽپو ڏيان ڪونہ پيو، پر ائين ڪرڻ لاءِ مون وٽ اثرائتا، وزندار ڪارڻ بہ تہ آھن نہ. ٺيڪ آھي ڀلا ـ مون وٽ چونڊ لاءِ آھي بہ ڇا؟ اھو ئي نہ تہ يا تہ خوار خراب ٿي، بڇڙو ٿي، ڪنو ٿي ڏپ ڪيدان ۽ اذيت ناڪ، ڀيانڪ، مفلوج زندگي جيئان ۽ جبري موت جو انتظار ڪندو رھان جڏھن بہ، جھڙي بہ شڪل ۾ اچي يا اھو سڀ ڪجھہ ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي، جيڪي ڪجھہ بدنماءُ، مڪروھہ، بدصورت ٿيٺو آھي، رضا خوشيءَ جي موت وسيلي پنھنجو انت آڻي ڇڏيان. نہ ھوندو وجود، نہ ئي سورن کي حملي ڪرڻ جو وجھہ ملندو. پر ڇا انت آڻڻ جو اھو ئي ھڪڙو طريقو آھي ـ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي، ڦقڙن ۾ پاڻي ڀري، ٻڏي مرڻ. لائيو اليڪٽرڪ وائر ۾ بہ تہ ھٿ وجھي سگھجي ٿو، زھر کائي سگھجي ٿو، جي اھو بہ ڏکيو لڳي تہ پوٽيشيم سينائيڊ جي چپٽي ئي سيڪنڊ جي ھڪ حصي ۾ پنھنجو ڪم ڪري ويندي ۽ وڏي ڳالھہ تہ خبر بہ نہ پوندي. ضروري آھي تہ ماڻھو ھرويرو باھہ يا پاڻي ۾ ئي ٽپو ڏيئي، اذيت ناڪ نموني سان پنھنجو اَنت آڻي. ھڪڙو ماڻھو سڄي عمر سور چري، سختيون سھي وڏيڪ ايذائن کان بچڻ لاءِ مرڻ جو فيصلو ڪري تہ مري بہ اذيت ناڪ نموني سان. جي چونڊ لاءِ ٻيو ڪجھہ بچيو ناھي تہ پوءِ گھٽ ۾ گھٽ وجود کي ختم ڪرڻ جي طريقي لاءِ تہ چونڊ موجود آھي. ڪافي Options آھن پنھنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ. لاجڪ تہ خير ائين آھي پر سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيڻ ۾ ھڪ عجيب قسم جي رومانيت آھي. خبر ناھي ڇو سنڌو مون لاءِ ھميشہ عجيب ۽ پراسرار رھيو آھي. مون کي سنڌوءَ لاءِ سدائين ھڪ انڌي فئسينيشن رھي آھي، خوابن ۾ اڪثر سنڌوءَ کي ڏسندو آھيان، ڪڏھن ان کي پار ڪندو ڪڏھن ڦاٽل، سمجھي تہ ڪڏھن بہ نہ سگھيو آھيان پر اھو ضروري آھي تہ منھنجي انت سان سنڌوءَ جو نالو جڙيل ھجي. زندگيءَ ۾ ٻي تہ ڪا آس پوري ٿي ڪانہ ۽ اھا تہ .... ڇا ان سان فرق پوندو؟ فرق تہ الائي ڪھڙو پوندو انت کان پوءِ! پر پوءِ بہ الائي .... جي منھنجي وس ۾ ھجي تہ ھي دماغ ۽ سوچ جي سگھہ ڪٿي ٻي ھنڌ رکي پوءِ ھتي اچاق ھا پر .... جي آپگھات نہ بہ ڪري سگھيس تہ بہ شايد چريو ٿي ويندس ـ لڳي تہ ڪجھہ ائين ئي پيو.

وري بہ سڄي پل تان ھلندو چيڙي تي اچي پھتو آھيان، اتي پل کان ھيٺ وردي وارا ڪارون بيھاري، جھڙتيون وٺي، ڪارن ۾ ويٺل ماڻھن کي ذليل ۽ خوار پيا ڪن. سج بہ تہ لھي ويو آھي ھاڻي. ھلڪي ھلڪي اونداھي ٿي رھي آھي. جيڪڏھن آئون صبح جو سويل يا رات جو دير سان اچان تہ پوءِ شايد ٽپو ڏيڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي. اڪثر خودڪشيون ان ئي وقت تي ڪيون ويندبون آھن، شايد اُن وقت تي دماغ ڪنھن بہ قسم جي مزاحمت نہ ڪندو آھي يا شايد دماغ ئي تيار ھوندو آھي آپگھات لاءِ اُن وقت. جي ڪتان پنسو ھٿ لڳي وڃي تہ خوب شراب پي پوءِ اچي ٽپو ڏيان، ان حالت ۾ تہ ڀڪ ئي ڀڪ ٽپو ڏيئي ويندس. پر پنسو اچي ڪتان، جي پنسو ھجي، تہ پوءِ خودڪشي ئي ڇو ڪريان؟ آئون ھڪ اھڙي شخص کي سڃاڻان جنھن ھڪ شام جو وھسڪي جي بوتل خريد ڪئي ۽ ٻي اسٽور تان پوٽيشيم سينائيڊ خريد ڪئي ۽ ھو رات جو گھڻي دير تائين ڏاڍي مزي سان وھسڪي پيئندو رھيو.

آخري پيگ ۾ هن شام جو خريد ڪيل پوٽيشيم سنانيڊ به ملائي ڇڏيو ۽ هڪ ئي گهيٽ ۾ هو سڄو پيگ خالي ڪري ويو. خالي گلاس ڇپن تان لاهي هيٺ رکڻ کان اڳ اهو شخص پاڻ پٽ تي ڪري پيو.

اڄ ته منهنجي ڪيسي ۾ واپس ورڻ لاءِ سوزوڪيءَ جو ڀاڙو به ناهي. جڏهن مون کي واپس ورڻو ئي نه هو ته! آئون ته پنهنجي ليکي هڙئي ٻيڙيون ساڙي آيو هوس. اڄوڪو ڏينهن به ويو بيڪار اڳئين ٻن ڏينهن وانگر لڳي ته ائين ٿو. جيون ڪينن به گذري هجي، پر موت کان مون کي مايوس ٿيڻ نه گهرجي. هڪ نه هڪ ڏينهن ڪامياب ضرور ويندس. نه، سڀاڻي ته پڪ سان ايندي شرط سڌو نپو ڏيندس، بنا ڪجهه ڏسڻ ـ سوچڻ جي. چالاڪي رڳي اها ڪرڻي آهي ته دماغ کي ڏسڻ ـ سوچڻ جي مهلت ئي نه ڏجي. هونئن به ماڻهو ته هرويرو ٿو ڊڄي، ساهه جي ڏوري ته ڪچي ڌاڳي کان به وڌيڪ ڪمزور آهي. رڳو ٿوري دل ڪپي باقي ساهه وڃڻ ۾ ته ويرم ئي ڪونه لڳندي.

گهر وڃڻ لاءِ سير هاڻي وي تي پنڌ هلندي ويچاريان ٿو ته جيڪر ڪنهن ٽرڪ يا بس جي هيٺان اچي وڃان ـ موت به خيرات ۾ ڪپي مون کي، لعنت آهي هن بئنڪ   ربٽ وجود تي.

●●●



لياقت رضوي

# خواب مان جاڳيل شخص

عمارت ۾ اندر گهڙندي جيڪا شئي مون پهرين ڏٺي، سي چند ڏاڪا هئا. جيڪي مڙندي هڪ طويل ڏاڪڻ سان مليل نظر آيا هئا. منهنجي پاءُ مون کي ٻانهن کان جهلي ڏاڪڻ تي چڙهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ استقباليه ڪمري ۾ پهچي هڪ شيرين اکين واري ڇوڪريءَ کي منهنجو نانءُ لکايو. مان هن کي روسي ڇوڪري سمجهي خوش ٿيس ۽ هڪ پراڻي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

پاءُ مون کي سمجهائڻ لڳو "ڊاڪٽر سان تعاون ڪجانءِ هُو جيڪي به پڇي، صحيح ٻڌائجانس."

مان "ها" چوڻ چاهي پر ڪجهه اجنبي خيالن منهنجيءَ "ها" کي روڪي ڇڏيو. مان رڳو چپن کان اندر مرڪيو. منهنجي سامهون ويٺل شخصُ، ديوار کي ائين ڏسي رهيو هو ڄڻ اُن سان سندس پراڻي واقفيت هجي. مان ان شخص ۽ پاءُ جي وچ ۾ هڪ جهڙائي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڇوڪريءَ جون اکيون وچ ۾ اچي ويون. مون سوچيو، ڇوڪريءَ جون اکيون ڪڏي پنهنجي ترِيءَ تي رکي ڏسان ته ڪيئن ٿيون لڳن، پر انهيءَ خيال سان ئي مون کي اُلٽي اچڻ لڳي، مون اُوڪارو ڏنو. جيڪو دور تائين منهنجي اندر ۾ گهنڊ جيان وڄندو ويو. پاءُ پريشانيءَ مان منهنجي پُٺي مهٽڻ لڳو. مون کي گهَرَ جي بي انتها ضرورت محسوس ٿي پر چاهڻ جي باوجود به گهر جو تصور نه ڪري سگهيس.

ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ گهڙندي ئي منهنجي بدن کي سرديءَ جي لهر ڪپيندي وئي. مون سمجهيو مان به اڌ ٿي ڪري پوندسُ. پر ڊاڪٽر جي سرُد، سانت ۽ پاليل مُرڪ مون کي پاڪر ۾ پري ورتو. ڊاڪٽر جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهندي هڪڙي ڳالهه مون کي مطمئن رکيو ته پاءُ ٻاهر ئي ويٺل آهي.

ڊاڪٽر جي سامهون ويهندي جنهن شيءِ مون کي حيران ڪيو، اُها هڪ ندي هئي، جيڪا ڊاڪٽر جي مٿي مٿان گذرندي ديوار کان پار ٿي، هڪ اهڙي ڳوٺڙي مان ٿي گذري، جنهن ۾ هڪ ڇوڪري بنهه پراڻي گهر ۾ خبر ناهي ڪنهنجو انتظار ڪري رهي هئي ۽ نديءَ جي ڪناري تي بيٺل وڻ، ڪمري جي سرديءَ ۾ ڄمي ويا هئا. برف وڻن کي ڏسي منهنجي بدن ۾ ڏڪٽي لاٿونءِ جيان ڦرڻ لڳي. ڊاڪٽر اُٺي ايئر ڪنڊيشنڊ جي اسپيڊ گهٽائي. مون پنهنجي ڏڪٽيءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون کي اهي پاڪر ياد آيا جن اڄان تائين منهنجي بدن کي آلو رکيو آهي، جن جي حصار ۾ اڄ به محبوبا جي بيخوديءَ ۽ پاڻ تي قابو پائڻ جي اجائي ڪوشش، ڪلي رهيا آهن.

ڊاڪٽر ڪرسي تي ويهندي پڇيو: "اوهان کي ڪهڙي تڪليف آهي؟"

منهنجي دماغ ۾ انهن سڀني سوالن جا جواب گڏ ٿي ويا، جيڪي اڄان ڊاڪٽر پڇيا به نه هئا. پر مان پنهنجي خاموشيءَ ۾ ٻڌل رهيس.

ڊاڪٽر ڪجھ دير سوچيو پوءِ اچو پنو ۽ پين کڻي ڪجھ لکڻ لاءِ تيار ٿي، ھن پنھنجي سوال جو تير ڦيھر منھنجي دماغ ڏي اڇليو، "پنھنجي باري ۾ ڪجھ ٻڌاءِ؟" مون ڊاڪٽر ڏي ڏٺو پر منھنجي نھار ڊاڪٽر جي مٿي مٿان وھندڙ نديءَ ۾ ٻڏي وئي ۽ سينيءَ جھڙي آواز منھنجي دماغ جي پردن ۾ طوفان آڻي ڇڏيو. مان دماغ مان آيل خيالن کي الڳ الڳ نہ ڪري سگھيس، جيڪي ھڪ ئي وقت سمورين شين جي باري ۾ ھئا. ڊاڪٽر مُرڪيو، جنھن ۾ ڪابہ طنز نہ ھئي. نہ، ڊاڪٽر تہ نہ پر ڊاڪٽر جي ميز تي رکيل شيشي ھيٺان پيل ڪنھن اجنبي گل جي عڪس مُرڪيو، مان ھورڀان ھوريان لفظن کي ڳولڻ شروع ڪيو ۽ اوچاڳيل اکين سان ڊاڪٽر ڏي ڏسندي چيو: "ڦھريون ڦيرو مون، ھُن کي يونيورسٽيءَ جي بس ۾ ڏٺو ھو، ھوءَ مون کي شاعري جھڙي پياري لڳي پوءِ ..." اوچتو مون کان اھي سڀ لفظ وسري ويا جيڪي ڪنھن بہ سوال جي جواب ۾ اچي سگھن ٿا. مون ٿڪل مُرڪ سان ڊاڪٽر کي چيو: "مون کي پنھنجي باري ۾ خبر ناھي."

ڊاڪٽر پنھنجي ڇپن سان خاموشيءَ جا ٿانوَ ويڙھيندو رھيو، سندس اکين ۾ ڪجھ ٻڌڻ جي خواھش، مون کي ڳالھائڻ لاءِ سڏڻ لڳي، مان ائين ڳالھائڻ لڳس جڻ ڪنھن ڪال بيل تي ھٿ رکي ڇڏيو ھجي.

مون ھُن کي چيو: "مون کي توسان پيار ٿي ويو آھي. ھوءَ پنھنجي مٿي تي ھٿ رکي ويھي رھي. پر اھا ڳالھہ تڏھن جي آھي جڏھن ھوءَ ڪنھن ٻئي جي ناناءِ سان بدنام ٿيندي ھئي. مان اونڌھ ۾ ئي بيٺو رھيس. جڏھن مان ھُن اڳيان پنھنجي عشق جو اعتراف ڪيو ھو تہ ھوءَ مٿي تي ھٿ رکي ويھي رھي ھئي، بلڪل ان گھڙي مان پنھنجو سمورو اختيار وڃائي ويٺو ھوس. ڊاڪٽر! مون کي ھُنَ لاءِ مرڻ جو ايترو شوق آھي جو ھُن جي ڀرپٽ ڪوبہ ماڻھو مون کي ھن جي نالي زھر ڏئي تہ مان خوشيءَ سان ڪائينڊس پر پوءِ بہ مان ھُن کي سليقي سان ڪونہ ٻڌائي سگھيس تہ مون کي ھُن سان ڪيترو پيار آھي." مان اجان وڌيڪ ھُن تي ڳالھايان ھا پر لائيٽ ھلي وئي ۽ سمورو ڪمرو اٿپوري اونداھي ۾ ٻڏي ويو. مان پنھنجي سامھون ويٺل ڏنڌلي شخص کي ڪونہ سڃاتو، جيڪو ماڻھن جو نفسياتي علاج ڪندو آھي. مون کي لڳو تہ ھو ڪلي رھيو آھي. ھن جي ٻي آواز ڪِل منھنجي ڪنن کي، ڪُتري رھي آھي. منھنجيءَ دل چيو تہ مان رڙ ڪيان پر مون ڏاڍيان چيو: "ھا".

منھنجي زوردار آواز اونڌھ کي چيري ڇڏيو، درُ ڪليو، ھڪ اجنبي شخصُ ۽ منھنجو پاءُ اندر آيا، پاءُ پريشاني مان پڇيو: "ڇا ٿيو؟" ڊاڪٽر پاءُ کي تسلي ڏني، اجنبي شخص ڪمري جون دريون کوليون ۽ ٻاھر ھليو ويو. مان، پاءُ ۽ ڊاڪٽر کي ھڪ ئي وقت ڏسندي چُپ رھيس ۽ پنھنجي اندر ۾ پنھنجيءَ "ھا" جو پڙاڏو ٻڌندو رھيس،

پاءُ ٻاھر ويو تہ ڊاڪٽر مون ڏي دوستن وانگر ڏسندي چيو: "پوءِ ڇا ٿيو؟" مان سمجھي نہ سگھيس تہ ڊاڪٽر ڇا جي باري ۾ ٿو ڳالھائي، ان ڪري مان چپ رھيس. مون کي پنھنجي اڪيلائي ڏاڍي ياد آئي.

ڊاڪٽر چيو: "ڪجھ پنھنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ٻڌاءِ دوست" ڊاڪٽر جو لھجو مون کي ڏاڍو وڻيو. مان ڪنڌ ورائي پنھنجي ماضيءَ ڏي ڏٺو. مون کي ننڍپڻ ته ياد ڪونه آيو پر مان محسوس ڪيو ته ڪا شئي منھنجي دماغ ۾ سُرنگھ ٺھي ٿاهي، مان ڏڪي ويس ته اها سُرنگھ منھنجي دل تائين نه هلي وڃي، مان ٻئي هٿ لونڊڙين تي ڪٽي رکيا. ڊاڪٽر پڇيو: "ڇا ٿيو؟" مٿي ۾ سور آ ڇا؟"

"مان هي "سرنگھ بند ڪندس." مون مٿي کي زور سان جھليو. "ڪھڙي سُرنگھ!؟" ڊاڪٽر پنھنجي حيراني لڪائيندي پڇيو. مون ڊاڪٽر کي ٻڌائڻ چاهيو پر اونده جي طوفان سان منھنجون اکيون پرجي ويون. ڊاڪٽر مون کان پري ٿيندو ويو. دماغ جون رڳون ڦاٽڻ لڳيون. مان برداشت ڪرڻ جي حد کان ٽپي ويس ته هوءَ مون کي ڏاڍي ياد آئي. منھنجي اونداهين اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هوريان هوريان اونده، اکين کان ٿيندي دماغ جي رڳن ۾ ڦھلجڻ لڳي. ڊاڪٽر جا لفظ ڌنڌلا ٿيندا ويا. منھنجا هٿ مٿي تان ڍرا ٿيندا ويا ۽ منھنجي خوابن مان اڇي هُن منھنجي وجود جا در بند ڪري ڇڏيا، مان بيھوش ٿي ويس.

ڪنھن اونداهي درياھ ۾ ڪرندي، ٻھريان، مان پاڻ کي بچائڻ جي خواهش ڪئي پر اونده تيزيءَ سان مون کي ٻوڙي ڇڏيو.

رات ٿي وڃڻ جي احساسَ، اونده جي درياھ ۾ سوراخ ڪيو، مون آهستي آهستي اکيون کوليون. تيز لائيٽ منھنجي اکين سان ٽڪرائجي، ڊاڪٽر ۽ پاءِ کي آلو ڪندي وئي. پاءِ انتھائي بدحواسي جي حالت ۾ مون کي آرپار ڏسڻ لڳو، ڊاڪٽر پيشه ورانه تحمل سان مون کي ٿپاسيندو رهيو. مان مرڪي پاءِ کي آٿت ڏيڻ چاهي پر منھنجي مُرڪ منھنجي ئي ٻگھر ۾ وهي وئي.

ڊاڪٽر پاءِ کي "پرسڪرپشن" ڏيندي چيو ته هي دوائون ڪارايوس، وري سپاٽي وٺي اچجوس. مان سپاٽي جي ڳولا ۾ سدائين ڪاله ۾ رُلي ويو آهيان اها ڳالھ مان پاءِ کي سمجھائي ڪونه سگھيس، تنھنڪري مون کي روز ڊاڪٽر ڏي وڃڻو پيو. دوائن سان گڏ، ڊاڪٽر جي ٻڌڻ جي سگھ، مون کي متاثر ڪيو. مان ڊاڪٽر آڏو ڳالھائيندو رهيس. هو ٻڌندو ائين آهي جڻ ڪنھن رسي جون ڳنڍيون کوليندو هجي. مان ڊاڪٽر کي ٻڌايو ته "مون سان مسئلو اهو آهي ته جڏهن مان جاڳان ٿو ته منھنجو انتظار به جاڳي ٿو پر جيڪڏهن مان سمھي ٿو پوان. منھنجو انتظار پوءِ به جاڳندو ٿو رهي. هيءُ زخم منھنجي وجود کي گھايل ڪندو ٿو رهي؛ مان روئي روئي ٿڪجان ٿو، منھنجي پنبڻيون ڦلوڪڙا ٻڌجي ٿيون پون. پر مون کي خبر نه ٿي پوي ته مون کي ڇا جو انتظار آهي، ڇو مان اميد جي خوشفھميءَ ۾ زنده رهندو ٿو رهان. ڊاڪٽر! مان توهان کي ٻڌايو هو ته، پھريون جڏهن مان هُن اڳيان عشق جو اعتراف ڪيو هو ته هوءَ مٿي تي هٿ رکي ويھي رهي. پنھنجي گھر جي در تي ٿي، مان واپس موٽي آيو هوس، خالي خالي، ٻنان جواب وٺڻ جي. پر پوءِ ان جي ٻئي ڏينھن رات جو ٻين وڳي هوءَ مون وٽ آئي. ننڊ جي کيپ ۾ سمجھيم هوءَ مون کي سڏي رهي آهي اکيون کوليم ته سچ پچ هوءَ منھنجي بلڪل مٿان بيٺل هئي. ڊاڪٽر! توهان سمجھو ٿا نه ته هوءَ مون ڏي اڌ رات ڪان لڪي آئي هئي." ائين چئي مان

ايترو ڪليس جو منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون. سدائين، منهنجي ڪِلَ، منهنجي اکين کي آلو ڇو ڪندي آهي؟" مون ڊاڪٽر کان پڇيو.

ڊاڪٽر به ڪليو، منهنجي سوال جي جواب کي پاڻ وٽ رکندي چيائين: "واقعي، هوء تو وٽ آئي، تون خوش نصيب آهين جو توکي محبت جو جواب محبت سان مليو، مان اٿي بيٺس، مان سان گڏ ڪمرو به اٿي بيٺو. ڊاڪٽر ڪرسيءَ تان ڪرندي ڪرندي بچيو ۽ بچندي پڇيائين: "ڪيڏانهن؟"

"ڪيڏانهن؟" مون ورجايو. مون کي اهو لفظ ڏاڍو ڳورو لڳو. مان ڪرسي تي ويهي رهيس. پر مون کي لڳو ڄڻ مان ڪنهن وڻ تي ويٺو آهيان. مون کي پنهنجي اُن خيال تي کل آئي جيڪا اندر ئي ڪٿي رستو ڀُلجي بئي. سامهون ميز تي رکيل شيشي جي گلاس ۾ پيل بي رنگ پاڻيءَ، مون کي ڏنو. مان پاڻيءَ جا ٻه ٽي ڍُڪَ پري گلاس واپس ميز تي رکندي ڊاڪٽر کي چيو: "هُن جي ۽ منهنجي وچ ۾ انتظار جو درياهه ڪاهي پيو آهي. ائين چو ٿيندو آهي، ڪنهن کي جيترو چمبو آهي، اُهو اوترو من ۾ لهندو ويندو آهي؟ مان هُن سان اڪيلائي ۾ مليس ته منهنجي اڪيلائي وشال ٿي وئي، مان هُن جي پاڪرن ۾ ڏاڍو رنس. مان، ڊاڪٽر توهان کي ڪيئن ٻڌايان ته هُن جا وار منهنجي چهري کي ڪيئن ڍڪيندا هئا. ڪيئن هُن کي پاڪرن ۾ پريندو هنس، مان هُن سان اگهاڙي پيرين، ڪيترين ڌرتين زمينون ڳولهي لڌيون، ڪيئن مان هُن جي چپن جي رس مان شاعري ٺاهيندو هوس، اهو سڀ خواب ته ڪونه هئو. پر ڊاڪٽر منهنجي دماغ ۾ ڪنهن جاءِ تي سوراخ آهي، چو ته اهو سڀ ڪجهه هڪ خواب وانگر ان سوراخ مان الائي ڪٿي ڪري پيو آهي. مان ننهن کان چوٽيءَ تائين انتظار سان پرجي ويو آهيان. ويٺي ويٺي مان الائي ڪيڏانهن هليو ٿو وڃان، مان ڪنهن به ماڻهوءَ سان ملندي ڊِجان ٿو، بيزار ٿيان ٿو، مون کي ڪنهن به شئي ۾ ڪابه دلچسپي نه رهي آهي. مون کي هر ڳالهه تي ڪاوڙ ٿي اچي هوء ڪجهه به نه ٿي سمجهي، مان به ڪجهه نٿو سمجهان، توهان به ڪجهه نٿا سمجهو، ڪير به ڪجهه نٿو سمجهي منهنجو دماغ ڦاٽي پوندو پر سدائين هُن جي ياد مون کي اچي ٿي قابو ڪري. ڪيستائين.... مون کي خبر ناهي. هوء مون سان پيار ڪري ٿي، ڪنهن ٻئي سان به ۽ هڪ ٻي انتها مصروف زندگيءَ ۾ پاڻ کي ورهائيندي ٿي رهي. مان هُن سان بي انتها پيار ڪيان ٿو پر هُن کي سمجهي نٿو سگهان ڪير آهي جيڪو منهنجي دماغ ۾ سُرنگهه هڻندو ٿو رهي؟" ڳالهائيندي ڳالهائيندي مون کي لڳو، ڪنهن مون کي سَڏُ ڪيو. مان دروازي ڏي ڏٺو، ڪير به ڪونه هو. ڊاڪٽر سوال نظرن سان مون ڏي ڏٺو. مون کي لڳو، ڪو پيو به مون کي ڏسي رهيو آهي. مان ان جي غير محسوس نگاهن کان بچڻ چاهيو پر ڪمري ۾ سواءِ ٽيبل جي ٻي ڪابه لڪڻ جي جاءِ نه هئي. مان يڪدم اٿي ٽيبل هيٺان هليو ويس، ان کان اڳ جو ڊاڪٽر مون کي ٽيبل هيٺان ڪڍي، مان تيزيءَ سان نڪري وٺي ڀڳس، ڪجهه آوازن مون کي پڪڙڻ چاهيو پر مون کي منهنجيءَ ڊوڙَ بچائي ورتو، ۽ مان ان مهل ٿورو حيران ٿيس، جڏهن ڊوڙندي ڊوڙندي منهنجي رستي ۾ درياهه اچي ويو. ٽوٽي جو درياهه سهڪي رهيو هو، پوء به مان درياهه کان هُن جي اکين جو رازُ پڇيو، پر درياهه کي ڏاڍي تڪڙ

هنيِ، اُن منهنجو سمورو رستو پوڙي ڇڏيو. اٿاهه پاڻيءَ ۾ مان ان اونده سان ٻه ملِيس، جنهن ۾ ٻيهي مان هُن سان عشق جو اعتراف ڪيو هو. منهنجو ساهُ منجهڻ ٿو لڳي، مان خواب مان هڪ صحتمند ڇرڪ ڀري جاڳي ٿو پوان.

ٻئي ڏينهنُ صبح جو، هر روز جيان تيار ٿي لئبارٽريءَ ۾ اچان ٿو. اڏ ڏينهن پوريءَ محنت ۽ ڌيان سان تجربا ڪندي گذاريان ٿو. منجهند جيَ ماني کائيندي فقط هڪ پيرو مون کي اُها ماني ياد ٿي اچي، جيڪا آخري پيرو هُن سان گڏ کاڌي هيم. هن جي زبان جو ذائقو ياد ڪندي مان مرڪي پيس ماني کائي وري تجربن ۾ گم ٿي ويس ۽ فراموشيءَ جي طويل ٻيهريءَ مون کي قتل ڪري ڇڏيو.

●●●



عزيز چنبڊ

# نندو بادشاھ

ريڊيو، ٽيليوزن ۽ اخبارن ۾ اشتهار ڏنو ويو. ڳوٺن ۾ پڙهو ڏياريو ويو ـ شهرن ۾ لائوڊ اسپيڪرن تي اعلان ڪيو ويو تہ ملڪ ۾ "نندي بادشاھ" جي پوسٽ خالي آهي، هر خاص ۽ عام کي اطلاع هجي تہ مناسب اميدوار ڳولي وڏي بادشاھ جي حضور ۾ پيش ڪن، کين انعام ۽ اڪرام سان نوازيو ويندو.

سڄي ملڪ ۾ ڦڙتوٽ پئجي وئي. هر ننڍو وڏو "نندي بادشاھ" جي ڳولا ۾ نڪري پيو. پنچائتون ويٺيون، صلاح ۽ مشورا ڪيا ويا ماٺهو جهرن جهنگن ۾ ڪاهي پيا. هنن لاءِ وڏي نيڪ بختيءَ جي ڳالھ هئي، جو هو نندو بادشاھ هٿ ڪري وڏي بادشاھ جي حضور ۾ پيش ڪن.

نيٺ هڪڙن همراهن وٽي هڪ نوجوان کي هٿ ڪيو. خوبصورت ۽ قدآور جوان، جيڪو پنهنجي علم ۽ فراست جي ڪري پنهنجي آس پاس جي ڳوٺن ۾ مشهور هو. ماڻهن کي پڪ هئي تہ هي جوان ضرور انهي عهدي جي معيار تي پورو لهندو. همراھ کڻي وٽي بادشاھ جي محل ۾ پهتا، بادشاھ کين اندر گهرايو پڇيائين: "ڏيو خبر ڪيئن آيا آهيو؟" انهي ٽوليءَ ۾ جيڪو بزرگ هو سو اُٿي بيٺو چيائين: "سائين، بادشاھ جو اقبال بلند. قبلہ ـ وڏي ڪوشش ۽ جدوجهد کان پوءِ هي جوان ڳولي آيا آهيون، اميد تہ توهان جي گهربل شرطن تي پورو لهندو ۽ سائين جن کي پسند ايندو."

بادشاھ پڇيو: ڪهڙي طرح توهان فيصلو ڪيو تہ هي نوجوان "نندو بادشاھ" ٿيڻ جي لائق آهي.

بزرگ چيو: "سائين هي جوان اسانجي تَرَ جو حسين ۽ قدآور جوان آهي، ڪيس سڀ حسن جو بادشاھ چوندا آهن"

بادشاھ پڇيو: "ڇا اها وڏي ڳالھ آهي ـ اسانجي بادشاهيءَ ۾ تہ هن کان بہ وڌيڪ سهڻا ماڻهو موجود آهن!؟"

بزرگ چيو: "برابر سائين قبلہ جن درست فرمايو، ليڪن سائين، سونهن سان گڏ هن ۾ وڏو عقل، ساڃاھ ۽ سوچ آهي، هي اسان جي پاسي جو وڏو داناءُ نوجوان آهي، انهي ڪري سمجهيوسين تہ سائين جن کي هي نوجوان پسند ايندو."

بادشاھ اهو ٻڌي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. چيائين تہ "پوڙها جي عمر جي آخري حدن ۾ نہ هجين ها تہ ڪٽن کي کارائي ڇڏيانءِ ها. جاهل ماڻهو، عقل ۽ داناني مون ۾ گهٽ آهي جو آءٌ وينو عاقل ۽ داناءُ ماڻهو ڳوليان، ـ ڇا تنهنجو اهو مطلب آهي تہ آءٌ عقل ۾ گهٽ آهيان جو تون مون وٽ عقل وارو ماڻهو وٺي آيو آهين....؟"

پوڙهي جو ساه وڃي نڙگهٽ ۾ اٽڪيو. گيت ڏيندي چيائين: "قبلهٔ سائين جو اقبال ۽ مرتبو بلند هجي، مون مورک کان غلطي ٿي، جان جي امان ملي ـ ته پوڙهو هلي."

بادشاهه حڪم ڪيو ته نوجوان کي جيل ۾ بند ڪيو وڃي" پوڙهي کي هدايت ڪيائين ته وڃ ۽ ماڻهن کي ٻڌاءِ ته اسان کي عقل ۽ دانائي نه کپي.

اها خبر جڏهن عوام کي پئي ته حيران ۽ پريشان ٿيا ـ پوءِ انهي نقطي کي ذهن ۾ رکندي ته علم ۽ داناءِ گهربل نه آهن، وري گولا کي لڳي ويا.

هڪڙي مڱڻهار شرناءِ پئي وڄائي. همراهن کي شرناءِ جو آواز ڏاڍو وڻيو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته بادشاه سلامت جڏهن هي منڙو آواز ٻڌندو ته پڪ ئي پڪ مڱڻهار کي "ننڍو بادشاهه" بڻائيندو ۽ اسان کي به ڪافي اُجورو ملندو. سو نه ڪيائون دير ـ مڱڻهار کي پڪڙي، ڇوڪنيو ڪٺي گڏهه تي هنياؤنس ۽ وڃي بادشاه جي دربار ۾ پهتا.

بادشاهه پڇيو: "هي ڇا جو گوڙ آ....؟"

ماڻهن عرض ڪيو ته "قبلهٔ توهان جي حڪم مطابق "ننڍو بادشاهه" هٿ ڪري آيا آهيون."

بادشاهه گڏهه تي ويل همراهه جي ڇڪاس ڪري. حڪم ڪيو ته اميدوار گڏهه تي اونڌو وڇايل آهي، ڪيس سڌو ڪري پيش ڪيو وڃي. جيئن خبر ته پئي ڳالهائڻ وارو عضوو ڪٽي اٿس!.

همراهن، مڱڻهار کي ڇڪي ڪٽي سڌو ڪيو. بادشاهه پڇيو ته همراهه ۾ ڪهڙي خاصيت آهي جو توهان هن کي "ننڍو بادشاهه" بنائڻ چاهيو ٿا.

ماڻهن عرض ڪيو ته سائين، "هي همراهه ساز وڄائيندو آهي. اهو اهڙو ته مِٺو ۽ دل کي وڻندڙ آهي جو اسان فيصلو ڪيو ته، ڪيس سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيون، جيئن توهان ڪيس "ننڍو بادشاهه" بڻايو."

بادشاهه حڪم ڪيو ته ساز وڄايو وڃي. همراهه شرناءِ ڪڍي وڄائڻ شروع ڪئي.

بادشاهه ڪنڌ ڌوڻڻ شروع ڪيو. همراهه خوش ٿيا ته بادشاهه سلامت کي ڳالهه وڻي آ. پر ٿي لمحي بادشاهه جهولڻ بند ڪري، هڪدم ڪنڌ مٿي ڪٽي نهاريو ـ اکين ۾ رت تري آيس چيائين: "بيهوده، نالائق هي ساز ته مون واري شاديءَ تي مون ٻڌو هو ـ هي ته شاديءَ جو ساز آهي؟ همراهن چيو، جي سائين توهان درست فرمايو. هي شاديءَ جو ساز آهي." بادشاهه قهري انداز سان وراڻيو: "ڇا توهان چاهيو ٿا ته آءٌ هڪ شادي ٻي به ڪيان ـ وري مصيبت ۾ پوان ـ ڇا توهان منهنجي پاڇي ۽ ڇانو کان محروم ٿيڻ ٿا چاهيو. نرم ٿيندي چيائين، بابا مون کي ائين چوٽا ماريو ـ مون توهان کي ڪهڙي تڪليف ڏني آهي....؟"

همراهن کي اچي ڏڪڻي ڪنيو ـ ڪجهه ڪجي نه سگهيا.

بادشاهه سلامت حڪم ڪيو ته هنن جون چار چار بلڪ اَٺ اَٺ شاديون ڪرايون وڃن ۽ مون کي باقاعده رپورٽ ڏني وڃي، ته هنن جو حشر ڪهڙو ٿيو.

اها خبر جڏهن عوام تائين پهتي ته عوام وڏيڪ پريشان ٿي ويو. سوچيائون ته بادشاه سلامت کي الائي ڪهڙي قسم جو "ننڍو بادشاه" گهرجي نيٺ ڪجهه سياڻن فيصلو ڪيو ته مردائي حسن ۽ عقل وارو بادشاه پسند نه ٿو اچي، زناني جنس مان "ننڍو بادشاه" ٿي نه ٿو سگهي. آئين ۾ عورت کي بادشاه چونڊ جي گنجائش ڪونهي، سو ڳولي هڪڙو ٽين جنس وارو پڪڙي وٺي آياءِ وڃي بادشاه جي حضور ۾ نڪتا.

"بادشاهه سلامت "ننڍو بادشاه" حاضر آهي." همراهن عرض ڪيو.

بادشاه اميدوار کي ڏٺو، نالو وغيره پڇيائين، ڪنهن حد تائين بادشاه کي اطمينان ۾ ڏسي همراه خوش ٿيا.

بادشاه پڇيو: "هن ۾ ڪهڙي اهڙي ڳالهه آهي، جو توهان هن کي ننڍو بادشاه بنائڻ چاهيو ٿا....؟"

همراهن عرض ڪيو ته: "بادشاه سلامت! هي ناياب ۽ ڪمياب داڻو.وڏيءَ مشڪل سان هٿ ڪري هٿ پهتا آهيون. هي بي ضرر جنس "ننڍو بادشاه" ٿيڻ جي انهيءَ ڪري لائق آهي جو هن کي نچڻ ۽ ڳائڻ تي مڪمل عبور حاصل آهي. ميڙن ۾ هن کي ناچ ۽ تاڙيءَ جو بادشاه سڏيندا آهن. ميڙو ـ نچڻ ـ ڳائڻ ـ تاڙي .....

باد شاه حيران ٿيندي پڇيو: "چا مطلب آهي توهان جو ـ هي ڪم ته کدڙا ڪندا آهن....!!؟"

"بادشاه سلامت جي سر بخت جو خير! توهان ٺيڪ سڃاتو. هي ميڙي جو بادشاه کدڙو آهي، ڪيئين ڪونڌر ڪُهي ڇڏيا اٿائين. نه خنجر جي ضرورت، نه تلوار جي گهرج ـ عوام کي نيڻن جي نخرن سان قتل ڪندو جو نه ڪا گولي هلي نه ڪا F.I.R درج ٿيني، نه ڪوئي حذب اختلاف وارن کي بيان بازيءَ جو موقعو ملي."

بادشاه اهڙي بيهوده بڪواس ٻڌي، حڪم ڪيو ته: "هنن سڀني کي به کدڙن جي برادري ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ سندن قومي شناختي ڪارڊ به تبديل ڪيا وڃن."

اهو اطلاع جڏهن عوام تائين پهتو ته خلق خدا ڏاڍي پريشان ٿي ـ سوچيائون ته هاڻ چا ڪيون....؟ "ننڍو باشاه" ڪٿان آڻيون....؟ بهرحال ـ جي ڳولا ڏکي هئي ته انعام به گهڻو هو.

هڪ دفعو وري بادشاه سلامت جو دروازو کڙڪايو ويو. ڪجهه ماڻهو هڪ شخص کي ڪلهن تي کنيو بيٺا هئا.

بادشاه کين اندر گهرائڻ جو حڪم ڪيو ۽ پڇيائين ته: "همراه ۾ ڪهڙي خاصيت آهي جو توهان کيس "ننڍو بادشاه" بنائڻ ٿا گهرو. ماڻهن عرض ڪيو: "توهان پاڻ هيرن جا پارکو آهيو ـ ماڻهو جي پرک توهان کان وڌيڪ ڪنهن وٽ هوندي. توهان غور ڪرڻ فرمائيندؤ ته اسان کي وڏي اميد آهي، ته هي هيرو توهان کي وڻندو."

بادشاه مڪمل معائني ۽ ٻچا ڳاچا کان پوءِ هڪدم خوشي ۾ ٽڙي پيو. چيائين: "آءٌ توهان کي مالا مال ڪري ڇڏيندس، توهان مون کي خوش ڪيو آ. آءٌ توهان کي توهانجي سوچ کان وڌيڪ انعام

ڏيندس. مون کي اهڙئي "ننڍي بادشاه" جي ڳولا هئي. اڄ منهنجي زندگيءَ جو بهترين ڏينهن آهي. اڄ اسان کي "ننڍو بادشاه" ملي ويو آهي. قوم کي مبارڪون هجن. اڄ کان لڳاتار هڪ مهيني تائين ملڪ ۾ جشن ملهايو ويجي، غريبن ۽ مسڪينن کي ڪاڌو کارايو وڃي."

ٻئي ڏينهن ٽيليويزن تي ماڻهن ڏٺو ته، ڪجهه ڪارندن هڪ همراهه کي ڪلهن تي کڻي آڻي ڪرسي تي ويهاريو. هو ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ ڏسڻ جي صلاحيتن کان محروم هو. فقط سندس هٿ ٺيڪ هئا، جيڪي کائڻ ۽ پيئڻ ۾ مصروف هئا.

●●●



اختر رند

# لُوءِ سَموري لُکَ

سياري جي اماس رات ۾ سڄو ڳوٺ سنڌ جي ڪنهن قديم قبرستان جو ڏيک ڏئي رهيو هو. هر طرف سانت ئي سانت هئي، ڀر رکي رکي ڪنهن مهل ڪنهن ڪتي جي اوناڙ يا ڀرسان ئي ٻڪرين جي واڙ منجهان ڪنهن مست ٻڪر جي ٻيڪ سانت ڀريل ماحول کي توڙي اُماس رات کي پُراسرار بڻائي رهي هئي.

لالٽين جي هيڊائين روشني ۾ سانوڻ جي زال سردار خاتون کٽ تي سُتي ئي ڪنڌ مٿي ڪٿي ڀرين پنهنجي ساڄي پاسي کٽ تي ستل پنهنجي پندرهن سورهن سالن جي ڌيءَ شهزادي کي ڏسي ٿي، جيڪا جاڳ ۾ هوندي به اکيون ٻوريو ائين ستل آهي ڄڻ جواني جي اَجهاڳ ننڊ ۾ هجي ـ ۽ پوءِ پاڻ سان گڏ ئي ليٽيل پنهنجي مڙس سانوڻ سان رازدارڻي انداز ۾ ڳالهائڻ لڳي ٿي، جيڪو پڻ پنهنجي ڌيءَ ۽ زال جيان ننڊ نه اچڻ ڪري ٻن جي ٻيڙي ڍڪايو سُتي ئي سُوڻا هڻي رهيو هو.

"شهزاديءَ پيءُ، جاڳين پيو؟.... اُني ٻڌين پيو نه .... کهڙن اونڌارن ۾ آهين!؟".

"ڳالهاءِ!" سانوڻ هڪ ڊگهو سوڻو هڻي ٻيڙي ٻَٽَ تي اچلائيندي جواب ڏئي ٿو.

"اڄ ٻي مائي ڦاپل آئي هئي، چئي پئي ته ڪٽڪ جون ٻاريون ڪٽي، چنڊ ڏئي اسان ٻانهن ويهاريندا سين. اوهان ڏاج جو بندوبست ڪري ڇڏيو!"

"پوءِ تو ڇا چيس؟"

"مون چيومانس ته شهزاديءَ پيءُ کان پڇي پوءِ ٻڌائيندي ماڻءِ"

"پوءِ ٻڌائيندي ماڻءِ!!؟ مان وري کهڙو ڪارو منهن ڪندس!" سانوڻ پڙڪو ڏئي کٽ تي اٿي ويهي ٿو. تو ڪالهه پاڻ ئي ته چيو هو، چوريءَ کي پنجون مهينو آهي، پوءِ ائين ڊُکي ئي ڪاهي ڏينداسين ڇا! "پر ائين ويهارڻ ۾ به ته پلائي ڪانهي، سياڻي ڇوڪري پورن مهينن سان ٿيندي. ڳوٺ جو هر ننڍو وڏو گهر ۾ اچي وڃي پيو. ڏسندا، ته ڇا چوندا, ويا ها حيدرآباد ڪمائڻ, اتان مورڳو آنداٺون. مان ته چوان ٿي ته ادي شاهلي وارن کي اهو سڀ ڪجهه ٻڌائڻ گهرجي".

"تنهنجو مٿو ته جاءِ تي آهي نه!؟" شاهلي وارا وري کهڙا امير آهن جو اسان جي مٿان ڪڪ رکندا ـ پڇاڙي ۾ رب هِنَ اُچي ڏاڙهي ۾ ڏوڙ وڌي آ ته راڄ پاڳ کي ڏيکاري خلق ته ڪونه ڪلائبي"

سانوڻ ڪروڏ پيهندي ڏڪار منجهان ادامنڊڙ نظر شهزادي تي وجهي. کٽ جي سيراندي کان رکيل ٻيڙين منجهان هڪ ٻيڙي ڊُکائي ڊگهو سوڻو هڻي، ڪجهه سوچي تڏو ساهه ڀري ٿو. هن نپاڳي رَن ته اسان جو نڪ ئي وڍائي ڇڏيو آهي ـ "پر اُن ۾ هن ويچاري جو کهڙو ڏوهه؟" زائفان! غيرتمند ٻيئر ويٺن وڳهي ئي مرندا آهن.

مجان ٿو تہ ڇوڪري جو ڏوھ ڪونھي، پر ڳوٺ وارن کي کھڙو جواب ڏيون. انھن کي ڇا چئون تہ ادا پرائو ديس هو. (ڌارين) ڇوڪرن دنبڪن (بندوقن) جي زور تي زوري ڪئي! هو تہ چوندا. اڙي سانوڻ ٿُڪَ ٿئي، هوئن تہ وتين پُٽهن سوڌو پاڇولن کي ڪھاڙيون هڻندو اتي ويٺي ڏي، جا...!!! هاءِ ڙي قسمت هاءِ! آخر ۾ اهي ڏينهن بہ ڏيکاريئي". سانوڻ ڪٽ جي سيرانديءَ کان رڪيل اجرڪ ڪٽي مٽي کي بڌي آهستي آهستي ٽڪل نتدين وکن سان هلندو ڪمري کان ٻاهر نڪري اماس رات ۾ گم ٿي ويجي ٿو.

"پيءُ جا لفظ سنگينن جان شهزادي جي دل ۾ پيهي وڃن ٿا." هوءَ سوچڻ لڳي ٿي تہ، آخر منھنجي وجود کي هي ڇو پنھنجي مٿان بار سمجهي رهيا آهن... جيڪي ڪجھ بہ ٿيو آهي اهو سندن سامهون ئي تہ ٿيو آهي! سندن ئي ڪانئرتا جي سزا اڄ مون کي ملي رهي آهي. جيڪڏهن ادا ۽ بابا ٿوري بہ مڙسي ڪن ها تہ دهشتگرد، اٿين سندن ئي سامهون ڪاري رات جان منھنجي مٿان ڪين لهن ها!

شهزاديءَ کي خيالن ئي خيالن ۾ خوني رات تري اچي ٿي، جنھن رات حيدرآباد ۾ لساني فسادن هلندي، ڪرفيو جي باوجود اٺ ڏهہ دهشتگرد سندن گھر ۾ گهڙي آيا هئا. ۽ نعرا هڻندا سندس پيءُ، ماءُ ۽ ڀاءُ کي ڪمري ۾ بند ڪري، سندس سخت مزاحمت جي باوجود کيس ٽنگو ٽالي ڪري بورچيخاني ۾ ڪٽي ويا هئا. جڏهن صبح جو کيس هوش آيو هو تہ، هن کي هر شيءِ دونھاٽيل ۽ ڪوهيڙي ۾ ورتل نظر آئي هئي.

"ان ڏينهن کان پوءِ شهزادي آلي ڪاني جيان ڌڪندي رهي هئي، سندس جوڀن مٽيءَ جي مندر جيان ويو هو جهرندو پرندو، سندس سونهن کي لڳي وئي هئي گرهڻ، سڊول ۽ خوبصورت جسم سُڪي ڪانگڙي ٿي ويو هئس سواءِ پيٽ جي؛ جيڪو روز بروز ٻاهر وڌي رهيو هو. جنھن کي هن لڪايو هو ڀرين ماءُ کان پوءِ پيءُ ۽ ڀاءُ کان."

پنھنجو سڀ ڪجھ حيدرآباد ۾ لُٽائي قُرائي جڏهن هُو واپس ڳوٺ آيا هئا تہ. شهزادي جي وڌندڙ پيٽ کي محسوس ڪندي ڳوٺ ۾ بدنامي جي خوف کان گهر جو هر ڀاتي (سواءِ ماءُ جي) شهزادي کي پنھنجي مٿان عذاب ۽ ذهني پيڙا جو سبب سمجهي رهيو هو! سندس ڀاءُ نبو تہ ڪيترائي دفعا کيس مختلف بهانن سان ٺاهوڪي مار بہ ڪڍي هئي.

مائٽن جي ان ڌڪار واري رويي کان مجبور ٿي، ڪڏهن ڪڏهن شهزادي سوچيندي هئي تہ سندس ڪُک ۾ پلجندڙ ان نياڻي ٻار جو ڀيءُ ڪير آهي، جنھن کيس مائٽن ۾ ايترو ذليل ۽ خوار ڪيو آهي ـ ان سَمي سندس سامهون ڪيترا ڀيانڪ چهرا تري ايندا هئا. جيڪي انهيءَ رات هٿيارن جي زور تي هڪ هڪ ٿي سندس جسم مان خوب ماڻي چڪا هئا لذت ۽ ڇڏي ويا هئس ڳرڀ ۾ هڪ اهڙي نشاني جيڪا نہ کيس مرڻ پئي ڏني نہ ئي جيئڻ. اڄ ايترن ڇهرن هوندي بہ هن کي پنھنجي ڳرڀ ۾ جنم ورتل ٻار ان بي نانءَ قبر جيان لڳي رهيو هو، جنھن تي سندس مائٽ سڃاڻپ جي ڪابہ نشاني ناهن ڇڏي ويندا، سواءِ اگر بتين جي خالي ڪوکن ۽ اوسي پاسي جي وٽن مان روڙيل ساون پنن جي، جيڪي ڏسندڙن کي ڀراڙي جي هر نئين قبر تي نظر ايندا آهن.

شهزادي کٽ تي پاسو ورائي ڳيت ڏئي ڏک جي سنگهرن کي گلي کان هيٺ اڇلائي سمهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر الائي ڇو، گهر جي هر پاتي جيان ننڊ به ڪانئس رُسي وئي هئي، ۽ پڙڪو ڏئي سندس ڪنن ۾ ٿوري دير اڳ ڇيل سندس پيءُ سانوڻ جا لفظ پڙڻ لڳن ٿا: "هن نياڻي ڇوري ته اسان جو نڪ ئي وڍائي ڇڏيو آهي!.... غيرتمند پيئر ويٺن وڳهي ئي مري ويندا آهن!!!" شهزادي سوچي ٿي "منهنجو وجود منهنجي مائٽن لاءِ ذلت جو باعث بڻجي ويو آهي! هوئن به قدرت هر جوان ڇوڪريءَ کي جيڪي انڊلٺي رنگ، سهاڳ رات پنهنجي ڪانڌ کي تحفي ۾ ڏيڻ لاءِ ڏيندي آهي، انهن رنگن مان، ڪوبه رنگ سنيالي ناهيان سگهي! اهي سڀ رنگ هڪ هڪ ڪري لُٽي ويا آهن دهشت گرد، ۽ موٽ ۾ ڏئي ويا آهن ذلت ۽ خواري.

"آخر مان پنهنجي سهاڳ جي ڪهڙي منهن سان آجيان ڪنديس؟ ڇا هو منهنجي لويل جسم تي غير مڙدن جي رانيوڻن، رهڙن ۽ چڪن جي نشانن تي پنهنجي چاهت پريل چپڙن جا پَها رکي سگهندو؟ ڇاهو منهنجي وڌيل پيٽ ۽ ان ۾ پلجندڙ بار کي برداشت ڪري سگهندو؟... نه.... ڪڏهن به نه! ان کان پهرين جو ڪو پهرين رات ئي منهنجي جيون ۾ جهاتي پائي هميشه لاءِ ڏهاڳ ڏئي هليو وڃي، ۽ منهنجو پيءُ ۽ ڀاءُ ڪنهن جي به اڳيان ڪنڌ کڻي هلڻ جهڙا نه رهن، مان آپگهات ڪري ڇڏيندس!...

ها جيئن ئي سندس پيءُ سانوڻ، واپس اچي کٽ تي سمهندو هوءَ ڳوٺ واري وڏي کوهه تي وڃي آپگهات ڪري ڇڏيندي.

هوڏانهن سانوڻ بنا ڪنهن سبب جي هلندي هلندي ڳوٺ کان تمام گهڻو پري نڪري وڃي ٿو، شايد هو ائين ئي هلندي هلندي، ڏيءُ واري مسئلي جو ڪو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر جڏهن ڪيتري ئي مفاصلي تائين لانگ مارچ ڪرڻ جي باوجود کيس ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته موٽ کائي، سڌو ٻڪرين جي واڙي ۾ سُتل پنهنجي نوجوان پٽ نبو وٽ اچي ٿو، ۽ کيس ننڊ مان اٿاري سڄي ماجرا ٻڌائي ٿو.

پيءُ جون ڳالهيون ٻڌي نبوءَ جي ننڊاڪڙي چهري تي ماڪوڙيون ڊوڙڻ لڳن ٿيون! کيس لڳي ٿو ڄڻ هن کي هماليه جي چوٽي تان هيٺ اڇلايو ويو هجي، هو هيٺ، اجان به هيٺ پولارن پاتارن ۾ ڪرندو پيو وڃي. کيس محسوس ٿيڻ لڳو ڪنهن به وقت ڪنهن وڏي پٿر سان ٽڪرائجي هميشه لاءِ وکري ويندو.

نبو ڪيتري دير سوچيندو رهي ٿو ته آخر هو پنهنجي پوڙهي پيءُ کي ڪهڙو جواب ڏئي، جيئن هو مطمئن ٿي وڃي سمهي پوي، پر جڏهن کيس ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي هو پيءُ کي چوي ٿو: "هاڻي اهو منهنجو مسئلو آهي، مان پاڻ ان کي منهن ڏيندس تون وڃي آرام ڪر. سانوڻ نبو کي سوچيندو ڇڏي واپس موٽي اچي پنهنجي کٽ تي سمهي اکيون پوري ڇڏي ٿو. پيءُ جي موٽي اچڻ کانپوءِ شهزادي ڪيتري دير تائين پيءُ جي سمهڻ جو انتظار ڪندي رهي ٿي ـ جڏهن کيس اها پڪ ٿي وڃي ٿي ته سندس پيءُ ۽ ماءُ گهري ننڊ سمهي پيا آهن، ته هوءَ اٿي ڪيتري دير تائين کٽ مٿان ويهي، اگهور ننڊ ستل پنهنجي پيءُ، ماءُ کي ڏسندي رهي ٿي. ڏسندي ڏسندي سندس من ۾ اچي ٿو ڇونه هڪ

هڪ الوداعي چمي پنهنجي امڙ ۽ بابا کي ڏني کين خدا حافظ چئي! پر سندن ننڊ مان جاڳي پوڻ جي خوف کان هوءَ چمي ڏيڻ بنا، وک وک ڪوئي، ڪان ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

ٻاهر نڪري شهزادي سڀ ڪان ڀرين پنهنجي سڄي گهر تي، جنهن ۾ هوءَ ننڍي تي وڏي ٿي هُئي، پوءِ تارن ڀري وشال گهري آڪاش تي آخري نظر وجهي ٿي، جتي ڪو تارو ڏکهي لاٽ ڪري هميشه لاءِ اجهامي وڃي ٿو. هوءَ سوچي ٿي جيئن ڪنهن تاري جي اجهامڻ سان آسمان تان، تارن جي ڪوٽ محسوس نٿي ٿئي، ۽ نه ئي سندن سندرتا ۾ ڪا ڪمي اچي ٿي، تيئن هن دنيا مان ڪنهن هڪ انسان جي هليو وڃڻ سان ڪوبه فرق نٿو اچي. جي اچي ٿو ته ان بدنصيب لاءِ جنهن ڪان زندهه رهڻ جو حق کسيو ويو هجي! جنهن جي زندگي جي وسيع ليڪ کي مهٽي، ڏاهي محض هڪ ننڍڙو ٽپڪو بنايو ويو هجي! شهزادي جيئن ئي گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪڙهه ڏانهن وڌي ٿي، تيئن ڪڙهه تي ٻڌل ڪتو زور زور سان ڀونڪڻ لڳي ٿو. ڪتي جي ڀونڪڻ تي ٻڪرين جي واڙ ۾ سٽل نبو، واڙ منجهان ڪنگهڪار ڪري هڪل ڪري ٿو: "ڪهڙو آن؟؟... نه ويندين!...، ان سان گڏ ئي نبو رومڙ ڪري پنهنجي چمڪندڙ هٿيلو ڪهاڙي اُڏائيندو پوري زور سان شهزادي ڏانهن ڊوڙڻ لڳي ٿو.

جيتوڻيڪ شهزادي ڪمري منجهان خودڪشي ڪرڻ لاءِ نڪتي هئي، پر پاءِ جي هٿ ۾ وڏي ڦر سان چمڪندڙ ڪهاڙي ڏسي دهشت زده ٿي وڃي ٿي!. شايد شهزادي پاڻ کي ذهني طرح اهڙي موت لاءِ ڪڏهن به تيار نه ڪيو هو، جنهن ۾ سندس پاءُ جي ڪهاڙي سندس ماس کي چيريندي وجود ۾ ويهي ويندي، ۽ پوءِ سندس پاءُ ڪيس ڪپڻ ٻيهندو ڪنهن غير ضروري وڻ جيان. هن ته سوچيو هو، هوءَ دنيا ڪان پاڻ لڪائي ٻاٽ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڳوٺ جي وڏي ۽ قديمي کوهه ۾ اڇلائيندي ۽ هڪ ٻن غوطن ڪان پوءِ هميشه هميشه لاءِ موت جي مٺي هنج ۾ آرامي ٿي ويندي.

نبو جيئن ئي ڪهاڙي اُڀي ڪيون ڊوڙندو شهزادي جي پرسان اچي ٿو، شهزادي کي سجاڻي هٻڪي ٻيهي رهي ٿو، پر پوءِ ٿورو سوچي پوري زور سان رڙ ڪري ٿو: "نه ويندين ڪاري!" "نبوءَ جي رڙ، سياري جي اوڻٿهين اونداهي رات ۾ پڙاڏو ٻڌجي گونجڻ لڳي ٿي، ۽ پرسان ئي ڪڙهه تي ٻڌل ڪتو، زور زور سان ڀونڪڻ لڳي ٿو ـ ڪاري، رات ۾ ڪهاڙي اُڀي ٿي وڄ جيان تجلو ڏئي شهزادي جي ڪوبراٽي ۾ ويهي وڃي ٿي. ڪهاڙي جي ڌڪ سان شهزادي جي ٽوٽ سڪل چپن مان نڪتل هلڪي ڪمزور رڙ وايو منڊل ۾ سگريٽ جي دونهين جيان چلا ٿاهيندي تحليل ٿي وڃي ٿي. نبو هيٺ ڪريل شهزادي تي لڳاتار ڪهاڙي جا وار ڪري ٻيهي وڃي ٿو هڪلون ڪرڻ: نه ويندين ڪارا!... مري وئين... نه ويندين!...، نبو اهو ڏيڪارڻ لاءِ ته ڪارو هن جاءِ تان لوڙهو ٽپي ڀڄي ويو آهي، ڀڄي وڃي ڪيترين ئي خالي ڪهاڙيون لوڙهي ۾ هڻي، موٽي اچي شهزادي جي لاش مٿان ٻيهي ٿو.

نبوءَ جي رڙين سان سڄي ڳوٺ منجهان اچڻ لڳن ٿا ڳوٺاڻن جا جوابي آواز: ڀهتوڙي ڀهتو... ڀهتو ڙي ڀهتو...، ان سان گڏ ئي ڳوٺ جو ننڍو وڏو ٻڪو پوڙهو جنهن کي جيڪو ڪجهه هٿ ۾ ٿي آيو ڪنڌو اکيون مهٽيندو ان ڏسان ڏانهن ڊوڙڻ لڳي ٿو جتان نبوءَ جون رڙيون اچي رهيون هيون.

ڳوٺ جو هر ماڻهو جيڪو جتان ٿي آيو اهو شهزاديءَ جي ڳيا ڳيا ٽيل لاش مٿان بيهندو ٿي ويو. جنهن مان اڃان بہ گرم گرم ڳاڙهو رت وهندو ڪجهه زمين ۾ جذب ٿيندو ٿي ويو تہ ڪجهه ڍورو ناهي اڳتي وڌندو ٿي ويو.

لاش مٿان نبو ڪهاڙي ڪنيون وڏي فخر منجهان بيٺو هو! پر ڏسڻ وارا ڏسن پيا تہ نبو اندران اهڙو نہ هو. جهڙو ٻاهران ڏسڻ ۾ ٿي آيو. آخر سندس هڪ ئي تہ ڀيڻ هئي، ڀيو نہ ڪو ڀاءُ نہ ڀاڃ. نبوءَ پرسان سندس ماءُ بيٺي روئي رهي هئي ۽ پوتيءَ پلاند سان لڙڪ بہ اگهي رهي هئي. نبو انهي خوف کان تہ ڪٿي امڙ شدت جذبات کان ڳالهہ کولي نہ ويهي تہ "منهنجي شهزادي تہ بي ڏوهي هُئي، ان کي نبو ۽ سانوڻ پنهنجي ڪوڙي عزت ۽ انا تي قربان ڪيو آهي. ماءُ کي چوي ٿو: "وڃي ڪوئي ۾ ويهہ ائين ڪاريءَ تي ناهي رونبو! ماڻهو ڇا چوندا؟" هوڏانهن سڀني کان وڌيڪو سانوڻ ان غيرتمند ڀيءُ جيان بيٺو هو. جيڪو ڪاري ٽيل ڏيءُ، جو منهن ڏسڻ بہ پسند ناهي ڪندو! پر اها ڳالهہ بہ نہ هئي، پنهنجي جگر جي ٽڪري، نياڻي نماڻي شهزاديءَ لاءِ. سانوڻ بہ روئي رهيو هو. هُن نٿي چاهيو تہ سندس لڙڪ ڏسي سياڻي ڪو ڳوناڻو ڪيس طعنا ڏئي تہ هي اهو بغيرت ڀيءُ آهي جيڪو ڪاري ٽيل ڏيءُ جي لاش مٿان ڍِڪون ڀري رُنو هو.

★★★



حميد گهانگهرو

# زرد گلاب جي ڪٿا

ڪمري ۾ اوندهه. پر ڪمري جي اوندهه ڪان به گهڻي منهنجي اندر ۾ گهگهه اوندهه
روشني ... ها روشني .... ڪٿي آ روشني!!
ٻاڻ ڪي ٿي جاڻائڻ لڳان ٿو روشني منهنجي اندر ئي ته آهي منهنجي اندر جو درد منهنجي روشني ئي ته آهي
درد ـ جيڪو منهنجي اندر واسو ڪري ويهي رهيو آهي. دُرد جو ڪو ماپو به ته ڪونهي .... هجي به ڪيئن ....
اڄ تائين ڪوئي به اهڙي تارازي يا ڪو جديد ڪمپيوٽر نه ٺاهي سگهيو آهي جيڪو ماڻهو جي اندر ۾ ڦهليل درد جو ڪاٿو لڳائي سگهي .
وري سوچون وڻ ويڙهي ٻڌجي مون کي وڪوڙي رهيون آهن ۽ مان آهيان جو وڃان ٿو وڪوڙبو يادن ۾
يادون منهنجي اندر جي رڻ ۾ واچوڙن جيان گهومائيون ڪائڻ لڳن ٿيون منهنجا نيڻ اندر جي رڻ مان نڪري ڪمري جي ديوارن تي ڦهلجي وڃن ٿا. منتظر ديوارون .... يادن جون ديوارن . يادون سنگسار جا پٿر بڻجي مون تي وسڻ لڳن ٿيون ته منهنجي اندر جي اڪيلائي رتو ڇاڻ ٿي نڪري ٻاهر ڦهلجي وڃي ٿي. منهنجي اڪيلائي جڻ ڪنهن اجڙيل شهر جي ويران گهٽين ۾ ڪنهن رهجي ويل ننڍڙي لاوارث ٻار جيان سهارن لاءِ رڙيون ڪندي هجي ۽ چوندي هجي "آهي ڪوئي پنهنجو جيڪو مون کي هنج ۾ کڻي آهي ڪوئي جيڪو مون کي ڏسي مون ڏانهن ڊوڙندو اچي مون کي ڇاتيءِ لائي . مان سوچيان ٿو.....!
مان به ته دوستين ۾ ننڍڙن ٻارن جيان رهيو آهيان. مان سدائين پنهنجيون محبتون سچائيون ننڍڙن ٻارن جي هٿن جي ترين تي رکيل ٽافن جيان دوستن جي آڏو جهلي ورهائيون آهن". پر دوستن هميشه منهنجين ڪليل هٿ ترين تان محبتن جون ٽافيون کڻڻ بعد انهن ترين کي پنهنجن هٿن جي ڇهاءَ جو سهارو ڏيڻ بجاءِ پنهنجون مٺيون بند ڪري ڇڏيون آهن .... پر هاڻي مون کي ڏنل محبتن جي موٽ ۾ گهربل حاصلات لاءِ اڄايون رڙيون ڪري نعري بازي نه ڪرڻ گهرجي .
مون کي ته پنهنجي جيئندان لاءِ سوچڻ کپي .... ڇا سوچڻ کپي .... خبر ناهي، پر گهڻو اڳتي ـ گهڻو پٺتي ....

مليل پيڙائن تي ـ ڏکن تي .... پر مون کي مليل خوشين تي ب ت سوچڻ گهرجي! کهڙيون خوشيون ڏکن جي کاري طوفان جي زد ۾ آيل پڙکو ڏئي اُجهامي ويل ننڍي ڏيئي جيتريون خوشيون!!؟

مان ٻُڌ تر جي کيفيت ۾ ڪنهن ب نتيجي تي پهچي نٿو سگهان

ڪمري ۾ ڦهليل گهگهه اونداهي مون کي ڏائڻ جيان کائڻ لڳي ٿي . نهن جي چوٽي کان وٺي پيرن جي ترين تائين منهنجو جسم ڏکڻ لڳي ٿو.

پل کن لاءِ سوچن جي وڻ ويڙهي کان پاڻ ڇڏائي ٽيبل لئمپ جو بٽڻ آن ڪري ڪنڌ ڪرسي تي ڍرڪائي ڇڏيان ٿو .... لئمپ جي روشني جي مخصوص روشن ڦهلجندڙ دائري ۾ ٽڪيندو رهان ٿو. اُن ئي لحضي ٽيبل تي ڦهليل ڪاڳرن مٿان بال پين سان جوڪرن جون تصويرون ٺاهڻ لڳان ٿو .... گول جوڪر ٽڪندا، جوڪندا، سنها، ٿلها، وڏن نڪن سان، وڏن ڪنن سان. جوڪرن جون ڪل ڏيارينڌڙ تصويرون ٺاهيندو رهان ٿو

جُوڪر منهنجي رائيٽنگ ٽيبل تي نچڻ لڳن ٿا"

مان سوچيان ٿو سون کي ب ت دوستن سدائين دوستين ۾ جوڪر ئي ت سمجهيو آهي. هونئن مان گهڻي ڀاڱي پنهنجين پيڙائن کي لڪائي دوستين ۾ جوڪر ئي ت رهيو آهيان ۽ اڄ تائين منهنجي اندر جي جوڪر جا سڏ ـ پڙاڏا ڪوب ت ن ٻڌي سگهيو آهي.

جوڪرن جون تصويرون ڏسندي منهنجي اندر جي اونداهين ڪُنڊيءَ مان ٿڪ ڪبوتر ٻٽجي اُڏامڻ لڳن ٿا....

ڪي گهڙيون منهنجي ٿڪن جا ڪبوتر ڪمري جي ديوارن ۽ ڇت هيٺان اڏرندا رهن ٿا .... اُن سمي منهنجي رائتنگ ٽيبل تي نچندڙ جوڪر پنهنجون چنگهون ٻانهون پيچائي جڻ ٽيبل تي ڪري پون ٿا.

ڪمري ۾ منهنجن ٿڪن جا اُڏرندڙ ڪبوتر ڪمري جي ديوارن سان ٽڪرانجڻ لڳن ٿا. ۽ پَرُ پَرُ ٿي منهنجي چوڌس وکرجڻ لڳن ٿا.

سڏڪا منهنجي اندران سڪرات جيان منهنجن چپن تي ڦهلجي ست ڏنگي ٻٽجي چپن جي شاخن کي ڏنگڻ لڳن ٿا. مان ڏنگ لڳندڙ چپن کي زور سان پڪوڙي ڏندن جي وچ ۾ ڏئي ڇڏيان ٿو ....

ڪُرسيءَ تان اُٿي ڪمري جي ڏکڻ واري دريءَ جا تاڪ کولي ڇڏيان ٿو. ڇڙواڳ هوا لهرائيندي منهنجن ساهن ۽ ڪمري ۾ ڏوڪجي اچي ٿي .... ٻاهر رات پنهنجا ڪارا چنبا ڏينهن جي روشني جي نيٽن ۾ کپائي ڇڏيا آهن.

اسٽريٽ لائيٽس، سائن بورڊس، پبلسٽي بورڊس .... ترڪندڙ روڊن تي مرڪندڙ ڪارين جون لائيٽس جَرڪي رهيون آهن.

ٻاهرين جرڪندڙ روشين مان ڪاني جرڪندڙ سوچ منهنجو اندر جرڪائي ڇڏي ٿي. "مان مرڪيوري جي اڇي چانڊوڪيءَ جهڙو بلب ٿي جرڪڻ لڳان ٿو منهنجا جرڪندڙ نيڻ فليٽس جي

ڏاڪٽين تان لهندي رستو ٻڌجي هيٺ روڊن تي ڦهلجي مون سان گڏ هلندا رهن ٿا. مان اندر ئي اندر پٽڪڻ لڳاں ٿو ۽ هلندو رهان ٿو .... 'مون کي اڪيلائي شيئر ڪرڻ کپي .... مون کي پنهنجن ڏکن جو ڳلو گهٽڻ کپي'. جڏهن بہ منهنجي اندر جا ڏک وڌي ويندا آهن ۽ منهنجي اڪيلائي اُن رهجي ويل ننڍڙي ٻار جيان وري رڙيون ڪري اُپ ڏارڻ لڳندي آهي. "تڏهن مان پنهنجي روح ۽ جسم کي قرار ڏيارڻ لاءِ "مهرو" جي ڪوٺي تي هليو ايندو آهيان پنهنجا سڀ ڏُک درد رستن تي وساري

مون کي اڄ بہ يوڳڻ ڪان اڳ ئي "مهرو" جي ڪوٺي تي اچڻ ڪپندو هيو. جتي ٻيا سڀ ساٿ ڪيترن ئي لحظن لاءِ پنهنجي معنيٰ ۽ چِڪ وڃائي ويهندا آهن.

مان رستن تان پاڻ گهليندو ليائيندڙ احساسن سان هلندو "مهرو" جي ڪوٺي جي هيٺ واري گهٽي ۾ اچي وڃان ٿو.

گهٽي ۾ ساڳيو ئي 'ڪارل مارڪس' جي ڳنڀير چهري وارو فقير غفائن ۾ غرق ويٺل آهي ۽ ايندڙ ويندڙ جي قدمن جي آهٽن کي ٻڌڻ ۾ گم آهي. "گهٽيءَ ۾ جسمن جي تلاش ۾ ڦرندڙ ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي .

مان ڪوٺي جون ڏاڪٽيون چڙهي مٿي اچي وڃان ٿو .... ڪوٺي تي سانت ڦهلي پئي آهي. "مجري ۾ جلندڙ شمعون بي نور لڳيون پيون آهن .

نہ ڪوئي ستار جو آواز ۽ نہ ئي ستار وڄائيندڙ بخشو جي چهري تي مرڪ .... نہ ئي ڪوئي اڳم مهرو جي ادائن تي نوٽ اُڏائيندڙ سيٺ. نہ ڪوئي وڏيرو ۽ نہ ئي وري مهرو جي پيرن ۾ ٻڌل گهنگهرن جي ڇم ڇم ....

مون کي پاڻ ڏانهن سواليہ نظرن سان ڏسندي "بخشو" پنهنجا ٻئي خالي هٿ هوائن ۾ لهرائي ڊرڪائي ڇڏي ٿو

ڇڻ ستار کي وڄائيندڙ آڱريون پڇي پيو هجنس

مان ماٺ ماٺ وکون کڻندو اچي بخشو جي ڀر ۾ پاڻ ڇڏي ويهي رهان ٿو .... منهنجي ڀر ۾ ويهڻ سان "بخشو" جي نيڻن مان وهندڙ لڙڪ تيزيءَ سان ڪرندا "بخشو" جي گوڏن تي رکيل خاموش ستار جي تارن تي ڪري، ستار کي وڄائڻ لڳن ٿا. درد جو سُر .... وڇوڙي جو آلاپ

منهنجي اندر جي ڌرتي ۾ گهارا پئجي وڃن ٿا.

لڙڪ لڙهندي "بخشو" سڏڪن هٿون ڳالهائڻ لڳي ٿو "علي يار مهرو وڪامجي ويئي آهي. ڳوٺ مان آيل ڪنهن وڏيري جي هٿ. ڪوٺي جي مالڪن مهرو کي وڪڻي ڇڏيو آسائين".

"وڏيري جا ماڻهو مهرو کي هِتان زبردستي گهليندا وٺي هليا ويا. خبر ناهي ڪاڏي ڪهڙي طرف ...."

مهرو وڪامجي ويئي ....!!! منهنجي من ۾ بخشو جو آواز پڙاڏا ٻڌجي گونجڻ لڳي ٿو .... جيڪي ڏک ڪوٺي کان هيٺ رستن تي ڇڏي آيو هئس، ساڳيا ئي ڏک ڪوٺي جون ڏاڪڻون چڙهي مٿي هليا اچن ٿا .

اُن لمحي ستار وڄائيندڙ بخشو مون کي پاڻ جهڙو لڳي ٿو. "اسان سڀ هڪجهڙا آهيون، اسان جا ڏک ساڳيا آهن .... اسان سڀ ونگ جي سِرن جيان هڪ ٻئي سان ڇهنيل آهيون".

مون کي ياد اچي وڃن ٿا مهرو جا اڳيم چيل لفظ، جڏهن مان هتي آيو هنس.

"اسان ونشائون تہ گهوريل گلابن وانگي هونديون آهيون. پوءِ اُهي گل وڃي ڪٿي ڪنهن جي ڪالر تي اٽڪن يا ڪنهن جي پيرن جو خار ٿين".

مان جڏهن بہ مهرو جي ڪوٺي تي ايندو هيس تہ منهنجا ڏک اسپرٽ ٿي فضائن ۾ اڏري ويندا هيا. پر هاڻي منهنجي اندر ۾ ڏک جون وچوڙي جون ڪيئي ستارون وڄڻ لڳن ٿيون. پهريان ڪجهہ آهستي پوءِ ڪجهہ تيز ۽ پوءِ اُنهيءَ کان بہ تيز تيز .... منهنجو اندر ستار ٻڻجي وڄڻ لڳي ٿو. منهنجو نگاهون ڪوٺي تي پيل ڪارپٽ تي پنڌ ڪرڻ لڳن ٿيون. ننڍڙن ٻارن جيان ٻانبڙا پائڻ لڳن ٿيون. ڪجهہ ڳولڻ لڳن ٿيون. نگاهن ۾ گذري ويندڙ وڃائجي ويندڙ منظر موٽڻ لڳن ٿا.... اُهائي مهرو پيرن ۾ پاتل گهنگهرن جي ڇم ڇم سان ڪارپٽ تي نچڻ لڳي ٿي!!

مهرو سان ستار تي سنگت ڪرڻ وارو ساڳيوئي بخشو، اهو ئي مهرو جو مڌ ڀريل ڳلي مان نڪتل تان جو آواز ۽ آواز جا اُڏندڙ پوپٽ هيڏي هوڏي لهرائڻ لڳن ٿا. تان جي آ .... آ .... آ ... جو آواز ڪوٺي کان نڪري شهر جي رودن رستن ۽ گهٽين مان پيرين پنڌ پاڳلن جيان ڊڪندو اچي منهنجي من جي ڪاريڊور ۾ سڏ ـ پڙاڏا ٻڻجي وڃي ٿو .... مان سوچيان ٿو! "ڪوٺن تي جسم فروش ونشائون اسان جي بکي جنسي سماج جون گهرجون ئي تہ آهن، هن سماج جي اُگهاڙي جسم جون. ڪي چمڪندڙ تہ ڪي ڏنڌليون آرسيون آهن. "ونشائن جا ڪوٺا، بگڙيل سوسائٽي سسٽم جي قيد مان پابنديون ٽوڙي ڀڄي نڪتل فردن جي جسمن سان گڏو گڏ انهن جي روحن جي بہ اج اُجهائيندا رهن ٿا..... هونئن بہ اسان مادي لحاظ کان جسمن جي بک جي پيداوار ئي تہ آهيون ۽ روحاني لحاظ کان فرض نڀائڻ واري ضرورت. اسان جا روح جسماني ڇهاءَ جي بنا، بي معنيٰ آهن. اُهي جسماني ڇهاءَ سان وڏيڪ پوتر ٿي پون ٿا.

مان پنهنجي روحاني ۽ جسماني سچائين سميت جڏهن بہ مهرو جي انگور بدن کي ڇهيو هيو تہ مان آڪاش ۾ ترڪندڙ لهرائيندڙ اچي ڪڪر جيان هلڪو ٿي پيو هيس.

اوچتو، منهنجي نيڻن ۾ هلندڙ منظرن جو ايڪسيڊنٽ ٿي پوي ٿو. مهرو جي پيرن جا پاتل گهنگهرو هڪ هڪ ٿي ٽٽڻ لڳن ٿا. "مُهَرو" جا زخمي پير ٿڙڻ لڳن ٿا. "مهرو" جي ڳلي مان نڪتل تان جي آواز اُپ ڏارڻ لڳي ٿو ۽ "مهرو" جڻ اُپ مان ٽٽي پيل تاري جيان هينيائين ڏانهن ٻُولاٽيون کائيندي گم ٿي وڃي ٿي.

منهنجي نيڻن مان بند ٽوڙي وَهندڙ لُڙڪن جو سيلاب وڏڻ لڳي ٿو.. مان پنهنجن نيڻن کي بند ڪري ڇڏيان ٿو، بند ٿيل نيڻن مان بہ زوري ريڙهيون پائي نڪري آيل لڙڪ ڳلن جي پليٽ فارم تي ٿَهلجي وَڃن ٿا. ۽ منهنجي نيڻن جا منظر ڏنڌلا ٿيندا پليٽ فارم تان ڇُٽي ويل ٽرين جيان غائب ٿي وَڃن ٿا ....

۾ منهنجا نيڻ ڇڻ تہ جنڪشن هُجن لُڙڪن جو، جتي لُڙڪن جون ڪڏهن آهستي تہ ڪڏهن تيز رفتار ٽرينون ايندڀون رَهن ٿيون. ايندڀون رهنديون...

مان لڙڪ بنجي لُڙهي پوان ٿو. اُنهيءَ سمي اُتي بيهي رهان ٿو. مان هتي وڏيڪ ترسڻ نٿو چاهيان "مهرو" جي پيرن جا ٺَڪل گهنگهرو ڪارپيٽ تان اُڏامي ياد جا گهوڙا ڏينهو بنجي منهنجي اِنگ اِنگ کي ڏنگڻ لڳن ٿا.

بخشو گوڏن تي رکيل سِتار جي تارن تي زخمي آگرين سان دَردَ ۾ وچوڙي جو آلاپ ڇيڙڻ لڳي ٿو. منهنجي چوڌاري باهہ ڀَڙڪڻ لڳي ٿي. مان اندر ئي اندر جهونگارڻ لڳان ٿو .... "من گهري مشتاق سان جيئري جدائيون ڪيم ڪر...

او من گهريئي مشتاق سان ....

مان ڪوٺي جي ڏاڪڻين تان پاڻ گهليندو ياد جي ڏينهن ڪان جان ڇڏائي هيٺ اَچي وَڃان ٿو.

هيٺ ـ ساڳيو ئي شور .... ساڳيا ئي روشن وهنتل روڊ، رَستا ۾ سائن بورڊس.. مون کي اُن وقت ايڏين روشنين ۾ وهنتل شهر "بليڪ آوٽ" جهڙو لڳي ٿو. اونداهي ـ جيڪا مَهرو کي بہ ڳهي وئي. هيٺ ڪنهن بہ رستي تي مُهرو جي پيرن جو ڪوبہ نَشان ڪونهي، ڪوبہ اهڙو چوڪ، ڪوئي موڙ ڪونهي، جتي مَهرو سَڏ ڪندي هجي . پر روڊ رَستا پاڻ فاصلن جي نشاندهي آهن. جتي وڇڙڻ جو عَمل ٿيندو رهي ٿو ....

منهنجي ساهن مان آڪسيجن کٽڻ لڳي ٿي. منهنجي اندر جي اوندهہ وري گهري ٿيندي وڃي ٿي ۾ وري منهنجي اڪيلائي اُن وڃانجي ويل ننڍي ٻارڙي جيان رڙيون ڪرڻ لڳي ٿي. اوندهہ جي خوف کان" .... اوندهہ، جنهن ۾ منهنجا سڀ وڃانجي ويا آهن وڃانجي رَهيا آهن.

مان هَلندو رهان ٿو. اَلائي جي رَستا مون تي هلندا رهن ٿا. پهريان ڪشادا روڊ، پوءِ ڪجهہ سوڙهن روڊن تان ٿيندو شهر جي اولهائين پاسي جي هَنج ۾ ڦهليل اُڻ ڄاتل گهٽين جي پاسن کان بيٺل اُيا گهر گهرن جي مٿان نهيل ننڍا ننڍا پورشنز مون کي قيدين جو بيرڪون لڳن ٿا. جن ۾ رَهندڙن جا روح قيد ڪيا ويا هجن. نہ ڄاڻ ڪيتري دير تائين هلندو رَهان ٿو. پنهنجي پيرن جو پڙاڏو ٻڌجندڙ منهنجا قدم، هلندي هلندي بيهي رهن ٿا.

شايد اڳتي وَڃڻ لاءِ ڪابہ گهٽي ناهي پنهنجو پاڻ کي ڄاڻائڻ لڳان ٿو. "هي مان ڪٿي اَچي ويو آهيان ـ هي تہ ڪائي بند گلي آهي." سامهون ڪَر ڪنيل ديوار واپسي جي لاءِ چٽي رَهي آهي.

بند گلي جي آخري ڇيڙي تي پول ۾ لڳل ننڍڙو تنها بلب جاڳي رَهيو آهي.

مان گلي جي مٿان جاڳندڙ بلب کي ڏسي اَندر ئي اَندر پٽڪڻ لڳان ٿو. "ڪاش مان بہ بند گلي جي ڇيڙي تي پول ۾ جَرڪندڙ ڪو ننڍڙو بلب هُجان هان .... بلب جيان مون کي بہ روشن دائرو هجي ها."

بند گلي جي جلندڙ بلب جي رُوشني منهنجي اندَر جي سمورين اونداهن رستن تي ڦهلجي. منهنجي اَندر جي اُداس ننڍڙي ٻَار کي مُرڪي ڏسي ٿي ۾ منهنجي من ۾ روشني جا ڪيترائي بلب

جرڪي پون ٿا. مان جهر مر ٿي روشنين واري جهالر بنجي رُوشني ٿي پوان ٿو . منهنجي روح جا سيني طبقا رُوشن ٿي پون ٿا.

بند ڳلي جي ننڍڙي جلندڙ بلب جي رُوشني، منهنجي ساهن رستي مَنَ ۾ ڦهلجي اَجگرَ جهڙي اونداهہ کي اَندران ڏکي منهنجي پَر ۾ پاڇو ڪري بيهاري ڇڏي ٿي.

پنهنجي پَر ۾ اونداهين پاڇي کي بيٺل ڏسي منهنجي چهري تي اُداسي جا پاڇا ٻيهر لهرائڻ چاهن ٿا.

پر ان کان اڳ جو مان وري ان رهجي ويل ننڍڙي ٻار جيان اونداهہ جي اڪيلائيءَ کان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيان .... مون سان منهنجي پَر ۾ بيٺل خاموش پاڇو جڻ ڳالهائڻ لڳي ٿو، مرڪي چوڻ لڳي ٿو: "مان تہ تنهنجي هجڻ جي علامت آهيان علي يار .... تون مون کان نہ ڀڄُ .... جيئن منهنجي اَندر ڦهليل ڏُک تنهنجي اَندر جي خوشين جي آمد واري امڪان جو اهڃاڻ آهن ۽ تنهنجي اَندر جي اڪيلائي، جنهن کي تون شيئر ڪرڻ لاءِ مسلسل پڇندو رهيو آن .... پوڳيندو رَهيو آن .... سا ڪنهن جي ايندڙ ميلاپ جي نشاندهي آهي. علي يار مان تہ هميشه تنهنجي ويجهو اَچڻ چاهيو هُيو. پر سدائين تونئي فاصلا وڌايا. پنهنجو پاڻ کان رُوپوشي جا فاصلا .... تون مون کي هميشه پنهنجو پاڻ کان پري رَکيو آهي.

منهنجو پاڇو، منهنجي اندر ۾ ويٺل 'رائيٽ مين' بڻجي مون سان ڳالهائيندو رهي ٿو.. "مان ئي تہ تنهنجي اَندر ۾ ويٺل رائيٽ مين آهيان، مان ئي تہ تنهنجو سڀ ڪجهہ آهيان علي يار."

مان تنهنجو آهيان ۽ تون منهنجو.

اسان مان ڪوبہ ٽيون ڪونهي.

اسان ٻئي هڪ آهيون ....

"ڏس نہ علي يار اسان ڪيترين پيڙائن پوڳڻ کان پوءِ مليا آهيون." ڪاش اسان پوڳڻ کان اڳ ۾ مليا هجون هان .... "پر نہ .... شايد اسان نيڪ ٽائم تي مليا آهيون." اسان کي هاڻي ملڻ ڪپندو هيو. نہ تہ اسان جي اَندر جو درد، لذت کان بي معنيٰ ٿي پوي ها. پوري سگهہ سان منهنجي اَندر جو رائيٽ مين منهنجي حواسن جا بند الارم وڄائڻ لڳي ٿو.

منهنجي من ۾ هڪ ئي مَهل جاڳي پيل سڏڪندڙ ٽڪل آوان خوشيءَ جا گيت ڳائڻ لڳن ٿا .... ننڍڙن اسڪولي ٻارڙن جيان ٻتڪڙن هٿن سان تاڙيون وَڄائڻ لڳن ٿا .... منهنجي اَندر جي اڪيلائي جو روئندڙ ٻار بہ ٻين ٻارن سان گڏجي تاڙيون وڄائيندو رهي ٿو. تاڙين وڄائڻ واري عمل ۾ منهنجي پَر ۾ بيٺل پاڇو بہ زور زور سان تاڙيون وڄائي ميلاپ جو گيت ڳائي رهيو آهي. منهنجو اَندر جاڳيل خوشي جي آوازن سان، ڪو گنبذ بڻجي پڙلاءُ پيدا ڪندو رهي ٿو.

آواز ـ خوشي جا جاڳيل آواز. آهستي آهستي منهنجي اَندر جي ٻولارن ۾ غرق ٿي وڃن ٿا .... پوءِ ماٺ ڇائنجي وَڃي ٿي، ٢٢ ڊسمبر جي ڏگهي سرد رات جي پوئين پهر جهڙي اطمينان واري ماٺ.

اُن ئي سَمي بند ڳلي جي آخري ڇيڙي جي ڪُنڊ تي بيٺل اڇي ماڙيءَ جي مٿئين ڪُوٺي جي دَريءَ

جا ٻئي تاڪ کلي پون ٿا. ڇوڪرين جي ڇانڊوڪي ۾ وِڪوڙيل سانورو هٿ، جنهن ۾ مُرجهايل گُلَ آهن. گُلَ هٿ جي گرفت مان ڇڏائجي هيٺ ڪرڻ لڳن ٿا.

هَٿَ گلن کي هيٺيائين جي حوالي ڪري کُلي، بند ٿي ويندڙ تاڪن جي ٻنيان اُلهي وڃن ٿا. مرجهايل ڳاڙها گل .... زرد گل .... ٿورڙوني ٻرتي منهنجي پَرَ ۾ بيٺل پاڇي مٿان اچي ڪري پون ٿا ....

مان وک وک هلندو اچي ڪريل زرد گلاب جي گل کي ڏسڻ لڳان ٿو "مُرجهائجي ويل زرد گلاب جو گل مُرڪڻ لڳي ٿو." گل جي پنکڙي "مهرو" جو چهرو بڻجي پوي ٿو ۽ ورجائڻ لڳي ٿو ساڳيا ئي جملا: "اسان ونشائون تہ گهوريل گلابن وانگي هونديون آهيون. پوءِ اُهي گل ڪنهنجي ڪالر تي اٽڪن، يا وڃي ڪنهن جي پيرن جي خاڪ ٿين...

منهنجي چهري تي اُداسي اَچڻ کان اڳ، شانانتي مُرڪ ڦهلجي وڃي ٿي. مان اعتماد سان اڳتي جهڪي مرڪي زرد گلاب جي مرجهايل گل کي پاڇي جي پيرن مان کڻي پنهنجي ڪوٽَ جي ڪالر تي اَٽڪائي بند گلي جي جاڳندڙ بلب کي اک هڻي هلڻ لڳان ٿو. منهنجي پَرَ ۾ بيٺل پاڇو منهنجي اڳيان اڳيان هلندو هلي ٿو ۽ چوندو هلي ٿو:

"اسان ملندا ئي ان ڪري آهيون جو اسان ايندڙ ڪنهن بہ اسٽاپ تي، رستي جي ڪنهن بہ موڙ تي، چوواٽي تي، ڪنهن بند گلي جي ڇيڙي تي يا ڪنهن ڪوٺي جي لهندڙ چڙهندڙ ڏاڪڻ تي ڪڏهن موڪلائي تہ ڪڏهن بنا موڪلائي جدا ٿي وڃون.

●●●



سائين بخش رند

# دردمنديءَ جو ديس

تنهن ڏينهن جيئن ئي شهر مان عرب سياحن جي گاڏين جو مِني قافلو ويندي ڏٺم ته دل ۾ هڪ پڪو ارادو ڪيم. توڙي جو ان ارادي ۾ مشڪلاتون ۽ خطره گهڻا هئا. تنهن هوندي به دل ۾ جيڪو اٽل فيصلو ڪري ڇڏيم، تنهن تان لهڻ جون سڀ راهون بند ٿي چڪيون هيون. رات جو دير تائين پنهنجي اهم پروگرام تي سوچيندو رهيس. جيئن پوءِ تيئن مون ۾ جوش اچا به وڌيو ويندو. ٽِن ڪوهستان ۽ ناري وانگر ڪاڇي ۾ به هر سال عرب شيخ قافلن جي صورت ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ شڪار لاءِ ايندا آهن، جنهن لاءِ پکين ۽ جانورن جي شڪار وقت، هٿيارن جو استعمال گهٽ ڪندا آهن، پر پنهنجن تربيت يافته بازن کان اهو ڪم وٺندا آهن. ۽ انهن عرب سگهورن کي انهيءَ سفر دوران، ڪو اهڙو باز ملي وڃي، جيڪو شڪار ۽ ٻين اهم مُهمن لاءِ استعمال ٿئي ته اُن باز عوض وڏيون وڏيون رقمون ڏيني، پنهنجي شوق کي تسڪين پهچائيندا آهن. هِتان هُتان جي ٻڌل ڳالهين مطابق ته، متحده عرب امارات، بحرين، قطر اومان ۽ سعودي عرب جي عرب سياحن وٽ باز جي قيمت پنجاه هزار کان ڇئن لکن تائين پهچندي آهي. مون به سوچيو ته ايم. اي پاس ڪرڻ بعد گهٽائي انٽرويو ڏنم. روڊن تي جُتيون گسايم. نه آهي سفارش نه وري پئسن جوڙون ان ڪري ته مستقبل قريب ۾ نوڪري ملڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ۽ نه وري ايتري رقم آهي جو ويهي هلڪو سلڪو ڪاروبار هلائجي. اُن ڪري پلو ان ۾ آهي ته ڪاڇي جي برن، پٽن، ڊِبن ۽ پهاڙن ڏانهن مُنهن ڪجي، ۽ ڪو باز ڦاسائي، عرب شڪارين کي وڪڻي، ڪا چڱي موچاري رقم هٿ ڪري بيروزگاري جو وقتي خاتمو آڻجي. توڙي جو اهڙو خيال پهرئين ذهن ۾ نه هو. پر ان ڏينهن عرب سياحن جي شهر مان گذرندڙ گاڏين جي قافلي کي ڏسي دل ۾ اٽل ارادو ڪري ڇڏيم. سوچڻ لڳس ته اهو باز ڦاسائڻ جو معمولي ڪم به بهاولپور ميانوالي، ملتان ۽ ساهيوال جا پنجابي ڪري وڃن ٿا ۽ موٽ ۾ عربن کان لکين رپيا وصول ڪري رهيا آهن. چا اسان ۾ ايترو نيمڪ به ناهي جو هڪ ننڍڙو ڪم ڪري بدلي ۾ چڱي خاصي رقم حاصل ڪري سگهون. هاڻي منهنجي دل ۾ پئسن واري ڳالهه سان گڏوگڏ قوميت وارو جذبو به پروان چڙهندو ويو. جنهن مون کي انهيءَ ڪم لاءِ اچا به وڌيڪ آماده ڪيو. نتيجي ۾ وائلڊ لائف کاتي وارن جي جهنگلي ۽ اڻ لپ جيوت کي بچائڻ متعلق، اخبارن ۾ ڇپيل اجوڪين اپيلن جو مون تي ڪو به اثر نه پيو. ٻئي ڏينهن صبح جو هوٽل تي چانهه پيئندي، مون پنهنجي پياري دوست رياض کي مستقبل جي پروگرام بابت ٻڌايو ته بجاءِ دلداري ڏيڻ جي جذباتي ٿي چوڻ لڳو: "چريو ته نه ٿيو آهين؟"

"چو سائين .... انهيءَ ۾ چرپَي ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي!"

"پر .... پر تون ويندين ڪاڇي باز ڦاسائڻ ۽ ڏاڍيل توکي ڇڏي ڏيندا."

"ڪيڙو ڪپائيندڙ پناڻن ۽ باز ڦاسائيندڙ پنجابين کي ڏاڍيل هٿ به ڪونہ تا لائن. باقي ڪٿندا اچي مون کي؟"

"پر انهن جو هتي نہ ڏٺي نہ سائين هجين. ڪجهہ رقم ملڻ جو آسرو تہ ڪين ڪٿن بہ."

"ڇا بہ ٿي پوي ياں مان باز ڦاسائڻ ضرور ويندس." مون پڪو ارادو ڏيکاريو.

"نہ وچ پليز .... مون کي خبر آهي تہ بيروزگاري تنهنجي کيسي جي خالي پڻي سان گڏ تنهنجي مت بہ کسي ورتي آهي. ان ڪري عجيب و غريب پروگرام ٺاهيندو ٿو وتين." رياض خفا ٿيندي چيو.

"نہ يار نہ .... نہ کيسي جي ڳالهہ آهي، نہ وري مت جي .... ــ .... بس هڪ ننڍڙو ڪم آهي، جيڪو مان ڪري سگهان ٿو، خرچ تہ ڪونہ ايندو نہ!"

"پر باز ڦاسائڻ ۾ مهارت کپي. تون اجايو پنجابي بڻجڻ جي ڪوشش نہ ڪر."

"يار رياض اجايو چرچا نہ ڪر."

"ڳالهہ چرچن جي ناهي پر پنجاب جا "باز مار" انهيءَ ڌنڌي جا ماهر آهن .... اُهي صرف سنڌ ۾ نہ ايندا آهن، پر پنجاب جي روهي، پونو هار ۽ ديره غازي خان جي رڻ پٽن ۽ ميداني توڙي پٿريلن علائقن ۾ هميشه نوس نوس ڪندا رهندا آهن. ۽ ٻيو تہ انهن جو عرب شيخن سان هميشه رابطو هوندو آهي ۽ اڳهہ پار جي بہ کين ٺي بهتر خبر هوندي آهي .... توڪان هڪ تہ باز ڦاسندو ڪونہ، پر جي خدا نخواستہ ڦاٿو بہ تہ وڪرو ڪونہ ٿي سگهندو." رياض جي انهيءَ ليڪچر تي ڪجهہ ڍرو ٿيس پر وري مُنهن جي پڪائي ڪري چيم: "باز ڦاسائڻ جو سامان، ونجهہ ۽ ڊفرو مون وٽ اڳيئي آهن. جيڪي هڪڙو پنجابي ڳوٺ وڃڻ قت اسان وٽ ڇڏي ويو هو .... ان ڪري سمجهہ تہ اهو مسئلو بہ حل ٿي ويو."

"فرض ڪر تو باز ڦاسايو، هاڻي وڪرو ڪيئن ڪندين؟" رياض ٽوڪ مان پڇيو "پهرئين هڪڙو ڪم تہ ٿيڻ ڏي پوءِ ٻئي کي بہ ڏسنداسين." رياض مايوس ٿيندي آخري پيرو چيو: "وڃ ادا وڃ ..... اسان تو ڏانهن ميڙ ڪٽي ڪونہ اينداسين." منهنجي انهيءَ غير متوقع پروگرام سبب، مون سان عزيز ۽ دوست ناراض ٿي ويا. هڪ دوست نذير ٽوڪ واري انداز ۾ ايترو بہ چيو هو تہ: "نار ۾ جنگ کان پوءِ عرب سگورا انهيءَ نانڪ ۾ نہ رهيا آهن ۽ گهڻا تہ قرضي ٿي ويا آهن ۽ هي معتبر هليو آهي عربن کان ريال، درهم ۽ دينار ٽڳائڻ." پر مان پنهنجي پروگرام تي اٽل رهيس ۽ موٽ ۾ عزيزن ۽ دوستن سخت مايوسي جو اظهار ڪيو هو.

اڄ مون کي ڪاڇي ۾ ٽيون ڏينهن آهي. ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ مان ڪو باز ڦاسائي نہ سگهيو آهيان. انهيءَ جهد مسلسل دوران ڪاڇي جي انتهائي ڏورانهين ٻهاڙي حصي جي دامن ۾ وادي نما پوٺي جي علائقي ۾ پهتو آهيان. صبح جو وقت آهي ۽ مان هڪ مسڪين هاريءَ جي رات ۽ هن مهل جي ماني کائڻ کان پوءِ قدرت جا حسين منظر ڏسڻ ۾ مشغول آهيان. منهنجي اولهہ طرف کير ٿر جبلن جي قطار آهي. ننڍڙيون ٽڪريون اڳتي هلي پربت نما جبل ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. اوڀر طرف مسڪين هارين نارين جا ڪڏين جهڙا گهر آهن ۽ گهرن طرف کبڙين جا اڻ ڪُٽ سلسلا. اڃا اڳتي، سانوٽي ۾ درياءَ دادلي واري دهشت سان وهندڙ نئين گاج آهي. جنهن جو پيٽ هينئر سُڪل آهي ۽

ڪٿي ڪٿي جوئر ٻاجهر ۽ ترن جا جهومندڙ فصل ۽ اُتي ڪمن ڪارين ۾ مشغول هاري ۽ هاريائيون. مان اِهي نظارا ڏسڻ ۾ مَحو آهيان ته ڏکڻ کان گاڏيون ايندي نظر اچن ٿيون. اڙي هي ڇا!! هي ته اُهي ئي ساڳيا عرب آهن، جيڪي تنهن ڏينهن شهر مان گذريا هئا ۽ جن کي ڏسڻ سبب ئي مون بر منهن ڪيو هو. مان اِهو سوچي ئي رهيو هوس ته عربن جون گاڏيون ڏوڙ اڏائينديون اچي پهتيون. منهنجي هٿن ۾ باز ڦاسائڻ وارو سامان ڏسي گاڏيون روڪيائون ۽ اشارن سان ڪجهه پڇڻ چاهيائون. پر مون پنهنجي سموري وارتا کين عربي ۾ ئي ٻڌائي. ڇو ته ڪجهه سال اڳ بيروزگاري جي هڇا کان تنگ ٿي، مالدار ٿيڻ جي خيال کان سعودي عرب ويو هوس، پر اٺ مهينا کن مس رهيو هوس ته غير قانوني رهڻ جي ڏوهه ۾ کنيي ڪٽي وطن موڪليو هئائون. تيستائين عربي تي ڪافي مهارت حاصل ڪري چڪو هوس. منهنجي ائين عربي ڳالهائڻ تي کن پل لاءِ عربن جي چهري تي تازگي پکڙجي وئي چيائون ته اسان واپس وڃون پيا. اگر هلڻ چاهيو ته توهان کي اڳتي ڪري ڇڏيون. مون وٽ هائوڪار کان سواءِ ڪوبه چارو ڪونه هو، اُن ڪري عربن جي قافلي ۾ شريڪ ٿيڻ ۾ ڇڱائي سمجهيم.

مختصر تعارف کان پوءِ مون ڪائنن پڇيو: "فرض ڪريو مان باز هٿ ڪريان ها ته، توهان خريد ڪريو ها؟" تنهن تي وڏي عمر واري عرب الصباح پنهنجي ٻُچي ڏاڙهي تي هٿ ڦيري چيو: "يا اخي .... اسان جو ملڪ جنگ جي جنجال کان مس آزاد ٿيو آهي، ان ڪري اسان في الحال اهڙن غير ضروري شوقن کان ڪجهه پاسيرو رهڻ جو سوچيو آهي."

"پر هيڏا خرچ ڪري سفر تي نڪتا آهيو، اهو شوق ناهي ڇا؟"

"اهو ته اسان جي معمول جي خرچن ۾ شامل آهي."

"۽ سال ۾ هڪ دفعو دنيا جو سير ڪرڻ . شڪار وغيره اسان جي روايتن ۾ شامل آهي." ٻيرو عمر واري صالم وضاحت ڪئي.

"پر دنيا گهمڻ لاءِ يورپي ملڪن ۽ آمريڪا جون نائيٽ ڪلبون، بلند و بالا هوٽلون ۽ اتان جا خوبصورت ساحلي علائقا وڌيڪ موزون ٿين ها."

"اهو ته صحيح آهي پر اتان جون حڪومتون جانورن ۽ پکين جي شڪار جي معاملي ۾ ڪافي سخت آهن." الصباح وراڻيو.

"ته پوءِ اسان جي ملڪ ۾ به ته وائلڊ لائف وارن جو نه صرف کاتو بلڪ مڪمل وزارت ڪم ڪري رهي آهي .... اُن هوندي به .....!!"

"يا اخي .... هتي اسان کي اجازت طلبي لاءِ ڪا ڏکيائي ڪانه ٿي ٿئي. وائلڊ لائف واري وزارت ئي اسان کي اجازت ڏيندي آهي، جنهن تي اسان خود به حيران آهيون."

"انهيءَ ۾ حيرانيءَ جي ڪا ڳالهه ڪانهي."

"ڇو ....!؟" گاڏي ۾ ويٺل ٽنهي عربن ڪورس جي انداز ۾ ڇو ڪئي.

"ڇو جو اسان جي ملڪ ۾ ذميدارين جي خلاف ڪم ڪرڻ به ذميدارين ۾ شامل آهي .... مثلاً: جهنگلي جيوت کي بچائڻ وارو کاتو ئي جهنگلي جيوت جي پٺيان هٿ ڌوئي پيو آهي، اينٽي ڪرپشن

ڪاٽو سڀ کان زياده ڪرپشن ۾ مبتلا آهي، هتي توهان کي غير سياسي ماڻهو سياسي هٿڪنڊا استعمال ڪندي نظر ايندا، جڏهن ته سياسي ماڻهو غير سياسي حرڪتون ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن."

هڙٻاتيون نڪتل عرب طلها تعجب مان چيو: "ائين چو آهي؟"

"يا شيخ انهيءَ جو جواب خاص سياسي آهي ان ڪري توهان نه پڇو ته ڀلو" جنهن تي گاڏي ۾ ويٺل ٽنهي عربن، الصباح، صالم ۽ طلها کِٽي چپ ڪئي.

عربن سان چڱي خاصي ڪچهري جي باوجود به مايوسي منهنجي من ۾ واسو ڪري چڪي هئي. چو ته هڪ ته باز قاسائي ڪونه سگهيس. ٻيو ته دوستن عزيزن سامهون، مون سان جيڪا جُٽ ٿيٺي هئي، اُن تِهائين مون کي مايوس ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪري غم ڀلائڻ لاءِ وڏي عرب الصباح کان سوال ڪيم: "يا شيخ، صدام توهان جي نظر ۾ ڪيئن آهي؟" مون سوال نه پڇيو، چڻ ککر ۾ ڪڙو هنيم. نهه ڀهه وراڻيائين: "کهڙي .... جو نالو ورتو اٿئي."

"پر عام خيال اهو آهي ته توهان آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ سياسي طرح ڪجهه زياده ئي نرم ثابت ٿيا آهيو."

"ائين هرگز ناهي .... صدام عربن جي خود مختيار ڏرتي کي پنهنجي بيوقوفي سبب دشمنن ڏانهن جهڪايو آهي."

"ڀلا جنگ جو تجربو ڪيئن رهيو؟"

"انتهائي ڀيانڪ، خوفناڪ، راتين جون راتيون جاڳي گذارٽيون پيون. ساحلي علائقا، تيل جا کوهه، شهر بحر هڪ هڪ ڪري تباهه ٿيندا ويا. اسان سوچيو، ائين جنگ رهي، تباهي رهي ته مجبوراً اسان کي ٻئي ڪنهن خطي ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻي پوندي." الصباح اهي لفظ مُنيون ڀڪوڙي جذبات ۾ چيا.

"فرض ڪريو اهڙي نوبت اچي ها ته توهان ڪهڙي خطي ڏانهن رخ رکو ها؟"

"يا اخي، انهيءَ باري ۾ ڪجهه چئي نٿو سگهجي، پر عام طور ڏٺو ويو آهي ته مسلم رفيوجيز (مسلمان مهاجرين) لاءِ پاڪستان جي سر زمين انتهائي موزون آهي."

"۽ پاڪستان جي خطي ۾ سنڌي مهمان نواز جو ته ڪو جواب ئي ناهي. ان ڪري ته ڪافي عرب سربراهن ۽ تاجرن سنڌ ۾ پنهنجا محل ۽ زمينون به خريد ڪيون آهن." طلها ڳالهه ۾ اضافو ڪيو. هاڻي منهنجي ذهن ماڻ نڪاءِ نڪرڻ شروع ٿي ويا. سوچڻ لڳس ته: "هندستاني، بينگالي، بهاري، افغاني، برمي وري ايراني ۽ سوڊاني سڀ سنڌ ۾ ۽ مٿان وري لکين عربن جون مشڪل وقت ۾ اڳوات نظرون سنڌ ۾ آهن ته پوءِ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟! ائين محسوس ٿيو ڄڻ مٿان ڪا ڇپ ڪري هجي. ڪجهه چئي نه سگهيس. الصباح پنهنجي ڳالهه ۾ اڃا به اضافو ڪيو: "اسان جي ڪافي سربراهن، پاڪستان، خاص ڪري سنڌ ۾ زمينون، محل ۽ ريگستاني علائقن ۾ "فارم" خريد ڪري اسٽيٽ ۾ "اِسٽيٽون" خريد ڪري ورتيون آهن."

"پوءِ ته توهان کي هتي ايندي ڪا اوپرائپ به محسوس ڪانه ٿيندي هوندي؟" مون نه چاهيندي به پڇيو.

"بلڪل نہ. پر پوءِ بہ دنيا جي ٻين خطن جي ڀيٽ ۾ اسان کي سنڌ ۾ هڪ مسئلو سدائين آڏو اچي ٿو."

"مسئلو، ڪهڙو مسئلو؟"

"يا اخي توهان کي تہ خبر آهي تہ عرب زال ۽ گهوڙو هميشہ پنهنجي گوڏي هيٺان رکندا آهن. گهوڙن جي جاءِ تہ گاڏين والاري پر زال وارو مسئلو" الصباح شرارت مان ٺهڪ ڏيندي چيو.

"پوءِ توهان زالون بہ گوڏي هيٺان رکو، اجايو پريشان ...."

"لا يا اخي. ائين نٿو ٿي سگهي. اسان کي روايتون ان جي اجازت نٿيون ڏين." سمجهيم تہ عرب سڳورو اڻ سڌي طرح گار ڏيئي چڪو آهي. ليڪن مهمان نوازي جو ڀرم رکندي پاڻ تي جيئن تيئن ضابطو رکيم ۽ اهو سوچي ڇڏيم تہ منزل تي پهچڻ تائين هنن سان ڪو بہ بحث نہ ڪندس. ليڪن خاموشي بہ منهنجي لاءِ عذاب ثابت ٿي رهي هئي. عربن کي ڪهڙو جواب ڏيان. وڙهانِ؟ وار پٽيان؟ يا مورڳو گاڏيءَ مان لهي وڃان؟ ڪيئي سوال هئا، جن جو مون وٽ ڪو جوا ڪونہ هو. ٺيڪ ان پل الصباح منهنجي ڪلهي تي ٻانهن رکي آرس ڀڃندي چيو: "يا اخي، اسان هن سال ڪو خاص شڪار نہ ڪري سگهيا آهيون. ايندڙ سال اسان باقاعده ڪافي ٽائيم ڪڍي، ڪاڇي ۾ شڪار لاءِ ايندا سين، اُن وقت تنهنجو اسان سان هجڻ لازمي آهي. هونءَ بہ تون اسان جو سٺو رفيق ثابت ٿيندين. ٺيڪ آهي نہ؟" مان اڳ ئي آوي وانگر اندران ئي اندران پچي رهيو هوس ۽ ٻاهر ٻاڦ نہ ٿي ڪڍيم سو الصباح جي وري ڳالهائڻ تي مان بي قابو ٿي چوڻ لڳس: "ها مان ڪاڇي ويندس." عربن خوشيءَ مان ڏند ٽيڙيا.

"بلڪ بار بار ويندس". هاڻي عرب ٿورو ڇرڪيا.

"هاڻي مان ڪاڇي ويندس، جونہاجهر ۽ ٽِرن جا فصل ڏسڻ، جيڪي هوا جي هلڪي ڇهاءَ سان جهومڻ لڳندا آهن تہ دل بہ جهومڻ لڳندي آهي. مان ڪاڇي ويندس، جتي عصر ويلي ولوڙن جون وايون من پاتال ۾ پيهي عجيب سرور بخشينديون آهن. جتي هرڻين وارا چال ڏيئي هڪ جيڏيون سرتيون، پرهہ ڦٽي مهل پيرون پٽڻ وينديون آهن تہ سڄي ڪاڇي ۾ ابدي محبت جا جلترنگ ٻُري پوندا آهن." منهنجي اوچتي تيز ۽ جذباتي ڳالهائڻ تي تنهي عربن کان ڀڳهر نڪري ٿو اچي، پر مان ڳالهائيندو رهان ٿو: "مان ڪاڇي ويندس جتي جبلن جي دامن مان، نڪرندڙ هلڪو نيرو صاف شفاف پاڻي جنهن مهل لسڙن پٿرن مٿان ترڪي وهندو آهي تہ ڏسندڙ اکيون بہ پنبڙ پهڻ ٿي وينديون آهن. جتي جبلن جي چوٽين تان جڏهن ڪونجون ڪُرلاءِ ڪنديون آهن تہ دنيا جو سڀ ڪان لافاني وچوڙي جو گيت جنم وٺندو آهي. جتي گوريون گجريون، گهاگهرون مٿي ۽ چيلهہ تي رکي، کوهن تي پاڻي ڀرڻ وينديون آهن تہ هزارين غزل جنم وٺندا آهن. يا شيخ ....!! مان ڪاڇي ويندس جتي هاري ناري پيهَن تي چڙهي، ڪانپاٽي سان ڳوڙهو اڃلي جهار هڪليندا آهن تہ سنڌ جي قديم ۽ پوتر روايت وري زنده ٿي اٿندي آهي. جتي گاجن سائين، ياري رند ۽ ميان نصير محمد جي مزارن تي هزارين مُريد بلند آواز نعره حق بلند ڪندا آهن تہ ڪاڇي جي خاموش سر زمين جڻ وري ڪر موڙي زنده جاويد ٿي پوندي آهي.

ان ڪري مان ڪاڇي ويندس .... بلڪل ويندس ۽ ويندو ئي رهندس." منهنجيون مُنيون پڪوڙيل هيون ۽ مان سڄو پگهر ۾ شل هوس. عربن کي سمجهه ۾ ڳالهه نٿي آئي ته ڇا چون ڇا نه چون. آخر الصباح ڏڄي ڏڄي چيو: "يا اخي، تو ڇا چيو. ڇا چوڻ تو چاهين. تنهنجون ڳالهيون بهرحال اسان جي سمجهه کان بالاتر آهن."

توهان ته اڃا به صحرائي لٽيرا آهيو. توهان ۾ اڃا به ساموندي قذاقن واري جِبلت موجود آهي. توهان ته اڄ به معصوم ٻارن کي اُٺن جي پُڇ سان ٻڌي ڊوڙ جا مقابلا ڪرائي خوشي مان ڏند ٽيڙيندا آهيو. توهان کي ته سوا لک نبي به صراط المستقيم تي نه آڻي سگهيا. توهان جو مذهب پئسو ۽ توهان جي فطرت "عدنان خشوگي" واري آهي. توهان جو لوح وَ قلم "انڪل سام" وٽ گروي ٿيل آهي. گاڏي روڪ .... الصباح گاڏي روڪ!!" الصباح جهٽڪي سان گـاڏي روڪي. مان بنا دير جي هيٺ لهي ويس. ٽنهي عربن کان پگهر نڪري آيو هو. ٻوئين گاڏي تي ويٺل به عرب ڳالهه کان بي خبر ڏسندا ئي رهيا. طلها، الصباح کي آهستي چيو: "سنڌ جي نئين نسل ۾ مهمان نوازي جا گڻ بلڪل نه هئڻ برابر آهن." پر مون انهيءَ جملي تي ڌيان ڏيڻ بجاءِ اڳتي پيادل روانو ٿيس. عرب سوال جي نشاني بڻجي اڳتي وڌي ويا. مون کي گهر تائين پهچڻ لاءِ اڃا ڪافي پنڌ ڪرڻو هو. ٿڪ جو احساس منهنجي ذهن ۾ بلڪل نه هو. ڇاڪاڻ ته زندگي ۾ پهريون دفعو ذهن تي اها ڳالهه زوردار نموني حاوي ٿي چڪي هئي ته پنهنجي ڌرتي تي هلي رهيو آهيان ۽ پنهنجي ڌرتي لاءِ سوچي رهيو آهيان. انهن پنهي مقدس احساسن ٿڪ ۽ بيروزگاري جي عذاب تي غلبو حاصل ڪري ورتو هئو.

●●●

ايم ڪلياڻ

# قيديءَ جو نظم

تون ڪٿي ٿو رهين؟
خبر ناهي!
خاموشي ڪافي دير.تائين اسان ٻنهي جي وچ ۾ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي رهي، هن وري پڇيو "تون ڪٿي رهندو آهين؟
مان چُپ، ڇَپن جي وچ ۾ گم ٿي ويو آهيان." مون هن کي ٻڌايو هُوءَ مون کي تڪيندي رهي ـ "ڇا مان توکي ڳولي سگهان ٿي؟
مون هن جي اکين ۾ نهاري پڇيو: "تون مون کي ڳولي سگهندينءَ؟"
"ها مان توکي ڳولي سگهان ٿي."
الائي ڇو مون کي هن جي اکين ۾ اميد نظر آئي. مون پنهنجي مُتل اميد کي زندگي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.
"ٺيڪ آهي. مان بہ پنهنجي ڳولا ۾ تنهنجي مدد ڪندس. ڇگو ٻڌاءِ هن وقت تون ڪٿي هوندين." هن ڇيو.
"هن وقت ـ هن وقت مان هُنَ جي اکين ۾ هوندس."
خالي پيٽ ڏي گهوريندي مون هن کي ٻڌايو.
هُوءَ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي نيڻن مان مون کي ٻاهر ڪيندي آهي.
تون ان وقت هن جي لڙڪن مان مون کي ٻاهر ڪيدي سگهين ٿي. انهي ڪان اڳ جو ڪير اچي وڃي ۽ هُو ٻيهر مون کي پنهنجين اکين ۾ لڪائي ڇڏي، تون جلدي مون کي ڪٽي ونجان.ءِ جلدي ڪر نہ تہ هُوءَ مون کي سمونڊ جي موج ۾ لڪائي ڇڏيندي، ۽ تون هن جي پيرن تائين بہ نہ پهچي سگهندينءَ. هُوءَ ماڪ جي ڦڙي ۾ هلي ويندي، تون روشني تيڻ کان اڳ هن تائين پهچي وڄ. نہ تہ هُوءَ روشنيءَ ۾ گم ٿي ويندي. هُوءَ ڏاڍي طاقتور ۽ پراسرار قوتن جي مالڪ آهي. هن جي سگهہ سان تون وڙهي نٿي سگهين، هُوءَ ماضيءَ ۾ وڃي مون کي پنهنجي ساهن ۾ لڪائي ڇڏيندي آهي. هُوءَ ڏاڍي چالاڪ آهي. جيڪڏهن تون هن وٽ پهچي بہ وڃين، تہ بہ تون هن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نٿي سگهين. هُوءَ توکان روشنيءَ ۾ اوندهہ جيان گم ٿي ويندي. هُوءَ مون کي اوندهہ ۾ لڪائي ڇڏيندي.
ڇا تون مون کي اهو ٻڌائي سگهين ٿو تہ هُوءَ تو کي ڪٿي ڪٿي لڪائي سگهي ٿي؟ هُوءَ مون کي نهن جي چوٽي کان وٺي وارن جي ڇڳن تائين، ۾ لڪائي سگهي ٿي.

جنهن وقت هُوءَ ڪنهن سان فون تي ڳالهائيندي آهي. ان وقت هُوءَ مون کي آرسي ۾ رکي ڇڏيندي آهي، تون هن کي فون تي مصروف رکي آرسيءَ مان مون کي ڪٿي سگهين ٿي ۽ جنهن وقت هوءَ وهنجڻ لاءِ ويندي آهي ان وقت هُوءَ مون کي جيولري باڪس ۾ رکي ويندي آهي. چند لمحن جي آزادي هن جي جيولريءَ جي پهري ۾ قيد ٿي ويندي آهي. هوءَ منهنجي چوري ٿي وڃڻ جي احساس کان مون کي پاڻ کان پري ناهي رکندي.

پيو هُوءَ توکي ڪٿي رکندي آهي ؟

هن وٽ مون کي لڪائڻ لاءِ تمام گهڻيون جايون آهن.

هُوءَ مون کي اهڙين جاين تي رکي ڇڏيندي آهي جتي ماڻهوءَ جو شڪ به نٿو وڃي سگهي. هڪ دفعي ته هن مون کي پنهنجي ڦُليءَ ۾ جوڙائي نڪ ۾ پائي ڇڏيو هيو.

ائين ئي هڪ ڏينهن مان هن کان گم ٿي ويو هيس. ان وقت مان آزادي جي قيد ۾ اچي ويو هيس. پر توکي يقين نه ايندو ته هن مون کي جلدئي ڳولي ورتو هيو.

هن توکي ڪٿي ڳوليو هيو؟

هن مونکي پنهنجي خواب ۾ ڳولي ورتو هيو، ۽ اتان ڪڍي مون کي پنهنجي گهڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو هيائين ۽ سزا طور سيڪنڊ ڪانٽي ۾ ٻڌي ڇڏيو هيائين. جتي مان، سيڪنڊن مان منٽن ۾، منٽن مان ڪلاڪن ۾ اتان تاريخن ۽ پوءِ سالن ۽ صدين مان گذرندو رهيس.....!!

هاڻي تون ڪٿي آهين؟

مان هن لمحي وقت جي قيد ۾ آهيان.

مان توکي وقت کان چورائي سگهان ٿي!

هڪ ڀيري ڪنهن مون کي وقت مان چورائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، خبر اٿئي انهيءَ ڪانپوءِ ڇاٿيو هيو؟

"ڇاٿيو هيو؟" هن اوائڪ ٿيندي چيو.

هن، وقت کي روڪي ڇڏيو هيو. ۽ چورائيندڙ کي مجبورن مون کي واپس ڪرڻو پئجي ويو هو. تنهن ڪانپوءِ هن مونکي هيري ۾ بند ڪري هيري کي منڊي ۾ جوڙائي پائي ڇڏيو هن جي ائين ڪرڻ تي مان ڏاڍو خوش ٿيو هيس. هيري اندر بند ٿيل منهنجو وجود ڪيترن حصن ۾ مون وٽ موجود هيو. ان وقت مون محسوس ڪيو ته مان اڪيلو ناهيان. مون سان منهنجا ڪيترائي وجود گڏ آهن. مان پنهنجن وجودن سان ڳالهيون ڪندو هيس، ڪين پنهنجي قيد جي باري ۾ ٻڌائيندو هيس. پوءِ آهستي آهستي اُهي سڀئي منهنجي لاءِ سزا بڻجندا ويا: اهي سڀئي مون سان ساڳيون شڪايتون ڪندا رهيا. هو به سڀ مون جيان هيا پوءِ سڀئي گڏجي اتان ڀڄي نڪرڻ جو سوچيوسين. پر خبر ناهي ڪيئن اسان جي ان سڄي منصوبي جي خبر هُنَ تائين پهچي ويئي. تڏهن هن مون کي اتان ڪڍي پنهنجي قلم ۾ قيد ڪري ڇڏيو. هُوءَ گيتن ۽ نظمن جي شوقين هوندي هئي. پنهنجي قلم سان گيت ۽ نظم لکندي

هني ۾ انهن کي جهونگهاريندي ڏاڍو خوش ٿيندي هئي، پنهنجي قلم کي چپن تائين آڻي چمي ونندي هئي، انهيءَ ڏينهن کان وٺي مون پنهنجي آزاديءَ جي اميد کي ماري ڇڏيو آهي.

"تون مون کي ٻڌائي سگهين ٿو هُوءَ ڪيئن هئي؟"

"هُوءَ ڪيئن هئي ———؟"

"هُوءَ محبت جهڙي هئي.؟

"هُوءَ منهنجي اندر جي رُت هئي"

هُوءَ صبح جي ڏند ۾ مسڪرائيندڙ چَپ هئي.

"هُوءَ جوانيءَ جو آرس هئي."

"هُوءَ چاڪوءَ جي چهنب تہ، گل جي نازڪ پنکڙي بہ هئي."

"هُوءَ منهنجي جذبن جي ٻارين ۾ يادن جو پوکيل فصل هئي."

"هن جا چَپ فاتحاڻي انداز ۾ ٽڙي پيا."

مون توکي ڳولي ورتو آهي، هن چيو

"ڇا مان توکي ملي ويس!؟" ڪٿي آهيان مان...؟"

"هن مُرڪي مون کي ڏٺو ۽ چيائين: "تون قيديءَ جي نظر ۾ آهين."



ثريا سوز ڏيپلائي

# ڏاڙيل

"اَڙي منهنجو ڪو داد ڪريو، پيلي، مون مسڪين جي فرياد ٻڌو، مون سان ظلم ۽ بيداد ٿيو آهي، مون اَبري جا عيب اُگهاڙيا اٿن، خدا خوار ڪندُن. جيڪو دلين جو مالڪ آهي، جنهن کان ڪجهه به ڳجهو ناهي. پر هِن وَسنديءَ ۾ آهي ڪو، جيڪو منهنجي واهر ڪري!!"

رات جو پويون پَهر. وڏي سڏ اهڙي ٻاڪار ٻڌي، ساران ۽ احمد علي ته ڇرڪي پيا، پر پوهه سياري ۾ ڪير ٿو سَوَڙ کان ٻاهر نڪري!

وري به ڪَن ڏنائون. آواز ته ولي محمد جو هو! ڳوٺائي ماڻهو ... آخر ڪا ته ويچاري سان ويڌن ٿي هئي جو ههڙي ٿانار سيءَ ۾ سڄي ٻاڙي ۾ ڪٺي دانهون دانهن مچائي ڏني هئائين!

نيٺ ٻئي اُٿيا، در کولي ڏٺائون، اَڌ ميرا ڪپڙا، تتل جتي، ۽ ڦاٽل ميري اجرڪ اوڍيل جنهن جي ڳوڙهن رنگن ۾ مَر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آئي. لتل مُنهن سان وَلو بيٺو هو، ساڻس گڏ ڇهه ـ اَٺ ٻاڙيوارا به هئا.

"ادا، خير ته آهي؟"

احمد عليءَ وسوسي ۾ پوندي پڇيو.

جواب ۾ گڏ آيل ماڻهن ۾ ته پُڻ ـ پڻ شروع ٿي ويئي ۽ وَلو، جنهن کي وقت "ولي محمد" مان ڦيرائي "وَلُو ڪري ڇڏيو هو سو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو! احمد علي ۽ ساران ته وائڙا ٿي ويا، سندن مَتيون ئي مُنجهي وَيون. الائجي ڪهڙي ماجرا ٿي هئي مسڪين سان!

احمد عليءَ بيٺل ماڻهن کان پڇيو. جواب ۾ ڪوبه ڪجيو ڪونه. البت ڪنهن جي مهانڊي تي ٽوڪ پريل مُرڪ هئي ۽ ڪي ڳنڀير ٿي لڳا. آخر احمد عليءَ کان رهيو نه ٿيو. گراٽڙي پائي، وَلُوءَ کي ماٺ ڪرائيندي، ٻانهن کان ڇڪي، اوطاق ۾ وٺي آيو. گڏ بيٺل همراهن مان ڪي ته پنهنجن گهرن ڏي روانا ٿي ويا، ڪي وري ٻنهي ڌرين جا مائٽ هئڻ سبب لنگهي اچي اوطاق ۾ ويٺا. پره ڦُٽڻ واري ٿي هئي، ته احمد عليءَ ساران کي چانهه ٺاهڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ حقيقت پُڇيائين. جواب ۾ وَلُوءَ سُڏڪندي، ٿڙڪندي ۽ ڏَڪندي اکر ئي اهڙا چيا جن احمد عليءَ جون اصل وايون بتال ڪري ڇڏيون. "ادا، مون سان ويساهه گهاتي ٿي آهي!

پنهنجن ئي ڪئو آهي مون کي. ڪهڙو ويهي سُور سُليان!" ڏڪوئيندڙ آواز ۾ وَلُوءَ وراڻيو.

نيٺ به ڳالهه ته ڪَر ... آخر ٿيو ڇا آهي؟" آٿت ڏيندي احمد عليءَ چيو.

"ڳالهه نه ادا، جُٺ ٿي آهي!"

وَلُوءَ وري به اکر ڪڍيو.

"منهنجي گهر واريءَ سان ... ڏاڍائي ....!"

اکر جڻ وَلوءَ جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا. احمد علي به صفا سُن ٿي ويو. اِهڙو ڪچي جهڙي پٽ!

پَريان ساران جيڪا چانهن سان پريل ڪوپ ڪنيو پئي آئي ... تنهن جي هٿن مان ڪوپ ڇڏائجي ويا ۽ پير جڻ پَٽ ۾ کُپي ويس. مٿي ڪي جڻ پنوانيون اچي ويس!!

وَلي محمد ويچارو درويش ماڻهو هو. ننڍپڻ ۾ لاڳيتو بيمار رهڻ سبب سندس ذهني توڙي جسماني حالت درست نه هئي. اِن ڪري ٿي چار درجا مَس پڙهي سگهيو هو. بيا پائر ته پڙهي لکي وڃي سرڪاري نوڪرين ۾ لڳا هئا پر ولي محمد ڳوٺ ۾ ئي رهيو. مڙيئي مائٽن وندر لاءِ جهڙي تهڙي مانڊڻي کولي ڏني هئس. جنهن ڪي نفعي نقصان جي ڳڻتيءَ رکڻ ڏاران پيو هلائيندو هو. نالي طور اَباڻين ٻنين کي به پيو سنڀاليندو هو. ڏٺي ڀاڻي ته چڱو ڀلو لڳندو هو پر دوري پوڻ جي حالت ۾ ڳالهه ڳري ٿي پوندي هئي ۽ سنَدس ڪاوڙ جَهلي ڪونه جَهلبي هئي. اصل زاريءَ جي واٽ هوندي هئي! ٻين پائرن ۽ ڀينرن جون ته وقت سِر شاديون ٿي ويون پر وَلي محمد جو معاملو مڙيئي مشڪل ٿي پيو هو، پر ندڻڪو ته ڪونه هو.

ٻه ٽي سال اڳ غلام محمد ۽ راج ـ ڀائيءَ مڙيئي منٿ ميڙ ڪري، مِٽي مائٽيءَ مان مسڪين ڌُر وٽان پُٽ کي پرڻايو هو. وَلي محمد ته ويچارو سادو سُودو ماڻهو هو ۽ اِن ساديءَ طبيعت کي ڏسندي ئي ڳوٺ وارن ڪيس ولي محمد مان "وَلُو" ڪري ڇڏيو هو پر ماءُ پيءُ جي ڪوشش ۽ ڪجهه ڏوڪڙن جي ڏي وٺ سان مڙيئي موڙ ٻڌائين. موڙ ٻڌي جڏهن اچي ماءُ ۽ پيءُ جي پيرين پيو تڏهن ماسين ۽ پُڦين ڏاڍي سُرَ سان ڳيچ آلاپيو:

لالان مليس ڪنوار پلي ٻانهن لوڏي،
رب جو مٿس راض پلي ٻانهن لوڏي،
او ...... سدا ٻانهن لوڏي!

وَلڻ کي "ٻانهن لوڏڻ" جو حق به هو!

برابر "ليلان" ڪنوار ملي هئس. اِهو رب جو راضپو ئي ته هو!

ڳيچ ڳائيندي ماين جڏهن وري گهوٽ ماءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ اِهو ڳيچ آلاپيو:

ٻانهن لوڏي هلان ٿي ڪاج ۾،
آءُ ته مُرڪي ملان ٿي راج ۾،
اَلا! آءُ ته مُرڪي مِلان ٿي راج ۾ ...
الا ... آءُ ته ....

تنهن ويل ماسي راجو سَرهي ٿيندي، مُرڪندي مَرڪندي، ڪاج ۾ آيل راج وارين سان مِلي. کِلي کيڪارڻ لڳي ۽ هاسيڪار پنهنجي نثان جانان کي لک لک مبارڪون ڏيڻ لڳي جنهن پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ولڻ لاءِ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ طعنو ڏيندي ائين به چيو هئائينس:

"ته ولڻ موڙ ٻڌڻ جهڙو آهي!"؟ هجيني همت ته پرڻائي ڏيکار!

"ويني ڏس!" وڏي واڪ ماسي راڄل چيو هو "ڪينن تي پرٽايانس ۽ ڪهڙي تي "لآل ملوڪ" لاڏي پنهنجي ولي محمد لاءِ آڻيان!"

سو اڄ لاَل ملوڪ لاڏي، اڄي اڱڻ جي چائنٽ چڙهي هئي!

مسڪين مائٽن جي نياڻي، جنهن جون پنج ڀينرون اڃان به ويٺيون هيون، تن کان چڱيءَ ڏر سگ گهريو ته ڪٽي "هاڪار" ڪيائون. سُڪيا سُهنجا سيڻ، جن وَٽ سندن نياڻيءَ لاءِ ماني مڇيءَ کان سواءِ قيمتي ويس وڳن، توڙي ڳهن ڳٺن جي به ته ضمانت هئي، ٻيو ڪجهين به ڇا ٿي!!

ماسي راڄو سو سو لاڏ ڪوڏ ڪري، پُٽ پُرٽائي، وَڏائي، اُڇي گهر ٻهتي، ڪنوار پار چڙهي ته ٻين ريتن رَسمن سان گڏ "ٻُڪ پرائڻ" جي رسم به ٿي، سيني مِٽن مائٽن رسم موجب پنجاه ـ سو ٻُڪ ۾ وِڌا، پر ماسي راڄوءَ ۽ ماما غلام محمد ڪي پُٽ جي شاديءَ جو جڄهو ڪوڏ هو، تِن چانديءَ جي روپين سان ٻُڪ پرائي، سوني ڳِني، پلئو ۾ ٻڌي، نوٽ پُٽ ۽ نُنهن تان ائين ٿي گهوريا ڄڻ نوٽن جو وسڪارو ...!

ڏسندڙ ته ماما ۽ ماسيءَ جو شوق ۽ خوشي ڏسي، اصل وائڙا پئي ٿيا، پر وائڙو ته ويچارو گهوٽ به پئي ٿيو. ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيس. ڇريو ته برابر ڪٽي ڪونه هو پر ڪجهه ڪجهه ڪريو، ته ٻڪ سان هو. البت خوش اِن ڪري هو جو شادي ۾ قسمين قسمين طعام کائڻ جو موقعو مليو هوس ۽ اِها ڳالهه به ٻڌل هئس ته گهوٽ ڪنوار جون دعوتون به برادريءَ وارا ڪندا آهن. اِها ڳالهه به چرچي طور دوستن ٻڌائي هئس ته "ڪنوار" گهوٽ جي "خدمت چاڪري" به ڏاڍي ڪندي آهي ۽ خوشامد به!

بس! اِهي ڳالهيون هيون جن همراه جي ذهن توڙي مهانڊي تي سٺو اثر وڌو هو. واڇون اصل ٽڙيون پيون هئس!

پر ڪنوار ....!

ڪنوار جي مهانڊي تي سَرهائيءَ جو نالو نشان به ڪونه هو!

ريشمي ويس وڳا ۽ جهر مر جرڪندڙ ڳهن پائڻ کان پوءِ به مُک تي مونجهاري ۽ ڏُک جون ريکائون چِٽيون ڏسڻ ۾ آيون پئي. برابر پڙهيل لکيل ته ڪونه هئي پر ايتري ساڄهه سُرت هئس ته ساٽس تي ويڌن آهي! سندس ڏوهه بِسورو اِهو هو ته مسڪين مائٽن جي نياڻي هئي ۽ پويان پنج ڀينرون اڃان به ويٺيون هُئس "ڀاڳ کُلڻ" جي آسري تي!

---

سڀ ساٽ سُوڻ ٿيڻ کان پوءِ مس مس آسر ويل گهوٽ ڪنوار کي ڪمري ڀيڙو ڪري، مهمان روانا ٿيا، تڏهن ماسي راڄوءَ ڪنوار جي مٿي تي هٿ رکندي صرف هڪ جملو چيو، "امان سوني. پنهنجي پَت به رَکج ۽ اسان جي به. اسين بيوس آهيون، تون وَس واري!"

سونيءَ نيڻ ڪٽي نهاريو. سَسَ جي نيڻن ۾ نِير ڏسي، سندس نيڻن جا بند به ٽُٽي پيا! سُرت ۾ تڏهن آئي جڏهن ڪمري جو "در بند ٿيڻ جو آواز ٻڌائين ۽ اُن سان گڏ پريان سُتل وَلڻ جي ڪونگهرن جو آواز پئي.

اُن مهل ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس خوشين ۽ خواهشن جا دَرَ پڻ بند ٿي ويا. هميشه لاءِ سندس ڀاڳ بہ اهڙيءَ نياڳ جي ننڊ ۾ سُمهي رهيو آهي جهڙي اَگهور ننڊ ۾ سندس وَرُ!

ساهرن ۾ پهريون صبح سندس لاءِ ڄڻ اَڻ ڪٽندڙ اونداهي رات هئي. سَت طعامي اَڳيان رکيل هئي. آيل مهمان کِلڻ ۽ کائڻ ۾ لڳا پيا هئا. هُن نهاريو ... پريان سندس وَر ولي محمد ... هر ڳالهہ کان بيگانو. اَڻ وڻندڙ انداز سان وڏا ۽ تڪڙا گره کائڻ ۾ رُڌل هو ...! ڪيس ائين لڳو ڄڻ گره سندس نڙيءَ ۾ اَٽڪي پيو آهي.

سندس ڪِي ڪُڇڻ کان اڳ ئي ڪنهن پريل پاڻيءَ جو گلاس سندس اَڳيان رکيو. نهاريائين تہ ولي محمد جو اَڌڙوٽ عمر جو مامو، گلاس پاڻيءَ جو ڪيس ڏيندي معنيٰ خيز انداز سان نهاريندي چئي رهيو هو: "پاڻي پيءُ ڪنوار...! نڙيءَ ۾ اٽڪيل گره رڙهي ويندو!!!

سَس ۽ سُهري جي شفقت ۽ محبت ئي سونيءَ ڪي جيئڻ جو حوصلو ڏنو هو. خانداني ماڻهو هئا. ننهن کي اُها عزت ڏنائون جيڪو سندن وَڙ هو ۽ جنهن جي ننهن حقدار بہ هئي. پر سونيءَ کي جيڪو "حق" مليو هو سو تہ نِسورو "ناحق" هو! سونيءَ جي سون جيان جَرڪندڙ مُک تي سرنهن جي گلن جهڙي پيلاڻ پکڙجندي وئي...

غلام محمد ۽ ماسي راڄو بہ ڪنهن وڏي ويچار ۾ ورتا پيا هوندا هئا. سدائين سُس پُس لڳي پئي هوندي هئن.

"سوني پٽ ...!" هڪ ڏينهن ماسي راڄوءَ ڪيس سمجهائيندي چيو:

"ونيءَ جي سُونهن آهي وَرَ سان، پٽ!

وَرَ وٽي سا جڳ وٽي ... تون تہ "سُمجهو" آهين امان ... سَمجهہ سان وَرَ کي وار ....!"

سوني "سمجُهو" تہ برابر هئي پر "سمجهہ" جو ثبوت ڏيڻ جو موقعو ڪيس تڏهن مليو جڏهن پُٽ جي شاديءَ جي فرض تورڙي گهرَ جي اون کان آجا ٿي، سندس سهرو ۽ سَسَ حج لاءِ سنپريا. هوائي جهاز جي ڏاڪڻ تي پير رکندي، ماسي راڄو وري بہ سونيءَ کي گهرَ جي پارت ڪندي چيو:

"امان سوني ... سمجهہ سان گهر هلائنج ... متان "لوڪ کي لڪا"ءِ ڏين پُٽ ...! صبر جا سو ڀاڳا هوندا آهن! اَويل سَويل ڪو ڪم ڪار پئي تہ ادا کي چئنج!!"

ماسي راڄوءَ پاءِ ڏي نِهاريو "ادا توکي بہ گهر جي پارت آهي ... ولي محمد ماندڻي تي وڃي يا پنيءَ پاري ڏانهن وڃي ... تہ گهر کي اڪيلو نہ ڇڏج!"

"تون اُلڪو نہ ڪَر ادي ...!" آٿت ڏيندي ماما چيو.

"سونيءَ کي اڪيلو ڪونہ ڇڏبو!"

ماما غلام محمد ۽ ماسي راڄو سيني مِٺن ماڻٽن سان گڏ احمد علي ۽ ساران کي بہ پارت ڪئي هئي، جن سان ماڻٽي تہ هئي پر پاڙي ۾ بہ هئا. هونئن تہ هرڪو پنهنجيءَ ۾ پُورو سُورو هو پر اڄ ولي محمد جي واويلا مان سيني کي ڄاڻ پنجي وئي هئي تہ پيڻ ۽ پيٽوئي جي ڪيل پارت کي نڀائيندي ماما ڪيترو ولڻ جو خيال رکيو هو!

ولڻ ھنيءَ جي سار سنڀال لھڻ ويندو ھو ۽ ماما سندس ونيءَ جي ۽ گھرَ جي! ولڻ تہ بلڪل بي اونو ھو.

پر ڪجھ ڏينھن کان ساندہ طبيعت ٺيڪ نہ ھئڻ سبب ھنين ڏي بہ نہ ويو ھو، سيءَ ۾ ٿورڙي لاپرواھي بہ سندس لاءِ وڏي آزار جو سبب بڻجي ويندي ھئي، مٿان وري طبيعت ۾ ضد ھئڻ ڪري تڪڙو ڪنھن جو چوڻ بہ نہ ڪندو ھو. اِنھن سمورين ڳالھين جو اندازو مائٽن کي تہ ھو. اِن ڪري ئي اُنھن ماما کي ولي محمد جي پارت ڪئي ھئي. اُن سان گڏ پاڙيسري ھئڻ جي ناتي احمد علي ۽ ساران کي بہ خاص تاڪيد ڪئي ھئائون. پاڙي جو فرض نڀائيندي، احمد علي ۽ ساران ولي محمد جي طبيعت ناچاڪ سمجھندي، ڊاڪٽر کي گھرائي، اُن جي مشوري مطابق، ولڻ کي سيءَ ۾ ٻاھر نڪرڻ کان جھلي ڇڏيو ھو. ولي محمد اُنھن جو چيو بہ مڃيندو ھو. اِن ڪري ئي ھروڀرو گھر کان ٻاھر ڪونہ نڪرندو ھو پر ماما سدائين پيو ٽوڪيندو ھنس تہ ڏٽيءَ کان سواءِ ڏڻ سُڄا ھوندا آھن. ھنين جي سار سنڀال نہ لھبي تہ ھاري ناري لاپرواہ ٿي ويندا. مانڊٽي بہ سدائين بند ھوندي ھئي ۽ ولي محمد گھر ۾ ئي ويٺو ھوندو ھو. اِن ڳالھہ تي سوني بہ مڙيئي پٽڪو پئي ڪندي ھئي پر احمد علي ۽ ساران جي ٻچا ڳاچا ڪرڻ سبب گھٹو ڪُڇي ڪونہ سگھندي ھئي. ايترو اندازو تہ ولي محمد کي بہ ھو تہ احمد علي ۽ ساران سندس گھڻ ـ گُھرا آھن. ان ڪري تہ وٽن اچي واويلا مچائي ھئائين.! پوءِ جيڪي ٻڌاياڻين تنھن مان احمد علي ۽ ساران کي پوري پروڙ پنجي ويئي ھئي تہ ماما چو ولي محمد کي ھنين جي سار سنڀال لاءِ وڃڻ تي زور ڀريندو ھوا ۽ ولي محمد جي غير موجودگيءَ ۾، "اڪيلي گھر ۾ "اڪيلي" سونيءَ جي ڪيتري سار سنڀال لڌي ھئائين. پيڻ سان ڪيل وعدي موجب ولي محمد تان ھر اون اُلڪو لاھي ڇڏيو ھئائين.

سونيءَ بہ تہ سَس ِ جي ڪيل ھدايتن تي عمل ڪندي، سمجھداريءَ کان ڪم وٺندي "لوڪ کي لڪا"ءِ ٿي ڪونہ ڏني ھئي ۽ صبر جا سَوَ پاڳا حاصل ڪري ورتا ھئائين!

ماما غلام محمد ۽ ماسي راڄو حج ڪري موٽي آيا ھئا. مھمانن جي اَچ ـ وڃ لڳي پئي ھئي. سڄي گھر ۾ گلن جا ھار ۽ مناپون ڍير ٿي ويون ھيون. ڪوبہ خالي ھٿين ڪونہ ٿي آيو. ماما تہ ھوننن بہ سگھو ياءُ ھو. اُن تہ پيڻ ۽ پيٽوبي لاءِ اُوچا ۽ قيمتي وڳا بہ آندا ھئا منائيءَ ۽ ھارن سان گڏ ....! پر ھيڏي ھُلَ ھنگامي ۾ آبِ زم زم، کجيءَ توڙي خاڪ شفا سان آئي وٺي جي تواضع جي باوجود بہ گھر ۾ ھڪ عجيب سانت ھئي. ويٺل بہ گنڀير ۽ سنجيدہ ٿي لڳا تہ ايندڙ پڻ. مبارڪون ڏيندي ڪن جي مھاندن تي ٽوڪ ڀريل مُرڪ ھئي تہ ڪِن جي مھاندن تي ڏک ۽ ھمدرديءَ جون ريکائون!

رات جو دير تائين اِھو قصو پئي ھليو. نيٺ جڏھن ھنو منو ٽريو ۽ گھر جا ڀاتي وڃي ٻچيا تڏھن ماسي راڄوءَ دل ڏاريندڙ لھجي ۾ پاءُ ڏي نھاريندي فقط ايترو چيو:

"شابس ھجنئي ادا.

ڏاڙيل بہ پنھنجو پاڙو ٽاري ڇڏيندا آھن!"

پوءِ اُچي سڏڪن ۾ پئي.

●

انتظار حسين
تهمينه سڪندر

# زوال جي ڪهاڻي

[نوٽ: انتظار حسين هن دؤر جو هڪ اهم ليکڪ آهي. هُن خاص اسلوب وسيلي اردو ڪهاڻيءَ کي نئين مفهوم ۽ معنيٰ سان روشناس ڪرايو آهي ۽ ان جو ڳانڍاپو هڪ نئي وقت ۾ داستان، مذهبي روايتن ۽ ڏند ڪٿائن سان ڪيو آهي.

انتظار حسين گڏيل ڀارت ۾ ڊباڻي ضلعي جي بلند شهر ۾ ڄائو. تعليم ميرٺ ۾ حاصل ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان لڏي آيو. سندس تحريرن جو بنيادي محرڪ اُها لڏپلاڻ آهي. ٻن ناولن ۽ هڪ ناولٽ "دن اور داستان" کان سواءِ سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "گلي ڪوچي"، "آخري آدمي" ۽ "شهر افسوس" اهم آهن.

ٻڌ جاتڪ ڪٿائن جو اثر به سندس فن تي آهي. "زوال جي ڪهاڻي" ۾ به اهو نمايان آهي. ڪافڪا جي طرز به انتظار حسين وٽ ملي ٿي.]

اصل ۾ هي سچو واقعو مهاتما ٻڌ جي هڪ جاتڪ ڪٿا کان شروع ٿيو. هيءَ جاتڪ ڪٿا هن ريت آهي ته انسانن جي دنيا کان پري هڪ جهنگ ۾ باندرن جي هڪ برادري آباد هئي. هنن مان ڪنهن به ماڻهوءَ جي شڪل نه ڏٺي هئي. پنهنجي مستي ۾ مست ۽ حال ۾ مگن گهمندا وتندا هئا. انهن مان هڪ باندر اهڙو هو، جنهن زماني جون هيٺانهون، مٿانهيون، گرميون ۽ سرديون، گهڻو سَنو هو ۽ جهنگلن ۾ به گهڻو گهميو ۽ ڦريو هو. هڪ ڀيري ان کي کوجنا جو خيال آيو ته ڏسجي ته جهنگ کان ٻاهر ڇا آهي؟ هن سفر ۾ ان جو گذر هڪ اهڙي وسنديءَ وٽان ٿيو، جنهن ۾ انسان آباد هئا. هن سفر جي ڪري هو حيرت ۽ عبرت جو سامان ساڻ ڪري موٽيو. سڀئي باندر هن جي چوڌاري اچي گڏ ٿيا ۽ سفر جو حال احوال پڇڻ لڳا. تڏهن ان ٻڌايو ته مون هڪ نرالي مخلوق ڏٺي آهي جيڪا ٻاڻ ڪي ماڻهو سڏي ٿي. پڇ نه دارد، وار نالي ماتر ٻن پيرن تي هلي ٿي. هن مهانڊي واري اها مخلوق باندرن کي ڪِل جهڙي لڳي، سو خوب ٺهڪ ڏنائون. اڳتي جڏهن ان سياح پولڙي ان مخلوق جو حال ٻڌايو ته انهن ڪنن تي هٿ رکيا ۽ چوندي اٿيا ته هن جڳهه تي ڪونه ويهنداسون. هتي اسان بدي جون ڳالهيون ٻڌيون آهن ۽ توبهه ڪيائون ته آئنده هن مخلوق جو ڪڏهن به نالو نه ڳنهنداسين، جو اها بدمخلوق آهي. جاتڪ ڪٿا ته ان ڳالهه تي اچي ختم ٿي، پر ڳالهه ختم نه ٿي. بظاهر باندرن هن قصي کي وساري ڇڏيو پر شايد ڪٿي انهن جي اندر ۾ ڳالهه اٽڪي پئي. هڪ نوجوان باندر هي قصو ٻڌي

ڪيترا ڏينهن بيچين ڦرندو رهيو ۽ آخر ڪانئس رهيو نه ٿيو. هڪ ڏينهن ان باندر وڻ ڀتو جيڪو ماڻهو کي جاڻڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪري پولڙن ۾ عقلمند ڄاتو ويندو هو. ان کان پڇيائين ته "ماڻهو ڪهڙي جهنگ جو جانور آهي".

"جهنگ جو جانور!" داناء باندر ڪليو ۽ چيائين ماڻهو اهو جانور آهي جو پاڻ کي جانورن کان جدا سمجهي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي اشرف المخلوقات جهڙو بنائي رکيو اٿس. جهنگ سان ته اُن کي وير آهي. زمين تي پهريائين ڪيترا گهاٽا جهنگ هئا. هن ڪيترن ئي جهنگلات کي چٽ ڪري ڇڏيو. جهنگ کي هو ڪپائي ٿو ۽ سرن پٿرن جون عمارتون نهرائي هڪ ويرانو تيار ڪري ٿو ۽ ان ۾ آباد ٿي وڃي ٿو.

"وڻ وڍي پٿرن ۽ سرن جون عمارتون بيهاري ٿو. اها عجب جهڙي ڳالهه آهي".

"ميان باندر ڳالهه هي آهي ته ماڻهو اپ کان ڊڄي ٿو ۽ هوا سان وڙهي ٿو. پٿيون اپيون ڪري ۽ چٽ وجهي سُمهي ٿو. هن پين دشمنن کان پنهنجو پاڻ کي بچائي حفاظت جو بلو ڪري ورتو آهي".

هن گفتگو باهه کي وڌيڪ پڙڪايو. نوجوان باندر کي اڳ ۾ اڻ تڻ هئي ته آخر هي ماڻهو ڪهڙي قسم جو جانور آهي، ۽ هاڻ ته وڌيڪ تجسس ٿيس. انهي بي چينيء ۾ هڪ رات پوئين پهر سڀ باندر آرامي هئا. هو اٿيو ۽ اُتان نڪري ويو. نوجوان باندر جا ساٿي ڪيترن ڏينهن تائين هن کي ڳوليندا رهيا. جهنگ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڦولياٿون پر ان جو نشان نه مليو ته هي سوچي صبر ڪري ويهي رهيا ته سندن دوست ڪنهن خونخوار جانور جي هٿ اچي ويو هوندو ۽ هُن اُن کي چيري ڦاڙي کاڌو هوندو.

ڏينهن گذريا، پوء هفتا ۽ هڪ مهينو ٿي ويو. جن سان هو وڻن تي نچندو ٽپندو وتندو هو، اهي کيس وساري ويٺا، پر هڪ صبح جو هو ڇا ڏسن ته اهو نوجوان وڻن تان وڏيون ڀرانگهون پريندو پيو اچي.

جڏهن باندر کيس ڀڏايو ته هو ماڻهن جي دنيا ڏسي آيو آهي ته هو حيرت جا پتلا بڻجي ويا ۽ پوء هن جي چوگرد ويٺا. ڄڻ هو ولايت جو سير ڪري آيو هجي. ان کي اکين ۾ حيرت ۽ هڪ نئين دنيا جي دريافت جو سرور هو.

"ماڻهو ڪهڙا هوندا آهن؟" هڪ ننڍي نيٽي باندر سوال ڪيو: "ڏاڍا ڪمال جا هوندا آهن. منهنجو مطلب آهي ته اسان کان ڪيترو مختلف هوندا آهن.؟" ان تي نوجوان باندر سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوء چيائين ته ابتدا ۾ ته مون سمجهيو ته هي بلڪل اسان کان جدا مخلوق آهن ۽ مان ڪيترائي ڏينهن انهن سان رهندي به هڪ اجنبي وانگر پري پري گهمندو رهيس. هو اڱڻ تي مان پت تي. اصل ۾ انهن جي بستي ۾ وڻ تمام ٿورا ۽ پتيون گهٽيون آهن، ان ڪري منهنجو گذر سفر پتين تي هوندو هو. پر جڏهن مون انهن کي ڏٺو وائٺو، ۽ طور طريقا ڏٺم ته اجنبيت گهٽ ٿيندي وئي. ائين لڳو ته هو پنهنجا ئي پائر آهن، جي ڏور وڃي آباد ٿيا آهن. ٻڌو اٿئون ته ڪين پڇ ٿين ئي ڪونه. ان تي سڀ ٺهه ٺهه ڪري کلڻ لڳا. نوجوان باندر ڏاڍي سنجيدگي ۽ معذرت پرئي انداز ۾ چيو: "ها ايترو ضرور آهي ته انهن کي پڇ ڪونه ٿئي. پهريائين مون کي به اها ڳالهه عجب جهڙي لڳي هئي. دل ۾ چيو هوم ته هي عجيب جانور آهن. پنهنجا پڇ گم ڪري ويٺا آهن. جنهن کي ڏسان ته ان ۾ هڪ کوٽ جو احساس ٿيم پر

هاڻي معاملو ابتڙ آهي. اوهان کي ڏسي رهيو آهيان ته لڳي ٿو ته پاڻ سان هرويرو هڪ فالتو شي لڳل آهي. هن آخري جملي تي ڪي باندر ٿورو ڦڪا ٿيا ۽ ڪي برهم ٿيا. پر ڳالهه جلدي ختم ٿي ويئي جو نوجوان باندر ذڪر ئي اهڙو ڇوريو. هو چوڻ لڳو: "ماڻهوءَ جي مادي ڏاڍي سهڻي هوندي آهي. اسان جي پولڙيءَ کان به سُندر؟" هڪ پولڙي سوال پڇيو.

"اسان جون پولڙيون ته انهن آڏو پاڻي ڀرين. جوان باندرن جي قوهِ جوانيءَ ۾ هو انهن لاءِ ته پولڙيون نه جڻ ڪي پريون هيون. ڪين ان ڳالهه جو ويساهه نه پئي آيو. آخر انهن مادين ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟" هڪ سوال اڀريو. بس ڏسڻ جي شي آهي. لسي ڪل واريون ۽ ناز واريون آهن. پوريون ڇاتيون، جڻ ڪير سان پريل ڪٽوريون. نوجوان باندر عورت جي سراپا جو ذڪر اهڙي رنگينيءَ سان بيان ڪيو جو هو سڀ جڻ منبجي ويا.

پوءِ نوجوان باندر بيان ڪرڻ شروع ڪيو ته ماڻهو ڪهڙيون ڪهڙيون نه ايجادون ڪيون آهن. انهن مان هڪ شيءِ ته اهڙي آهي، هوند ڏسو ته اوهين حيران ٿي ويندا. "اها شيءِ ڪهڙي آهي؟" سوال ڀريو. "آئينو".

"آئينو ڇا آهي؟"

ڇا ٻڌايان ته آئينو ڇا چيز آهي. مون ڀهريون پيرو آئينو ڏٺو ته حيران رهجي ويس. حيران ٿيس ته مان ان آئيني اندر ڪيئن ويس. پوءِ خيال آيو ته مان آئيني جي ٻاهر آهيان ۽ آئينو پنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ پوءِ ڳتيل ڳنڍ آهستي آهستي کلي ته مان هڪ ناهيان. هڪ جي اندر ٻه آهن.

"ڇا مطلب. اسان ڪونه سمجهيو؟ جڏهن آئينو اوهين ڏسندؤ ته اها ڳالهه سمجهندؤ."

"هر باندر اندر ٻه باندر هوندا آهن. آئيني کي ڏسڻ کان اڳ هو اهو سمجهندو رهندو آهي ته هو هڪ پولڙو آهي. مون اهو ائين ڄاتو جڏهن مون آئينو ڏٺو ته مان هڪ نه ٻه آهيان. هڪ آئيني کان ٻاهر ۽ هڪ ان جي اندر." نوجوان باندر ٿورو ترسي سوچيندي چيو: "ڪڏهن مون کي اهو خيال ايندو آهي ته اصلي باندر آئيني جي اندر آهي. مان جو آئيني جي ٻاهر آهيان ان جو نقل آهيان". آئيني جو ذڪر ٻڌي سڀ باندر ماٺ ۾ اچي ويا. هڪ جوان باندر جي دل ۾ مهر جوئي جو سوداءِ سمايو. جوش ۾ اچي اعلان ڪيائين ته مان ماڻهن جي ديس ويندس ۽ آئينو وٺي ايندس. هڪ باندر کيس ٽوڪيو. جوان آهستي ڳالهايو. اسان جي وڏن کي سڌس پئي ته قيامت مچي ويندي. ڪين ڪڏهن به اهو گوارا نه آهي ته اسان جهنگ کان ٻاهر نڪرون ۽ ٻاهر جي دنيا جو تجربو حاصل ڪريون."

نوجوان پولڙي جي تنبيهه اثر ڏيکاريو. سڀ نوجوان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي محتاط ٿي ويا. پوءِ ائين ٿيندو هو. جو رات جي اونداهي ۾ نوجوان باندر اُٿي ماٺ ماٺ ۾ کسڪي ويندا هئا. نوجوان باندر ان انداز سان پنهنجي جهنگ مان نڪتا ۽ ماڻهن جي دنيا جون خبرون آڻيندا رهيا. نه رڳو آئينو کڻي آيا پر ٻيون به ڪيتريون ئي شيون ساڻ کڻي آيا. هڪ ته ڪنهن گهر مان پڙو ۽ چني جهپي کڻي آيو. اچي پنهنجي پولڙيءَ کي تحفو ڪري ڏنائين. پولڙي حيرت مان پڙي ۽ رئي کي ڏٺو ۽ پڇيو ته هي ڇا آهي؟ نوجوان چيو: "پياري! وڳو پاءِ ۽ چني اوڍ. پوءِ ڄاڻنديءَ ته ڇا آهي. بس پري ٻنجي ونديءَ".

پولڙيءَ پڙي کي جانچيو. جڏهن ان جي ابت سبت جي سمجهه نه آيس ته ڏندن ۾ ڪري ان کي ڦاڙڻ شروع ڪيائين. سڄي وڳي کي ليڙ ليڙ ڪري ڇڏيائين. هو پنهنجي ڏنل سوکڙيءَ جو اهو حشر ڏسي تپي باهه ٿي ويو. ڏنڊي سان خوب پولڙيءَ جي مرمت ڪيائين ۽ کيس گهر مان ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪيائين. اجا ان واقعي جو چوٻول باندرن ۾ هلي رهيو هو جو هڪ پولڙي اغوا ٿي ويئي. پوءِ ائين ٿيو جو هڪ باندر پنهنجي پولڙيءَ کان منهن موڙي هڪ غير پولڙيءَ سان ناجائز ناتا جوڙي ورتا. جڏهن ان ڳالهه جي پولڙيءَ کي خبر پئي ته هن گوڙ ڪيو ۽ ان ڳالهه تي باندر ان کي طلاق جي ڌمڪي ڏني. باندر طلاق جي لفظ تي خطا ٿي ويا. هي لفظ پهريون پيرو سندن ڪن تي پيو هو. اُن جي معنيٰ ٻڌڻ لاءِ سڀ عقلمند باندر وٽ پهتا. ان جو گهڻو وقت پڙهائيءَ ۾ گذرندو هو. ڳالهه هيءَ هئي ته جڏهن ماڻهن جي وسندي وٽان لنگهيو. اُن کي هڪ عجيب شيءِ نظر آئي. جيڪو هڪ ڪتاب هو. ڪتابن جي هڪ دڪان ۾ گهڙي ڪتاب ڦاڙيندي ان سوچيو ته ڏسان ته سهي ان جي اندر ڇا آهي! حيران ٿيو ته مار هن بي عقل مخلوق به اهڙيون دانائيءَ واريون ڳالهيون لکي رکيون آهن. هڪ ٿلهو ڪتاب کڻي ونيءَ پڳو ۽ هاڻي ڏينهن رات پنهنجي ڪتابن جي مطالعي ۾ مصروف رهندو هو. اُن ڪتاب ۾ هو اهڙو گم ٿيو جو کيس پتو ئي نه پيو ته باندرن جي دنيا ۾ انڌير متل آهي. طلاق جو لفظ ٻڌي ان جو سر چڪرائجي ويو. طلاق جي فعل جو باندرن سان ڪهڙو تعلق. هي ته حضرت انسان جي ايجاد آهي. انهن ئي هي لفظ گهڙيو آهي. تو ڪٿان ٻڌو؟

باندرن عقلمند کي ٻڌايو ته هڪ باندر پنهنجي پولڙيءَ کي طلاق جي ڌمڪي ڏني آهي ۽ ان سان اغوا ۽ ناجائز لاڳاپن جي پڻ هڪ پولڙيءَ جو پڙي پائڻ کان انڪار ۽ ان جي پاداش ۾ پنهنجي باندر جي هٿان گهر کان نيڪالي وارو قصو ٻڌايو ته ان سياڻي باندر منهن مٿو پٽڻ شروع ڪيو. اوهين مون کي ڇا ٻڌائي رهيا آهيو. هي سڀ لڇڻ ته انسان جا آهن! باندرن جي اخلاق ۾ هي وگوڙ ڪيئن پيدا ٿيو؟ ڇا ڪو ماڻهو اسان جي جهنگ ۾ گهڙي آيو آهي ۽ باندرن جي اخلاق کي خراب ڪري رهيو آهي يا ته وري ڪو باندر ماڻهن جي ديس مان ڦيرو پائي آيو آهي، جو هو پاڻ ته گمراهه ٿيل آهي، ۽ هاڻ ٻين کي گمراهه ڪري رهيو آهي. باندرن چيو ته اي سياڻا، ماڻهو جي ڇا مجال جو اسان جي جهنگ ۾ پير رکي. ڪو ڇڙواڳ باندر ماڻهن جي ديس مان چوريءَ ڦيرو پائي آيو آهي ته اسان ان جي ٻڪ نتا ڏيئي سگهون.

گهڻي سوچ ۽ فڪر کان پوءِ باندرن جي سڀا برپا ٿي. سياڻو باندر صدارت جي صندليءَ تي ويٺو ۽ باندرن کي مخاطب ٿي چيائين: "اي منهنجا همر جنسو! مان هي ڏسي رهيو آهيان ته اوهان جو اخلاق بگڙي رهيو آهي. مون کي اها سڌ پئي آهي ته ڪي مٿي ڦريل باندر ڇڙواڳي جي جوش ۾ ماڻهن جي ديس ۾ وڃي نڪتا ۽ واپس ٿيڻ تي انهن ۾ ماڻهن جي ڏپ پيريل آهي. پنهنجي تهذيب کان خائف آهن. پرڏيهي ثقافت جي جادو ۾ منديل آهن. بي حيائي ۽ بي غيرتي جو ليڪو لنگهي ويا آهن. جو هڪ باندر ان تهذيب کان پنيل لباس پنهنجي گهر واري کي پائڻ لاءِ ڏنو ۽ جڏهن ان غيرت واريءَ ۽ حيا جي پتليءَ بي شرمي جو وڳو پهرڻ کان انڪار ڪيو ته ان بي ننگي گهر واريءَ تي تشدد ڪيو ۽

ڪيس گهر مان ڪڍي ٻاهر ڪيائين پر ڪهڙي گهر کان، ان گهر جي حقيقت آئون اڳتي بيان ڪندس.
اي ٻانڌرو، هاڻ جيڪو چوان ٿو سو ڪن ڪولي ۽ هوش سان ٻڌو. اسان جو پنهنجو هڪ تمدن، هڪ ثقافت آهي، ان تهذيب ۽ ثقافت جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي. اسان ٻانڌر فطرت جي هنج ۾ پليل آهيون. بدلجندڙ موسمن اسان کي لوليون ڏنيون آهن، وڻن اسان کي هندورن ۾ لوڏا ڏنا آهن. هوائن اسان کي ٿپڪي ڏيئي سمهاريو ۽ ڪنڪتايون ڪري سجاڳ ڪيو آهي. پنهنجي تحفظ لاءِ اسان گرمي ۽ سيءَ، طوفان ۽ مينهن کان بچڻ لاءِ آرام ۽ آسائش جي مزن کي چکڻ لاءِ ڪوبہ معنوي طريقو اختيار نہ ڪيو آهي. قدرت اسان کي جيئن ٺاهيو ائين ٿي، اسين پهرين جهڙا هواسين اڄ بہ آهيون ۽ آئينده بہ ائين رهڻ چاهيون ٿا.

پنهنجا وار اسان کي خراب نٿا لڳن. پنهنجي بُت کان اسين خائف ناهيون. هي وار اسان جو فطري لباس آهن. مطلب هي تہ اسان اگهاڙا ناهيون، ان ڪري پنهنجي بدن کان اسان کي حجاب نٿو ٿئي ۽ مصنوعي ڪپڙا ڍڪڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي. اوڏانهن عالم هي آهي تہ ڪجهہ وار انهن جي اعمالن جي ڪري ختم ٿيا ۽ باقي جيڪي بچيا، انهن کي هو تيز ٻاڪين سان صاف ڪريو ڇڏين. هاڻ اوهين پڇندؤ تہ هي ٻاڪي ڇا آهي؟ اي پيارؤ! مان ٻڌيان ٿو، ان ڏينهن کان جڏهن ڪنهن ٻانڌر جي هٿ ٻاڪي ايندي، اهو اسان جي تمدن جو آخري ڏينهن هوندو.
"هونئن تہ هن ستم ايجاد ماڻهو ڇا ڇا نہ ايجاد ڪيو آهي، پر سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ايجادون بہ آهن: "آئينو ۽ ٻاڪي".

عزيز ٻانڌرؤ! ڇا توهان يقين ڪندؤ تہ پهريون ڀيرو مون جڏهن آئينو ڏٺو تہ سڪتي ۾ اچي ويس. مون کي اهو گمان ٿيو تہ هي حقير فقير ٻانڌر آئيني جي سامهون آهي. صرف هڪ وهم آهي. اصل ٻانڌر اهو آهي، جيڪو آئيني جي اندران مون کي تڪي ڏسي رهيو آهي، پر پوءِ مون پاڻ سنڀاليو. پٽ تي ويهي ان آئيني کي مون ڇيهون ڇيهون ڪري وڌو ۽ ان کي اڳڻ ۾ ڦٽو ڪيم. جنهن اڳڻ تان ڪنيو هئم. دل ۾ چيم تہ ذات تي شڪ ڪرڻ ۽ پاڇن جي ڪڍ پوڻ تہ ماڻهو جو شيوو آهي. ان جي ڪوڙيءِ ۾ قدرت هڪ اهڙي شيءِ رکي آهي جو ان ۾ قسمين قسمين وهم پيدا ٿيندا رهن ٿا. اسان پنهنجي جدا ڪوڙي سان پيدا ٿيا آهيون. هيءِ وهمن ۽ فڪرن کي واٽ نہ ڏيندي آهي. ٻانڌر نہ فلسفي هوندو آهي نہ صوفي. ٻانڌر تہ بس ٻانڌر هوندو آهي. مان جو هڪ ٻانڌر آهيان. پنهنجي پڄ ۽ وارن سان ڍڪيل ڪل ساڻ هڪ جيئري جاڳندي حقيقت آهيان. هن جهنگ جي وڏي ۾ وڏي سچائي، آئينو ڪوڙو آهي. ماڻهو تہ ڪيترا ئي ڪوڙ گهڙيا آهن، پر هي سڀن کان نرالو ڪوڙ آهي. هونئن مان ٻاڪي کان گهڻو خوفزده آهيان. ڇري چاقو، ڪهاڙي ۽ تلوار ٻاڪي جو اولاد آهن. ماڻهن پهرئين ٻاڪي ايجاد ڪئي. ان سان پنهنجو مٿو ڪوڙيائين. پوءِ ڪهاڙي ناهيائين، جنهن سان وڻ وڍيائين. وري تلوار جنهن سان هن پنهنجي ئي پاڙن جون منڍيون لاٿيون. ماڻهو جي هٿ ۾ ٻاڪي آئي تہ هن هي سڀ ڪجهہ ڪيو. ٻانڌر جي هٿ جيڪڏهن ٻاڪي آئي تہ هو ڇا ڪجهہ نہ ڪندو؟ اي ٻانڌرؤ! خدا کان ٻڌجو

۽ ماڻهو جي اثر کان بچو نه ته ياد رکو ته هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو توهان جا ٻچ غائب ٿي ويندا ۽ اوهين ٻن ٽنگن تي هلندا.

هن آخري جملي تي سمورا باندر سڄ ٻچ ته ڏکي ويا، پر هڪڙي چيو ته ٻچ ۾ ڇا رکيو آهي؟ هي غائب ٿي وڃي ته پاڻ چڱو آهي. اسان جي ٻچ سان جو هي ٻچ جو ڇلو لڳل آهي، ان کان جان ڇٽندي.

هيءَ ڳالهه ٻڌي سڀ باهه ٿي ويا ۽ ان جوانڙي باندر کي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ لاءِ ڊوڙيا. سياڻي باندر کين سمجهايو ته ڪاوڙ ۾ کين ايترو ڇريو ٿيڻ نه کپي، جو هو بلڪل آدم زاد ٿي پون ۽ هم جنسن کي چيچاڙي کائين. هي باندر جو ٻچو نادان آهي. ڪج فهم آهي. ٻچ کان محروم مخلوق جي باري ۾ ڪنهن کان ٻڌو اٿس سو تنهن ڪري اهڙي ڳالهه ڪري ٿو. ٻچ جي اهميت کان ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي. جيڪو انڪار ڪري اهو ڪافر آهي. باندر جي اهميت ته ان جي ٻچ سان آهي، جيڪو ٻچ نٿو رکي اهو باندر وري ڇا جو ٿيندو.

باندرن جي ڪاوڙ مشڪل سان گهٽ ٿي. وڏيءَ مشڪل سان اهو نوجوان باندر اتان نڪتو. ان واقعي جا اثرات گهرا ٿيا. ٻچ هڪ مجيل حقيقت هئي. ان واقعي کان پوءِ اهو اختلافي مسئلو بنجي پيو. نوجوان طبقي ۾ هي خيال عام ٿيندو ويو ته ٻچ باندرن جي ترقي جي راهه ۾ هڪ رڪاوٽ آهي. هو اڪثر هي دليل ڏيندا هئا ته ماڻهو محض ٻچ نه هجڻ جي ڪري ايتري ترقي ڪري ورتي آهي جو آسمانن ۾ اڏامي ٿو ۽ پاتال جي ڇاڻ رکي ٿو. هنن ۾ اهڙي ڪهڙي صفت آهي، جيڪا باندرن ۾ ناهي؟ جهڙو باندر تهڙو ماڻهو. بس ٻچ کان نجات حاصل ڪري هو باندرن کان اڳتي نڪري ويا آهن، پر قديم خيال رکندڙ باندر انهيءَ خيال جا هئا ته باندر جي باندريت ته ٻچ ۾ ئي پوشيده آهي. ٻچ غائب ٿي وڃي ته باندر ۽ ماڻهو ۾ ڪهڙو فرق رهجي ويندو. تنهن ڪري پنهنجي تهذيب جي سڃاڻپ ۽ قوم جي تحفظ جي خاطر ٻچ جو هجڻ بي حد ضروري آهي. ائين باندر نظرياتي طور تي ٻن گروپن ۾ ورهائجي ويا: هڪ اهي هئا جي ترقي پسند هئا ۽ ٻچ کي ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ سمجهندا هئا ۽ ٻچ جي ڪپجڻ جا مبلغ هئا. ٻيا اهي جيڪي قدامت پسند هئا، جيڪي ٻچ جا علمبردار هئا.

ٻچ دشمن نوجوانن جي خلاف گهڻو مواد اوڳاڇيو ويو. ايتري قدر جو هي ٻڌڻ ۾ آيو ته هي گمراه نوجوان باندرن جي اخلاقي قدرن کي ڪونه ٿا مڃين ۽ جنسي ڪج رويءَ جو شڪار آهن. اصل ۾ نون خيالن جو اثر زناني طبقي تي به ٿي رهيو هو. جنسي آزادي انهن نون خيالن جو نتيجو هئي. پراڻن خيالن جا باندر هي سوچي پريشان هئا ته هي اجاين خيالن وارا باندر سماج کي هڪ اخلاقي بحران ۾ مبتلا ڪندا. پر هاڻي نون خيالن تي بند ٻڌجي نه پئي سگهيو.

نيون تجربڪون شروع ٿي رهيون هيون. قسمين قسمين رجحان حاوي ٿيڻ لڳا. ان وقت تحريڪ ۾ مقلد ۽ غير مقلد جو جهيڙو شروع ٿي ويو. تقليد پسندن جو موقف هو ته باندرن جا پنهنجا قدر فرسوده ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري اهي نئين زماني جي تقاضائن جو ساٿ نٿا ڏيئي سگهن. هاڻي انهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ ماڻهن جي تقليد ڪرڻ گهرجي ۽ ان جا مخالف چوندا هئا ته: ”پيروي جي روش کان بهتر آهي خود ڪشي“.

پيروي ڪين ماڻهو جو نقال بنائي ڇڏيندي ۽ ماڻهو جي نقل سان باندرن جي جيڪا صورتحال ٿيندي، تنهن جي باري ۾ هن هڪ حڪايت ٻڌائي، جا سياڻي باندر کان ٻڌي ويئي هئي. هڪ باندر ڪنهن واڍي کي ڏٺو جو هڪ ٿلهي ڪاٺ تي چڙهي ويٺو هو ۽ ان کي اهڙي طرح چيري رهيو هو جو ٻه وڏا ڪلا هٿن ۾ وٺي هڪ ميخ کي ڪاٺيءَ تي رکي ان کي ٺوڪي رهيو هو. جڏهن چير ويڪرو ٿي وڃي ٿو ته ڪوڪي کي ڪڍي ٻاهر ڪري ٿو ۽ ٻيو وڏو ڪوڪو ٺوڪي ڪاٺ کي چيري ٿو. واڍو هي ڪم وچ ۾ ڇڏي ڪنهن ڪم سان هليو ٿو وڃي. باندر ان موقعي مان فائدو وٺي واڍي وانگر ڪوڪا ٺوڪي ڪاٺ کي چيرڻ لڳو. پر هو اهڙي بي ڍنگي انداز سان ويٺو هو جو ان جا بيضا ان وڏي ويڪري ٽنگ ۾ ڦاسي پيا. هڪ ڪوڪي کي ڪڍي ٻئي ڪوڪي کي ٺوڪڻ تي لڳو ته ٿورو چرڪي پيو. هڪ ڪوڪو ڪڍي ورتائين. ٻيو ڪوڪو ٺوڪڻ ۾ دير ٿي ويس. ترت ڪاٺي ٻنهي طرفن کان ملي ويئي ۽ بيضا ڦِسي پيا. تڏهن باندر سور کان رڙ ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته نياڳي ماڻهو جا ڪم ماڻهو کي ئي سونهن، جيڪو باندر ان جي نقالي ڪندو ان جو حال مون جهڙو ٿيندو. پر تقليد جي مخالفن جا سڀ دليل بيڪار ثابت ٿيا. تقليد پرست ٻونواري جي روش تي هلندا رهيا. هڪ ڏينهن هڪ عجيب واقعو ٿيو. باندرن هڪ نوجوان باندر کي ڏٺو جنهن جو پڇ غائب هو. پولڙن هن پڇ ڪٽيل نوجوان کي ڏاڍو حيران ٿي ڏٺو پر هڪ باندري ان جي ڪٽيل پڇ کي ڏسي ان تي اهڙي عاشق ٿي جو پنهنجي باندر کي ڇڏي ان جي پٺيان لڳي. سياڻي باندر کي جڏهن هن حادثي جي خبر پئي ته هو پنهنجو منهن مٿو پٽڻ لڳو ۽ چيائين ته مان ان ڏينهن کان ڊڄندو هوس. ناعاقبت انديش باندرن جي هٿ پاڪي اچي ويئي آهي. ٻهرئين هو پنهنجا پڇ وڍيندا ۽ پوءِ هڪ ٻئي جا سر لاهيندا. باندرن جي هن عبرتناڪ انجام جو خيال ڪري سياڻو باندر روئي ويٺو ۽ پوءِ باندرن جي ولر مان اٿي پري هڪ ٽڪريءَ تي وڃي ويٺو. اهڙي طرح جو هن پنهنجا چپ سبي ڇڏيا هئا. اڪيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ ڪنن ۾ آڱريون ڏيئي ڇڏيون هئائين.

●●●

محمد آصف خان

سنڌيڪار: محسن عباسي

# پرم

پهريون ڏڪ پريندي ئي برڪت پوري يقين سان چيو "هي ته منهنجي مينهن جو کير آهي!"

برڪت صبح سان ئي هن ڳوٺ وٽان لنگهي اڳتي ڪنهن ڪم سان ويو هو. واپسيءَ ۾ دير ٿيڻ ڪري، نماشام جو دريا پار ڪرڻ مناسب نه ڄاڻي اچي ڳوٺ جي مُکيءَ جو ـر ڪڙڪايائين. مکي رحمت، مهمان جي کلي ڪيڪار ڪئي ۽ وٺي آيس اوطاق تي ٽڪر ياڻيءَ کان پوءِ ٻنيءَ ٻاري، مال وٽاڻ جون خبرون هلنديون رهيون. سمهڻ وقت کير جو لوٽو کڻي آيو، جنهن مان پهريون ڏڪ پريندي ئي برڪت پوري ويساهه سان چيو "هي ته منهنجي مينهن جو کير آهي!"

رحمت ڦڪي مُرڪ مرڪيو. ان جي ڀاڻي ته برڪت مڙيئي وڏن جي چوٽي پيو ٻڌائي ته ماڻهو سَو ڪوهن تي به پنهنجي مينهن جو کير پي سگهي ٿو.

برڪت ٻيهر چيو ته "مُکيڻرا ڪوڙ نه سمجهه، کير ته رب سهڻي جو نور هوندو آهي. آئون ان تي هٿ رکي چوان ٿو ته هي کير منهنجي مينهن جو آهي." رحمت وائڙو ٿي هن ڏانهن گهورڻ لڳو. اها مرڪ جيڪا کن پل لاءِ سندس منهن تي ڪڙي پيئي هئي، سا گم ٿي ويئي.

"اها مينهن ته پراڙان دولت پور جي ويڄهو، مون هڪ ڀڙيءَ تان ورتي هئي". رحمت مهمان جو شڪ لاهڻ لاءِ ڪا نماڻي ڪوشش ڪئي.

"ادا ڳالهه هيءَ آهي ته پراڙان منهنجي مينهن کُلي ويئي هئي. اسان پير ڪنيا. پير ڪٽي دولت پور جي ويڄهو به پڄي ويا هئاسين. پر وچان هڪڙو لانگهو اچي ويو، جنهن تان ڳنڻ ۽ مينهن جون ڪئين چانگون لنگهي ويون هيون، پيرو گهٽڻ پيرن ۾ گم ٿي ويو ۽ اڳتي نڪري نه سگهيو. مون به رب جي رضا ڄاڻي ڪٽي ماٺ ڪئي. هينئر جڏهن مون ...."

"پر چوڏ ري! کير ته سواد ۾ سيني مينهن جو هڪ جهڙو ٿيندو آهي، ها، اهو مڃان ٿو ته سُوا ۽ ڪانگهاري مينهن جي کير ۾ فرق ضرور ٿيندو آهي. ڪانگهاري مينهن جو کير سُوا مينهن جي کير کان وڌيڪ گهاٽو ٿيندو آهي." رحمت ڪو دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مُکيڻرا! تون ته ڪو چريو آهين! ڀلا ٻڌاءِ ته رانجهي اُن ٺُني مينهن جو کير ڪينن لکيو، جڏهن چيائين ته: "آڪي ڏيدو مَجهه توني دا ڏُڌ پوايو" نه رڳو ايترو پر رانجهي ته مينهن جا پار پتيڪار به ٻڌائي ڇڏيا. آئون به ٻڌايانءِ ٿو منهنجي مينهن جا ڏس پار: "مُنهن تي ٽِڪي،، سِگ چُور کُنڊا، پير ڏوتل،

ڇمڙي سنهي ڇلڪٽي. سُوا هجي ته مٽ جيڏي اوهه مان ڪير ٿم ٿم ڪري پيو ٿمي. جيئن خواجه فريد چيو آهي ننڊ نه ماوي ڪيں اجان ڏسيان ...."

"چوڌري، ڪهڙن فڪرن ۾ وهمن اچي ورايو اٿئي، تنهنجو مال توکي مبارڪ، صبح ساجهر حاضر ڪري ڏيندو سانوڻ حالي سمهي آرام ڪريو!"

برڪت ته بي اُونو ٿي سمهي پيو پر رحمت سڄي رات گهنڊ گهنڊيندو رهيو. صبح جو پره ڦٽيءَ ڪان به اڳ گهر پهتو. زالُ کي قصو ڪري ٻڌايائين ته سندس اڪيلي ڌيءَ به اڪيون مهنٽي اٽي ويئي. ان اها ڳالهه ٻڌي ڪو ڦيرو ڦيريو. چيائين ته "بابا ائين جهوريءَ ۾ جُهرڻ مان ڪجهه به نه ورندو. توهان مهمان کي چئو ته ائن ڏينهن ڪان پوءِ اچي پنهنجي مينهن ڪاهي وڃي. تيستائين اسين سندس مينهن کي ڪُچيءَ جو تعويذ سمجهي سنڀاليندا سين. پر منهنجي طرفان سندس ڌيءَ کي به دعوت آهي، مهمان کي چئو ته اچي ته پنهنجي ڌيءَ کي به ساڻ وٺيو اچي".

رحمت صبح جو لسي پاٽي ڪرائيندي، هبڪندي، مُنجهندي، پنهنجي ڌيءَ جي ڏسيل ڳالهه کي مهمان اڳيان رکي. برڪت زماني ۾ اٽيل ويڙهل ماڻهو هو، تنهن سوچيو ته جيئڻ ورهيه لنگهي ويا تيئن اٺ ڏينهن گذرندي ڪهڙي دير لڳندي. اک ڇنڀ ۾ گذري ويندا. تنهن اميد پرٽي اندر سان ڪٽي ڳوٺ ڏانهن واڳون واريون.

مُکي رحمت جي سُگهڙ سياڻي ڌيءَ ڪوٺيءَ مان ٻه ـ ٽي سير ڪٽڪ ڪڍي مينهن کي ڪارائي چڙي. شام تائين مينهن جيڪي ٻه ـ چار پوڪون هنيون تن ۾ سڄي جي سڄي ڪٽڪ ٻاهر نڪري آئي. هن اهو سڀ مال ميڙي پاٽيءَ ۾ پسائي ڇڏيو، جڏهن ڇيٽو ڳري داٿن ڪان جدا ٿي ويو تڏهن وري ٻه ـ ٽي دفعا پاٽيءَ مان ڌوئي، ٻه ـ ٽي ڏينهن اها ڪٽڪ سڪائي، پيهي ان جو اٽو مهمان کي کارائڻ لاءِ الڳ رکي ڇڏيائين.

برڪت ائن ڏينهن جي ها ته ڪري آيو، پر سڄو ڏينهن لوڇ پوڇ ۾ آنڌ مانڌ ۾، ته ساري رات ڇڻ ڪنڊن جي سيج تي ٿي گذاريائين. آرام اصل ڪونه ٿي آيس. وهمن ۾ ويچارن ۾ ٻڏندو ترندو رهيو. آخر اٺ ڏينهن گذري ويا.

اڄ هو پنهنجو ياڻ ۾ نه پئي سمايو جو ورهين ڪان وڃايل مينهن ڪيس واپس ملٽي هئي. ايتري ته اُتاولي هيس جو اجا پره باک ئي نه ڪڍي هئي ته مکيءَ جي گهر پهچي ويو. مُکيءَ به ڪٽي سيني سان لاتس. ياڻ سان آندل نياٽيءَ کي گهر ڇڏي ياڻ پئي اوطاق ڏانهن روانا ٿي ويا. اجا پڄ ٻاري، ريڄ، وٽ جون خبرون ئي نه ڪُنيون هيون ته ٻه چوڪر مهمان لاءِ ماني کٽي آيا. مکڻ، ڏونرو بيضا لسي ۾ ٻنديءَ ۾ ڊڪيل پُرانا. برڪت، رحمت کي به گڏ کائڻ لاءِ صلاح هنئي پر رحمت چيو توهين بسم الله ڪريو مون کي نيراني دوا کاٽي آهي.

برڪت اجان پهريون گره ئي مس ڪنيو ته اُگهڄ آيس ۾ وات ۾ وڌل گراهه ٻاهر وڃي پيو. ڏورابي واري انداز ۾ چيائين مکيڙا، اجان ڪيترا امتحان وٺندين منهنجا! ڇيٽي واري ڪٽڪ جو اٽو ڪينن ٿي منهنجي زبان سهي سگهي"!

بلي، بلي چودري! تو ڪٿيو مون هارايو". برڪت بس ايترو ئي چئي سگهيو. پوءِ ڪجھ سوچي چيائين ته چڱو پلا هاڻي اٿ ته گهر هلي ٿا نيرن ڪيون". گهر ۾ سڀ ڪجھ اڳيئي تيار هو. مرد زالون، ٻار سڀ گڏجي کائڻ ۾ لڳي ويا.

ماني کائي واندا ٿيا ته مکيءَ جي زال هڪڙو وڳو، مٺائيءَ جي پيتي، مٿان ٽي سو ڪن. ربيا برڪت جي ڌيءَ کي سوکڙيءَ ۾ ڏنا. رحمت جي ڌيءَ به هڪڙي پلي چئي برڪت جي ڌيءَ. کي ٻاراڻي ڪيس پنهنجي پيڻ ٻناڻي چڙيو.

برڪت کي مينهن هٿ ڪري پوئتي موٽڻ جي تڪڙ هئي. تنهن پنهنجي امانت جي ڳُهر ڪئي. رحمت اڃا ڪجھ چوڻ تي هو ته ان کان اڳ برڪت جي ڌيءَ چيو ته "بابا منهنجي پيڻ جو کير ٻي سکي رهڻ توکي نٿو وٺي چا؟ اسان کي ڪا به مينهن وغيره وٺڻي ناهي الله هنن کي نصيب ڪري. شل پنهنجو سمجهي پيا هن مينهن جو کير پين. اسان کي خدا جهجهوني ڏنو آهي. خدا کين خوش رکي!"

برڪت ٻي وسيءَ وچان پنهنجي ڌيءَ ڏانهن ڏٺو .... واتان ته ڪجھ نه ڪچيو پر هڪ ڪنبندڙ مرڪ سندس ڏڪندڙ چپن تي آئي ۽ گم ٿي وئي ...!

●●●



موپا سان
چامر وقار حسين قادري

# قبرستان ۾

پنج ني دوست کاڌو کائي چڪا هئا. هو سڀ اڌ پڪي وهيءَ وارا ۽ آسودا هئا. انهن مان ٻه ڪنوارا ۽ ٽن جي شادي ٿيل هئي هو مهيني ۾ هڪ ڀيرو اهڙي نموني گڏ ٿيندا هئا. جيئن پنهنجي جواني جي ياد تازي ڪن. هو رات جي مانيءَ تي گڏ ٿيندا هئا. مانيءَ کان پوءِ ڳالهيون ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته ڏينهن به ٿي ويندو هين اها رات هنن لاءِ زندگي جي خوشگوار رات هوندي هئي. هو اڄ به بهترين دوست هئا ۽ هڪ ٻئي جي ساٿ ۾ خوش هئا. کاڌي کانپوءِ سندن گفتگو ۾ موضوع جو ڪو قيد نه هوندو هو. هو سڀئي ڪنهن شرابي وانگر ڀٽڪندي ڀٽڪندي ڪٿان جو ڪٿان وڃي پهچندا هئا.

هنن ۾ سڀ کان وڌيڪ زنده دل ۽ ڪل مک جو زف ڊي باردوزن هو. هو ڪنوارو هو. ان ڪري پيرس جي رنگين زندگي جي هڪ هڪ لمحي جو لطف وٺندو هو. هو جوان ني هو جو هن جي عمر چاليهن کان مٿي نه هئي. ڪنوارپ جي زندگي هن کي دلچسپ ۽ گهڻن تجربن ۽ مشاهدن سان نوازيو هو. انهن تجربن ۽ مشاهدن هن جي شخصيت کي ڪشش ۽ زنده دلي بخشي هئي. پنهنجي ٽولي ۾ هن کي ذهين سمجهيو ويندو هو.

هو هڪ سٺو قصہ گو هو. هر ڀيري ڪا ڪهاڻي ٻڌائيندو هو. هن جي دوستن کي هميشه ان موقعي جو انتظار هوندو هو. ڪين ڪڏهن به فرمائش جي ضرورت نه پوندي هئي.

هن سگار دکايو ۽ ٻني ڪُونڻيون ميز تي رکي جهڪيو. هن آڌو برانڊي جو جام پيو هو. جيڪو هائي اڌ ٿي چڪو هو. فضا ۾ ڪافي، جي خوشبو ۽ دونهو رقص ڪري رهيا هئا.

"گذريل ڏينهن منهنجو هڪ عجيب تجربي سان واسطو پيو." هن سگار پيئندي چيو.

دوستن هڪ آواز ٿي چيو اسان کي به ٻڌاءِ!"

ضرور توهان کي خبر آهي ته مون کي پيرس گهمڻ سان عشق آهي جينن اڻ لڀ شيون جمع ڪرڻ وارا قيمتي شين جي دڪان جا شوڪيس ڏسندا وتندا آهن. اهڙي طرح مون کي ماڻهن ۽ شين کي هر رخ سان ڏسڻ ۽ جاچڻ جو شوق آهي". هن مزي سان چيو.

"هيءَ سيپٽمبر جي ڳالهه آهي، موسم تمام سٺي هئي، هڪ شام جو مان ائين ئي گهر کان نڪتس، مون کي خبر نه هئي ته ڪاڏي ٿو وڃان. اسان مردن کي هميشه ڪنهن حسين ڇوڪري جي ملڻ جي خواهش هوندي آهي. اسان پنهنجي ذهن ۾ حسين چهرن کي ڏسڻ جو اضافو ڪندا آهيون. پر جڏهن موسم خوشگوار هجي، مٿان سونهري اُس هجي ۽ گرم هوائون هلي رهيون هجن. ان وقت ڪنهن سان ملڻ لاءِ دل گهرندي آهي."

"سو مان گهمندي مونٽ مارٽر قبرستان هليو ويس، امالڪ منهنجو وجود مايوسي سان ڀرجي ويو. مان سوچڻ لڳس هيءُ اُها اداسي آهي جيڪا تڪليف نه ڏيندي آهي، هيءُ ته سوچڻ تي مجبور ڪندي آهي، ته هيءُ رهڻ لاءِ اهڙي خوشگوار جاءِ نه آهي. پر اجا منهنجو هتي اچڻ جو وقت نه آيو آهي ...."

مان آهستي آهستي قبرن جي وچان هلندو رهيس، هن شهر ۾ ڪو پنهنجي پاڙيسري کي نه سڃاڻيندو آهي، پنهنجي پنهنجي هنڌ تي هرڪو اڪيلو هوندو آهي، مان ڪتبا پڙهڻ شروع ڪيا، ڪتبا پڙهڻ دنيا جو دلچسپ ڪم آهي، پر مون کي قبرستان ۾ جا شيءِ پسند آهي سي آهن پراڻيون قبرون.

مان دير تائين گهمندو رهيس، ذهن تازگي جي احساس سان ڀرجي ويو. پوءِ مون کي بوريت جو احساس ٿيو، وڃڻ کان اڳ ۾ مون کي پنهنجي جهوني محبوبه سان به ملڻو هو. ڪيس پنهنجي وفائن جو نذرانو به پيش ڪرڻو هو. انڪري مان هن جي قبر ڏانهن وڌيس، دل تي جڻ ڪو بار هو، هوءِ ايڏي پياري، ايتري سهڻي، ايتري محبت ڪرڻ واري ۽ وفادار هئي جو سوچيندي ئي تڪليف پئي ٿي ته هوءِ ان قبر ۾ سمهي پئي آهي، مان سوچيو، جيڪڏهن هيءُ قبر کوٽجي ته ڇا ڏسڻ ۾ ايندو. اُهو حسن، اُهو سهڻو بدن، هاڻي ته سڀ خاڪ ٿي چڪو هوندو مٽي، مٽي سان ملڻ ۾ دير نٿي لڳائي

لوهه جي ڪٽهڙي تي جهڪندي مان محبت واري سرگوشي ۾ افسوس ۽ دلاسن جا لفظ چيا، مون کي خبر هئي ته هوءِ ٻڌي نه سگهندي، پر ماڻهو جي مرڻ کان پوءِ بيو ڪو شخص، چاهڻ وارو جيڪي ڪجهه ڪندو آهي پنهنجي لاءِ ئي ڪندو آهي.

مان اتان وڃڻ وارو هيس ته پر واري قبر تي هڪ عورت کي ماتمي ڪپڙن ۾ قبر تي جهڪيل ڏٺم، هن جا خوبصورت زلف سندس ڪلهن تي لڏي رهيا هئا، هن جو چهرو ڪارن ڪپڙن ۾ چنڊ وانگر چمڪي رهيو هو، مان پنهنجي جاءِ تي خاموش بيهي رهيس. هوءِ تمام اداس ۽ ڏکويل لڳي رهي هئي، هوءِ پنهنجو چهرو پنهي هٿن ۾ لڪائي آهستي آهستي روئي رهي هئي. هن جون اکيون بند ۽ جسم سانت هو، ان لمحي هوءِ مون کي لاش وانگر لڳي، جيڪا هڪ لاش جو ماتم ڪري رهي هئي. پوءِ اوچتو مون کي ائين لڳو جڻ هوءِ زور سان رڙيون ڪري روئڻ واري آهي، شروع ۾ هوءِ سڏڪا ڀريندي رهي پوءِ هوءِ زور سان روئڻ لڳي جنهن سان هن جو ڪنڌ سڪن پتن وانگر لڏڻ لڳو. هن اکين تان هٿ پري ڪيا. اهي اکيون تمام خوبصورت هيون. ڳوڙهن سبب نيڻن جو حسن اجا وڌي ويو هو. هن ڊنل نظرن سان هيڏي هوڏي ڏٺو، جڻ ڪنهن خوفناڪ خواب مان جاڳي هجي، هن مون کي پاڻ ڏانهن گهوريندي ڏٺو ته شرم وچان پنهي هٿن سان پيهر چهرو ڍڪي ڇڏيائين. هن پيري هوءِ اهڙو زور سان رني جڻ بيهوش ٿي ويندي. ڏسندي ئي ڏسندي هن جو مٿو سنگ مرمر جي ڪتبي تي وڃي لڳو، مان هن جا سڏڪا ٻڌا پوءِ هوءِ قبر تي آ هُلي پئي، هوءِ يقينن بيهوش ٿي وئي هئي.

تڪڙو هن ڏانهن وڌي هن جي هٿن جون ترپون مهٽيم هن جي اکين تي ڦوڪون ڏنم ان وچ ۾ مان ڪتبي جي عبارت پڙهي، هتي لوئيس ٿيوڊور ابدي ننڊ ڪري رهيو آهي، انفنٽري جو ڪپتان هو، ٽانڪن ۾ دشمن سان وڙهندي مار جي ويو. هن لاءِ دعا گهرندا."

مان ڪتبي تي وفات جي تاريخ پڙهي، صرف ڪجهه مهينا اڳ جي تاريخ لکيل هئي. منهنجون اکيون پرجي آيون. مان عورت کي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. آخرڪار هن جون پنبڙيون ڦڙڪيون ۽ اکيون کوليائين.

هن انهن نگاهن سان مون کي ڏٺو، ۽ پوءِ ڳوڙهن ۽ سڏڪن ۾ مون کي ڪپتان جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳي: "هنن جي شادي کي فقط هڪ سال ٿيو هو ته ڪپتان کي جنگ موت جي حوالي ڪري ڇڏيو."

مان هن کي دلاسا ڏنا ۽ سهارو ڏئي اٿارڻ ۾ مدد ڪئي پوءِ مان چيو: تون هتي بيهي نه سگهندين، هلون."

"مون کان هلڻ نٿو ٿئي". هن پٽڪيو.

"مان تـوکي سهارو ڏيندس".

"مهرباني، موسيو، تون تمام مهربان آهين، تون به هتي ڪنهن قبر تي آيو آهين،؟"

"ها، ميڊم".

"ڪا عورت؟"

"ها، ميڊم".

"تهنجي زال؟"

"نه .... محبوبه."

"ڪي ماڻهو محبوبه سان زال کان وڌيڪ محبت ڪن ٿا. محبت ڪو قانون نٿي ڄاڻي."

"ها ميڊم."

هن منهنجي ٻانهه جهلي، اسان گڏ وڌياسين. مان هن کي سهارو ڏئي قبرستان کان ٻاهر وٺي آيس. ٻاهر نڪرندي هن هيٺي آواز ۾ چيو:

"مون کي لڳي ٿو ته مان بيهوش ٿي وينديس."

"جيڪڏهن تون چاهين ته مان توکي اهڙي جاءِ تي وٺي هلان جتي تون پاڻ کي سنڀالي سگهين"

"ها، موسيو."

پرسان ئي هڪ ريسٽورنٽ هو، اهڙن جاين جي پر سان ريسٽورنٽ هوندا آهن، جتي سوڳوار پنهنجن عزيزن سان ملي اچڻ کان پوءِ اُڃ اُجهائيندا آهن. مان هن کي ريسٽورنٽ ۾ وٺي ويس ۽ هن لاءِ چانهه گهرائي. چانهه پيئڻ کان پوءِ هن جي حالت ڪجهه بهتر ٿي، هن جي چپن تي هلڪي مرڪ آئي، پوءِ هن مون کي پنهنجي باري ۾ ٻڌايو.

هوءِ تمام اڪيلي هئي ۽ اڪيلائپ دنيا ۾ سڀ کان وڏو عذاب آهي هن چيو دنيا ۾ ڪو به اهڙو ڪونهي جنهن کي هوءِ پنهنجي اڻ ڪٿ محبت، قرب ۽ پروسي سان نوازي".

هن جي خلوص منهنجي دل تي اثر ڪيو هن جي چپن مان نڪتل اهي ڳالهيون مون کي تمام سٺيون لڳيون. هوءِ نوجوان هئي، شڪل مان هن جي چمار ويهه سال ٿي لڳي. مان هن جي ڏاڍي ساراهه ڪئي، جنهن کي هن وقار سان ٻڌو. پوءِ مان محسوس ڪيو ته دير ٿي رهي هئي. مان هن کي

گهر ٽيڪسي تي پهچائڻ جي آڇ ڪئي. هن منهنجي آڇ قبولي ٽيڪسي ۾ اسان هڪ ٻئي جي ايڏو قريب هئاسين جو اسان جا ڪلها هڪ ٻئي سان لڳي رهيا هئا. جسم جو گرم احساس ٿي رهيو هو. جيڪو دنيا جي وڏ ۾ وڏ پريشان ڪندڙ شيء آهي.

ٽيڪسي هن جي گهر پرسان پهتي ته هن چيو "مان چوٿين منزل تي رهندي آهيان. مون کان ڏاڪڻ چڙهي نه ٿيندي، تون مون تي ايترو مهربان آهين، مهرباني ڪري سهارو ڏئي مون کي پنهنجي ڪمري تائين پهچاء مان جهٽ راضي ٿيس، هوء آهستي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي هن جو ساهه منجهيل هو. دروازي تي پهچندي هن چيو: "ڇا تون ڪجهه منٽ اندر ايندين، مان تنهنجي ڪجهه ميزباني ڪريان."

مان آڇ قبول ڪئي.

ڪمرو تمام سٺو هو، سادو پر سليقي سان سينگاريل. اسان صوفي تي گڏ ويٺاسي، هن وري پنهنجي تنهائي جي ڳالهه ڪندي.

نوڪرياڻي کي سڄڻ لاء گهنٽي وڄائي ته جيئن چانهه يا ڪنهن ٻي شيء لاء چئي. پر نوڪرياڻي نه آئي. مون کي ان جي خوشي ٿي، ان جو مطلب آهي ته نوڪرياڻي صبح کان پهريان نه ايندي

هن ٽوپي لاٿي، هن جون خوبصورت ۽ چمڪندڙ اکيون مون کي ڏسي رهيون هيون، هن جي نظرن منهنجي اندر ۾ عجيب بي چيني پيدا ڪئي، مان پاڻ تي قابو نه رکي سگهيس. مان هن کي ٻانهن کان جهليو ۽ هن جون اکيون اوچتو بند ٿي ويون. مان هن کي چمندو رهيس.

هوء مون کي پري ڪندي رهي. پليز موسيو .... پليز .... پليز ...." هوء مسلسل چوندي رهي.

ان لفظ جو مطلب ڇا هو، ان صورت ۾ هن لفظ جون ٻه معنائون هيون، مان پنهنجي مطلب جي معنيٰ ڪيدي ۽ هن جي ان پليز کي نه ٻڌو هن به گهٽي رنڊڪ نه ڪئي، جيڪي ڪجهه ٿيو، اهو منهنجي خيال ۾ "ٽانڪن" ۾ مرڻ واري ڪپتان جي ياد لاء شرم جهڙو هو.

تڏهن اخلاق ۽ مهرباني سان هڪ ڪلاڪ نرم گفتگو ڪرڻ کان پوء مان هن کان پڇيو، "تون ڊنر ڪاٿي ڪندي آهين؟"

هتي ويجهو ريسٽورنٽ آهي."

"اڪيلي"؟

"ها"

"مون سان گڏ ڊنر تي هلندين؟ء"

"ڪاٿي؟"

"بلي وارڊ وٽ هڪ تمام سٺو ريسٽورنٽ آهي."

هن انڪار ڪيو. مان اصرار ڪندو رهيس. مون کي هن جي تنهائي ۽ مسلسل بوريت جو احساس ستائيندو رهيو. آخرڪار هوء مڃي وئي، هن چيو، "مان هي ڪپڙا تبديل ڪيان."

هوء بيڊروم ۾ هلي وئي. واپس آئي ته سادن ڪپڙن ۾ هئي، جيڪي هن تي ٺهيا ٿي، ڊنر تمام

سني رهي شمپئين پيئڻ کان پوءِ هوءِ جڻ جيئري ٿي وئي هئي. مان هن کي هن جي ڪمري تي واپس وٺي آيس.

هيءَ دوستي جيڪا قبرستان کان شروع ٿي هئي، ٽي هفتا هلندي رهي پر مردن کي يڪسانيت ڪٺ ڪري ڇڏي ٿي خاص ڪري عورتن جي يڪسانيت سخت بيزاري واري آهي. مان هن کان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ ضروري سفر جو بهانو ڪيو. جدائي وقت مان وڏي سخاوت ڏيکاري، هوءِ ڏاڍي شڪر گذار ٿي. مون کان وعدو ورتو، قسم کڻايو ته سفر کان واپس ايندي هن وٽ ايندس. شايد هوءِ منهنجي محبت ۾ گرفتار ٿي وئي هئي.

مان ٻي محبت جي ڳولها ۾ نڪري ويس. هڪ مهينو گذري ويو، مان هن کي نه وساريو هو، هن جي ياد ۾ عجيب سرور هو، جڻ ڪو نفسياتي مسئلو هو، هوءِ ان ڏکي سوال وانگر هئي جنهن جو جواب اسان لاءِ مسئلو هوندو آهي، هڪ ڏينهن بنا سوچ جي مان "مورنٽ قبرستان" وڃڻ جو ارادو ڪيو خبر نه آهي ڇو؟

مان قبرن جي وچ ۾ هلندو رهيس، قبرستان ۾ ڪافي ماتمي ماڻهو هئا. اُهي جيڪي پنهنجي وڇڙيل پيارن کان اجا تائين رشتو نه ٽوڙي سگهيا هئا. ٽانڪن جي قبر تي ڪا به عورت ماتم نه ڪري رهي هئي نه قبر تي گلن جي ڪا چادر هئي

مان دير تائين هيڏي هوڏي گهمندو رهيس. اوچتو مون کي قبرن جي وچين رستي تي هڪ جوڙو ايندو نظر آيو، هو ٻئي ڏک ۾ بي حال نظر اچي رهيا هئا. هو ويجهو آيا ته مان هن کي سڃاڻي ورتو، منهنجي حيرت جي انتها نه رهي، هوءِ ساڳي هئي.

منهنجي ڀرسان لنگهندي هن مون کي اشارو ڪيو، هن جون نظرون چئي رهيون هيون، "..... پليز مون کي سڃاڻجاءِ نه." ان سان گڏ هن جون نظرون اِهو پڻ چئي رهيون هيون، "واپس اچي مون سان ملجاءِ ڊارلنگ مون کي تنهنجو انتظار آهي."

مان هن جي ساٿي کي غور سان ڏٺو هو خوش لباس ۽ شريف انسان هو. عمر پنجاهه جي لڳ ڀڳ هوندس. هو هن کي سهارو ڏئي رهيو هو، جيئن پوٽا ۾ مهينا اڳ مان کيس سهارو ڏنو هو.

مان حيران ٿي ويس. سوچيندو رهيس ته قبرستان ۾ شڪار ڪرڻ واري هيءَ مخلوق ڪهڙي نسل جي آهي. ڇا هيءَ عام عورت آهي؟ يا، هيءَ ماتمين جو ڏک هلڪو ڪندي آهي. مان سوچيو! هيءَ اڪيلي آهي؟ يا ٻيون به اهڙيون آهن؟ اهو انهن جو پيشو آهي؟ ڇا اهي رستي وانگر قبرستان ۾ شڪار ڪنديون آهن؟ بهرحال ڏک هلڪو ڪرڻ لاءِ قبرستان اچڻ وارا هن جي چار کان ڪيئن بچي سگهن ٿا.

مان سوچيو، ڪاش، مون کي معلوم ٿي سگهي ته ان ڏينهن هن پنهنجي رن زال هئڻ لاءِ ڪهڙي قبر ۽ ڪهڙي نالي کي منتخب ڪيو آهي.

●●●

ولي رام وليءَ

# زلاٽا جي ڊائري

"جيڪڏهن اوهان بوسنيا جي انساني رتوڇاڻ جي عڪسن سان ڊنجي ويا آهيو، اُتان جي دوزخ جهڙيون تصويرون ڏسڻ تي هيرايا ويا آهيو، جيڪي ٽي. وي خبرن ۽ اخباري اڳ وارن صفحن کي داغدار ڪنديون رهن ٿيون، ۽ انهن ۾ اهو ڳولڻ کان بيزار ٿي چڪا آهيو ته اهي شيطان ڪير آهن. ته اهڙي صورت ۾ هڪ ننڍڙي معصوم نياڻيءَ جو آواز شايد اوهان جي دل ۾ رحم جو جذبو وري جاڳائي وجهي"

مٿيان لفظ رابن آبڪارين جا آهن، جيڪي هن هڪ يارنهن ورهين جي سراجيوو ڇوڪري، زلاٽا فِليپووِڪ جي ڊائريءَ کي متعارف ڪرائيندي لکيا آهن. هو لکي ٿو ته زلاٽا ايندڙ ٣ ڊسمبر تي تيرهن ورهين جي ٿي ويندي. هن پنهنجي ڊائري لکڻ جي شروعات ١٩٩١ع ۾ پنهنجي يارهين جنم ڏينهن تي ڪئي هئي، جيڪا سندس ٽيچر بوسنيائي لڙائيءَ جي مخالف گروهه جي حوالي ڪئي هئي، جتهن اُها گذريل جولاءِ ۾ شايع ڪرائي آهي.

انسان پنهنجي تهذيب يافته هجڻ جي ثابتيءَ ۾، مختلف حوالن سان جيڪو انساني رت وهايو آهي، تاريخ جا ورق اُن سان ڀريا پيا آهن، پر ادب جنهن اک سان رتوڇاڻ جي انهن واقعن کي ڏسي ٿو، اُها انساني قدرن ۽ رشتن جي شناس ۽ جاڻ رکي ٿي. ٻي عظيم جنگ دوران نازين جي ظلم ۽ بربرّيت جا داستان ڪتابن جي ورقن ۽ فلمن جي ويڙهن ۾ محفوظ پيا آهن، پر اين فرينڪ جي ڊائريءَ کي اهم جاءِ انهيءَ ڪري حاصل آهي جو اها ڊائري عالمي ادبي دنيا ۾ انساني ضمير جي آواز طور ڄاتي وڃي ٿي، جنهن تهذيب يافته انسان کي جهنجهوڙي ڇڏيو آهي. اهڙي ئي هڪ ڏک ڀري ڊائري زلاٽا فليپووڪ جي آهي، جنهن ۾ هن انهيءَ معصوم سچائيءَ سان بوسنيا ۾ ٿيندڙ انساني ڪوس جي واقعن تان، پنهنجي ٻِتڪڙي هٿ جي ننڍڙين ۽ نازڪ آڱرين ۾ قلم جهلي، پردو کنيو آهي، جنهن معصوم سچائيءَ سان لوڪ ڪهاڻي واري ننڍڙي معصوم ٻار ساراهيندڙ سموري رعايا جي وچ مان جلوس ۾ گذرندڙ سندن اگهاڙي بادشاهه کي اگهاڙي هجڻ جو سچ ٻنان ڊپ ڊاءِ جي چئي ڏنو هو.

گذريل اونهاري ۾، سراجيوو ۾ ڊائريءَ کي ڇاپي خاص تقريب ۾ پڌرو ڪيو ويو ته زلاٽا ماڻهن جي ميڙ کي ٻڌايو ته ڪيس گهيري ۾ قاتل هڪ اهڙي تارو وانگر محسوس ٿيو هو، جنهن کي سندس مرضيءَ جي اُبتڙ تڏي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هجي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته "آئون پاڻ کي عجب ۾، اُداس، ناخوش ۽ ڊنل محسوس ڪريان ٿي، ۽ مون کي حيرت آهي ته اُهي مون کي ڪيڏانهن وٺي ٿي ويا. مون پنهنجي ٻالپڻ جو مزو ماڻيو. آئون اُتي سرگرم هيس، ٻين ٻارن وانگر خوش هيس، جن جو ٻالپڻ برباد ڪيو پيو وڃي.

سراجيوو جي نياڻي، زلاٽا فليپووڪ جو پنهنجي ڊائري، ۾ اوتيل ڏک ۽ خوف هيٺئين ٽڪري مان محسوس ڪري سگهجي ٿو:

٢٦ ڊسمبر ١٩٩١ع: موسيقي، جي اسڪول ۾ اڄ سال جو آخري ڏينهن هو، آئون موسيقي، جي اسڪول جي امتحان ۾ "اي" "سُپر" ۾ پاس ٿي آهيان. سَنٽريسيسي ٽي. وي. وارن کي خط لکيو هئم. جن انعام طور "ننجا ٽرٽلس شو" جو ٽڪيٽ ڏياري موڪليو آهي. ڪالهه ڪرسمس جو ڏينهن هو ۽ اسان مارٽينا ۽ ماتينا سان ملڻ وياسين. امان ۽ بابا جن سردان کي ڊبرووَنڪ ۾ تحفو موڪليو. ڊبرووَنڪ ۾ ڇتي ويڙهه جاري آهي. يوم نؤ سال ويجهو آهي. خبر ناهي، اسان اهو ڏهاڙو ڪٿي يا ڪنهن سان ملهائڻ ويندا سين.

٣٠ مارچ ١٩٩٢ع: هيلو ڊائري! تو کي خبر آهي ته آئون ڇا ٿي سوچيان؟ اين فرينڪ پنهنجي ڊائري جو نالو ڪِٽي رکيو هو. ٿي سگهي ٿو، آئون به تو کي ڪو نالو ڏيان. اسفالتينا، سيفيڪا سيولا، ممي يا ٻيو ڪو؟ آئون تو کي ممي ڪري ڪوٺينديس .... سياڻي، چيو اٿن ته اسان کي اسڪينڊريجا جي ڪلاسيڪي موسيقي، جي محفل ۾ وڃڻ گهرجي. منهنجي ٽيچر چيو آهي ته اسان اوڏانهن نه وڃون. اُتي ڏهه هزار ماڻهن ۽ ٻارن جو ميڙ هوندو. معاف ڪجو ۽ متان ڪو اسان کي يرغمال نه ڪري يا موسيقي، جي هال ۾ بم نه ڦٽو ڪري. امان مون کي چيو ته نه وڃ، تنهن ڪري نه وينديس. مون کي اها ڳالهه ٻڌائڻ جي همٿ نٿي ٿئي. ميليڪا هيئر ڊريسر جي دڪان تي ٻڌو ته ڇنڇر جو، ٤ـ اپريل تي سراجيوو تي بم اُڇليو ويندو.

٣ اپريل، ١٩٩٢ع: پياري ممي، جيڪڏهن سراجيوو تي ڪو بم اُڇلي ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ عذرا اڄ آسٽريا ڏانهن اُسهي ٿي. ڪيس لڙائي کان ڊپ ٿو ٿئي. آئون ايم. ريڊيو ٻڌان پيئي. آئون پاڻ کي وڌيڪ محفوظ پيئي محسوس ڪريان. امان چوي ٿي ته ميليڪا جيڪي هيئر ڊريسر جي دڪان تي ٻڌو آهي، اها غلط خبر آهي. او خدا! شل ائين نه هجي. مِمي، مون کي تو سان محبت آهي.

٦ اپريل ١٩٩٢: (سراجيوو جو گهيرو شروع ٿي ويو آهي). هتي ڪا به شي، ۽ ڪو به ماڻهو محفوظ ناهي! باسڪرسيجا تباهه ٿي ويو آهي. ماڻهو ڪالهه کان پارليامنٽ ۾ آهن. منجهانئن ڪي پارليامنٽ جي سامهون ڊرٽو ڏيئي ويٺا آهن. هاڻي هاليڊي ان (هوٽل) جي ڇت تان مٿن گوليون پيا هلائين. ٿي سگهي ٿو ته اسان تهخاني ۾ هليا وڃون. تون، ممي، پڪ سان مون سان گڏ هلندين.، آئون ڏاڍي پريشان آهيان. ممي، هتي لڙائي پيئي هلي! هاڻي ماٺ ڪري ويهه! گهر جي آس پاس هاڻي گولين جا آواز نه پيا ٻڌجن. ٺڪ ٺڪ. آئون بخت جي بهتري لاءِ ڪاٺ تي ٺڪ ٺڪ ڪريان ٿي. ساهه ڪٽان ٿي! اهو سڀ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي، پر آهه! هو وري پيا گوليون هلائين؟؟!

١٥ اپريل ١٩٩٢ع: پياري ممي، موجميلو جي گهر تي خطرناڪ گوليون پيون هلن .... ڪيڪا، براڪو ۽ امان سڀ روئڻ پيا. ۽ "هو" ٽڪرين تان اسان ڏانهن دستي بمن سان رڙهندا وڌندا پيا اچن. اوهه! ماڻهو ڇو ٿا لڙايون ڪن؟ پيار مان زلاٽا.

۲۳ اپريل ۱۹۹۲ع: سراجيوو ۾ اجوڪو ڏينهن ڏاڍو خوفناڪ هو. هر طرف کان گولا پيا ڦاٽن، ماڻهو ۽ ٻار پيا مرن، هر هنڌ گوليون پيون هلن. اسان شايد سموري رات تهخاني ۾ گذاريون. هاڻي آئون تيار ٿي رهي آهيان. ڪيڪ، جوس، تاس جي جوڙي ۽ ٻيون شيون پنهنجي ڪُلهي. ڳوٿري ۾ وجهان ٿي. ٻتوبن جي گولين ۽ بارود ڦاٽڻ جا آواز ٻڌان ٿي. پيار مان زلاٽا.

۲۸ اپريل، ۱۹۹۲ع: پياري ممي ... واؤ! سيپني هليا ويا. رڳو آئون پنهنجي دوستن کان سواءِ هتي رهي پيئي آهيان.

۲۹ اپريل ۱۹۹۲: پياري ممي .... هن لڙائي جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکنديس، جيڪڏهن لکي سگهيس. پر اهي سمورا ڏکارا واقعا ياد ڪريان ٿي ته برداشت نٿي ڪري سگهان. آئون انهن کان ڏاڍي بيزار ٿي وئي آهيان! مون تي ناراض نه ٿج. پيار مان زلاٽا.

۲۰ مئي ۱۹۹۲ع: پياري ممي، ۵ مئي تي پارڪ ۾ بم يا گولو ڪريو. گهڻائي ماڻهو زخمي ٿيا .... سلمي گردي کان وانجهجي وئي ۽ نينا مري وئي. شيل جو ٽڪرو سندس مغز ۾ گهڙي ويو ۽ هوءَ مري وئي. اوهه، هوءَ ڪيڏي پياري ۽ سٺي ڇوڪري هئي! اسان ڪنڊر گارٽن ۾ گڏ هيوسين ۽ پارڪ ۾ گهڻو ڪري کيڏنديون هيوسين. آئون نينا لاءِ هڪ گلدستي جي تصوير ٺاهينديس، جيڪا هن ٻچان ڏيندڙ لڙائي ۾ مارجي وئي!

۲۷ مئي ۱۹۹۲ع: پياري ممي .... قتل! رتوڇاڻ! ڌڪا!، ڏوهه رت! رڙيون! اهو واسو مسڪن گهٽيءَ جي اجوڪي منظر جو تفصيل آهي. ٻه گولا گهٽيءَ ۾ ڪريا ۽ هڪ گولو مارڪيٽ ۾ ڪريو. امان ته تمام پرسان هئي. بابا ۽ آئون ته چريا ٿي پيا هناسين جو امان واپس نه موٽي هئي. انين وڳي شام جو بابا امان جي پڇا ڪرڻ لاءِ اسپتال وڃڻ جو فيصلو ڪيو، پر گهڙي ڪن کان پوءِ اسان ڪيس پل تان ڊوڙندي ايندو ڏٺو. هوءَ جڏهن گهر ۾ گهڙي ته سموري ڏڪي پئي. ٻچندي ئي چيائين، "مون ماڻهن کي ڪُسجندي ڏٺو!

۱۸ جون ۱۹۹۲: اسان جو ۲۰۰ سال پراڻو ڊوبروسيويسي وارو گهر ساڙي ڇڏيائون. (اسان گذريل اونهارو اُتي گذاريو هو). سمورو سڙي ويو، پيڙهه جي پٿر تائين. اسان جا پاڙيسري زِگا، ميهو ۽ بيسر مارجي ويا. ڊاڪٽر جو گهر پڻ سڙي ويو. ڪافي ماڻهو قتل ٿي ويا.

۲٦ جون، ۱۹۹۲ع: ڪَن تا ڪاچن! گولي پيئي هلي! گولا پيا ڦاٽن! ماڻهو پيا مارجن! مايوسي! ٻُڪ! مصيبت! ڏهڪاءُ! اها منهنجي زندگي آهي ۱۱ سال معصوم اسڪولي ڇوڪريءَ جي زندگي!!!

۱۳ آگسٽ ۱۹۹۲ع: پياري ممي .... گذريل ڏينهن کان وٽي اسان وٽ نه پاڻي آهي نه بجلي.

۱۵ سيپٽمبر ۱۹۹۲ع: پياري ممي .... منهنجي ادبي سنگت جو هڪ ڇوڪرو مارجي ويو. هڪ گولو عمارت جي سامهون اچي ڪريو ۽ اُن جي هڪ خوفناڪ ٽُڪري، ڪيس پنهنجو ٻَڪ بنائي ڇڏيو. خدايا .... هتي ڇا پيو ٿئي ....؟

●●●

# ۽ سمنڊ ڳالهائي ٿو

هُن جو نالو سڄل هو. هُو فلسفي جو شاگرد ۽ تاريخ ۾ گهري دلچسپي رکندڙ نوجوان هو. هُو زندگيءَ جي ٽن ڏهاڪن جو هڪ هڪ لمحو ڪنهن زخم تي پهي رکڻ واري حاصلات جي جستجو ۾ گذاري چڪو هو. شهر جو چوٿائو حصو هِن کي چهري ۽ اڌ حصو هن کي نالي سان سڃاڻندو هو. هن جي واقفڪارن ۾ شهر جا موچي، مستري، اخباري هاڪر معزن ۽ شرفاءِ کان وٺي ڪمي، ڪاريگر ۽ قلمڪار شامل هئا. هن جي سلسلي ۾ هر ماڻهو جي راءِ ٻئي ماڻهو جي راءِ کان مختلف هئي ۽ هو ان خيال جي ماڻهن مان هو جيڪي پنهنجي سلسلي ۾ تعريف ۽ تنقيد ٻڌڻ جا قائل نہ هوندا آهن. اهڙا ماڻهو فقط ان راءِ جا هوندا آهن تہ هنن پنهنجي زندگي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو، لکيو ۽ سوچيو آهي اُهو درست ۽ صحيح آهي ۽ هو ان کي آڏو رکندي. پنهنجي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. نہ صرف ايترو پر هو هر ماڻهو لاءِ پڻ اهو ئي سوچيندا آهن، جيڪو هو پنهنجي ذات لاءِ سوچيندا آهن. ان ڪري گهڻي ڀاڱي ماڻهو هنن کي اصول پرست، انسان دوست، پڙهيل، لکيل، باشعور ۽ نيڪ ماڻهو سمجهندا آهن. شهر ۾ ايڏي ناموس ۽ واقفڪاري هئڻ جي باوجود بہ هن جي روح جو رشتو فقط چند ماڻهن سان سلهاڙيل هو ۽ ٻُنجي انهن چند ماڻهن مان هڪ هو.

ٻُنجي ميڊيڪل جي آخري سال جو شاگرد، علم، ادب ۽ آرٽ سان گهري دلچسپي رکندڙ نوجوان هو. اڌ يورپ گهمڻ جي باوجود بہ هو پنهنجي روين ۾ هڪ سادو سودو مشرقي طرز جو ڳوٺاڻو نوجوان لڳندو هو، جيڪو شهر جي شور ۾ وڃائجي ويل ڪنهن پار جيان اٻاڻڪو ۽ معصوم هو. هن جي معصوم دل سدائين اهو سوچيندي رهندي هئي تہ هي ڪائنات، ان ڪائنات ۾ اک کوليندڙ ۽ ساهہ کڻندڙ پنهنجي بي انتها رنگينين سان ڪيڏا نہ خوبصورت ۽ دلڪش آهن. هي جهنگل، هي پهاڙ، هي سمنڊ، هي وڻ، گل، ٻوٽا، ماڻهو ۽ هي ماڻهو جون تخليقون ڪيڏيون نہ خوبصورت ۽ دلڪش آهن. انهن جي خوبصورتي ۽ دلڪشي هن جي هر ساهہ ۽ پساهہ ۾ سمايل هئي. هن کي قدرتي حسن سان عشق جنون جي حد تائين هو. هن کي ڏاڍو ڏک رسندو هو جڏهن ڪو وڻن کي وڍيندو گلن کي پٽيندو ٻوٽن کي لتاڙيندو خوشبوئن کي هاريندو ماڻهو جي چهري جي رنگينين ۽ رونقن کي بگاڙيندو ۽ پنهنجي چهري تي ماسڪ چاڙهي هلندو هو. هو خوبصورتي ۽ امن جا گيت جهونگاريندڙ ۽ سپنا ڏسندڙ نوجوان هو. سڄل ۽ ٻنجي جي وچ ۾ جڙيل روح جي، رشتي جي هڪ تند اها بہ هئي، ٻنجي پنهنجي مزاج ۾ گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ گهڻو پڙهندڙ تصور ڪيو ويندو هو. هن سڄل جي لائبريري جا تقريبن سيئي ڪتاب پڙهي پورا ڪيا هئا. هنن جا فليٽ هڪ ئي ڪامپليڪس ۾ ڪجهه مفاصلي تي مختلف بلاڪن ۾ هوندا هئا. جتي ٻنجي پنهنجي ابي، امان ۽ ڀاءُ سان گڏ ۽ سڄل اڪيلو رهندو هو.

سچل بنجي جو دوست هو ۽ ساڻس هن جو رويو شفقت ۽ محبت ڀريو هوندو هو ۽ بنجي بہ هن کي عقيدت جي اکين سان ڏسندو هو. هن ٻنهي ۾ هڪ ڳالھ بلڪل هڪ جهڙي هوندي هئي ۽ اُها هئي انسان، ڪائنات ۽ ان جي حقيقي حسن سان محبت ڪرڻ. هن جون اڪثر شامون گڏ گذرنديون هيون ۽ جڏهن هنن جو من مايوس ۽ هاڻ؛ هراسيل هوندو هو تہ هو ٻئي شهر کان ٻاهر سمنڊ تي هليا ويندا هئا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انسان، ڪائنات، حسن ۽ امن تي ڳالهائيندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هنن جون ڳالهيون هڪ پوري دور جي تاريخ لڳنديون هيون، جنهن ۾ زندگي جا سڀئي رنگ ايبسٽريڪٽ آرٽ جيان موجود هوندا هئا. ۽ پوءِ جڏهن هنن جي من جي سمنڊ جون ڇوليون مائيون ٿي وينديون هيون تڏهن هو پنهنجي گهرن ڏي موٽي ايندا هئا. رات جا رستا مرڪيوري بلبن سان هنن جي آجيان ڪندا هئا.

۽ ان ڏينهن جڏهن سچل جو من ڏاڍو مايوس هو، ڪنهن بہ ڪم ۾ هن جي دل نٿي لڳي، ڪتابن جا پنا اٿلائي ٿڪجي پيو هو. ڪاغذن تي ابتا سبتا ليڪا پائي ورچجي پيو هو تڏهن بنجي سان گڏجي سمنڊ تي هليو آيو، الائي ڇو هنن ٻنهي کي سمنڊ ايترو ئي وڻندو هو، جيترو انسان، ڪائنات ۽ حسن. هو سمجهندا هئا تہ جيئن سمنڊ جو ڪوبہ انت نہ ٿيندو آهي تيئن انسان پڻ شايد فطري ۽ فڪري حسن جو وڏو حصو سمنڊ ۽ انسان ۾ آهي ۽ ٻنهي جو ڪوبہ انت نہ ٿيندو آهي. ۽ ڪائنات جي هر شيءِ بي انت ٿيندي آهي. سچل جون اکيون جڏهن بہ سمنڊ تي رقص ڪنديون هيون تہ هن کي سمنڊ جي هر ڇولي ڪنهن رومينٽڪ ڪتاب جو باب لڳندي هئي جنهن مان ڇڻ هن جي وڇڙيل محبوبا پنهنجون ٻئي ٻانهون ٻاهر ڪيدي هن کي پاڻ ڏي سڏيند ي هجي ۽ پوءِ هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ موت ۽ حيات جي فلسفي تي سوچيندو ۽ ڳالهائيندو رهندو هو، ۽ ان شام جڏهن سج ڪائنات کي الوداع چئي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي رهيو هو تہ هو سمنڊ جو ڪنارو ڏئي مسلسل هلندا رهيا. ان شام سمنڊ جي ڇولين جو ڇهاءُ هنن جي قدمن ۾ ٿي ٿيو ۽ هنن سمنڊ جي ان ادا تي مسڪرائي ٿي ڏنو، مرڪ هنن جي چپن تان ٿيندي هنن جي چهري تي وکري ٿي وئي. ان شام سمنڊ جي ڪناري جنهن جو ڪيل سفر خاموش هو، بلڪل خاموش هو سواءِ ان هڪ مرڪ جي. شايد لفظ ۽ جملا هنن کان ڪوهين ميل دور موڪلائي ويا هئا. هو خاموش بلڪل خاموش هلندا رهيا. هنن جي پيرن جا نشان سمنڊ جي واريءَ تان مٽجندا پاڻي ۾ وڪرندا ٿي ويا ۽ پوءِ هلندي هلندي اوچتو ئي اوچتو بيهي رهيو، ڇڻ وقت بيهي رهيو، ڇڻ سمنڊ بيهي رهيو ۽ ڇا ڪڏهن وقت ۽ سمنڊ بہ بيٺو آهي؟ ڪا دير سچل جون اکيون سمنڊ جي پيشاني تي لکيل ڪا عبارت پڙهنديون رهيون ۽ پوءِ هن بنجي کي ڏسڻ کان سواءِ ان شام جو پهريون جملو چيو، "بنجي! هڪ ڳالھ ٻڌايان."

"ٻڌاءِ" بنجي مختصر جواب ڏنو.

"توکي خبر آهي تہ مون کي موت کان ڪيترو ڊپ لڳندو آهي!" سچل سمنڊ کي ڏسندو رهيو، هنن ٻنهي جي روحن جون سرمست ڇوليون هڪ ٻئي سان ٽڪرائبيون رهيون.

"سچل! موت جو خوف تہ زندگي سان محبت جو احساس ڏياريندو آهي ۽ خود احساس هئڻ جي علامت هوندو آهي." بنجي ورائيو. سچل سمنڊ مان اکيون ڪيون تہ سمنڊ سچل جي اکين ۾ اوتجي

آيو ۽ پوءِ جڏهن اکين جي اسمان تان بادل برسڻ کان سواءِ مڙني ويا تہ پوءِ بہ هو ڪجهہ دير خاموش بيٺو رهيو، جڻ ذهن جي ڊڪشنري مان لفظن جا موتي ميڙيندو هجي. ۽ پوءِ جڏهن لفظ جملن جي مالها ۾ پونجي هن جي آڏو آيا تہ چيائين، "... پر ... پر بنجي آئون مرڻ نٿو چاهيان." بنجي کي سچل جو اهو جملو سندس معصوم روح مان ڪنهن بي سمجهہ پار جي دانهن جيان محسوس ٿيو ۽ ان وقت بنجي سچل جي اکين ۾ موت جي خوف جو اولڙو ڏسي، ذري گهٽ ڇرڪي ويو. موت! جواني جو موت!! خوف ۾ ويڙهيل زندگي جو موت!!! ان آخري احساس بنجي جي وجود کي ڌوڏي وڌو ۽ بنجي جي ذهن ۾ سچل جو انسان، ڪائنات، حسن، امن، حيات ۽ موت جي فلسفي تي گذريل هفتي يونيورسل هال ۾ ڏنل ليڪچر جو هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ جملو هري آيو ۽ پوءِ هن پنهنجي خيالن کي الوداع چئي ۽ پنهنجي سيني حواسن کي ڪَٺو ڪندي چيائين، "سچل! اهو ناممڪن آهي. موت حقيقت آهي. سچ آهي. حقيقت ۽ سچ کان ڪڏهن بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي."

"پر ... پر بنجي اهو موت جو خوف مون کي اندران ئي اندران کائي کوکلو ڪري رهيو آهي. ڏس! آئون ان تي سوچي سوچي ڪيڏو نہ لهي ويو آهيان." سچل رحم واري حالت ۾ پاڻ کي ڏسڻ لاءِ هن آڏو ليلايو.

"اهو تنهنجو وهم آهي سچل، ۽ چوندا آهن تہ وهم جو علاج لقمان حڪيم وٽ بہ نہ هو." سچل کي مجرائڻ لاءِ بنجي دليل ڏنو.

"لقمان حڪيم ۽ ايڪويهين صدي جي دور ۾ فرق آهي بنجي! لقمان حڪيم جي دور ۾ واقعي وهم جو علاج نہ ٿيندو هو پر اڄ وهم نفسيات جي جديد نالي سان هڪ علم جي حيثيت سان اسان جي آڏو آيو آهي. نہ صرف اسان جي آڏو آيو آهي پر پنهنجو پاڻ کي مجرايو بہ اٿس ۽ اڄ وهم جو ڪامياب علاج سائڪيائرسٽ ڪري رهيا آهن." سچل جي ڳالهہ ڪرڻ، دليل ڏيڻ، ڳالهہ ۽ دليل جو تسلسل ملائڻ مان محسوس ٿي رهيو هو تہ موت جو خوف آهستي آهستي هن جي ذهن مان نڪرندو ٿي ويو ۽ آهستي آهستي هن جي اکين ۾ زندگي جي خوبصورت پري موٽندي ٿي آئي. بنجي محسوس ڪيو هو تہ سچل کي خوف ۽ مايوسي جي ڏٻڻ مان ڪڍڻ لاءِ ڪچهري جو علاج ڪافي هو ۽ هن گفتگو کي وڌائڻ ٿي چاهيو. ڇاڪاڻ جو هن کي خبر هئي تہ سچل جي ڳالهائڻ کان پوءِ هن جي دل تان غم جو غبار لهي ويندو ۽ پوءِ ڳالهہ کي وڌيڪ ڇوڙڻ لاءِ چيائين، "پوءِ تون انهن کان علاج ڇو نٿو ڪرائين؟"

"ان ڪري جو آئون پنهنجو علاج پاڻ ڪري سگهان ٿو." هاڻي سچل جي ڳالهائڻ ۾ آهستي آهستي اعتماد موٽندو ٿي آيو.

"پوءِ تون پنهنجو علاج پاڻ ڇو نٿو ڪرين ۽ ان ڪربناڪ تصور ۾ ڇو ٻڇي ۽ ٻجري رهيو آهين." بنجي چيس.

"ذهن ورهين کان تہ پنهنجو علاج پاڻ ڪري رهيو آهيان." سچل پُرسڪون انداز ۾ وراڻيو.

"اهو وري ڪينئن؟" بنجي پڇيو. سچل سمنڊ کي پٺي ڏئي آهستي آهستي فارول رسٽورنٽ ڏي هلڻ شروع ڪيو. هو ٻئي ڪجهه دير خاموش هلندا رهيا. سچل ماضي جي يادگيرين کي هڪ هڪ ڪري ميڙڻ لڳو ۽ پوءِ جڏهن انهن ڳالهين جو تسلسل هن جي ذهن ۾ جڙي آيو ته هن هڪ وڏو ٿڌو شوڪارو ڀريو، ڄڻ هن انهي ٿڌي شوڪاري ۾ اندر جو سڄو درد ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ چيائين."بنجي! توکي خبر آهي ته اڄ کان ڏه ورهيه پهريائين ڏاڙيلن مون کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر آئون ڳوناٽن جي مزاحمت ۽ مقابلي جي ڪري بچي ويو هنس پر ڏاڙيلن جو رعب، دٻدٻو ۽ دهشت منهنجي شعور جون سرحدون اورانگهي منهنجي لاشعور ۾ سمائجي ويا ۽ ڪوڙ سارن مهينن کان پوءِ ڏاڙيلن جي ان رعب، دٻدٻي ۽ دهشت منهنجي اندر ۾ هڪ نامعلوم ڊپ ۽ خوف کي جنم ڏنو ۽ اهو ڊپ ۽ خوف اڄ به منهنجي وجود کي هيسي ۽ هراسي رهيو آهي." سچل ڳالهه ڪندي ڪندي خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ڪجهه دير ترسي چيائين، "يقين ڪر بنجي، اڄ به آئون ڪا ڏک واري خبر ٻڌي نه سگهندو آهيان. ڪنهن جو ڏک، ڪنهن جو درد، ڪنهن جي پيڙاءَ ڏسي نه سگهندو آهيان. ٻئي جي تڪليف ۽ ڏک منهنجي من کي گهائل ڪري وجهندا آهن ۽ آئون ان درد جي پيڙاءَ ۾ راتين جون راتيون اکين ۾ ڪٽي ڇڏيندو آهيان ۽ درد جي ان ڊگهي سفر ۾ مون پنهنجي شعوري سگهه سان جيئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ .... ۽ ڏس نه! اڄان جي رهيو آهيان. دکن، دردن ۽ پيڙائن جي ان جنگ ۾ منهنجي من جي مسرتن فتح جون منزلون ماڻيون آهن." سچل خاموش ٿي ويو. ڄڻ سمنڊ خاموش ٿي ويو ۽ چا ڪڏهن سمنڊ خاموش ٿيو آهي؟ ۽ پوءِ سچل قميص جي کيسي ۾ پيل سگريٽن جي پاڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي هولڊر ۾ وجهي ٿو ۽ لائيٽر سان سگريٽ دکائي، لائيٽر سگريٽن جي پاڪيٽ ۾ رکي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ هو ڪجهه دير خاموش بلڪل خاموش سگريٽ مان وڏا وڏا ڪش هڻي، دونهي جا گول ڇلا ناهيندو رهي ٿو، جي پل ۾ هوا جي جهونڪي سان وکري وڃن ٿا ۽ ٻئي خاموش عجب جي اکين سان ڪائنات کي ڏسندا سمنڊ کي پٺي ڏئي فارول ريسٽورنٽ ڏي هلندا رهيا. سمنڊ جي مست ۽ ڇڙواڳ ڇولين جي آواز جو پڙاڏو هنن جي ڪنن سان ٽڪرائبو. هنن جي روحن ۾ سرمستي پيدا ڪرڻ جي جستجو ڪندو رهيو. هاڻي سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل فارول ريسٽورنٽ، پين هوٽلن، دڪانن ۽ گاڏين جون اجهاڻل بتيون ٻري چڪيون هيون. سچل ٻنهي مڙي سمنڊ ڏي ڏسي ٿو. سمنڊ اونداهي ۾ غرق ٿيندو پيو وڃي، پر سندس ڇولين جو آواز اڃان به ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو ۽ ايڪٽيهين جهڙي اونداهي سمنڊ ۾ ننڍڙا ننڍڙا بلب ڏيئاٽين جان ٻري رهيا هئا. شايد ڪو جهاز لنگر ڪرڻ لاءِ پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيو هو. جهاز ۾ سوار سمنڊ مان نڪري ڌرتي تي ايندا. هنن زندگي جون ڪيتريون خوبصورت شامون ڪڏهن خاموش ڪڏهن شور ڪندڙ سمنڊ جي گهميل هوا ۾ گذاري ڇڏيون هيون ۽ هاڻي ڌرتي تي پير رکڻ جي ڪلپنا هنن جي روح ۾ رهنديون وجهنديون هونديون. ڌرتي جنهن تي سڄي ڪائنات جڙيل آهي ۽ پوءِ هو وري فارول ريسٽورنٽ ڏي هلڻ شروع ڪن ٿا، سگريٽ دکي دکي جنهن مهل سچل جي آڱرين کي سيڪ ڏي ٿو ته سچل آڱرين کي ڍرو ڪري ڇڏي ٿو ۽ سگريٽ پٽ تي ڪري پوي ٿو ۽ هو اڳيان وڌي وڃن ٿا.

بنجي، سچل کي خاموش ڏسي هن متعلق سوچي ٿو ته: هي ڪيترو نه پڙهيل لکيل نوجوان آهي. ڪيترو ذهين، ڏاهو ۽ دانا، آهي، هي پنهنجي عمر کان ڪيترو نه وڌيڪ مطالعو، مشاهدو ۽ تجربو رکي ٿو پر پوءِ به هو سماج جي ڏنل ڏکن، دردن ۽ پيڙائن منجهه ڪيئن نه گهٽجي، گهر ائجي، هيسجي، هراسجي زندگي گذاري رهيو آهي. هن جون ننڍڙيون ننڍڙيون خواهشون ۽ حسرتون چيچجي، چيپاٽجي چڪيون آهن ۽ هن جون ضرورتون هن جو مقتل گاهه بڻجي چڪيون آهن پر پوءِ به هو پنهنجي علم، ڏاهپ ۽ دانائي سان ڪيئن نه شانائتي ۽ مانائتي زندگي گذارڻ جي جستجو ڪري رهيو آهي. هي ڪيڏو نه باصلاحيت انسان آهي جنهن "الا ڏاهي مر ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن" واري ڏاهپ جي ڏکن ۽ ڏاکڙن وقت کان اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. واقعي شاهه سچ چيو آهي ڏاها ڏک ڏسندا آهن. سچ به ته هي جيڏي مهل ڳالهائيندو آهي ته هن جون ڳالهيون اياز جي شاعري جو ترنم ۽ هن جي شخصيت پوپٽن جي ديس جي شاعرن جهڙي لڳندي آهي. هن جي لفظن، جملن، انهن جي ادائگي ۽ انداز ۾ سحر آهي، هن وٽ خوبصورت لفظن ۽ حسين جملن جي هڪ وسيع ڪائنات آهي، پر پوءِ به هن جو من محبت جي ديوي کان محروم آهي. سک، امن، سلامتي ۽ محبت هن جو خواب آهي. هن جو آدرش آهي. جنهن جي ساپيا لاءِ هو پنهنجون صلاحيتون صرف ڪري، رهيو آهي ۽ هن کي يقين آهي ته هڪ نه هڪ ڏينهن نفرتن جون ديوارون جهري پونديون ۽ هٿيارن جي دنيا ختم ٿي ويندي. ڪوبه انسان بک وگهي نه مرندو ڪوبه ٻار ڏوڪڙن نه هئڻ ڪري علم کان محروم ٿي نه سگهندو ڪوبه انسان بيماري وگهي ان ڪري نه مرندو ته هن وٽ علاج لاءِ پئسا نه آهن، ڪو ڪنهن تي ظلم ۽ جبر نه ڪندو. احساسن ۽ جذبن جو قدر ۽ احترام ڪيو ويندو ۽ ڪائنات ۾ چمپا چنبيلي، موتئي ۽ گلاب جو هڳاءُ هوندو. تڏهن ماڻهو، ماڻهو نه رهندو انسان ٿي پوندو ۽ هو پنهنجي روح جي سپني سچاين سان هڪبني سان بي انتها پيار ڪندو محبت ڪندو. ۽ اها ڪائنات ڪيڏي نه دلڪش ۽ حسين هوندي جتي محبتن کان سواءِ ڪجهه به نه هوندو. جتي خزان به پنر ملن جا گيت ڳائي ايندي ۽ اها حسين ڪائنات هن انسان جو آدرش آهي. خواب آهي. سپنو آهي جنهن جي ساپيا جو اولڙو هن جي اکين ۾ نظر اچي ٿو.

"ڇا پيو سوچين؟" سچل جي اوچتي سوال جهٽڪ بنجي کي سپني مان سجاڳ ڪري وڌو.

"ڪجهه به نه! .... ڪجهه به ته نه!!" بنجي جو جواب نڙي جي سرحدن ۾ رڪيو ۽ بنا ڪنهن دليل جي هن جي ڪنن سان ٽڪرايو جڻ هو پنهنجي جواب تي پاڻ پريشان هو.

"پوءِ به ڪجهه ته سوچين پيو ؟"سچل سوال ورجايو.

"تو تي پيو سوچيان" بنجي مختصر جواب ڏنو.

"مون تي؟ ڇا پيو سوچين مون تي؟" سچل حيرت، ڪاوڙ ۽ ڏک واري گڏيل ڪيفيت مان بنجي کان پڇيو.

"مون کي زندگي جي ڪيترن ئي اڻورن ۽ اٿورن سوالن جا مڪمل جواب تو وٽان مليا آهن، تو مون کي زندگي جي حقيقتن کان واقف ڪيو آهي. تو مون کي سرت ۽ ساڃاهه ڏني آهي. جي تون نه

هجين ها ته شايد آئون به ٻين ڪوڙ نوجوانن وانگر شهر جي شور ۾ گم ٿي وڃان پر شهر جي شور جي انت تائين پهچي نه سگهان ها. تون منهنجو آئيڊيل آهين، تڏهن آئون توتي تنهنجي ذات، ذهن ۽ ضمير ۽ ان جي مختلف، زاوين تي سوچيندو آهيان ۽ خبر نه آهي ته ان سوچ جو پڪيئڙو ڪٿان پر سوئي منهنجي ذهن ۾ اچي واسو ڪندو آهي. بنجي وراڻيو.

"مون تي نه سوچيندو ڪر" سچل پنهنجي اندر جي ڪيفيت اندر ۾ ئي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي بنا ڪنهن تاثر ظاهر ڪرڻ جي وراڻيو. هاٽي هو ٻئي فارول ريسٽورنٽ جي آڳنڌ ۾ اچي ويٺا هئا ۽ ريسٽورنٽ جي ڪنڊ ۾ رکيل ڪرسين جي چوڌ ڪري انهن تي ويهي رهن ٿا. سچ به ته بنجي! مون کي ان ڳالهه تي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي آهي جڏهن ڪو ماڻهو مون تي، توتي، ڪنهن خاص يا عام فرد تي سوچيندو آهي. سچ به ته هي ڏاڍي عجيب سوسائٽي آهي. ماڻهو سڄو ڏينهن ان تي پيا سوچيندا آهن ته هن ڏاڙهي ڇو رکي آهي؟ هو ڪلين شيو ڇو آهي؟ هُن پئنٽ شرٽ ڇو پاتي آهي؟ ۽ هو سلوار قميص ڇو ٿو پائي. عجيب ماڻهو آهن! دنيا وڃي چنڊ تي پهتي آهي ۽ هڪڙا هي آهن جيڪي فقط فردن تي .ڪمينٽس پاس ڪري وقت کي هتان مان واري جيان وڃائي رهيا آهن. آئون ته رڳو اهو ٿو سوچيان ته هنن کي انهن ننڍڙين، معمولي ۽ تڇ ڳالهين تي سوچڻ لاءِ وقت ڪٿان ٿو ملي." سچل ڪجهه دير لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ هن جون اداس اکيون دور خلائن ۾ ڪجهه ڳولينديون رهن ٿيون. هاٽي فارول ريسٽورنٽ جي ڊم لائيٽ ۽ ڌيمي ڌيمي ميوزڪ ماحول کي رومينٽڪ ڪري ڇڪي آهي ۽ هاٽي هوٽل جون ڳچ ڪرسيون پرجي چڪيون آهن جن ۾ اڪثر تعداد خوبصورت نوجوان جوڙن جو آهي، جن جي ڪپڙن ۾ لڳل خوشبوئن، ڊم لائيٽ ۽ ڌيمي موسيقي سان گڏجي ماحول کي سونهن ۽ سرهاڻ جي سهنڊ سان سجائي ڇڏيو آهي. سچل پنهنجي اداس اکين کي آسمان مان ڪڍي فارول ريسٽورنٽ جي ماڻهن تي وجهي ٿو، هن جون اداس اکيون هڪ ٻيرو سيني تي اتاڇريون پون ٿيون ۽ پوءِ هو سيني کي هڪ هڪ ڪري غور سان ڏسڻ شروع ڪري ٿو ۽ پوءِ فارول ريسٽورنٽ ۾ سيني ويٺلن ۽ ماحول کان بي نياز سچل چيو، "ڏس نه بنجي، اهو ڪٿان جو علم، عقل، ڏاهپ ۽ دانائي آهي جو اسان جي ماڻهن جو اڪثر حصو پنهنجو وقت فقط ان تي ضايع ڪري رهيو آهي ته فلاڻي سگريٽ پيئڻ ڇو ڇڏي ڏنا آهن. فلاڻو سنهو ۽ فلاڻو ٿلهو ڇو ٿي ويو آهي. فلاڻو هيئن ٿو ڪري، فلاڻو هوئنئين ٿو ڪري، جڏهن ته اسان جهڙو ساڳيو انسان وليم جيمس ماتا جا ٽڪا ۽ ايڊيسسن بلب ٿو ايجاد ڪري. پيٽر هيلبر ايورسٽ ۽ يورپ جو انسان چنڊ تي قدم ٿو رکي، هاٽي تون ئي فيصلو ڪر بنجي ته انهن ڳالهين تي ويهي وقت وڃائڻ ڪان بهتر نه آهي ته اسان دکن، دردن ۽ پيڙائن ۾ ماريل انسانن جي زندگي کي سڦل ڪرڻ لاءِ ويهي سوچون".

سچل ڪجهه دير خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ وري چوڻ شروع ڪري ٿو، "ڏس نه بنجي! ماحول ۾ آلودگي جي ڪري ڪائنات جي خوبصورت ترين تخليق انسان جي حياتي خطري ۾ آهي. تو به پڙهيو هوندو. اخبارن ۾ آيو آهي ته ڪجهه سالن ڪان پوءِ آسمان مان پٿر ڪرڻ شروع ٿي ويندا. هڪ اندازي مطابق انهن جو وزن اڌ مڻ ڪان به وڌيڪ هوندو. زمين جي سطح ڪان سمنڊ جي سطح مٿي ٿي رهي

آهي. انٽمر، نيوٽران ۽ آٽو ميٽڪ ويپنس ماڻهو. ماڻهو ڪي مارڻ لاءِ ايجاد ڪري چڪو آهي. ايٿوپيا ۾ انسان فقط ان ڪري مري رهيو آهي جو انسان وٽ کائڻ لاءِ ان نہ آهي. اسان اهل علم انسانن کي انهن معاملن تي ويهي ويچارڻ گهرجي. نہ ئي وري ڪو فضول ۽ فرسوده ڳالهين تي. بنجي! اسان کي ماڻهن جي ظاهري ٺاٺ ٺوڊ ۽ ٽيڪ ٽيڪ تي نہ، ماڻهن جي مسئلن ۽ انهن جي حل تي ويهي ويچارڻ گهرجي. اسان کي ماڻهو کي انسان ڪرڻو آهي. انسان صحيح ۽ حقيقي انسان. يار! معاف ڪجانءِ بنجي! مون کي تنهنجي سوچڻ جي ان انداز تي ڏک ٿيو آهي. If you dont mind

"نہ ... نہ ... اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي." بنجي تڙ تڪڙ ۾ جواب ڏنو. ڄڻ هو ان سوال ٻڌڻ ۽ ان جي جواب ڏيڻ لاءِ ذهني طور تي تيار ئي نہ هو.

وري بہ بنجي! تون منهنجو دوست آهين نہ؟ دل ۾ نہ ڪجانءِ" هاڻي بنجي محسوس ڪيو هو تہ سچل جون اکيون آهستي آهستي موت جي خوف کان زندگي جي خوبصورت حقيقت ڏي موٽنديون ٿي آيون. سچل اڃان ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو ٿي تہ هوٽل جو بيرو هنن آڏو پاڻي سان ڀريل بہ گلاس رکي واپس وڃڻ لڳو تہ سچل کيس سڏي ورتو ۽ بنا کيس ڏسڻ جي چانهن آڻڻ جو آرڊر ڏئي ڪا وسريل ڳالهہ ياد ڪرڻ لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو.

"ڇا پيو سوچين؟" بنجي هن کان سوال ٿو ڪري.

"ها! هاڻي هي ڏس!"

سچل هوٽل جي بيري ڏي اشارو ڪندي بنجي سان مخاطب ٿئي ٿو. بنجي جون اکيون هوٽل جي بيري جو پيڇو ڪندي موٽي اچن ٿيون. سچل اڌ ۾ ڇڏيل پنهنجي ڳالهہ ٻيهر شروع ڪري ٿو. "هي ويچارڙو سڄو ڏينهن هتي پورهيو ڪري ٿو. سڄي ڏينهن جي پورهئي جي عيوض هن کي گهڻي ڏهاڙي ملندي هوندي؟ اهي ٽيهہ روپيہ، چاليهہ روپيہ، ڏهہ، ويهہ روپيہ ٽرپ جا. هاڻي تون ٻڌاءِ تہ انهن چاليهہ، پنجاهہ روپين مان هي ويچارڙو پنهنجي پورت ڪيئن ڪندو هوندو؟ انهن پئسن مان هي گهر جو ڪرايو بہ ڏيندو هوندو. گهر لاءِ سيڌو سامان بہ وٺندو هوندو گندي، ڪپڙو دوا، درمل، خوشي، غمي پنهنجا سڀ مسئلا حل بہ ڪندو هوندو. ٻڌاءِ تہ هي مسڪين پنهنجي پورت ڪيئن ڪندو هوندو. تڏهن تہ آءُ توکي چوان ٿو تہ فرد ۽ فرد جي مسئلن، مونجهارن ۽ مشڪلاتن ۽ انهن جي حل تي سوچ" اُف ... سچل هڪ وڏو ٿڌو شوڪارو ڀري اکيون ٻوٽي ڇڏي ٿو ۽ جڏهن اکيون کولي ٿو تہ سندس اکين جون سرحدون اندر جي سمنڊ جي ڇولين کي روڪي ڇڏين ٿيون. هو ٻئي ڪجهہ دير خاموش تي وڃن ٿا ۽ پوءِ سچل پنهنجي آڏو رکيل پاڻي جو گلاس کڻي ڍڪ، ڍڪ ڪري پيئي ٿو. اُن وقت هُو وقت جو سقراط لڳي ٿو، جيڪو سماج جي ڏکن، دردن ۽ پيڙائن جي ڏنل زهر کي ڍڪ ڍڪ ڪري پي وڃي ٿو. ۽ پوءِ بہ هو پنهنجي پوري ذات ۽ ذات سان جي رهيو آهي ۽ ڏکن، دردن ۽ پيڙائن کي خوشين ۽ مسرتن ۾ تبديل ڪرڻ جا سپنا ڏسي رهيو آهي، جن جي ساڀيا جو هن کي يقين آهي. تڏهن تہ هن سماج جي ڏکن، دردن ۽ پيڙائن جي ڏنل زهر کي مرڪندي پي ڇڏيو آهي. جڏهن هوٽل جو بيرو هنن آڏو چانهن جا ڪوپ رکي ٿو تہ هو بہ پنهنجن خيالن مان موٽي اچن ٿا. هو ڪوپن ۾ کنڊ ملائي چانهن پيئڻ شروع ڪن ٿا ۽

جنهن وقت سچل آخري ڏڪ پري ٿو ته ان وقت هڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪري هڪ نوجوان سان گڏ هوٽل جي آڳنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي. هوٽل جي آڳنڌ ۾ پکڙيل خوشبوئن ۾ هڪ وڌيڪ خوشبو جو اضافو ٿئي ٿو ۽ سچل جي وات مان لفظ ڇرڪ پري ٻاهر نڪري ٿو. "ناهيد" ۽ اهو لفظ پڙاڏو بڻجي هن جي وجود ۾ گونجڻ لڳي ٿو ۽ بنجي عجب مان سچل جي چهري تي اُپريل مدّم عبارت پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ لفظن مان جڙيل اُها عبارت سمنڊ جي ڇولي جيان سچل جي چهري ۾ گم ٿي وڃي ٿي ۽ تاثر بنا ڪنهن تاثر ڏيڻ جي ختم ٿي وڃي ٿو. سچل ٽڙ تڪڙ ۾ بيري کي سڏ ڪري بل ڏئي ٿو ۽ بچيل پئسا واپس وٺڻ کان پهريائين هو ٻئي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندا هوٽل کان ٻاهر نڪري وڃن ٿا.

هوٽل مان نڪرڻ کان وٺي، ڪار ۾ ويهڻ تائين ۽ ڪار جي هلڻ کان وٺي سچل جي فليٽ تائين هو ڪجھ به نٿو ڳالهائي. ڪار مان لهڻ وقت هو فقط بنجي کي مسڪرائي ڏسي ٿو. ان وقت بنجي کي سچل جي مرڪ، ڦڪي، اداس ۽ اجنبي لڳي ٿي ۽ هو سوچي ٿو ته سچل کان ان ڦڪي، اداس ۽ اجنبي مرڪ جو مفهوم معلوم ڪري، پر سندس اها خواهش ٻين ڪوڙ سارن انسانن جي انيڪ خواهشن جيان ڇپن جون سرحدون اورانگهي نٿي سگهي ۽ سچل پنهنجي فليٽ ڏي تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو بنجي جي اکين کان اوجهل ٿي وڃي ٿو ۽ بنجي پنهنجي ڪار کي پنهنجي فليٽ ڏي موڙي ڇڏي ٿو.

●●●



قاضي اياز مهيسر (نثري ٽڪرا)

# فصلِ گل جا خواب

ڪاش مان به سچ لاءِ صليب تي چاڙهيو ويجان ها ـ
او عيسيٰ جي مريم!
ڪاش مان تنهنجو پيو پٽ هجان هان!

●

او رج جا ٽڪل راهي! جي تون چاهين ته
مان تنهنجي مٿان گهاٽي وڻ جي ڇانوَ به
ٿي سگهان ٿو ـ تون جيڪو، مون ڪي هميشه
ٽوهر سمجهي ٺُڪرائيندو آيو آهين ـ

●

ڪيچان ڪهي آئين، ۽ پنهور پوري وئين ـ،
هڻ ڙي پنهون، نه ڪيچ جو رهين نه
پنهور جو ـ!

●

مون مصور جي لاش پرسان هڪ اهڙو تصور
پٽڪندي ڏٺو، جيڪو تصوير ڪڏهن به نه بنجي
سگهيو هئو ـ ۽ مون ان ڪي تحرير بڻائي ڇڏيو ـ!

●

تو جڏهن پنهنجن هٿن سان، قاتل جي هٿ ۾
خنجر ڏئي ئي ڇڏيو آ، ته ان سان ڪهڙو
فرق ٿو پوي ته هو تنهنجي اڳيان وار ڪري
يا پويان ـ!

●

ابوالهول جيان ويٺو آهين،
ڇا سنڌ ڪي ٻي مصر ٿو سمجهين!

●

مان سرءِ جو سُڪل گل هان،
او بسنت! تون مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ کڻڻ
جي ڪوشش نہ ڪر ڪاٿي مان تنهنجي پاڪر ۾
ڀري نہ پوان ـ!

●

وفا کي واريءَ ۾ ٿي ڳولهين
ڪاڪ چڙي ماڙيءَ ۾ ٿي ڳولهين
اڙي مومل! هي ڇا ٿي ڪرين
هي ڇا ٿي ڪرين ـ!!!

●

او ذات جا ڪوري! جي ذات جو بہ
ڪوري هجين هان، تہ ڪيڏو نہ سٺو لڳين ها ـ!

●

مان تنهنجي سڏ جو پڙاڏو هان ـ
تون جيڪا گونگي آهين ـ!!!

●

مان رُڄ ۾ بہ جيئي وڻان هان،
او ڪڪر! تو ڳهڙيءَ جي جهلڪ ڏيکاري
هرويرو منهنجي اُڃ ڇو وڌائي ـ؟

●

هيءَ رسم جهالت آ، او عالم!
تہ هتي هر جاهل ٻئي جاهل جي موت تي
روئندو آهي، پر پنهنجي جهل تي ڪڏهن بہ نہ ـ!

●

چلهہ تي رکيل تئي جي ٻنيءَ تي چٽنگون ڏسي،
تو چيو، تئو ڪلي رهيو آهي
ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ توکي ان مهل بہ
تئي جو ڪلڻ ياد آيو، تئي جو جلڻ نہ ـ!!!

●

رڍ تو ڪان تہ سٺي آ۔
ان اڳيان رباب وڄائيندي صرف ورهيہ ٿيا آهن ـ
تنهنجي اڳيان تہ صديون ٿي ويون آهن ـ

●

سهڻي! جي تنهنجو نانءُ ڪو ٻيو هجي ها ـ
تہ ڇا تون سهڻي نہ هجين ها ـ؟

●

۽ هاڻي اسان کي پنهنجي پنهنجي مقتل گاهہ ڏانهن نيو ويندو ـ اسان جنهن فصل گُل جا خواب ڏٺا ها. اهي گُل هاڻي اسان جي رت جي خوشبو سان مهڪي اٿندا ـ!

●

هو منهنجو راءِ ڏياج بہ تہ نہ هئو. پر الائي ڇو هن کي جلندو ڏسي، منهنجي من ۾ سورٺ وانگر ستي ٿيڻ جي چِڪ ٿي ـ!

●

او اگني! جي جلڻ واري کي جلڻ جي بي وسي يا جلڻ جي تمنا نہ هجي، تہ تو ۾ اُها تپش ڪٿي آهي جا ڪنهن کي جلائي سگهي ـ!

●

۽ اڃا تہ گردشِ سفر جي گرد بہ نہ لٿي هئي، تہ اوچتو قافلا ڇڙوڇڙ ٿي ويا ـ!

●

"بگهيڙ ڙي بگهيڙ!"ـ
هڻ ڙي ادا جعفر! اهڙي ڪڏي ڀوڳ مان ڇا وريئي جو پنهنجون رڍون بہ وڃائيني ۽ ويساهہ بہ ـ!

●

هاڻي هلجي — گهڻي دير ٿي وئي آ. هن شهر ۾ ـ
اٺ چهرا! —، اٺ هلون ـ
هن شهر جي رڄ ڪان پنهنجو قبرستان ڇا ۾ برو آهي؟

●

منهنجو (Psychotherapist) بہ (Psychotic) نڪري پيو. افسوس هن دوُر جا مسيحا!
صد افسوس جو توکي بہ ڪنهن مسيحا جي ضرورت آهي ـ!

●

ٻين لاءِ ٻرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آ!
انين آهي نہ ديپ! تہ جن لاءِ روشني ڪبي آ
اهي ئي ٻجهائي ڇڏيندا آهي ـ!

●

تيل وجهہ تہ ہران ـ:
ايڏو ميل وجھندين تہ ڇا خاڪ ہرندس ـ!

●

او ڳاڙھي گهگهري واري!
جي تون نہ ھجين ھان تہ ٿر جي ھن ڪُوھہ مٿان ھي سج ڪيڏو نہ گهيلو لڳي ھا ـ!

●

۽ جيڪي جلندا آھن سي جلائي بہ سگهندا آھن ـ!
تون ڏچ انھن ٽانڊن کان جي مون ۾ اڃا خاڪ نہ ٿي سگهيا آھن ـ!

●

اڙي سرءُ! ھي گُل جو موت ڇا منھنجو موت نہ آھي ....؟

●

تو ۾ ۽ لِيلا ۾ ھڪ فرق آھي ـ!
ھن سون تي سيڻ مٽايا ھئا ۽ تو سيڻ تي سيڻ ـ!

●

گل گل ئي آھي ـ، ان ۾ ھن جو ڪھڙو ڏوھُہ جي ھو رڃ ۾ ڦُٽي ہيو ـ!

●

ٻُجي ۾ خوش اندي ئي ٿي سگهي ٿي ـ، سچي تہ نہ ـ!

●

ککر ۾ ڪڙا ٿو ھٽين ـ، ڪيڏو نہ عجيب آھين تون ـ، جو ہوءِ بہ چاھين ٿو تہ ککر توکي ڏنگ نہ ھٽي ـ!!!

●

ھا! ھا! ڇو ڪونہ ـ لاہارا بہ ہوندا ـ، ايڏو بي صبرو نہ ٿيءُ، ڪٽڪ کي پچڻ تہ ڏي ـ!

●

ترائيءَ جو پاڻي سُڪي ويو آھي، ۽ اُڃ ۾
مري ويو آھي ـ، چنڊ جو عڪس ـ!

●

وڻ ڇا ٿا ڪري سگهن؟ مان سوچيان ٿو،
پلي باھہ کٽي ھڪڙي ئي ڪاٺي جي ڇو نہ ھجي،
ساڙيندي تہ سارو جھنگل ـ!

●

ھر شاعري پيغمبري نہ آھي ـ، ڇو تہ پيغمبري لاءِ نہ رڳو ہير ہر شعر بہ ساڙيٽا ہوندا آھن ـ!

●

تنوير عباسي

# سپني کان سُهڻي ساپيا

*(سنڌي اَدبي سنگت سکر ٻاران، ٢ آڪٽوبر ١٩٩٢ تي ڪوٺايل نوجوان شاعرَ اياز گُل جي شعري مجموعي ”تو بِن ڪهڙا چانورا“ جي مهورت واري تقريب ۾ ڪيل صدارتي تقرير.)*

● *مُنهنجا تمام پيارا اَياز گل، فتاح ملڪ، اَدل سومرا ۽ مُنهنجا سجاڳ ۽ سجاڻ ساٿيو!*

محفلن ۾ ٻيو اَچبو آهي، ڪڏهن مجبوريءَ سان، ڪڏهن رواداريءَ سان، ته ڪڏهن ڪنهن ٻئي خيالَ سان ـ پر حقيقت پُڇو ته اَجوڪي محفل، انهن تمام ٿورين محفلن مان هڪ آهي، جنهن ۾ مان دل سان آيو آهيان ۽ جنهن ۾ اچي مون کي انتهائي خوشي محسوس ٿي آهي. جنهن ڪتاب جو اَڄ دوستن مهرباني ڪري، مُنهنجي هٿان مهورت ڪرايو آهي، مان ان ڪتاب جي مهورت ڪرڻ تي سڄي عُمر فخر محسوس ڪندو رهندس. هتي جيئن اَياز گُل ذڪر ڪيو، ته مون کي ٻه اُها شامَ يادِ اچي وئي، جڏهن مون ڪيس ٻهريون پيرو ڏٺو ۽ ٻُڌو هيو ۽ مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته، انهيءَ ڏينهن، اُن گڏجاڻيءَ جي ٻُوري ٿيڻ تي، رشيديڻيءَ ۽ فتاح ملڪ کي اِهي لفظَ چيا هئا ته: ”هيءُ نوجوان اڳتي هلي تمام سٺو شاعر ٿيندو هن ۾ وڏا ڏاٽا آهن.“ ۽ مون کي فخر آهي ته مُنهنجي اها اڳڪٿي اڄ سچ ثابت ٿي آهي.

تاريخ جي اڳتي وڌڻ جو ثبوت اهو آهي ته، ايندڙ ئهي، اڳيئن ئهيءَ کان بهتر ٿئي، جيڪڏهن ايندڙ ئهي، اڳيئن ئهيءَ کان بهتر نه آهي، ته معنيٰ ته تاريخَ هڪ جاءِ تي بيٺي آهي، ٻوءِ رُڳو وقت جا ڪانٽا ڦِرن ٿا، ڪيلينڊر جون تاريخون تبديل ٿين ٿيون، پر سماجي ارتقا جو سلسلو اُتي جو اُتي بيٺو آهي. اَدب جي تاريخَ جي اڳتي وڌڻ جو ثبوت ٻه اهو آهي ته، گُذريل ئهيءَ کان ايندڙ ئهي بهتر هجي. جيستائين اَياز گُل جو تعلق آهي ته، اَياز گُل ٻه، نارائڻ شيام وانگر سنڌيءَ جي سڀني صنفن ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي، پر هُن غزل سان خاص لَنئون لاتي آهي، غزل جنهن لاءِ چنجي ٿو ته، لفظ ”غزال“ مان نِڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”هرڻ“ ته اهو هرڻُ عربستان کان ٽيندو چالَ ڏيندو ايرانَ ۾ آيو، ايران کان ٽيندو سنڌُ ۾ آيو، سنڌُ ۾ غزل کي پنهنجو رنگُ ڏنو ويو، غزل کي سنڌُ ۾ نج پنهنجي صنف وانگي لکيو ويو، خود خليفي گُل محمد، غزل کي ايئن لکيو، جو معلوم ئي نه ٿيو ته، هيءَ ڪا فارسي

صنف آهي. خليفي گُل کان پوءِ قاسم لکيو. فاضل لکيو جنهن کان پوءِ وچ ۾ وري غزل پٺتي ويو. وري حامد تکڙائي يا مير عبدالحسين سانگي يا خود اسانجي دؤر ۾ شيخ اَياز نارائڻ شيام، هري دلگير، سگڻ آهوجا، شمشيرالحيدري، امداد حسيني، فتاح ملڪ، تاج بلوچ ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جن جا نالا مون کان وسرندا هوندا، تن غزل کي سنڌي رنگ ڏنو. اياز گُل پڻ انهن شاعرن سان ساٿ نڀايو آهي، مان هتي ڪجهه اهڙا مثال پيش ڪندس، جن مان اياز گُل جي غزل کي جديد رنگ ڏيڻ، يعني غزل ۾ اُهي موضوع سمائڻ، جيڪي اسانجي اَجوڪي حياتيءَ جا آهن، جو پتو پوندو اهڙا موضوع جيڪي ويهين صديءَ جا آهن، انهن موضوعن ۾ رنگ کان هَتي ڏسجي ته، هونئن نه ته غزل هڪڙي لَتاڙيل صنف آهي، جنهن کي فارسيءَ ۽ اردوءَ وارن گهڻو لکيو آهي، هُنن ڪا جاءِ خالي نه ڇڏي آهي، پر ماهر شاعرَ اُهي هوندا آهن، جيڪي پنهنجي جاءِ پيدا ڪندا آهن ۽ انهيءَ صنف ۾ پنهنجو رنگ ڀريندا آهن. هِن صديءَ جو غزل، هِن دؤر جو غزل آهي، جيڪو اَياز گُل لکيو آهي، جيئن لکيو اَٿئين:

"چنڊُ نه آهي، چاهي؟، تارا جاڳن ٿا
بلب گهٽين جا، رستا سارا جاڳن ٿا"

هن شعرَ ۾ ڏسبو ته "بلب" جو لفظ اَجوڪي دنيا جي عڪاسي ڪري ٿو. يا

"تو وٽ هاڻي جوين پيارا!
اعزازي مهمانَ جيان آ"

ٻيو شعر آهي ته:

چَپَ اوهان جا پنهنجا، لفظَ پراوا هَن
يارو! آهيو ڊرامي جي ڪردارن جيان.

هاڻي انهن شعرن ۾ "ڊرامو" يا "ڪردار" اجوڪي زندگيءَ جو آهي، اڄ کان پنجاهه سَٺ سال اڳ واري زندگيءَ ۾، اهي خيالَ موجود نه آهن. يا جيئن هڪ ٻئي شعرَ ۾ "سرطان" جو ذڪر آهي:

هڪڙو سپنو رهجي ويڙو
نيڻن ۾ سرطان جيان آ.

اهڙا گهڻائي شعر اياز گُل جي هن شعري مجموعي "توبِن ڪهڙا ڇانورا" ۾ شامل آهن، جيڪي اجوڪي دؤر جي عڪسن سان ٽمٽار آهن، جن مان ڪجهه، توهان اڳيان پڙهان ٿو:

ٽائرن جا گهرا لِيڪا، تيز رَڙ!!
روڊَ تي چٽجي وئي آ زندگي

●

ڊِسڪو جي دؤر ۾ اسانجو جڻ
عارفاڻو ڪلامُ آ جيونَ!

●

خطُ لکيڻ، پوءِ فون ڪيڻ، اڄ پاڻ هلي آئين،
وِسريل ماڻهو ڪيئن الانجي، توکي يادِ پيو؟

●

ڪيڏا نه اداڪارَ وچون پاڻ پيا ٿيندا
اَندران ته رُناسي پئي، ٻاهران ٿي کِلياسي

●

سنڌُ سان آهي ائين ئي ٿيو هتي
جيئن هاريءَ سان سدا پوتار ڪيو

●

ڦُوڪَ سان ڦِهيلا ڪي
بلب ڪي وِسائن ٿا

●

هيءَ ته هتي مون تمام ٿورا شعرَ توهان اڳيان پيش ڪيا آهن، جن ۾ اياز گل جديد زندگيءَ جا عڪس ڏنا آهن. تنهن کان سواءِ سندس ٻيا شعر اهڙا آهن، جن لاءِ مان چوندو آهيان، ته شاعري رُڳو جذبن جي اُپٽار ناهي، پر جذبن جي کوجنا پڻ آهي، کوجنا چئبو آهي 'Discovery' کي، معنيٰ ڪا شيءِ جيڪا اڳي جي موجود هجي، پر اُن بابت ڪنهن کي خبر نه هجي ۽ تنهن کي آڏي اڳيان نه رکجي، ته ڪي خيال ڪي جذبا، ڪي ٽاٽا ۽ ڪي ماڳَ اهڙا آهن، جيڪي اسان جا ڏٺل وائٺل ۽ ٻُڌل آهن يا ڪي جذبا جيڪي اسان پاڻ محسوس ڪيا هوندا، پر انهن کي نالو ڏئي نه سگهيا هونداسي، اياز گل انهن جذبن کي نالو ڏنو آهي:

هر گهڙي ڪِرڻ جو رهي خطرو
پيارَ پهرينءَ اُڏارَ وانگي آ

●

ڪيڏيون چنن چِٻَن جي وچ ۾،
ڏُوريءَ جون ديوارون پيارا!

هن مجموعي ۾ ٻه غزل اهڙا به آهن، جيڪي مان توهان اڳيان پڙهڻ چاهيندس. اهي ٻئي غزل سڄي جا سڄا مرصّع غزل آهن:

ٿورو پي جي ٿئي وِڇوڙو مَنَ ۾ باهِ ٻري
وَسڪاري کان پوءِ جڻ ماڻهو، ٿَرَ کان رهي پري

راتِ اوهان جي يادِ اسان جي ذهن ۾ ائين آئي
ڪُونيٽ کي جيئن بيٺو ٿُوهر ياڪَرَ منجهه يري

هيو ته نهيو ڏِسُ، اَڪَ به جهڙا گُلَ ڦُٽا آهن
اهڙيءَ رُتَ ۾ سَري جي توبِن، آخر ڪينن سَري

اکڙين کي اوسيئڙو جنهن جو، سا ته نه آني پَر
پيئُ بيرَ ۾ پاڻي آئي، ڪوتا راتِ ٺري

پيچَ پنيءَ جو "شاهه جي وائي"، "مُوهن" جو آوازُ
اينئن لڳو پئي، ڳايو وِيئي ٿَرَ جي ذري ذري

ست رنگ چوليون نه چِلڪِيلَ چِرا، ڳاڙهسري واري
سنڌڙي! تُنهنجو چاهُ پئي ٿي، اکڙين منجهه پري

●

هيو غزل آهي:

نيڻ پرينءَ جا پيرا ڳولنِ
پَنڇي جيئن آکيرا ڳولنِ

مُنهنجيءَ ڌرتيءَ وارا اڄُ پي
سانجهيءَ ويلَ سويرا ڳولنِ

دانائُن جي دَرَ جا ماڻهو
ديوانَن جا ديرا ڳولنِ

دردَ انين تا ڳولن مون کي
ماري جڻ تا ڳيرا ڳولنِ

ڪيڏو اڳتي نڪري ويو آن!
توکي تنهنجا پيرا ڳولنِ

سنڌڙي سورجُ آهي جنهن کي
سَو سَو گهور اَنڌيرا ڳولنِ

●

انهن غزلن کان سواءِ، ڪجهه شعر بيا به آهن، جيئن:

نيڻَ اَچا پي آلا تُنهنجا
ڪنهن کي تون پرچائي آئين؟

●

جنهن کي پنهنجو نہ کنهن کيو هوندو
خالي گـُلدان جيان پيو هوندو

●

هُن ڏي چا، هُن جي گهرَ ڏي ئي کنهن
حُـکـم نـاهي، نهارجي هاڻي

●

ٻاهران ڪيڏو نہ ڏِکيل آ ماڻهو
اَندران ڪيڏو نہ اُگهاڙو آهي!

●

هر دفعي هڪ نئون تجربو هو
ڪاوڙياسُون جڏهن ۽ پرتاسُون

●

تُنهنجي دل تان لهي اسان سائين!
هاڻي گُمنام ٿي ويا آهيون

●

بهرحال اهڙا تمام گهڻا شعر آهن، هاڻي هتي مان اهڙا شعر پڙهندس، جن ۾ Satire آهي، جن ۾ satire اهو لفظ آهي، جيڪو طنز ۽ مزاح جو جمع آهي، يعني اهڙو شعر جنهن ۾ طنز بہ هجي ۽ مزاح بہ جيئن:

سائنڻ! تُنهنجو هرڪو واعدو
سرڪـاري اعـلان جـيـان آ.

●

پيٽَ بُکئي لئہ هڪڙي ماني
سرڳ جيان، پڳوان جيان آ

●

ڪيترو پئي لڳين مُنفرد، مختلف
تون بہ واکاڻَ ۾ يارَ، ڦاسي وئين!

پاڻَ ـ ڏاڍي کي کنهن هيٺي جو
چاپُلـوسي سـلام آ جـيـون،

●

ديس بہ وِڪـئي ايندا آهن
اهــڙا بہ واپاري مـاڻهو

هاڻي اياز گُل جي اهڙن شعرن جو ذڪر ڪندس، جيڪي مقامي آهن، جن ۾ اسانجو پنهنجو ماحول آهي، پنهنجو رنگُ ۽ پنهنجي زندگيءَ جا عڪسَ آهن، سي آهن:

اوسيئڙن جي مُند پِيئا!، آني آهي
آسُون، نيڻَ، ڏينا ۽ جارا جاڳن ٿا!

●

ڪينن سُک سُمهجي پاڻَ تي تاڻي
يادِ قاتِل رِلهيءَ جيان آ هاڻي

●

مُنهنجي جيونَ ۾ پيارُ پنهنجو هُو
ڪيرَ ۾ ڪنبُ جيان ملائِن تا

●

قسمتَ جي ديويءَ ڪي نندَ وٺي وٺي آ
جوڳيءَ جي ٽيلهيءَ ۾ ڍارا جاڳن ٿا!

●

ٽَڏيون چُلهيون، قاتِلَ ڪپڙا، ڪينن سُمهن؟
جُهوپي پاهران، ڪيڏا پارا جاڳن ٿا!

هتي قاتِل رِلهي، ڪيرَ ۾ ڪنبُ ملائڻ، جَهوپي پاهران پارَن ۽ جوڳيءَ جي ٽيلهي ۾ ڍارن جو جاڳڻ، توڙي ڏينا جاري ۾ رکڻ، اهي سڀ ڳالهيون اسانجي مقامي ماحول جون آهن، جيڪي اَياز گُل تمام خبرداريءَ ۽ تمام هوشياريءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ آنديون آهن. هاڻي اچون ٿا "تغزل" تي، غزل ۾ تغزل ان ڪي چئبو آهي، جڏهن شعر ۾ توري نازڪ خيالي به هجي ۽ مختصر ڳالهه به، ته گڏو گڏ ڪلائيمڪس پڻ. مان اياز گُل جو هڪ شعر پڙهندس، جيڪو ان تغزل جو مثال آهي:

تُنهنجي پيرن ۾ هني لڳل ميندي
مُنهنجي گهر جا ته ها ڪُليل رَستا

هن بند ۾ تغزل آهي، هُن جي پيرن ۾ ميندي لڳل آهي، توڙي جو رستا ڪُليل آهن، تڏهن به نٿي اچي، اهڙي ئي هڪ اُردو نُمري آهي، جنهن جا ٻول آهن:

لَٽ اُلجهي سُلجها جاري بالم!
سَيان!، ميري هاتهون مين مهندي

ڏسندؤ ته هِن ڪلاسيڪل نُمريءَ ۾ به هڪڙو تغزل آهي، هاڻي اچون ٿا ان ڳالهه تي، جيئن چوندا آهن ته:

مقطعَ مين آن پڙي هي، سُخَن گسترانه بات

يا اقبال جو ا، تہ:

خو گرِ حمد سي تهوڙا سا گلہ بهي سُن لي

سو اياز گُل مونکي معاف ڪندو تہ، ڪِن ڪن جاين تي هُو اَجا بہ وزن بحر ۾ توري گهاري هٽي ٿو، جنهن لاءِ مان ڪيس ۽ ادل ڪي بہ ان پاسي ڌيان ڏيڻ لاءِ چوندو رهيو آهيان، تہ هيءُ ٻئي اسان جا سُٺا شاعر آهن. گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ڪين اهڙيون ننڍيون ننڍيون غلطيون دُور ڪرڻ گُهرجن، جيئن اياز جو هي شعر آهي:

سالن کان طوفانَ هي، روڪيون بيٺا هَن
جاڳي ويا هَن، "پر" ڪنارا جاڳن ٿا!

هُو ڪڏهن ايئن مُسڪرائن ٿا
"ٿرُ" تي مينهن جڻ وسائن ٿا

هتي "پر" جي "ر" ۽ "ٿرُ" جي "ر" تي شد ٿي اَچي، جيڪو اُچارڻ ۾ تمام خراب ٿو لڳي، ان کي چنبو آهي "تنافر" لفظي، جتي اُچار ڏُکيو نڪري، اُتي ڪوشش ڪري اُچار کي سنئون ڪجي، ائين بہ ٿو ڪري سگهجي:

ڪاچيَ ويا هَن، پوءِ بہ ڪنارا جاڳن ٿا

ائين هڪڙو سچو غزل آهي، جنهن ۾ سڀ قافيہ شَد سان آهن:

سجُ لٿو تہ شهرُ ٻُڏي ويو اوندهہ ۾
هر روشن منظرُ ٻُڏي ويو اوندهہ ۾

هن غزل ۾ منظر، دِل گهر وغيرہ تي شد آهي، اهو اُچار ۾ ڏاڍو خراب ٿو لڳي، مان اياز گُل کي گذارش ڪندس تہ آئنده ان جو خيال ضرور رکي. ڪجهہ بحر بہ آهن، جيڪي ڏُکيا آهن، جيئن هڪڙو آهي:

فاعلاتن، فعلاتن، فعلن ۽ ٻيو فاعلاتن، مفاعيلن، فعلن

انهن ٻنهي بحرن جي هڪٻئي سان مشابهت آهي، پر ڪي ڪي شاعر اُن ۾ ڏَڪ کائي ويندا آهن، هڪڙي بحر جو ٻئي بحرَ ۾ شعر وجهندا آهن، اهڙن بحرن کي ڌيانَ ۾ رکڻ گُهرجي.

بَهرحال مونکي خوشي ۽ فخرُ آهي تہ اَياز گل اُٺويهن سالن جي محنت ۾ پنج ڪتابَ ڏني چڪو آهي، اسان جو تہ اهو حال آهي جو هڪڙي پيري مان اَياز گُل کي ٻِڌ ڏني:

"ڪا ڪا ساپيا، سپني ڪان بہ سُهٽي ٿيندي آهي"

چيومانس تہ هيءُ سِتَ آهي، ان تي تون غزل لکُ ۽ مان بہ غزل لکان ٿو، هُن اهو غزل لکي ورتو، پر مان اڄ بہ ڪيترن سالَن گذرڻ کان پوءِ اهو غزل پُورو ڪري نہ سگهيو آهيان، تہ ائين اسانجي ننين نهيءَ اسان کان اڳتي ٿي وڃي. مون کي يادِ آهي تہ مان جڏهن سترهَن سالن جي عمر جي پنهنجي

پُٽ سرمد کيِ پرڏيهہ وڃڻ لاءِ الوداع ڪري رهيو هوس تہ، مون ڪيس پاڪُر پاڻي آخري لفظَ اهيِ چيا، جيڪي ٽئگور جا هئا, تہ:

Bow said to arrow
Go ahead
The freedom is mine

(ڪَمان، تِيرَ کي چيو، اڳتي وڌُ، تُنهنجي آزاديِ ئي مُنهنجيِ آزادي آهي.)

۽ هينئر مان انهن ئي لفظن سان پنهنجي هيءُ تقرير ختم ٿو ڪيان، ۽ اياز گُل کي ساڳيا لفظَ ٿو چوان تہ:

Bow said to arrow
Go ahead
The freedom is mine

●●●



# ادبي چنبڙ چاڙ

## ( علمي خط )

[نوٽ: سنڌي ادب ۾ تنقيدي مواد جي کوٽ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن کي شروع کان وٺي شدت سان محسوس ڪيو پئي ويو آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ويجهي ماضيءَ ۾ همعصر جديد تخليقي ادب جي حوالي سان ان ڏس ۾، ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن، جي ادب جي معياري ترويج لاءِ بيحد ضروري آهن.

"مهراڻ" ان ڏس ۾ ڪو ڪارائتو ڪردار ادا ڪرڻ، پنهنجي فرض ادائي سمجهي ٿو. ان ڏس ۾ چار خط هتي شايع ڪيا پيا وڃن، جي مانوارن ليکڪن — نياز همايونيءَ، محمد عمر چنڊ، رئوف پارس دايي ۽ عبدالقيوم صائب موڪليا آهن. انهن خطن جا موضوع اُهي مواد آهن، جي "مهراڻ" ۾ شايع ٿيل آهن، پر اسين هن عنوان کي فقط "مهراڻ" تائين محدود رکڻ نٿا چاهيون. خالص علمي ادبي، تحقيقي ۽ ثقافتي موضوعن تي ان قسم جي تنقيدي رائزنيءَ جي اسين آجيان ڪنداسين. اهڙا بحث "خالص تنقيد" جي دائري ۾ شامل هجڻ کپن، جن سان سنڌي ادب جي ترقي مقصود هجي. — ايڊيٽر]

محترم ايڊيٽر صاحب، "مهراڻ نمبر ١-٢/٩٣ع نظر مان نڪتو. مواد جي اعتبار کان ڀيو ته سيڪجهه نيڪ هو، پر شيخ اياز جي مضمون تي اچرج لڳي. ڪيس دنيا جهان جي شاعرن جو شجرو ته ياد آهي، پر پاڙي جي پروڙ ڪانهي ته شڪارپور جي پرسان همايون جي مشهور ديني عالم ۽ بزرگ شاعر مولانا عبدالغفور همايونيءَ جو تخلص "مفتي" نه بلڪ "مفتون" هو. جنهن جو شعر به ذڪر هيٺ آيل آهي:

"تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا،
زندان هزارين مان نه رڳو."

ڪنهن زماني ۾ شيخ اياز خود ان جي تتبع تي طبع ازمائي ڪندي شعر لکيو هو، جنهن تي مرحوم عليءِ محمد خالديءَ چڱي تنقيد ڪئي هئي.

اُن کان اڳ اياز ٿو لکي ته "هڪ پيري مراد علي ڪاظم" همايون تعلقي شڪارپور ۾ فشريز کاتي ۾ ڪوئي عملدار ٿي آيو هو ته مان ۽ لعل محمد "لعل" هن سان ملڻ ويا هياسي."

هن باري ۾ عرض ته همايون ۾ ڪڏهن به ڪو فشريز کاتو ڪونه هو، نه وري اتي ڪوئي اهڙو عملدار ٿي آيو هو.

انهيءَ مضمون ۾ مرحوم لطف الله بدوي، جهڙي عالم ۽ استاد جي جيڪا تحقير ڪئي وئي آهي، تنهن لاءِ اياز کي پيو ڪين ته پنهنجي مرحوم دوست احسان بدوي جو ته لحاظ ڪرڻ کپندو هو. ان جي والد بزرگوار جي اها درگت ڪين، ٿي سونهي سگهي.

لکي ٿو: "مرحوم لطف الله بدوي، جيڪو علامه اقبال جي "اسرار خودي" ۽ رموز بيخودي، وانگر فارسي، ۾ مثنويون لکندو هو. اهو نه رڳو اقبال جو تتبع ڪندو هو، پر فارسيءَ ۾ زير اضافت ۽ واو عطفي چڱي طرح وزن ۾ نه آڻي سگهندو هو. مان هن جي ڪم آندل واو عطفيءَ کي واءِ لُطفي چوندو هوس."

لطف الله بدويءَ جي علمي حيثيت تسليم ٿيل هئي، جنهن جو ثبوت سندس تاريخي تصنيف تذڪرهٔ "لُطفي" ۽ ٻين معياري ڪتابن جي صورت ۾ موجود آهي. شيخ اياز پاڻ به فارسي زبان ڪاليج واري زماني ۾ ان بزرگ کان ئي سکي هئي. منهنجو ساڻس سنو رستو هو ۽ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته بدوي صاحب فارسيءَ ۾ ڪابه مثنوي نه لکي هئي. ان بابت اهو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ته هن جهڙو ٻرک عالم ۽ فارسيءَ جو ماهر زير اضافت ۽ واو عطفي جي استعمال کان واقف نه هوندو. اهي سبق ته فارسيءَ جي شاگردن کي شروعات ۾ ئي سمجهايا ويندا آهن:

"نام حق برزبان همي رانيم،
ڪ به جان و دلش همي خوانيم.

ها، باقي اها ڳالهه آهي ته بدوي صاحب ڪڻ - ڀنگ ۽ اڪ - ٽيڻ جي وچ ۾ ان ريت اضافي نشان نه ڏيندو هو جيئن شيخ اياز هرويرو پنهنجي طرفان اضافو ڪندو آهي.

ٻچاڙيءَ "واو عطفيءَ کي واءِ لطفي لکڻ، اها مرحوم جي وڏي هتڪ آهي، جنهن تي سيني کي ڏک ٿيو هوندو.

اڳتي هلي شيخ اياز هڪ خانداني واقعو بيان ٿو ڪري. "منهنجي پيءُ لوڊن جي ڳوٺ شڪارپور ۾ بنگلو ٺهرايو هو، جنهن ۾ هڪ سنگ مرمر جو تلاءُ هو، جنهن تي منهه هو، جو ڊاک جي ول سان ڇانيل هو. اهو بنگلو ۽ باغ ٽنين ڏهاڪي واريءَ ٻوڏ ۾ ٻڏي ويو."

اهو واقعو هڪ به دفعا اڳ به اياز منهنجي، غلام ربانيءَ، تنوير عباسيءَ ۽ ٻين دوستن جي روبرو ٻئي نموني دهرايو هو، جيڪو صرف ڳوٺ جي ننڍڪي ۽ ٻوسڪيءَ جي ٻوتڙي تائين هو. هاڻ شايد (تنوير چوائيءَ) مهانگائيءَ جي ڪري ان ۾ ايڏو اضافو اچي ويو آهي. تن ڏينهن ۾ جاچ ڪندي معلوم ٿيو هو ته لوڊن ۾ غلام حسين شيخ (اياز جي والد) جو اهڙو ڪوبه بنگلو ڪونه هو. نه وري اتي ڪنهن ڏهاڪي ۾ ڪا ٻوڏ آئي هئي. اهو ننڍڙو ڳوٺ سکر کان ڪوئٽا ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪپ تي اڃا سوڌو آباد آهي، جتان نامياري صوفي بزرگ ٻيدل فقير جي ڳوٺ ڏانهن رستو وڃي ٿو.

مضمون ۾ اياز ٽئي ۾ ٿيل "جمعيت الشعراء سنڌ" جي هڪ مشاعري جو ذڪر به ڪيو آهي، جنهن ۾ مرحوم محمد بخش "واصف"، مرحوم ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" ۽ غلام محمد "نظامي" مرحوم شريڪ ٿيا هئا ۽ پاڻ اتي وڃي پورا به ڪلاڪ ڏونهان دار ("دهوان دهار") تقرير ڪئي هئائين.

مان تنهن زماني ۾ ريڊيو پاڪستان (ڪوئنس روڊ) تي هوندو هوس. منهنجي رهائش اياز قادري، جي فليٽ ۾ رام باغ هائي (آرام باغ) روڊ تي هوندي هئي. هفتي ۾ هڪ ٻه دفعا اياز قادري، سان گڏ نظامي صاحب وٽ. سنڌ اسلاميه هوٽل تي وڃڻ ٿيندو هو، جتي مرحوم الهه بخش "سرشار" عقيلي ۽ ٽنڊي جي مشهور شاعر علي محمد خالدي، سان ڪچهريون ٿينديون هيون. مون کي ياد آهي ته تڏهن اهڙي قسم جو ڪوبه مشاعرو ٽنڊي ۾ ڪونه ٿيو هو، نه وري شيخ اياز اتي پهچي ڪا "دونهان دهار" تقرير ڪئي هئي.

"شيخ اياز" اهڙي نموني جو هڪ پيو به عجيب انڪشاف ڪيو آهي ته "مون حاجي محمود "خادم" جو ڪتاب "رهنماء شاعري" پهرئين درجي انگريزي ۾ پڙهيو هو. معلوم هجڻ گهرجي ته ڪتاب "رهنما ۽ شاعري" مرحوم ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" جو لکيل آهي، جيڪو "مسلم ادبي پرنٽنگ پريس" حيدرآباد، ١٩٣٨ع ۾ ڇپرايو هو؛ باقي حاجي محمود "خادم" عروض تي "رياض بلاغت" نالي ننڍو ڪتاب لکيو هو.

شيخ اياز اهو مضمون لکندي مختلف شاعرن کان متاثر ٿي "مطالعي مطابق" جيڪا شاعري ڪئي آهي، سا سنڌيت جي مزاج کان بلڪل عاري پئي لڳي. ڪيس ڪيي ته پنهنجي مشاهدي مرجب شاعري ڪري. سندس شاعري، جا هيٺيان ٽڪرا ڏيان لائق آهن:

(١) رابيل جنان چهري واري
چو دير ڪري آئي آن. (رابيل جنان چهرو)

(٢) ڪَن منهنجا
سڏ تنهنجي تي ڪَنائن ٿا پيا. (ڪنن جو ڪنائڻ)

(٣) پو به مان ڳايان پيو.
ڪيترا اسرار سلجهايان پيو. (اسرار سلجهائڻ)

(٤) هڪ سورج ماٺهوء اندر آ،
دن رات ٻُجهي ٿو جو نه ڪڏهن. (دن رات)

(٥) هو جن جا نعرا آس هنا،
جا آس نه جَرَ تي ڦوٽو هئي،
ڪيڏو نه تصور ڪوٽو هئي. (؟!)

(٦) ٻُڪ ۾ منهن کي جهلي،
ڪالهه تنهنجو پيار مون پيتو پئي. (؟)

(٧) درياهه ته ڪوني بربط آ،
مضراب جنان هر لهر متان
هو واري ساڻ هلائي ٿو. (؟)

(٨) جنن عڪس ڪڏهن آئيني جو
غمخوار ڪڏهن به نه ٿيٺو آ.

(هن تان فارسيءَ جي هڪ سٽ ياد آئي: "عڪسِ آئينہ ڪُجا، غمخواريءِ عاشق ڪُجا.")

هونءَ بہ دستور آهي تہ ڏاريءَ شاعري جي مطالعي جي نتيجي ۾ جيڪي خيال پيدا ٿين ٿا، تن کي مروڙي سروڙي پنهنجيءَ زبان ۾ بيان ڪرڻو پوي ٿو، جا ڳالهہ ٻوليءَ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿئي ٿي، ڇو تہ ان ۾ محاورن جي ستياناس ٿي ويندي آهي.

اوهان جو، ـ نياز همايوني.
حيدرآباد سنڌ.
٨ـ سيپٽمبر ١٩٩٣ع

★ ★ ★

پيارا سائين

اوهان جو موڪليل مهراڻ جو پرچو ١ـ٢ سال ١٩٩٣ع جو ڪالهہ پهتو آهي. اوهان جون لک مهربانيون ۽ ٿورا. وڏا وڙ ڪيا اَٿوَ. رسالي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور مرحوم بابت منهنجي مضمون ڇاپڻ لاءِ بہ آءٌ اوهان جو ٿورائتو آهيان. مهراڻ گهڻي عرصي کان پوءِ ڏٺو اٿم، تنهن ڪري انين چنبڙي پيو آهيانس جيئن مک گُڙ کي چنبڙي پوندي آهي يا جيئن اڃايل ڍور پاڻيءَ تي ڪرندو آهي. سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ رسالي کي ڪٿان پڙهڻ شروع ڪريان ۽ ڪٿي وڃي پورو ڪريان. هتي هڪڙي هنڌان ٿو اٿلايان تہ هُتان ٻئي هنڌان ٿو وڃي نڪران. ڳالهہ اڃا تہ ڪا ميچالي ۾ ويٺي ڪانهي ـ سواءِ هڪ جي!

محترم شيخ اياز صاحب جو مضمون "شاعريءَ جا فني قدر" پڙهيم پئي تہ ان ۾ ٽي ڳالهيون اهڙيون ڏٺم، جن جي پچار ڪرڻ ضروري ڄاتم تہ جيئن ڳالهيون صاف ٿي سگهن. انهن ٽن ڳالهين مان هڪڙي آهي. "حضرت سليمان جي راڳن جي راڳ" بابت. ٻي آهي ٽئگور ۽ نذرالاسلام ۽ اقبال جي موسيقيت بابت، ۽ ٽي آهي ميران ٻائيءَ جي ڪلاسيءَ هئڻ بابت.

پهريائين "حضرت سليمان جي راڳ" يا "راڳن جي راڳ" بابت اهي سڀ عبارتون ٿو هڪڙي هنڌ رکان، جن جي پچار ڪرڻ ضروري ڄاتم.

شيخ اياز صاحب لکيو آهي تہ "... جيئن ڪرستان روايت ۾ سليمان جو گيتن جو گيت جو "نثري نظم" ۾ آهي ... (صفحو ١٢) ... مون انجيل ۾ "نثري شاعري" حضرت سليمان جي راڳن جي راڳ ۾ ڏٺي ... مقدس بائبل ... نئون ۽ پراڻو عهدنامو "ڪنهن پادريءَ" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو ... (صفحو ١٨) ... متي جاٽايل انجيل جا ٽئي ترجما مون وٽ اڃا تائين آهن. سنڌي نسخي مان راڳن جي راڳ جا ڪجهہ چوند ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو، جي خوبصورت "نثري نظم" وانگي آهن ... (صفحو ١٩) ... اهو آهي حضرت سليمان جو راڳن جو راڳ جو هڪ نثري نظم وانگر لڳي ٿو ... (صفحو ٢٢)

هنن عبارتن ۾ جن چئن ڳالهين جي پچار ڪرڻي آهي سي هي آهن:

(١)حضرت سليمان جو راڳ ڪرستان روايت جو راڳ آهي يا نہ؟ (٢) اهو راڳن جو راڳ انجيل

مقدس جو حصو آهي يا نہ؟ (٣) هي راڳ اصل ٻوليءَ (عبراني) ۾ نثر جو ٽڪرو ڪري لکيو ويو هو يا نہ؟ (٣) سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ وارا پادري ڪير هئا؟

پهرين ڳالهہ تہ هيءَ راڳ ڪرستان مسيحي يا عيسائي روايت جو راڳ نہ پر يهودي يا عبراني روايت جو راڳ آهي. حضرت دائود عليه السلام ڏانهن جيئن زبور جو ڪتاب The Psalms of David منسوب آهي تيئن يا اُن جي مقابلي ۾ هيءَ ڪتاب جنهن جو ٻئو نالو آهي "راڳن جو راڳ جيڪو سليمان جو راڳ آهي" يا "راڳن جو راڳ جيڪو سليمان جو راڳ آهي"، حضرت دائود جي پٽ حضرت سليمان ڏانهن مَنسوب آهي. حالانڪ تحقيق مطابق اها پڪ ڪانهي تہ هيءَ ڪتاب واقعي حضرت سليمان جو ڪتاب آهي يا ان ۾ ڄاڻايل راڳ حضرت سليمان جا راڳ آهن. پر جيئن تہ حضرت سليمان لاءِ مشهور آهي تہ گهڻيون ئي زالون هئس، ان ڪري سندس دربار ۾ جيڪو بہ ڪو عشقيہ راڳ ڪنهن بہ ڳايو يا وري پوءِ واري زماني ۾ ڪنهن ڳايو سو حضرت سليمان جي نالي ڪري ڪتاب ۾ لکي ڇڏيائون. حضرت دائود عليه السلام جو ڪتاب زبور حضرت دائود جي انهن گيتن تي ٻڌل آهي جيڪي حضرت دائود عليه السلام الله تعالي جي شان ۾ پاڻ ويهي ڳائيندو هو، جو جبل، ماڻهو، مرون پکي پکڻ ان جا گيت ٻڌي مست ٿيندا هئا. ڪتابن لکڻ وارن پوءِ پيءُ جي نعتيہ گيتن جي مقابلي ۾ هي عشقيہ گيت حضرت سليمان جي نالي منسوب ڪيا، انهن جا لکندڙ، چوندڙ يا ڳائيندڙ ٻيلي پوءِ ڪير بہ هئا.

ٻي ڳالهہ تہ هيءَ راڳن جي راڳ وارو ڪتاب انجيل مقدس جو حصو ناهي، جيئن شيخ صاحب سمجهيو آهي. پاڻ اها غلطي ان ڪري ڪئي اٿن جو پانيائون تہ جيڪا شئي ڪرستانن جي ڪتابن جي دڪان تان ونبي سا ضرور ڪرستانن سان ئي تعلق رکندي هوندي ۽ ڪرستانن سان تعلق رکڻ واري ڪتاب ڪي ضرور انجيل ئي چئبو. پر ڳالهہ ائين ناهي. ڪرستانن سيئي (٣٩) پراڻا ڪتاب يهودين وارا جيڪي حضرت عيسيٰ پاڻ پڙهيا هئا ۽ ٢٧ نوان ڪتاب عهد جديد وارا جيڪي حضرت عيسيٰ جي متعلق يا عيسائيت جي متعلق حضرت عيسيٰ کان پوءِ لکيا ويا سي سيئي ٦٦ ڇاهٺ ڪتاب عيسائين هڪ هنڌ گڏي رکيا آهن ۽ انهن سيني کي عيسائي سڏين بائبل. بائبل لاطيني ٻوليءَ ۾ چون ڪتاب کي، جيئن پاڻ چئون ذالک الکتاب، معنيٰ اهو ڪتاب، معنيٰ اهو قرآن. انهن مان ٣٩ ڪتاب عهد عتيق يعني پراڻي وعدي (حضرتا موسيٰ سان الله تعال. جي وعدي) وارا آهن جن ۾ سڀ پراڻا پيغمبر حضرت عيسيٰ عليه السلام کان اڳ وارا اچي وڃن ٿا. پاڻ جنهن ذڪريا کي سڃاڻون ٿا ان کان تقريباً ٽي سئو سال اڳ واري هڪڙي ذڪريا ۽ مالاخي جي ڪتابن تي عهد عتيق يا اولڊ ٽيسٽامنٽ Old Testament جا هي ڪتاب پورا ٿين ٿا جيڪي سيئي يهودي يا عبراني روايت سان تعلق رکن ٿا. انهن ٣٩ ڪتابن مان پهريان پنج ڪتاب حضرت موسيٰ ڏانهن "منسوب" ٿيل آهن (حضرت موسيٰ جا واقعي لکيل ناهن پر ڏانهنس "منسوب" ٿيل آهن، جن کي تورات ٿو چئجي.) اهي ٣٩ ڪتاب عيسائي پنهنجي بائبل ۾ عهد عتيق جي نالي ۾ رکن ٿا، پر گهٽو ڪري انهن کي پڙهندا ناهن. چو جو سندن سوچ مطابق جيڪو وعدو پراڻو ٿيو سو رد ٿيو، جيڪو نئون هوندو تنهن تي هلبو.

عيسائي روايت جا ڪتاب عهد جديد (نئون وعدو) The new Testament سڏجن ٿا. نئين وعدي جو مطلب آهي حضرت عيسيٰ عليه السلام سان ڪيل الله تعاليٰ جو وعدو. هن حصي ۾ چار وڏا ڪتاب آهن جن ڪي متيءِ جو انجيل، مارڪ جو انجيل، لوقا جو انجيل، ۽ يوحنا جو انجيل سڏجي ٿو. يعني انهن مان ڪوبہ ڪتاب اهو انجيل ناهي جيڪو حضرت عيسيٰ تي لٿو. پر انهن ڪتابن ۾ حضرت عيسيٰ جي ڪهاڻي انهن چئن ماڻهن جي طرفان لکيل ملي ٿي. انهن انجيلن کان پوءِ پال ۽ پيٽر ۽ جان جا ٢٣ خط ۽ ڪتاب آهن پنهنجي عيسائي پائرن ڏانهن جيڪي سڀ نئين وعدي. عهد جديد يا نيو ٽيسٽامنٽ ۾ آهن. تنهن ڪري هي راڳ نڪي انجيل جو حصو آهي، نڪي ڪرستان يا عيسائي يا مسيحي روايت جو حصو آهي.

ٽئين ڳالهہ تہ هي راڳ انگريزيءِ ۾ يا سنڌيءِ ۾ وٽيوَ تہ نثر ۾ ترجمو ڪيو ۽ نثر ۾ پڙهو. وٽيوَ تہ نظم ۾ ترجمو ڪيو ۽ نظم ۾ پڙهو. جيئن وٽيوَ تيئن لکو ۽ پڙهو يا ڳايو. پر هي "راڳ" اصل عبراني ٻوليءِ ۾ "راڳ" هئا. جيئن سندن نالي مان ئي پڌرو آهي. اهي معمولي راڳ نہ هئا پر راڳن مان چونڊ راڳ هئا. تنهن ڪري انهيءِ سجي ڪتاب کي سڏيائون ٿي "راڳن جو راڳ". اهي نثر ۾ لکيل ٽڪرا ڪونہ هئا جيئن شيخ صاحب سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻ پلي انهن راڳن کي هاڻي سنڌي يا انگريزيءِ جي نثر ۾ پڙهون پر اهي اصل ۾ نثر نہ هئا. ڏسو ڪونہ ٿا تہ نالو ئي اٿس "حضرت سليمان جو راڳ. "راڳن جو راڳ." راڳ ڪهڙي ڏينهن نثر ۾ لکبو هو؟ سنڌي يا انگريزي واري ترجمي ۾ پاڻ کي ان اصل راڳ جو ڪهڙو سواد حاصل ٿيندو؟ اهو هاڻي نثر ۾ هجي تہ ڇا، جي نظم ۾ هجي تہ ڇا؟ اصل جو لطف ڪڏهن نقل مان نٿو اچي سگهي. اها ڳالهہ مون کي پنهنجن لفظن ۾ چوڻ جي ضرورت ڪانهي. ان لاءِ آءٌ خود شيخ اياز صاحب جا لفظ ٿو ورجايان جيڪي انهيءِ ساڳئي مضمون ۾ صفحي ٣٢ تي پاڻ لکيا اٿن. "مون بہ ائين محسوس ڪيو آهي تہ هر لفظ کي روح آهي جو صدين جي ارتقا مان گذريو آهي ۽ اهو روح فقط مادري زبان ۾ ئي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو."

چوٿين ڳالهہ تہ شيخ اياز صاحب لکيو آهي تہ نئون ۽ پراڻو عهدنامو ڪنهن پادريءِ سنڌيءِ ۾ ترجمو ڪيو هو. پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ اهو عرض آهي تہ سنڌيءِ ۾ بائبل مقدس جو ترجمو ڪرڻ وارا بہ غير پادري ماڻهو هئا. جن مان هڪڙو تہ هو اسان جو مرزا قليچ بيگ صاحب، جنهن انهن ١٦٦٩ صفحن مان تقريباً اڌ يا ان کان سرس ڪتاب جو ترجمو پاڻ ڪيو هو انگريز آفيسرن ۽ پادرين جي درخواست ڪرڻ تي، ۽ اهڙي ڪم سر انجام ڏيڻ کان پوءِ حڪومت وارن ڪيس گهڻو نوازيو هو. اها ڳالهہ مرزا صاحب جي ڪتاب سائو پنو ڪارو پن يا اهڙي نالي واري ڪنهن سندن پنهنجي سوانح عمري واري ڪتاب جي آخري صفحن ۾ ڪنهن هنڌ لکي پئي اٿو. مون وٽ هتي اهو ڪتاب ڪونهي نہ تہ آءٌ اوهان کي صفحو بہ ٻڌايان ها. ۽ انهيءِ ڪتاب ۾ ان ٻئي ماڻهوءَ جو نالو بہ ڄاڻايل آهي جنهن رهيل اڌ جو ترجمو ڪيو هو. اهو ماڻهو گهڻو ڪري اصل هندو يا سک هو ۽ مون کي چڱيءَ طرح ياد ڪونهي پر سمجهان ٿو تہ اهو ماڻهو ترجمي ڪرڻ کان اڳ يا پوءِ ڪرستان ٿي ويو هو. مرزا صاحب جي پويان بہ يُوريون گهڻيون ئي بچيائون ۽ ان جي چڪر ۾ اڻ - سڌيءَ طرح ڪيس عيسائي ٿيڻ لاءِ راغب ڪرڻ

جون گهڻيون ني ڪي ڪوششون ڪيانون، پر مرزا صاحب پنهنجي ڳالھ تي پڪو رهيو ۽ بقول شاھ صاحب "توڻي چورين ڏنا چال تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا."

(٢) راڳن جي راڳ جي عبراني ٻولي جي راڳ هئڻ ۽ اسان جو ان کي سنڌي يا انگريزي نثر ۾ تا پڙهون ان تان وري شيخ صاحب جي ان رمارڪ ڏانهن تو توجھ وجي، جيڪو ياڻ اقبال کي نذرالاسلام ۽ ٽيگور سان ڀيٽيندي ڏنو اٿن. ياڻ صفحي ٣٤ تي لکيو اٿن "هاڻي اقبال جو ايترو ترنم ۽ موسيقي شاعريءَ ۾ پيدا ڪري سگهيو آهي. جيترو ترنم ۽ موسيقي نہ ٽئگور ۾ آهي، نہ نذرالاسلام ۾ آهي."

تمام گهڻي معذرت سان عرض ڪرڻ جي آئون اجازت ٿو گهران تہ جيڪڏهن ڪو انگريز يا بنگالي يا چيني يا جاپاني مون کي چوي تہ شاھ عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ ايتري موسيقيت ۽ ترنم پيدا نہ ڪري سگهيو آهي جيتري مائيڪل جيڪسن ڪري سگهيو آهي تہ مون کي ٻڌايو تہ آءٌ اتي اُنهيءَ ماڻهوءَ کي ڪهڙي قسم جو وجي هار پهرايان. شيخ اياز صاحب اقبال جو فارسي ۽ اردو ڪلام پڙهيو آهي ۽ سمجهيو آهي، ايتري قدر جو ايترو ياد بہ ڪيو اٿس جو تاجڪستان وارن کي "سرود انجم" جو بند ياد ڏياريو اٿس. ٽئگور ۽ نذرالاسلام کي ترجمي ۾ شيخ صاحب برابر پڙهيو هوندو. لانگ پلي بہ برابر ڪٿي ٻڌا هوندائين پر جنهن وقت هڪڙو بنگالي نذرالاسلام يا ٽئگور جو گيت ويهي ڳائيندو ۽ مست ٿيندو اتي شيخ صاحب ۽ مون کي ڪهڙي خبر پوندي تہ ڳائيندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دلين تي ڇا پيو وهي واپري. انهيءَ کي چئبو آهي تہ اهڙي ڳالھ ڪٿي ڇڏجي جو هُنُ تہ ڇتي! وري بہ اياز صاحب جا پنهنجا لفظ ورجايان تہ اهو روح فقط مادري زبان ۾ ئي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو. شيخ صاحب ۽ منهنجي مادري زبان بنگالي ناهي ان ڪري اسان ٻنهي کي ڪو حق ڪونهي تہ ٽئگور ۽ نذرالاسلام جي موسيقيت کي اقبال جي موسيقيءَ سان ڀيٽيون ۽ ان تي هڪڙي منجهائيندڙ راءِ ڏئي ڇڏيون. البتہ آءٌ بنگال ۾ رهيو آهيان ۽ نہ رڳو انهن جو نمڪ کاڌو اٿم پر انهن جي موسيقيءَ کي اُتي رهي ٻڌو اٿم ۽ ڪنهن حد تائين ان کي سمجهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي اٿم ۽ اجان تائين ڪي بنگاليءَ جا گيت بہ ياد اٿم ۽ جهونگاري بہ سگهندو آهيان ۽ انهن جي موسيقيت ڪان ٿورو گهڻو محظوظ بہ ٿي سگهندو آهيان. ان ڪري مون تي لازم آهي تہ ٽئگور ۽ نذرالاسلام جي ڪلام ۾ موسيقيت جي گهٽتائيءَ بابت جڏهن ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي واتان ڪا ڳالھ ٻڌان جنهن کي انهيءَ ٻوليءَ جي ڄاڻ ۽ ڳالهائڻ جي ڪا دعويٰ ڪانهي تہ مون تي حق آهي ۽ لازمي آهي تہ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪريان. لوڻ جو حق ملهايان ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي سنڌس پنهنجا لفظ ياد ڏياريان تہ "هر لفظ کي روح آهي جو صدين جي ارتقا مان گذريو آهي ۽ اهو روح فقط مادري زبان واري جي ئي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو." "ڏارين کي ان ۾ موجود موسيقيت ڪيئن ڏسڻ ۾ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندي!

(٣) ٽئين ڳالھ آهي ميران ٻائيءَ جي ٻچن جو مصرعو، جنهن ۾ سس تي چويس تہ ميران ڪلناسي آهي:

ساس کهي ميران کلناسي ميران کهي مين بهگوان داسي

اياز صاحب ڪلناسي جو ترجمو هيئن ڪيو آهي "سس چوي ٿي تہ ميران ڪل (خاندان) کي ناس

ڪيو آهي." يعني شيخ صاحب جي خيال مطابق ڪُل معنيٰ خاندان ۽ ناسي معنيٰ ناس ڪرڻ واري. ان جي جواب ۾ ميران تي چوي ته آءُ ته اپاٽهار جي ٻانهي آهيان. دراصل سس کي اهو فڪر ڪونهي ته ميران ڪا ڏائڻ آهي دنيا کي ڇهاڙيندي کائيندي ناس ڪندي تي وڃي. سو ڪو مهٽو ڏجيس. سس کي دراصل اهو فڪر آهي ته هيءَ ڇوري ڪنهن غير مرد جي عشق ۾ ڦاسي وئي آهي الائي ڇا جو وتي ٿي ڳائيندي وڄائيندي ۽ نڪي ٿي گهر جو خيال رکي. نڪي ٿي گهر جي عزت جو خيال رکي. گهٽو ئي ڇنجيس ٿو پر ٻڌي ئي نٿي. گهنگهرو پايو پيرن ۾ ويٺي سڄو ڏينهن نچي. وڏي ڪُلناسي يا ڪلناسي آهي، ٻي پتي آهي، اٿاسي آهي. ناس پتو ڪونهيس، ٻي نڪي آهي. اٿاسي ته ٿي اُها جنهن کي ناس نه هجي. پر ڪلناسي اها جيڪا ناس پتي جي فقدان واري نه پر بڇڙي ناس واري هجي. جيئن چون هيري يا سورمي کي نائڪ، جيڪو هيرو يا سورمو نه هوندو سو ته ٿيو اسورمو يا انائڪ، پر جيڪو هيري جي ابتڙ بنهه ولين Villian هجي تنهن کي وري چوندا ڪلنائڪ. جيئن اڄ ڪلهه هڪڙي فلم به اهڙي نالي سان ڪڍي اٿن. ان ۾ گانو به ڏنو اٿن جنهن جا ٻول آهن ته تو نائڪ نهين ڪلنائڪ هي تو. تيئن ميران ٻائيءَ جي سس به کيس تي چوي ته "تون شرم واري ناس پتي واري ته اصل ڪونه آهين پر الٽو بڇڙي ناس پتي واري، بڇڙي رويي ۽ اخلاق واري آهين جو گهر ۽ مڙس جي بدناميءَ جو ڪوبه خيال ڪونه اٿئي." تڏهن ميران سس کي تي چوي ته" مائي تون ڀُليل آهين. آءُ ته داسي ٻانهي آهيان ڀڳوان جي."

اهي ٿي ڳالهيون مون کي سجهي آيون سي عرض ڪيم. اڳتي واري قصي کي اوهان پاڻ ڄاڻو.

نياز مند

محمد عمر چنڊ

بروناءي، دارالسلام

سيپٽمبر ١٣، ١٩٩٣ع

★ ★ ★

مانوارا سائين!

مهراڻ ١-٢/١٩٩٣ع پنهنجي خوبصورت ٽائيٽل سان هٿن ۾ آهي، مجموعي طور پسند آيو، پر نياز همايوني جي شاعري کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، خاص طور پٽائي، سچل، فريد، ڪبير، تلسي، ميران، باهو ۽ سعدي جي ذڪر سندس هر بند کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مضمون "لطيف شناسيءَ لاءِ نيون سوچون ۽ نوان قدم" لطيف تي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم ۽ مضبوط (Guide line) ثابت ٿي سگهي ٿو. مخدوم بلال جي شهادت واري مسئلي تي غلام محمد لاکي قلم کڻي اسان سڀني جي ترجماني ڪئي آهي، جنهن لاءِ هو ڪيرون لهڻي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو "تر ۾ جين ڌرم" مضمون به سٺو ۽ معلوماتي آهي. هيري ٺڪر سنڌ کان ڏور رهي به، سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. اهي ڪاوشون ڪيس مٿانهون

مقام ڏيارين ٿيون. سرڳواسي جهامن داس ڀاٽيا جي "پرارٿنا ـــ ٢" ۾ آيل ميران ٻائي جي هڪ ڀڄن جي حوالي سان، مضمون موڪليان پيو.

ـــ رئوف پارس دايو، گهوٽڪي

# راڻا ني ڀيڄا زهر پيالا

تازو ٽماهي "مهراڻ" جنوري - جون ١٩٩٣ع جو پرچو نظر مان گذريو، جنهن ۾ محترم جهامن داس ڀاٽيا جو هڪ مضمون بعنوان "پرارٿنا ـــ ٢" ڇپيو آهي (١). مذڪوره مضمون هوندي به بيحد معلوماتي آهي، جنهن ۾ ڀڳت روپچند جي جيون جي مختلف پهلوئن کان اسان کي واقف ڪيو آهي ۽ هڪ مهان پُرش جي جيون ڪٿا کي هن ننڍڙي مضمون ۾ جامع نموني سمايو ويو آهي، پر منهنجو اصل موضوع ميران ٻائي آهي. هن مضمون ۾ هندستان جي مهان شاعره ۽ اتان جي لوڪن جي دلين جي ڌڙڪڻ ۾ ڀڳتي ڀاو رکندڙ عظيم عورت ميران ٻائي جو سندس هيٺين ڀڄن جي حوالي سان مختصراً ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ڀڄن اسين هت جيئن جو تيئن ڏيون ٿا:

ميري راتا جي مئن تو گوبند کي گن گانا،
راتا ني ڀيڄا زهر پيالا مئن امبرت ڪر پي جانا،
دبيا ۾ ڪالا نانگ جو ليڇا، مئن سالگرام ڪر جانا،
ميران ٻائي پريم ديواني، مئن تو سانوريا ڪو پانا.

ميران ٻائي جي مٿين ڀڄن جي پهرئين بند جي پهرين ۽ ٻي مصرع کي پڙهڻ سان اسان کي هڪ غلطي نظر ايندي، جيڪا آهي "راتا". هر اهو ماڻهو جنهن جي نظر مان ميران جو هي ڀڄن گذرندو ۽ ان ميران کي اڳ به ڪڏهن نه پڙهيو هوندو ته هو ان مونجهاري ۾ مبتلا ٿي ويندو ته اهو "راتا جي" ڇا آهي؟ دراصل اهو لفظ "راتا جي" نه پر "راڻا جي" آهي.

ان معمولي غلطي ميران جي هن رسيلي گيت جون ٽنگون ڀڃي ڇڏيون آهن. دراصل ان ڀڄن / گيت جي اصل پڙهٽي هيئن ٿيندي:

ميري راڻا جي مئن تو گوبند کي گن گانا،
راڻا ني ڀيڄا زهر پيالا، مئن امبرت ڪر پي جانا،
دبيا ۾ ڪالا نانگ جو ڀيڄا، مئن سالگرام ڪر جانا،
ميران ٻائي پريم ديواني، مئن تو سانوريا ڪو پانا.

جيڪڏهن هن گيت جي حوالي سان ميران ٻائي جو ذڪر نڪتو آهي ته اچو ته ڏسون اهو راڻو ڪير آهي، جنهن ڪيس مارڻ لاءِ ڏانهس زهر پيالو ڇرنا مرت ۽ ڪارو نانگ دٻي ۾ بند ڪري هار ڪري موڪليو. ڪيس مارڻ جا سبب ڪهڙا هئا؟

ميران ميڙتا جي راڄ گهراڻي جي هڪ سندر ناري هئي، جنهن جي شادي سندس ١٨ ورهين جي عمر ۾ ميواڙ جي حاڪم راڻي سنگرام سنگهه (راڻي سانگا) جي وڏي پٽ راڄڪمار يوڄراج سان سن ١٥١٦ع ۾ وڏي ڌام ڌوم سان ٿي (٣). ميران پنهنجي ور سان نهايت ئي سکي زندگي گهاري رهي هئي ۽ سندس شاديءَ جي ڏهن سالن کان پوءِ سن ٢٧-١٥٢٦ع ۾ سندس ور هڪ لڙائي ۾ مارجي ويو (٤). سندس وَرَ جي وره کي آڃان ڇهه مهينا به نه گذريا هئا ته سندس بيءُ، بابر سان هڪ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو ۽ سندس سهرو راڻو سانگا ان يڌ ۾ سخت گهايل ٿي پيو، جنهن کي پوءِ سندس ئي راڄ درٻارين سازش ڪري زهر ڏيئي ماري ڇڏيو (٥).

انهن واقعن پڳتي ڀاوَ رکندڙ ميران جي من تي تمام وڏو اثر ڪيو ۽ ميران هن ڪوڙي سنسار جو تياڳ ڪري ساڌن ۽ سنتن جي صحبت ۾ هلي ويئي، جتي ڪيس مڪر فريب، منافقي، لالچ ۽ لوڀ کان پاڪ سچو پريم مليو ۽ هڪ چمار کي پنهنجو گرو ڪيائين.

هوڏانهن ميران جي سُهري جي موت کان پوءِ سندس ڏير راڻي رتن سنگهه کي ميواڙ جي تخت تي ويهاريو ويو. ميران، جنهن رويداس کي پنهنجو گرو بڻايو هو جو ذات جو هريجن هو، جي اها ڳالهه نئين راڻي کي نه وڻي. هن ميران کي گهڻو ئي سمجهايو ته هڪ راڄ گهراڻي جي پاٽياڻي کي اها ڳالهه نٿي سونهي ته موچڪو ڌنڌو ڪندڙ هريجن ذات جي هڪ معمولي انسان کي پنهنجو گرو بڻائي. ميران تي ان نصيحت جو الٽو اثر ٿيو ۽ هو پنهنجي گرو جي جيئن پوءِ تيئن ويجهو ٿيندي ويئي. ان ويجهڙائپ راڻي رتن سنگهه کي تهان وڌيڪ مچرائي وڌو. راڻي پنهنجي ڀيڻ اودا ٻائي، جيڪا ميران جي رشتي ۾ نڻان هئي، کي اهو ڪم سونپيو ته هوءِ ميران کي سمجهائي. ميران تي اودا ٻائي جو حيلو به نه هليو ۽ هو دنياداري کان بي خبر پنهنجي مستي ۾ مگن رهي. ميران تي انيڪ تهمتون مڙهيون ويون ۽ ميران چئن سالن تائين پنهنجي ڏير جي عتاب هيٺ رهي، جيڪو ١٥٣١ع ۾ پنهنجي مامي سورج مل سان هڪ ويڙه ۾ پرلوڪ پڌارت ٿيو. راڻي رتن سنگهه جي موت کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ وڪرماديتيه ميواڙ جون واڳون سنڀاليون (٦).

هن راڻي به ميران سان به پهر ڪوبه ڪهتايا. پهريائين هن ميران کي نرميءَ سان سمجهايو پر جڏهن ڏٺائين ته ميران تي سندس نصيحت ۽ دٻدٻي جو ڪوبه اثر نه ٿيو ته هن ڪيس مارائڻ جو پڪو پهه ڪيو. هن ميران ڏانهن هڪ سوني ڪٽوري ۾ زهر وجهي ان کي چرنا مرت جو نالو ڏيئي ڀيڻ لاءِ هن ڏانهن روانو ڪيو. اها پروڙ ميران جي نڻان اودا ٻائي کي پئجي ويئي، جا پهريائين ميران جي سخت مخالف هئي ۽ بعد ۾ ميران جا گڻ ڏسي ميران سان پيار ڪرڻ لڳي تنهن ڪيس ان منصوبي کان آگاه ڪيو. پر ميران جيڪا پريم جي رنگ ۾ رڱجي چڪي هئي، ان زهر کي امرت ڌارا ڪري پي ويئي، جنهن جو مٿس ڪوبه اثر نه ٿيو ۽ زهر پيئڻ کان پوءِ به ان روحاني مستي ۾ ڀڄن ڳائيندي رهي (٧). ان جو ذڪر "سنڌي گيت" ڪتاب ۾ به ٿيل آهي ته "ڪيس هڪ ڀيرو زهر به ڏنو ويو، پر مٿس ڪو اثر نه ٿيو" (٨). مٿئين ڀڄن جي پهرين بند ۾ ميران جنهن راڻي کي مخاطب ٿي چيو آهي ته:

میري راڻا جي مئن تو گوبند کي گن گانا.
راڻا ني پيجا زهر پيالا، مئن امبرت کر پي جانا.

اهو راڻو سندس ڏير ۽ ميواڙ جو حاڪم راڻو وڪرمادتيه آهي. ميران ان زهر جو ذڪر پنهنجن ڪيترن ئي پدن ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ راڻي جي ان سازش کي بار بار وانکو ڪيو اٿائين:

راڻا جي تين زهر ديو مئن جاڻي
جئسي ڪنچن دهت اگن ۾ نکست بارا بانٽي
لوڪ لاج ڪُل ڪاڻ جڳت کي، دي بهايه جيون پاڻي
اپني گهر کا پردا ڪرلو، مئن ابلا بوُ راڻي
ترڪس تير لڳيو ميري هِيري، گرڪ گيو سن ڪاڻي
سب سنتن پرتن من وارون، چرڻ ڪمل لپٽاڻي
ميران ڪو پربو راک لئي هئه، داسي اپني جاڻي(٩)

يا

راڻي پيجا وش کا پيالا، پيوت مست هوني(١٠)

راڻو وڪرم جيڪو ڪروڌي سڀاوُ رکندڙ هو، ۽ ميران کي راڄ گهراڻي جي نڙ تي ٽڪو ته هوئڻ ئي سمجهندو هو، ويتر جو ڪيس لوڪ جا طعنا ملڻ لڳا، تنهن هڪ ڀيرو ڀيهر ميران جي جان وٺڻ جو فيصلو ڪيو. ايتري همت راڻي وڪرمادتيه ۾ نه هئي جو ميران کي سڌو سنئون قتل ڪرائي، ڇو ته ميران جي مائٽن ۾ سندس وارث ۽ ميڙتا جا حڪمران جيئرا هئا. هن ڀيري راڻي وڪر مادتيه اها سازش سِٽي ته ميران کي اهڙي طرح ختم ڪيو وڃي جو ان جو الزام ڪنهن تي به نه اچي ۽ موت به اتفاقي نظر اچي. راڻي هڪ زهريلو ڪارو نانگ زيورن جي دٻي ۾ وجهي سونو هار ڪري سوکڙي طور ميران ڏانهن موڪليو (١١). راڻي سمجهيو ته ميران جيئن ئي اهو زيورن جو دٻو کوليندي ته زهريلو نانگ کيس چڙهڻ ئي نه ڏيندو.

ان نانگ جو ذڪر پڻ ميران شروعاتي پچن جي هيٺ بند ۾ هن طرح ڪيو آهي:

دبيا ۾ ڪالا نانگ جو ليجا، مئن سالگرام ڪر جانا.
ميران هائي پريم ديواني، مئن تو سانوريا ڪو پانا.

ان سلسلي ۾ مختلف روايتون آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته ڪنهن ميران جي خير خواه ان نانگ جي جڳهه تي نو لکو هار وجهي ميران ڏانهن موڪليو ۽ ڪجهه روايتن ۾ اهو ذڪر تو اچي ته اهو دٻو جڏهن ميران کوليو ته ان ۾ نانگ نو لکي هار ۾ تبديل ٿي ويو. بهرحال ميران راڻي جي هن سازش کي به پنهنجي اڪثر پدن ۾ وانکو ڪيو آهي:

پيٽيان باسڪ پيجيو، يوچي موتيڙان رو هار
ناگ گلا ۾ پهريو، مهاري محل پيو اجيار.

يا

سانپ پٽارو موڪليو، دو ميرا ڪي هاٿ،
ڪول پٽارو ديکيو، هوگيو نوسر هار.(١٢)

ميران هڪ اهڙي تہ پختي ارادي جي مالڪياڻي هئي جو هن هر مصيبت جو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ پنهنجن ارادن تي اٽل ۽ ثابت قدم رهي. راڻي رتن سنگھ جي زندگيءَ ۾ ميران جي سنتن جي صحبت ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڪجھ عرصو اودا ٻائي، ميران ٻائي سان تمام گھڻو جهيڙيو ۽ اهو جهيڙو ايستائين رهيو جيستائين اودا ٻائي ميران جي سچائي جي پرک نہ ڪئي. ان جهيڙي جي جهلڪ ميران جي هن گيت ۾ ڏسي سگهجي ٿي:

اودا ٻائي:

ٻايي ميران سنو ڪان دي سمجهو من ڪي مانيہ،
ساڌان رو سنگ ڇوڙ ديجو مني مانڪي لانڇن لگايہ.

ميران ٻائي:

يو مارگ مهاني نيٺ مليو ڇي ستگرو ديو بتايہ،
ماٿا ساٽي ڏارڻ ڪيدو ڪونڪر ڇوڍيو جايہ.

اودا ٻائي:

جنم ٻڙو گهر پايو، تون آئي ٻڙا گهر مانيہ،
مُوند ملڪري ڪاٿين جاٽي ٿون راجريت نڪرايہ.

ميران ٻائي:

ڀڳتي بنا نڪرائي جهوني، ماني نهين سمايہ،
راجپاٽ سب ڏريا ريسي جلسي جنگل مايہ.

اودا ٻائي:

لوگ دنيا ٿاري نندا ڪري ڇي سارا سيرڪي مانيہ،
ڪٽم قبيلا ٿاري هانسي ٿاني هل مل نندا گايہ.

ميران ٻائي:

نندا مهاري پلي هي ڪر جوليسي پلو بچايہ،
بنا صابن اور پاڻي ڪي سبهي ميل ڌُل جايہ.

اودا ٻائي:

اب ميرا مان ليجيو مهاري، ٿاني سکيان برجي ساري،
راڻا برجڻ، راڻي برجڻ، برجڻ سب پريواري.
ساڌن ڪي ڍنگ بنٺ بنٺ، لاج گمائي ساري،
نت پرتي اُٺ نيچ گهرجاوو ڪُل ڪوُن لگاوي گاري.

ميران ٻائي:

تاريو پيهر ساسريو تاريو، مايہ موسالي تاري،
ميران ني ستگرو جي مليا، چرڻ ڪمل بلهاري.

ميران جي جنم کي پنج سؤ سالن جي قريب عرصو گذري چڪو آهي پر هوءَ اڄ بہ هندستان جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ رهندڙ عام ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي ۽ جڏهن ميران جا گيت يا ڀڄن سارنگي جي ساز تي ڳائجن ٿا تہ ٻڌڻ واري ۽ ڳائڻ واري تي وجد طاري ٿي وڃي ٿو ۽ هو پاوناڻن کي چڱيءَ ريت محسوس ڪري سگهي ٿو. سندس هر گيت ۾ رس ۽ چس پريل آهي جو ڪو قدر وارو ئي چکي سگهي ٿو.

بهرحال ميران پنهنجن ڏيرن جا جيڪي ظلم سٺا، هر ظلم کيس مضبوط ۽ محڪم بڻايو ۽ ميران صبر سان گڏ انهن ظلمن خلاف آواز پڻ اٿاريو ۽ احتجاج طور ساٿن پنهنجا سڀ سڳ ٽوڙي ڇڏيا. ميران جي ان احتجاج جي جهلڪ سندس هنن پدن ۾ پڻ پسي سگهجي ٿي:

- راڻا ني سمجهاوو جاوو مئن تو بات نہ ماني،
  ميران ڪي پريو گرڌر ناڌن سنتان هات بڪاني.
- آج ڪال ڪي مئن نهين راڻا، جديو برهماند چايو،
  ميڙتيا گهر جنم ليبو هئہ، ميران نام ڪهايو.
- راڻا جي اب نہ رهونگي، توڙي هنڪي
  تمر جاوو راڻا گهر اپٽي، ميري تيري نانهہ سري.
- محل قلعا راڻا مونهہ نہ پايي، ساري ريسم پٽڪي،
  راڻا جي ڪرمان روسنگاتي، ڪل ۾ ڪوني نهين.
- راڻا جي هو، جات رو ڪارڻ مهاري ڪو نهين،
  لاگو مهارو هر پگتان سون هيت.
- پلي بري تو مئن نهين ڪينهي، راڻا ڪيون هئہ رسايو،
  ٿاني مهاني ديهہ دوي هئہ، جيانرو هري گڻ گايو.

## حوالا


(١) تماهي مهراڻ، جنوري ـ جون ١٩٩٣ع، ص ٢٧٦.
(٢) ساڳيو رسالو ص ٢٧٧.
(٣) ميران پريم ديواني، سال ١٩٨١ع ص ٣.
ڇپائيندڙ راڌاسوامي ستسنگ، بياس، ضلع امرتسر (پنجاب) ۽ تاج جويو: "سنڌي گيت" ص ١٦.
(٣) ساڳيو ڪتاب ص ٣.

(٥) ساڳيو ڪتاب ص ٥.
(٦) ساڳيو ڪتاب ص ١٩.
(٧) ساڳيو ڪتاب ص ٢٠.
(٨) تاج جويو: "سنڌي گيت" ص ١٧.
(٩) ميران پريم ديواني سال ١٩٨١ع ص ١٢٠.
(١٠) ساڳيو ڪتاب ص ١٠٣
(١١) ۽ (١٢) ساڳيو ڪتاب ص ٢٢.

_ رئوف "پارس" دايو، گهوٽڪي.

●●●

# سنڌي آئيوينا ڪاميٽي

سنڌي آئيوينا ڪاميٽيءَ جي عنوان سان، محترم مرزا مراد عليءَ جو مضمون، جيڪو ماهنامي "نئين زندگي"، سپٽمبر ـ آڪٽوبر ١٩٩٢ع ۾ شايع ٿيو آهي، منهنجيءَ نظر مان گذريو. اهو مضمون منهنجي هڪ وضاحتي تحرير جيڪا ته ماهي مهراڻ نمبر ١٩٨٩/٢ع ۾ "مرزا صادق علي بيگ ڪهڙي ڪاميٽيءَ تي هو"ـ عنوان سان ڇپيل آهي، تنهن جي جواب ۾ لکيو ويو آهي. مرزا مراد عليءَ پنهنجي ليکي هڪ سٺي ڪوشش ڪئي آهي، پر اها سچائي ڪانهي، ڇاڪاڻ جو، گهڻو ڪري قياس تي ٻڌل آهي. ويتر مرزا عباس عليءَ جي حوالي سان اُن ۾ ٻيجا غلط فهميون پکيڙيون ويون ۽ بزرگن تي چندبا وڌا ويا آهن. ان ڪري تاريخ کي درست رکڻ لاءِ مون کي وري قلم کڻڻو پيو آهي:
قياسي رايا:

(١) سنڌ جي ان وقت جي علمي تاريخ ۾ اهي ٻه نالا يعني مرزا محمد صادق ۽ مرزا صادق علي بيگ جا ملن ٿا. انهن کان سواءِ بيگ جي عمر سن ١٨٥٣ع ۾ فقط اٺ ورهيه هئي. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته سنڌي آئيوينا ڪاميٽيءَ جو اهو ميمبر مرزا محمد صادق ئي هوندو.

(٢) تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته پيرومل آڏواڻيءَ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" تان ورتا هوندا، ڇاڪاڻ ته ائتڪن به پنهنجي "گزيٽيئر" ۾ ڪاميٽيءَ جا نالا نه ڏنا آهن، جنهن جو پيرومل پنهنجي تاريخ ۾ حوالو ڏنو آهي.

(٣) مرزا عباس علي بيگ جو چوڻ آهي ته اها غلط فهمي خود محمد صديق ميمڻ جي آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن مشهور آهي، ته سندس نالي تي جيڪي به ڪتاب ڇپيل آهن، اهي سڀئي سنڌ جي هڪ مفلس پر عالم ماستر محمد صديق مسافر جا لکيل هوندا هئا. اهڙيءَ ريت "سنڌ جي ادبي تاريخ" به مسافر مرحوم جي لکيل هئي، جنهن ۾ هن صاحب سنڌي آئيوينا ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۾

مرزا محمد صادق جو نالو لکيو هو، جيکو محمد صديق ميمڻ ڪاٽي ان جي جاءِ تي "خانبهادر مرزا صادق علي بيگ مرحوم حيدرآبادي لکي ڇڏيو.

(۴) مرزا عباس عليءَ جي چوڻ موجب، سنڌي آئيوپنا ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا "مفرح القلوب" اخبار ۾ ڇپيا هوندا، جنهن تان محمد صديق مسافر اهي پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايا هوندا. پر اها فارسي اخبار ڪراچيءَ مان ان ڪاميٽيءَ جي مقرر ٿيڻ کان ٻه سال پوءِ سن ۱۸۵۵ع ۾ نڪرڻ شرع ٿي هئي. البت ان کان ڏهه ورهيه اڳ سن ۱۸۴۴ع ۾ ڪراچيءَ مان ني هڪ انگريزي اخبار شايع ٿيڻ شروع ٿي. ان اخبار ۾ پڪ سان سنڌي آئيوپنا ڪاميٽيءَ جي مقرر ٿيڻ ۽ ان جي ميمبرن جي نالن سميت خبر ڇپي هوندي.

(۵) بلڪ اها غلطي پهرين خانبهادر محمد صديق ميمڻ ڪئي، جنهن کي پوءِ ڀيرومل آڏواڻيءَ ورجايو ۽ ويندي هن وقت تائين هنن جي حوالن سان اها غلطي ٿيندي رهي ٿي.

منهنجي راين بابت عرض آهي ته:

(۱) تنهن ڪري سنڌي آئيوپنا ڪاميٽيءَ جو اهو ميمبر مرزا محمد صادق ئي هوندو. هتي لفظ "هوندو" پاڻ ئي شڪي صورت پيدا ٿو ڪري. هن دور ۾ جيستائين ڪنهن ڳالهه بابت پڪو پختو ثبوت نه مليو آهي، تيستائين ان بابت شڪ شبها اٿارڻ يا شڪ ڳاڏڙ ڳالهه ڪرڻ مناسب ڪانهي.

(۲) اهو چوڻ به درست ڪونهي ته ڀيرومل آڏواڻيءَ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" تان ورتا هوندا. ان سلسلي ۾ نڪي محمد صديق ميمڻ ۽ نڪي وري ڀيرومل آڏواڻيءَ ڪا وضاحت ڪئي آهي ته انهن اهي نالا ڪٿان ورتا. تنهن ڪري اهو چوڻ ته ڀيرومل اهي نالا محمد صديق ميمڻ جي "سنڌ جي ادبي تاريخ" تان ورتا هوندا، ڪنهن به صورت ۾ نٿو سڀاڻي. البت هڪ ڳالهه اڳيان اچي ٿي سا اها ته عربي - سنڌي آئيوپنا بابت اصلوڪي سموري لکپڙهه حيدرآباد سنڌ جي ٽريننگ ڪاليج فارمين جي دفتر تي رکيل هئي جنهن جي نشاندهي خود ڀيرومل پاڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" (صفحا ۲۶۲-۲۶۳ ڇاپو ٽيون - ادبي بورڊ) ۾ ڪئي آهي. محمد صديق ميمڻ جو به لاڳاپو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد سان رهيو آهي. ائين به ممڪن آهي ته ٻنهي بزرگن نالا انهيءَ اصلوڪي لکپڙهه تان ورتا هجن. ميمڻ صاحب ته رڳو ايترو لکيو - " (۵) خانبهادر مرزا صادق علي بيگ مرحوم حيدرآبادي"، پر ڀيرومل لکي ٿو: "خانبهادر مرزا صادق علي بيگ (مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ). هاڻي پڙهندڙ پاڻ ويچار ڪن ته غلط فهمي پهرين محمد صديق ميمڻ ڪئي آهي يا اها ڀيرومل جي ڏنگين ۾ ڏنل - "( مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ)". لفظن مان پيدا ٿي ٿئي. اها غلطي صريحاً ڀيرومل جي ڏنگين ۾ ڏنل عبارت مان پيدا ٿئي ٿي ۽ نڪي ڪي ميمڻ صاحب جي ڏنل نالي مان. تنهن ڪري مرزا صاحبان کي گهرجي ته هو پنهنجو رڪارڊ درست ڪري ڇڏڻ فرمائين. اهوئي هيل تائين مليل معلومات آهر صحيح ۽ درست آهي. ٻيو ته ڀيرومل ائين ڪونه چيو آهي هن اهي نالا انڪن جي گزيٽيئر تان ورتا آهن. هن ته صرف ايترو اشارو ڏنو آهي ته سنڌيءَ جي آئيوپنا ڪيئن ٺٽي ۽ ان لاءِ ڪهڙين شين کي آڏو رکيو ويو ۽ اها معلومات انڪن

واري "سنڌ گزيٽيئر" مان ورتي اٿس. ان مان ڪتي ٿو ظاهر ٿئي ته هن اهي نالا انهن جي گزيٽيئر تان ورتا آهن، جڏهن ته ان ۾ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا ڏنل ئي ڪين آهن.
(٣) مرزا عباس عليءَ جو اهو چوڻ ته محمد صديق ميمڻ جي نالي تي جيڪي به ڪتاب ڇپيل آهن، اهي سڀ ئي محمد صديق مسافر جا لکيل هوندا هئا. اهڙيءَ ريت "سنڌ جي ادبي تاريخ" به مسافر مرحوم جي لکيل هئي. اها ڳالهه ڪن مخالفن جي ذهن جو دم پختو آهي، ورنه ثبوت جي پايي تي پهتل ڪانهي. اهڙيءَ صورت ۾ بزرگن جي خلاف اهڙا اجايا اپر ويهي ڪين پرجن. ازان سواءِ اهو چاٽائڻ ته مسافر آئيوبنا ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۾ مرزا محمد صادق جو نالو لکيو هو، جيڪو ميمڻ صاحب ڪاٽي ان جي جاءِ تي "خانبهادر مرزا صادق علي بيگ مرحوم حيدرآبادي لکي ڇڏيو، پڻ هڪ بي بنياد نقطو آهي. مرحوم مسافر "ڪليات مسافر" ۾ پنهنجو حال احوال ڏنو آهي. هن ان ۾ يا ڪنهن ٻئي مضمون ۾ ڪڏهن به اهڙي دعويٰ ڪانه ڪئي آهي. ان صورت ۾ مرزا عباس عليءَ جي راءِ ڪي ڪوبه وزن ڏيئي نٿو سگهجي.
(٤) مرزا عباس عليءَ جو اهو چوڻ ته ان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا "مفرح القلوب" اخبار ۾ ڇپيا هوندا ۽ مسافر اهي نالا اتان ورتا هوندا، اها به قياسي ڳالهه آهي، "هوندا"_ جو صيغو ئي اهڙو آهي. مرزا عباس علي الائجي ڪهڙيءَ صديءَ جون ڳالهيون ويٺو ڪري. ڪيس هن دور جي تقاضائن کي سامهون رکڻ گهرجي. اهو به شوشو چلڻ ته سن ١٨٤٣ع ۾ ڪراچيءَ مان هڪ انگريزي اخبار نڪتي هئي، ان ۾ پڪ سان سنڌي آئيوبنا ڪاميٽيءَ جي مقرر ٿيڻ ۽ ان جي ميمبرن سميت خبر ڇپي هوندي؛ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ قياسي ڳالهه آهي. اسين رڳو ايترو چوڻ ٿا گهرون ته قياس جي بنياد تي تحقيق جي بلندين تي پهچي نٿو سگهجي.
(٥) هن جو جواب رايي نمبر ٢ بابت ڏنل جواب ۾ اچي ويو آهي.
هاڻي اسان جو محترم مراد علي مرزا پاڻ ٻڌائي ته غلط فهمي عبدالقيوم صائب کي ٿي آهي يا ڪيس ۽ سندس بزرگ عزيز مرزا عباس علي بيگ کي؟

_ *عبدالقيوم "صائب"*
حيدرآباد سنڌ

●

# مهربان لکندڙن کي چند خاص گذارشون

مهراڻ جا بيشتر ڪرمفرما، خاص ڪري شاعر پنهنجو ڪلام ڪاغذ جي مختلف سائيزن تي، رف نموني سان لکي ٿا موڪلين ۽ اڪثر پنهنجي پوسٽل ائڊريس به ٿا ڇاڻائين. هڪڙي ڪاغذ تي ٻه-ٽي ڪلام لکي موڪلڻ به معمول ۾ شامل آهي. ان قسم جي ڦهٽل مواد سبب پڙهڻ، چونڊ ڪرڻ، ترتيب ۾ شامل ڪرڻ ۽ پريس ڪاپي لاهڻ جي مرحلن ۾ ڪافي دشواري پيش اچي ٿي ۽ بعض اوقات معياري مواد به مٿين نقصن جي ڪري درج ٿيڻ کان رهجي ٿو وڃي.

مهربان لکندڙن کي خاص استدعا آهي ته پنهنجو مواد سُٺن اکرن ۾ فل سڪيپ شيٽ تي لکي موڪلين، ساڳيءَ شيٽ تي هڪ کان وڌيڪ شعر/مواد لکڻ يا ڪاغذ جي پُٺ تي لکڻ کان مڪمل پرهيز ڪجي ۽ پنهنجي پوسٽل ائڊريس ڇاڻائڻ نه وسارجي.

ساڳيءَ طرح، اها گذارش به "خاص طور" ڪبي ته مهرباني ڪري فوٽو اسٽيٽ مواد موڪلڻ کان پوريءَ طرح پرهيز ڪرڻ فرمائين. (ان قسم جي ڦهٽل مواد تي توجهه ڏيڻ کان معذوري رهندي.)

مواد موڪلڻ جي ائڊريس:

ايڊيٽر "مهراڻ"

سنڌ ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ- ڪوڊ نمبر ٧٦٠٧٠

وايا: حيدرآباد سنڌ

(فون: ٧١٢٧٦)

# تبصرا

# سماجيات جو تعارف

"سماجيات جو تعارف" لال بخش جسڪاڻي صاحب جي ڪوشش جو ثمر جنهن لاءِ هو جس لهڻي، سنڌي ٻولي، هونئن تہ ادبي لحاظ سان هڪڙي مالا مال ٻولي آهي، پر سائنسي لحاظ کان، سنڌي ٻوليءَ ۾ مواد ۽ ڪتابن جي ڏاڍي ڪوٺ آهي. ان ڪوٺ جا گهڻائي سبب هوندا، پر هڪڙو بنيادي سبب، منهنجي ذاتي راءِ موجب، Incentive جي گهٽتائي آهي. مارڪيٽ ۾ هلڪي قسم جا سطحي ۽ ايرا سيرا ڪتاب تہ جام آهن، پر ڪو مستند ۽ مفصل ڪتاب، سماجي سائنسن جي باري ۾ مشڪل سان ئي نظر ايندو.

ڪتاب لکڻ، سو بہ تفصيل ۽ تحقيق سان نهايت ئي اوکو ۽ وقت طلب ڪم آهي، جنهن لاءِ هڪ طرف تہ اوهان انگريزي ڪتابن مان مواد حاصل ڪيو، ان کي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ آڻيو ۽ ان کان پوءِ شايع ڪرايو. ۽ ايڏي جاکوڙ ۽ محنت جو ثمر ڇا؟ ڪجهہ بہ نہ. شاگردن کي لاڀ ملي ٿو، عام ماڻهوءَ کي ثمر ملي ٿو. پر بہ ئي سال محنت ڪندڙ، محقق کي، ان لاءِ ڪوبہ صلو ڪونہ ٿو ملي. نہ پروموشن، نہ انڪريمينٽ. پي. ايڇ. ڊي ڪندڙ لاءِ پروموشن بہ آهي تہ پگهار ۾ واڌارو بہ. اڌو گابرا آرٽيڪلس لکندڙ استاد کي پروموشن تہ ملي ٿو. پر ڪتاب لکندڙ کي ڪجهہ بہ نہ، ۽ نہ وري سندس ڪتاب لاءِ ڪا خاص مڃتا آهي.

جيتوڻيڪ ٿيڻ تہ ائين گهرجي، جو ڪتاب جي محنت کي بہ مڃجي. ڇاڪاڻ تہ ڪتاب مختلف تحقيقاتي، مضمونن جو ميڙ ٿئي ٿو، جنهن جو بنياد 'Secondary Data' تي ٿئي. ۽ هڪڙي اهڙي محنت، جنهن مان ٻيا بہ لاڀ پرائن ٿا. هزارها شاگرد ان ڪتاب مان علم جي پياس اجهائن ٿا. ۽ علمي طرح اهو ڪتاب شاگردن جي مدد ڪري ٿو. انهن کي علم ۽ ڄاڻ ڏئي ٿو.

اهڙيون حالتون، جن ۾ ڪا هڙ حاصل نہ هجي، اتي پنهنجو وقت ۽ رت ست ڏئي، عام ماڻهن ۽ شاگردن لاءِ ڪتاب لکڻ سچ تہ وڏو جهاد آهي.

۽ اهو جهاد، محترم لال بخش جسڪاڻي "سماجيات جو تعارف" لکي ڪيو آهي ۽ هن ڪتاب کي ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل، ڊائريڪٽر پاڪستان اسٽڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. محترم لال بخش جسڪاڻيءَ جو شمار سنڌيونيورسٽيءَ جي پڙهيل لکيل استادن ۾ ٿئي ٿو ۽ ساڳئي وقت سندس نانءُ حيدرآباد جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ نئون بہ ناهي محترم لال بخش جسڪاڻي ١٩٦٨ ۾ سماجيات ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ گذريل ارڙهن سالن کان پاڪستان اسٽڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ۾ بحيثيت استاد، پنهنجا فرائض منصبي ادا ڪري رهيو آهي.

سندس هيءَ ڪتاب، سماجيات جي ڪنهن هڪ پيپر يا مضمون جو احاطو نہ ٿو ڪري، پر سماجيات جي مڙني يا گهڻني مضمونن کي اپٽار هيٺ آڻي ٿو. "سماجيات جا اصول" هڪ طرف، تہ "سماجياتي فڪر" ٻئي طرف. ساڳئي وقت "سماجياتي تحقيقي طريقن" جي اپٽار بہ هن ڪتاب ۾ شامل آهي. ان ڪان سواءِ "جرميات" بابت پڻ ڪجهہ مواد، هن ڪاوش ۾ موجود آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪتاب ۾ تسلسل ۽ ترتيب بجاءِ گهڻو مواد، مختلف بابن جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن لاءِ مصنف پاڻ ئي لکي ٿو، "هي ڪتاب، علم سماجيات جو تعارف، اُستاد صاحبان، پڙهيل ڳڙهيل طبقي، علم وادب ۽ خاص طور علم سماجيات جي گهڻگهرن ۽ شاگردن لاءِ اعليٰ مقصد سان لکيو اٿم. باقي هي ڪتاب ڪنهن خاص ڪورس لاءِ لکيل ناهي. نہ وري هِنَ کي ڪورس جو ڪتاب سمجهڻ کپي. ائين ضرور آهي تہ پاڪستان اسٽڊي سينٽر شعبي سماجيات جا شاگرد هن ڪتاب مان گهڻو لاڀ پرائي سگهندا."

"سماجيات جو تعارف" ٻن مختلف حصن تي مشتمل آهي. ٻين لفظن ۾ 'Two in one' يعني ٻہ مختلف ڪتابَ. جيڪي هڪڙي ئي ڪتاب ۾ سموهيل آهن.

ڪتاب جو پهريون اڌ سماجيات بابت ڄاڻ تي مبني آهي. جنهن ۾ سماجيات جو تاريخي پس منظر سماجياتي مفڪرن جا نظريا. سماجياتي تحقيقي ڄاڻ، ان ڪان سواءِ اجتماعي ورثاءُ، ڪٽنب، ثقافت، ٻي راهہ روي، سماجي درجہ بندي. سماجي تحريڪون، ثقافتي تبديلي وغيره جهڙا مضمون شامل آهن. جڏهن تہ ٻيو حصو "پاڪستاني ثقافتي اپياس" تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڪستان جي چئن اهم ثقافتن بابت معلومات درج آهي.

سنڌي ثقافت واري اپياس ۾ باقاعده سَنَ پڻ ڏنا ويا آهن. ان ڪان سواءِ هن ڪتاب ۾ شاگردن ۾ پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ سماجياتي ڊڪشنري بہ موجود آهي تہ Index يا ڏسٽي جنهن سان ڪتاب جو مطالعو آسان ٿي پوي ٿو.

هي ڪتاب نہ رڳو پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي شاگردن لاءِ پر سي. ايس. ايس. جي امتحان ۾ ويهندڙ ساٿين لاءِ بہ مددگار ثابت ٿيندو. ان ڪان سواءِ ايم. ايڊ جا شاگرد بہ هِنَ مان لاڀ پرائي سگهندا. ۽ ساڳئي وقت عام ماڻهن لاءِ بہ معلومات جو خزانو آهي.

آخر ۾ هڪ ڀيرو وري مبارڪون لال بخش جسڪاڻي لاءِ. ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل لاءِ، جن جي ڪوششن ۽ سهڪار سان، هي ڪتاب اسانجن هٿن تائين رسيو ۽ ساڳئي وقت وري بہ فڪر جي دعوت، تہ اهڙن ڪتابن جي همت افزائي ۽ مڃتا ڪئي وڃي ۽ استادن جي اهڙين ڪاوشن کي ٻيشہ ورانہ اهميت ڏني وڃي.

— تنوير جوڻيجو

●

# ترقياتي اِقتصاديات

اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، جديد دور جي گهرجن کي آڏو رکندي، هيءُ ڪتاب وڏي اهتمام سان شايع ڪيو آهي ۽ ان جو ٻيو ڀاڱو به تازو ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

اصل ۾ ڏٺو وڃي ته، هن سموري دنيا ۾ اِنسان جو بنيادي مسئلو اِقتصاديات يا معاشيات ئي آهي ۽ اِنساني زندگيءَ جي شروعاتي دور کان وٺي جديد دنيا تائين: اِنسان جي سماجي، سياسي ۽ اِجتماعي زندگيءَ جي خوشحالي، امن، پائيداري، ۽ بقاءَ باهميءَ جو دارومدار اقتصاديات تي آهي، ان ڪري، هن موضوع جي اِفاديت ۽ اهميت بلڪل روشن آهي.

ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه صاحب، هن کان اڳ، "اِقتصادي فڪر جي تاريخ" جي نالي سان ڪتاب لکي چڪو آهي: جيڪو ڪافي مقبول رهيو آهي. ليڪن "ترقياتي اقتصاديات" (Economics of Development) جو موضوع اهڙو آهي، جنهن جي ضرورت، خاص ڪري اُسرندڙ مُلڪن ۾ وڏيڪ اهميت رکندڙ آهي. شاهه صاحب اِنهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي "مُهاڳ" ۾ لکي ٿو ته:

"اُنهيءَ ۾ ڪنهن به شڪ و شبهي جي گنجائش نه آهي ته، "ترقياتي اقتصاديات" جهڙي اشد ضروري مضمون ۽ فيلڊ متعلق، نظرياتي ۽ الحاقي ڄاڻ جي باعث زير ترقي مُلڪن جي اِقتصادي ترقي ۾ ايندڙ رڪاوٽن متعلق دستياب شمارياتي معلوماتن، اُنهن مُلڪن جي ماهرن کي اوسر جي حقيقي مسئلن ۽ مونجهارن کي دور ڪرڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي مددي راهه ۽ رهنمائي ميّسر ڪئي آهي."

اِها هڪ حقيقت آهي ته، جيڪي مُلڪ، اقتصادي لحاظ کان پٺتي پيل آهن، اُنهن مُلڪن ۾ فني ۽ اقتصادي ماهرن جي کوٽ آهي يا اقتصادي مسئلن جي ڄاڻ رکندڙ طبقو نه هئڻ جي برابر آهي: اُنهن لاءِ ترقياتي اقتصاديات تي معلومات جي وڏي ضرورت آهي. ڊاڪٽر صاحب اِنهيءَ فڪر کي سامهون رکندي، هن موضوع جو انتخاب ڪيو آهي. خاص طرح سان سنڌي ٻوليءَ ۾ اقتصاديات جي اهڙي خُشڪ، پر اهم موضوع کي، آسان، دلچسپ ۽ وڻندڙ انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب ڪيرون لهڻيون.

اسان جي مُلڪ ۾، اڪثر اقتصادي ناهمواري ۽ نا انصافي جي ڪري ئي، هڪ طرف ترقياتي رٿائن جو ڏيوالو نڪتل آهي ته ٻئي طرف صوبائي سطح تي، اقتصادي بي انصافي ۽ ناهمواري جي عام شڪايت آهي: جنهن ڪيترين ئي مشڪلاتون پيدا ڪيون آهن ۽ مُلڪ جي ڪنهن به شعبي ۾ دُرست ۽ متواضع رٿابندي نه آهي: ڇاڪاڻ ته: "ترقياتي اقتصاديات" جا جيڪي به شعبا آهن، اُنهن ۾ فني ماهرن جي شديد کوٽ آهي. جيئن ته ترقياتي اقتصاديات سان لاڳاپو رکندڙ مضمونن ۾، صنعتي اقتصاديات: انجنيئرنگ اقتصاديات: رياضي اقتصاديات: زرعي اقتصاديات: رٿابندي اقتصاديات: مادليات وغيره اچي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه صاحب، اِنهيءَ ضرورت کي اوليت ڏيندي، پنهنجي مطالعي ۽ تحقيق جي روشني ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾: "ترقياتي اقتصاديات" تي هيءُ ڪتاب ڏنو آهي؛ جيڪا سندس قابلِ تعريف خدمت آهي. سنڌيونيورسٽي ڄام شورو جي "اِقتصاديات جي شعبي" جي اُستاد صاحبن جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي تہ جديد دور مطابق، سنڌي ٻوليءَ ۾ اقتصاديات تي ڪتاب مهيا ڪيا وڃن. اِنهيءَ ڪوشش جو اهو نتيجو نڪتو آهي جو ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه جو هيءُ تحقيقي ڪتاب شايع ٿيو آهي.

"ترقياتي اقتصاديات" (پاڱو پهريون) نَوَن بابن تي مشتمل آهي. ڏهين نمبر تي حوالا ڏنل آهن. ٻارهين نمبر تي ڪتاب ۾ ڪم آيل فني لفظ / ٽرم (Glossary) ڏنل آهي.

هيءُ ڪتاب، موضوع جي افاديت ۽ اهميت جي لحاظ کان نہ صرف اقتصاديات سان تعلق رکندڙ استادن ۽ شاگردن جي مطالعي لاءِ نهايت ضروري آهي، پر عمومي طرح سان، هيءُ ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي لائق آهي ڇو تہ "ترقياتي اقتصاديات" تي ڇپجندڙ وسيع ترين مواد کي سهيڙي يڪجا پيش ڪيو ويو آهي. اِنهيءَ جي علاوه، هيءُ اهڙو موضوع آهي، جنهن ۾ اقتصادي معاملات، جيڪي نہ رڳو بين الاقوامي آهن. پر اِنساني زندگيءَ جي روزمره حالات سان وابستہ آهن؛ انهن تي عام فهم ٻوليءَ ۾ بحث ڪري، سمجهايو ويو آهي ۽ ترقي يافتہ مُلڪن ۽ غير ترقي يافتہ ملڪن جي اصل ڄاڻ بہ ملي ٿي. پنهنجي مُلڪ جي اقتصادي ترقي لاءِ رهنمائي ۽ رهبري حاصل ٿئي ٿي ۽ جديد دور جي اقتصادي مسئلن کي رٿابنديءَ سان حل ڪرڻ جي طور طريقن جي معلومات حاصل ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر صاحب، جنهن اُميد ۽ آس سان هن موضوع کي سنڌيءَ ۾ ترتيب ڏنو آهي، ان لاءِ پاڻ "مُهاڳ" جي آخر ۾ لکي ٿو:

"آس اٿم تہ هن ڪتاب مان مستفيض ٿي، هر پڙهندڙ ڪتاب جي مول مقصد يعني "اِڪنامڪ مئن" ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو. اجاين خرچن، فضول ڪاٻي، غير ضروري اخراجات کي ترڪ ڪري، پنهنجي پنهنجي خاندان، قبيلي، معاشري، خطي ۽ مُلڪ، خاص طور سان سنڌ جي اندروني اڻ ترقي يافتہ علائقي جي ترقيات ۾ سرجوش، عملي ۽ ڀرپور حصو وٺي سگهندو."

توقع آهي تہ ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه، مختلف سيمينارن ۽ جلسن ۾ پيش ڪيل پنهنجي تحقيقي اقتصادي مقالن کي ٻڻ سنڌي ٻوليءَ جو ويس ڍڪائي، وڏيڪ خدمت سر انجام ڏيندو.

هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي شايع ڪيو آهي. ان جا صفحا ۵۵۲ آهن ۽ قيمت ۱۶۵ رپيا آهي.

*— ڊاڪٽر گل حسن لغاري*

●

# نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون

شهر حيدرآباد ڪان ٿورو پريرو ڦليلي واهه پرسان، هڪ تمام پراڻي وسندي آهي، جنهن جو نانءُ ٽنڊو ٺوڙهو آهي. ٽنڊو ٺوڙهو پنهنجين باوقار حاويلين، لئبررين، آرام باغن ۽ مرزا خاندان جي ڪري تمام گهڻو مشهور آهي. مرزا خاندان سنڌ جي متبرڪ ۽ معزز خاندانن مان هڪ آهي. هي خاندان "جارجين" تعلق جي ڪري ٻن طبقن يعني ڪرسچين ۽ شيعه مسلمانن ۾ ورهايل آهن. مرزا خاندان جي پراڻي ٽهي اڃان تائين به فارسي زبان پڙهندي ۽ لکندي آهي. محرم مهيني جون روايتون ۽ مشاعرا رچائڻ هنن جي انوکي ثقافت جو عجيب حصو آهن.

سچائيءَ ۾ يقين ۽ ويساهه، پنهنجي خالص نسل تي افتخار ۽ فطرت سان پيار ڪرڻ واري ماحول ڪري، هن خاندان وڏا وڏا شاعر مصور سيلاني، آفيسر ۽ قانون دان پيدا ڪيا آهن.

ڪتاب "مرزا نادر بيگ جون ڪهاڻيون"، جنهن کي مرزا خاندان جي هڪ سهڻي ۽ سيبتي نوجوان اديب نصير مرزا ترتيب ڏنو آهي. ۽ ائين ڪري هن پنهنجي مانائتي خاندان جي تاريخ ۽ روايتن جي حفاظت سان گڏوگڏ پڙهندڙن کي اوائلي دور جي هڪ بنيادي ڪهاڻيڪار سان واقفيت به ڪرائي آهي. هي ڪتاب ٢٢ ڪهاڻين ۽ هڪ ڊرامي تي مشتمل آهي.

ٽنڊي ٺوڙهي جا مرزا "جارجين" (گُرجي) طور به سڃاتا ويندا آهن. هي لاڳاپو ٻن همر وطنن "مرزا خسرو بيگ" ۽ "مرزا فريدون بيگ" جي ڪري آهي. هي ٻئي ڪرسچين نوجوان ١٧٩٤ع ۾ ايران ۽ روس جي جنگ ۾ ايرانين وٽ قيد ٿي ويا هئا. هنن جو باقي رهيل سڄو خاندان ايراني لڙاڪا گروپن هٿان قتل ٿي ويو ۽ اهي ٻئي قيدين جي هڪ ڪاروان ۾ ايران نيا ويا. پر هي رستي ۾ ٿي ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا، ۽ پوءِ اهي ڪافي وقت رلندا رهيا. ڪڏهن تبرين ڪڏهن ڪٿي، آخرڪار اصفهان شهر ۾ هي وري مليا ويا، جتي هڪ ايراني خاندان هنن کي اجهو فراهم ڪيو.

ان وقت سنڌ تي ان مهل ٽالپرن جي حڪمراني هئي ۽ انهن جا ايراني بادشاهن سان تمام ويجها لاڳاپا هئا. ۽ هڪ روايت اها به آهي، جو ان وقت جي ٽالپر بادشاهه کي ڪو اولاد ڪونه هو. سو ان مهل جي ٽالپر حڪمران مير ڪرم علي ٽالپر جي خواهش تي وڏي پاڻ مرزا خسرو بيگ کي ميرن ڏانهن پٽ طور موڪليو ويو. ۽ سگهو پوءِ مرزا فريدون بيگ به ان جي خواهش تي سنڌ هليو آيو. ميرن جي درٻار ۾ هنن جي وڏي پذيرائي ٿي ۽ جوان ٿيڻ بعد کين تمام وڏا عهدا آڇيا ويا.

برطانوي حملي ۾ ميرن جي حڪومت درهم برهم ٿي وئي ۽ ١٨٤٣ع ۾ حيدرآباد جي پڪي قلعي تي مقامي جهنڊي بدران يونين جيڪ لهرائي رهيو هو. ٽالپر مصيبتن جو شڪار ٿي ويا ۽ قيدي ڪلڪتي مڪا ويا. ٽالپرن جي بچيل ڪچيل خاندان ۽ مرزا خاندان ان مهل اچي ٽنڊي سائينداد ۾ پناهه ڳولي، پر وري سندن گهرن تي حملو ڪيو ويو ۽ انهن کي ساڙيو ويو، تڏهن ٽالپر خاندان اتان کان به لڏي ويا ۽ ٽنڊي مير محمود ۾ ويٺا. جڏهن ته مرزا خاندان نواب ولي محمد لغاري جي جاگير

ٿوڙهي جو ٿنڊو وڃي وسايو ۽ پوءِ اهائي وسندي اڄ ٿنڊي ٿوڙهي جي نالي سان مشهور اهي.

مرزا خسرو بيگ ١٨٦٠ع ۾ وفات ڪئي. جڏهن ته فريدون بيگ ١٨٧١ع ۾ فوت ٿي ويو. سندس چار پٽ نامور ٿيا. اهي پُٽ هئا، صادق قلي بيگ مرزا، جيڪو ان وقت جي سنڌي اخبار "سنڌ سڌار" جو ايڊيٽر هو. جعفر قلي بيگ مرزا، هي پهريون مسلمان FRCS ڊاڪٽر هو ۽ هن ڪراچيءَ ۾ هڪ علاج گهر مفت ۾ هلايو ـ ۽ ٽيون مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ جو باني نثر نگار ۽ ڊراما ليکڪ ٿي اڀريو. مرزا علي قلي بيگ، سچل سائينءَ جي رسالي جي مرتب طور مشهور ٿيو. مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب ۾ پهريون شخص هو، جنهن انگريزي ۽ روسي ٻوليءَ جي عظيم ڪلاسڪ کي سنڌي ويس پهرايو. ان سان گڏ "سائو پن يا ڪارو پنو" جي نالي سان هن پنهنجي جيون ڪٿا به لکي. برطانوي راڄ کيس شمس العلماءِ ۽ قيصر هند جا لقب ڏنا. مرزا قليچ بيگ شيخ خاندان منجهان هڪ سيبتي ڇوڪري خيرالنساء سان وهانءُ رچايو. جنهن مان ١٨٩١ع ۾ کيس پٽ ڄائو. نالو رکيائونس مرزا نادر بيگ. ۽ پوءِ هڪ ڌيءَ ڄڻ ڄمي، جيڪا ڪالرا وگهي فوت ٿي وئي.

جڏهن مرزا نادر بيگ ڪهاڻيون سرجڻ شروع ڪيون، ان مهل برصغير ۾ تمام اوچي درجي جا ليکڪ لکي رهيا هيا. مثلاً عطيه فيضي، منشي پريم چند ۽ سجاد حسين يلدرم، جيڪي ان وقت سڄي ننڍي کنڊ تي ڇانيل هئا.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي ذاتي ڊائريءَ ۾، جيڪا هو وهانءَ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين ساندهه لکندو آيو هو، اُن ۾ مرزا نادر بيگ جي ذهني اوسر ۽ ادبي اوسر جو لڳاتار ذڪر ڪندو آيو. ڪوٽڙيءَ جي هڪ سرڪاري بنگلي ۾ جنم وٺندڙ نادر بيگ بعد ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽي جو ميمبر بڻيو ۽ پڙهڻ لکڻ جي ڪم ۾ جُنبي ويو. اُن سان گڏو گڏ هو ڊرائنگ ۽ پينٽنگ، راڳ ۽ موسيقي سان به پنهنجو سنگ نڀائيندو آيو. هن انگريزي ۾ به شاعري ڪئي. ١٩٠٦ع ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته: "جڏهن منهنجو ڀاءُ مرزا جعفر بيگ پنهنجي گهر واري ايڊيليڊ، ٻن پٽن سڊني مرزا ۽ اسٽينلي مرزا ۽ هڪ ڌيءَ گريس سان لنڊن هليو ويو ته مون پنهنجي پٽ نادر بيگ کي به انهن سان گڏ موڪليو ته جيئن اتان بار ـ ايٽ ـ لا ـ ڪري اچي.

سن ١٩١٢ع ۾ مرزا نادر بيگ پنهنجي تعليم پوري ڪري سنڌ موٽيو ۽ پنهنجي دور جي سماجي ۽ ادبي جوڙ جڪ ۾ قدم بقدم اڳتي وڌڻ لڳو. پنهنجي پيءُ جي مرضي خلاف پنهنجي ڪزن گريس سان شادي رچايائين ۽ ائين هن پنهنجي خاندان جي ناراضگي ۽ ڪاوڙ حاصل ڪري ورتي. مرزا قليچ بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر جي پوسٽ تان رٽائر ٿيو ۽ ٣ جولاءِ ١٩٢٩ع ۾ انتقال ڪري ويو. تنهن وقت تائين نادر بيگ سنڌيءَ جو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ٿي اڀري چڪو هو. هن جديد انداز ۾ ڪهاڻين سرجڻ جو رواج وڌو ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هن جو نالو به آسانند مامتورا ۽ امرلال هنگورانيءَ سان گڏ ليکجڻ لڳو. هنن جو دؤر برصغير ۾ ترقي پسند تحريڪ کان ڪافي اڳ وارو دور هو.

ڪهاڻي ڪار طور ڪهاڻين ۾ مرزا نادر بيگ ١٩٢٠ع کان وٺي ١٩٣٠ع دوران سنڌ جي شهري سماج جو هڪ چٽو اتهاس پينٽ ڪيو آهي. هي نوجوان ليکڪ "موهنيءَ جي ڊائري" سان ادب جي

دنيا ۾ وارد ٿيو. جيڪا ان وقت جي مشهور رسالي "سنڌوءَ" ۾ ڇپي. موهني هڪ اهڙي علامت آهي، جيڪا نادر بيگ جي گهڻين ڪهاڻين ۾ امر ٿي ويل آهي ۽ چيو ٿو وڃي ته هي اها هندو ڇوڪري آهي جنهن سان مرزا اجهل پيار ڪيو هو. موهنيءَ جي ڊائريءَ ۾ هن هڪ سندر ڇوڪريءَ ڪي ڏيکاريو آهي جيڪا پنهنجي ور سان تمام خوش خوش گذاري رهي آهي. سندس ور هڪ استاد هوندو آهي. هن ڪهاڻيءَ جا ڪردار جنهن ۾ ڪاليجي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ۽ انهن جا وڏل ڪلچرڊ مائٽ هوندا آهن ۽ جيڪي پنهنجيون شامون بال رومس ۽ شهر جي ڪلبن منجهه گذاريندا آهن. پارسي ڇوڪريون، مسلمان زميندار ۽ هندو هن جي ڪهاڻين جا ۽ پڻ سنڌ جا خاص ڪردار آهن.

هڪ ٻي ڪهاڻي "عينڪ جو آزار" سماجي طور تي هڪ سڌي اظهار واري ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي هڪ زال ۽ ان جي قانون دان مڙس جي ڇوڏاري ڦري ٿي. هنن کي پنهنجي ڪاليجي ڇوڪري لاءِ هڪ سيبتي ۽ سهڻي ڇوڪريءَ جي تلاش هوندي آهي، مگر جڏهن ڇوڪري ڏسندا آهن ته، اُنهن جا مائٽ تقاضا ڪندا آهن ته ڇوڪرو پڙهيل ڳڙهيل، خوبصورت، لبرل ۽ پردي جو مخالف ٽائپ هجي. هن جي اها ڪهاڻي ١٩٣٠ع واري دؤر جي شهري سوسائٽيءَ جي قدرن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي هڪ چٽي تصوير آهي. ان سان گڏو گڏ سندس ڪهاڻين ۾ ان وقت جو ماحول ۽ ترقي پسند تحريڪ جا پورا پورا عڪس ملن ٿا. "ماءُ جي محبت" ڪهاڻي ڪم ڪندڙ ڪلاس جي نمائندگي ڪري ٿي. هڪڙو مِل ورڪر رام لال، هڪ ڳوٺاڻي مائي "ڪملا" سان وهانءُ رچائي ٿو. مائيءَ جا مائٽ ڪنهن به قسم جي ڏاج وغيره ڏيڻ جي حيثيت ۾ ناهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ ور جو زال سان ظلم وارو ورتاءُ ۽ سڄي خاندان جا ڏاج نه آڻڻ تي زهريلا طعنا ڪاميابيءَ سان ڏنا ويا آهن. آخر هوءَ هڪڙي ڏيءَ کي جنم ڏئي ٿي ۽ پوءِ انهيءَ ۾ ئي پنهنجي پناهه ڳولي ٿي. ڪيس مڙس جي نفرت وغيره جو ڪو به الڪو نه آهي.

جڏهن ته "محبت جو معجزو" ۽ "منهنجي خوش قسمتي" ڏند ڪٿائي ۽ تجسس سان ڀرپور ڪهاڻيون آهن. اهڙيون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ان کان اڳ ڪڏهن به نه لکيون ويون هيون. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ پيار ڪندڙ به روح مڪليءَ جي قبرستان مان نڪرن ٿا ۽ ٻي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار جو هڪ پڪيل روح سان منهن مهاڏو آهي، جنهن ۾ هو هڪ ٻئي سان ظاهر نموني ڳالهائن ٿا.

سندس هڪ ٻي ڪهاڻي "مس ماڊلين" پڻ هڪ جيڏن پوڙهن جي عجيب ڪٿا آهي، جنهن ۾ اهي پوڙها پنهنجي گهر وارين جي پرهٽ انگريز ڊانسر جو شو ڏسڻ ويندا آهن.

مرزا نادر بيگ جون ڪجهه ڪهاڻيون جيئن "مس رستم جي"، ان وقت جي سماجي حالتن جو چٽو عڪس پيش ڪن ٿيون.

نادر بيگ آخر ڪار پنهنجي گهر واري گريس کان ڌار ٿي وڃي ٿو. هنن کي چار پٽ ٿيا ۽ هڪ ڌيءَ. جنهن پوءِ خاندان جي مرضيءَ خلاف جسٽس فيروز نانا سان شادي ڪئي.

نادر بيگ ١٢ فيبروري ١٩٣٠ع ۾ انتقال ڪيو ۽ پنهنجن لکتن سميت وقت جي سمنڊ ۾ غائب ٿي ويو، جيستائين جو ڪيس سنڌيءَ جي سلوٽي سندر شاعر ۽ اديب ۽ سندس خاندان جي هڪ فرد

نصير مرزا ڪيس اتان ڪڍيو ۽ هڪ تاريخ وانگيان اسان جي آڏو آڻي بيهاريو. نصيں هن ڪتاب ۾ قيمتي ۽ نهايت يادگار تصويرن جو هڪ آلبم ۽ نادر بيگ جو جيون اسڪيچ به شامل ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ شيرين فيروز نانا جو هڪ انٽرويو پڻ شامل ڪيو آهي، جيڪا مرزا نادر بيگ جي سڪيلڊي ڌيءَ آهي.

هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي وڏي اهتمام سان شايع ڪيو آهي.

حسن مجتبيٰ

(ترجمو: حبيب ساجد)

## ڳالهيون منهنجي سنڌ جون

محترم غلام محمد لاکو سنڌ جي نوجوان اديبن ۽ محققن ۾ پنهنجو منفرد مقام ماڻيندڙ ڪاھوڙي قلمڪار آهي. سائين حسام الدين شاهه راشدي هڪ انٽرويوءَ ۾ سنڌ جي تاريخ لکڻ ۽ سهيڙڻ واري سوال جي جواب ۾ چيو هو، ته: "نوجوان لکندڙن جي هڪ جماعت هئڻ گهرجي، جن جا ذهن صاف ۽ واضح هجن؛ جن کي تاريخ لکڻ جي جديد طريقن جي ڄاڻ هجي، ته لاکو صاحب انهن ڄاڻن ۽ صاف ذهن تاريخ لکندڙن مان هڪ آهي. هن صاحب ننڍي وهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ ڪيترائي ڪارائتا ڪتاب ۽ اهم مقالا وڌا آهن. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران سندس ترتيب ڏنل ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" جي نالي سان ڇپجي مڃتا ماڻي چُڪو آهي. ان ڪتاب ۾ محترم غلام محمد لاکي سنڌ جي مشهور محقق ۽ مؤرخ سيد حسام الدين شاهه راشديءَ جا مقالا، تقريرون، خط، انٽرويو ۽ هڪ تصنيف تذڪره مشايخ سيوستان کي سهيڙي يڪجا ڪيو آهي. پير صاحب جي اهڙي متفرقه مواد جو هڪ مجموعو سن ١٩٨١ع ۾ "انجمن تاريخ سنڌ" پاران "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" جي نالي سان ڇپايو ويو هو. هي ڪتاب ان سلسلي جي ٻي ڪڙي آهي. مرتب چوائي: هن مجموعي ۾ ڪل ايڪيهه عنوان شامل ڪيا ويا آهن ۽ ان جا مکيه ٽي حصا ڪيا ويا آهن. پهرئين حصي ۾ پندرهن مضمونن، مقالن ۽ تقريرن کان علاوه انهن ڇئن خطن کي شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي پير صاحب جن مرتب ڏانهن لکيا آهن. اهو ڀاڱو ٣٣ صفحي کان ٢٢٩ صفحي تائين ڦهليل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ پير صاحب جن جا چار انٽرويو آيل آهن ۽ ٽئين ڀاڱي ۾ پير صاحب جي فارسي ڪتاب تذڪره مشايخ سيوستان جو سنڌي ترجمو ڏنل آهي. ٻيو ڀاڱو ٢٣٣ صفحي کان ٣٠٦ صفحي تائين ڪل ٧٣ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ٽيون ڀاڱو ٣٠٧ کان ٣٤٠ صفحي يعني ٣٣ صفحن تي ڦهليل آهن. انهن ٽنهي ڀاڱن کان علاوه ڪتاب جي منڍ ۾ ويهن صفحن تي مشتمل مهاڳ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ مرتب، سائين حسام الدين شاهه راشدي مرحوم جي حياتيءَ جو احوال ۽ سندس علمي، ادبي ۽ تاريخي ميدان ۾ ڪيل ڪم جو جائزو پيش ڪيو آهي.

محترم غلام محمد لاکي هن ڪتاب ۾ پير صاحب مرحوم جا جيڪي ناياب مضمون، مقالا،

انٽرويو ۽ تقريرون ڏنيون اهن، سي سڀ خاص اسان سنڌ جي نوجوانن ۽ نون لکندڙن لاءِ ڪارائتا آهن. سچ پچ انهن ڪي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري لاڪي صاحب اسان جي نوجوانن کي پير صاحب جي ناياب علمي ڪاوشن سان روشناس ڪرايو آهي. جيئن ڪتاب ۾ ڏنل ڀهريون مضمون "مغل شاهي زماني ۾ هندن جي فارسي تعليم" ڏنل آهي. اهو مضمون ماهوار "اخبار تعليم" اپريل ١٩٣٧ع ۾ شايع ٿيو هو، جو لاڪي صاحب محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جي معرفت هٿ ڪري شامل ڪيو آهي. هاڻي ڏنو وڃي ته اخبار تعليم جو ايترو قديم پرچو اسان جي نوجوان محقق کي ڪيڏي تڪليف سان هٿ آيو هوندو. اها مرتب جي ڪيڏي وضعداري آهي، جو ان ڪم ۾ جيڪي به دوست ساڻس معاون رهيا آهن، تن جا نالا ڏنا ويا آهن. ڪتاب ۾ آيل ٻيا مقالا جهڙوڪ "فتاويٰ عالمگيريءَ جا ٻه سنڌي مؤلف ۽ سنڌن بزرگ"، "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، "سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا"، "سلطان محمود بکري ۽ شاهه طهما سپ جا لاڳاپا" ۽ "فردوسي ۽ شاهنامي جو سنڌ تي اثر" وغيره کان علاوه ٻيا اهم مضمون ۽ مقالا شامل آهن، جن سڀني تي هن ننڍڙي تبصري ۾ تفصيل سان لکي نٿو سگهجي. هن مجموعي ۾ مختلف اديبن ۽ صحافين جا سائين حسام الدين راشدي کان ورتل انٽرويو به شامل آهن. دل چوي ٿي ته هتي انهن مان ڪجهه ٽڪرا نقل ڪريان. هِڪُ هِڪَ سٽ وارو سوال / جواب ڏيان ٿو، جو اڄ جي بگڙيل تعليمي ماحول موجب آهي. پير صاحب کان پڇيو ويو ته اڄڪلهه جي تعليمي سرشتي مان توهان مطمئن آهيو؟ جواب: "نه نه، مطمئن! ڇا مان سمجهان ٿو ته زندگي ضايع ڪرڻ آهي."

سائين حسام الدين شاهه راشدي جهڙي مؤرخ جي ناياب تحريرن جو هي املهه خزانو پنجهتر رپين جي مختصر قيمت ۾ سهانگو آهي، جو سنڌ جي هرهڪ لکيل پڙهيل لاءِ خريد ڪرڻ ضروري ۽ بهتر آهي.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ان جا صفحا ٣٣٠ آهن ۽ قيمت اٿس ٧٥ رپيا.

*ـــ انور فگار هڪڙو*

## شاعريءَ جون صنفون:

سنڌي زبان ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل موضوعن تي ڪتابن جي اڻاٺ جي شڪايت تمام وڏي عرصي کان رهي آهي ۽ لڳاتار هلندي پئي اچي، ايستائين جو يونيورسٽيءَ جي اڪثر ڪورسن ۽ سبجيڪٽس جا ڪتاب به سنڌيءَ ۾ ملڻ محال رهيا آهن. ان حالت ۾ يونيورسٽيءَ جي اڪثر شاگردن کي ٻين ٻولين جي ڪتابن تي مدار رکڻو پوي ٿو. اهڙي قسم جي ڪورسن / سبجيڪٽس تي جيڪي ڪتاب سنڌيءَ ۾ دستياب هوندا به آهن، سي ڏاڍا اڻپورا ۽ ناقص هوندا آهن، جنهن ڪري امتحان ۾ ويهندڙ توڙي امتحان وٺندڙ کي اڻ ڳڻيون ڏکيايون پيش اينديون رهنديون آهن.

سنڌي زبان ۽ ادب ۾ ايم اي ڪندڙ شاگردن جي ڪورس تي سنڌيءَ شاعريءَ جون صنفون به رکيل آهن ۽ ان ڏس ۾ شاگرد جڏهن ان موضوع تي ڪتاب هٿ ڪرڻ لاءِ گهران نڪرن ٿا ته ڪين اهڙا

درسي ڪتاب ملن ٿا، جن ڪي پڙهي خبر ئي نہ ٿي پوي تہ واڻي ۽ ڪافي جداجدا صنفون اهن يا ساڳي صنف آهي! اهڙن اديبن ڪي پئسن ڪمائڻ لاءِ ڪتاب لکڻا هوندا آهن، سو ڪتاب گهڙڻي لاهيندا آهن، جن سان هو پاڻ بہ متفق ناهن هوندا.

سنڌي زبان ۾ مون جڏهن ايم اي ڪرڻ جي خواهش ڪئي تہ "صنفن" جي باري ۾ ڪنهن ڪتاب جي جاچ ۾ "مارڪيٽ" ۾ لهي پيس، وڏي جدوجهد کان پوءِ ڪجهہ ڪتاب هٿ ڪيم، پر انهن ۾ جيڪڏهن ڪجهہ صنفن لاءِ صفحا مخصوص بہ ڪيل هئا تہ يا تہ اهي پراڻين ۽ اهڙين صنفن جي باري ۾ هئا، جيڪي هن وقت سنڌ ۾ قطعي مروج ڪونهن يا وري جيڪڏهن ڪجهہ جديد صنفن تي ڪتاب مليا تہ اهي ايڏا تہ تفصيلي ۽ وضاحتي هئا جو مطالعاتي حوالي سان تہ تمام گهڻا ڪارائتا هئا، پر امتحاني حوالي سان ڏاڍا ڏکيا هئا! ۽ اهڙي طرح مون کي جيڪا تلاش هئي تہ ڪو اهڙو ڪتاب ملي وڃي، جنهن ۾ قديم ۽ جديد ڏيهي توڙي پرڏيهي سڀ صنفون هجن، اهو ملي نہ سگهيو. اهڙي صورتحال ۾ هڪ دوست ٻڌايو تہ سنڌي ادبي سنگت ڪنڊيارو شاخ پاران هڪ ماهوار فوٽو اسٽيٽ پرچو "ساهتي" نڪرندو رهندو آهي، جنهن پاران ان موضوع تي هڪ جامع ڪتاب "شاعريءَ جون صنفون" جي نالي سان نوجوان ليکڪ ظفر عباسيءَ جو ڇپرو ٿيو هو. مون ڪنڊيارو سنگت جي دوستن سان رابطو ڪيو، جن ٻڌايو تہ ان جو پهريون ڇاپو ۵۰ صفحن تي مشتمل هو سو ختم ٿي ويو آهي. ان ۾ واڌارو ڪري جيڪو ٻيو ڇاپو ۷۰ صفحن تي ڇپرو ڪيو ويو هو سو بہ ختم ٿي ويو آهي ۽ ٽئون ڇاپو ۹۶ صفحن تي مشتمل ترت ڇپرو ڪيو ويندو.

۽ پوءِ جڏهن اهو ٽيون ڇاپو مون کي مليو تہ مون کي حيرانگي ٿي تہ ڪيئن نہ نوجوان تخليقڪار بنان ڪنهن ڊگري جي لالچ جي اهو ڪم ڪري رهيا آهن.

۽ ائين ۱۹۹۳ع جي شروعات ۾ جڏهن مون اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ ڇپيل صورت ۾ ڏٺو تہ مون کي بي انتها خوشي ٿي.

سنڌي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ ڏيهي توڙي پرڏيهي، ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعريءَ جي صنفن جي مثالن سان سمجهاڻيءَ تي اهڙو جامع ڪتاب، جيڪو ايندڙ نهيءَ کي شاعريءَ جي گس تي ٽيڪنڪس جي ڄاڻ فراهم ڪري، سچ تہ سنڌي ادب تي احسان آهي. جيتوڻيڪ ڪجهہ صنفن جي بنيادي معلومات ڪتاب ۾ مڪمل نہ ڏني وئي آهي، جنهن جو سبب معلومات يا سورسز جي کوٽ ٿي سگهي ٿي، پر پوءِ بہ هن ڪتاب کي اڳتي جي لاءِ راهہ جو پهريون سنگ ميل چئي سگهجي ٿو.

"شاعريءَ جون صنفون" ۾ نہ رڳو صنفون پر عربي فارسي علم عروض ۽ هندي ڇند وديا بہ مثالن سان پيرائتا سمجهايا ويا آهن ۽ ڪتاب جي شروعات ۾ غزل ۾ عروض ۽ گيت ۾ هندي ڇند وديا سمجهائي پوءِ ورجاءَ کان بچڻ لاءِ رڳو صنفن جي ڄاڻ ئي ڏني وئي آهي. ائين پڙهندڙ جي وقت جو بچاءُ ڪري ڪتاب کي اجائي ڊيگهہ کان بچايو ويو آهي، ۱۰۰ صفن جي ڊيمي سائيز سفيد ڪاغذ تي ڇپيل عبدالرسول عباسيءَ جي ٺاهيل رنگين ٽائيٽل واري هن ڪتاب کي نيوٽنڪرس فورم پاران شايع ڪرايو ويو آهي، جنهن جو مهاڳ سڄاڻ شاعر تاج جويو لکيو آهي. ۳۰ روپين ۾ سنڌ جي

مڙني ڪتاب گهرن تان ملي سگهندڙ هي ڪتاب نہ رڳو سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ ايم اي ڪندڙ شاگردن لاءِ، پر نائين ڏهين ڪان وٺي ڇاپيڻيءِ وارن امتحانن ۾ ويهندڙ شاگردن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ميمبرن توڙي نئين ٽهيءِ جي شاعرن لاءِ ڪارائتو ڪتاب آهي.

آءٌ سنڌ جي سمورين يونيورسٽين جي سنڌي شعبن جي سرواڻن کي گذارش ڪندس تہ فني پختگيءَ ۽ ڄاڻ لاءِ هن ڪارائتي ڪتاب کي همتائڻ لاءِ ان کي ڪورس تي رکايو وڃي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪز کي پڻ گذارش ڪندس تہ هن ڪتاب جو مطالعو سنگت جي هر ميمبر لاءِ لازمي قرار ڏنو وڃي.

— حسين سومرو

## خواب اکين جي شاعري

نيو ٽنڪرس فورم طرفان صنوبر سيد جو نئون ڪتاب "خواب اکين جي شاعري" شايع ڪيو ويو آهي. هن کان اڳ صنوبر سيد جي ڪهاڻين جو مجموعو "مشعل ٻرندي رهندي" جي عنوان سان منهنجي نظرن مان گذريو آهي. ان ڪتاب متعلق تبصرو ڪندي مون اها راءِ ڏني هئي تہ "صنوبر سيد، نورالهديٰ شاه جو ٻيو جنم آهي." مان اڄ بہ پنهنجي انهيءَ راءِ تي قائم آهيان.

ادبي ڪيتر ۾ ڪيترين ئي ليکڪائن پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، جن ۾ ثميره زرين، فهميده حسين، رشيده حجاب، زرينہ بلوچ، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاه ۽ شبنم گل شامل آهن. گهڻي ڀاڱي سنڌن تخليقون منهنجي مطالع هيٺ رهيون آهن، سنڌن لکڻين جاگيردارانہ ۽ نيم سرمائيدارانہ سنڌي سماج ۾ اُٿل پٿل پيدا ڪئي آهي. سنڌي نياڻين کي سوچ ۽ لوچ ڏني آهي، حق ۽ ناحق جو شعور ڏنو آهي، مظلومن کي ظالمن خلاف صف بندي ڪرڻ جي شعوري ڪوشش بخشي آهي.

هڪ چوڻي آهي تہ "مرد پڙهيو تہ فرد پڙهيو، عورت پڙهي تہ گهر پڙهيو". هڪ مرد جي تعليم پرائڻ سان سماج تي ڪو خاص اثر نٿو پوي، پر هڪ نياڻي جي تعليم حاصل ڪرڻ سان سڄو گهر سڌري سگهي ٿو.

ٻار جو پهريون مڪتب ماءُ جي هنج هوندو آهي. جيڪڏهن پڙهيل لکيل ماءُ آهي تہ اها هڪ بهترين ۽ باشعور انسان پيدا ڪري سگهي ٿي. سنڌي قوم جو وڏو الميو اهو آهي تہ سنڌ ۾ صرف ١٢ سيڪڙو عورتون پڙهيل لکيل آهن، جنهن سماج جو اڪثريتي حصو شعور کان وانجهيل هجي، اها قوم ڪڏهن بہ پنهنجي ماڳ تي پهچي نہ سگهندي.

صنوبر سيد جو موجوده ڪتاب "خواب اکين جي شاعري"، جنهن کي پبلشر طرفان "نثري نڪرن ۽ شاعرانہ خيالن" جو مجموعو ڪري پيش ڪيو ويو آهي، اهو منهنجيءَ نظر ۾ صِنف جي حوالي سان شاعري جي ڪنهن بہ روپ سان نٿو ٺهڪي اچي. البتہ انهيءَ کي ذاتي سوچن ۽ خيالن جو مجموعو

چئي سگھجي ٿو. جيڪڏهن پبلشر طرفان هن ڪتاب جو عنوان "ڊائريءَ جا ورق" رکيو وڃي ها ته مناسب هجي ها.

صنوبر سيد جي موجوده تخليق ٻوليءَ مواد جي لحاظ کان ادب جو هڪ بهترين شاهڪار آهي. سوچن ۽ خيالن جي لحاظ کان سندس فڪر جي پرواز آسمان جي بلندين کي ڇهي ٿي. سندس لکڻين ۾ خوشين جو خزانو به آهي ته سورن جو سمنڊ پڻ. سندس سوچن ۾ محبت جي مستي به آهي ته نفرت جا نيزا پڻ. گهڻي ڀاڱي تائين سندس موضوع انسان آهي، انسان جا سيني مثبت ۽ منفي لاڙا هن جي لکڻين جا محور آهن. سندس فڪر گهڻو ڪري سماج جي پيڙهيل ۽ ستايل عورتن جي ترجماني ڪري ٿو. هوءَ پنهنجي هڪ خيال ۾ رقمطراز آهي ته:

"الائي ڇو اصل کان اها فطرت رهي آهي ته لڙڪ گهڻو ڪري عورت جي حصي ۾ ئي آيا آهن. عورتن جو سينو ڪيڏو به لڙڪن جي زهريلي پاڻيءَ سان نمنار ڇو نه هجي، پر هو پنهنجن مردن جي اکين ۾ هڪ ٽيپو به لڙڪ جو ڏسي ناهن سگهنديون."

هڪ ٻئي هنڌ هوءَ عورت جي ڏکن سورن جي ترجماني ڪندي لکي ٿي ته: "عورت جي شناخت .... عورت اُن خوبصورت نياڻين کي جنم ڏيئي ته به انهن جي ماءُ ڪڏهن به ناهي سڏبي، پر جي ڪنهن ڪاري ڪوجهي، لولي لنگڙي پٽ کي جنم ڏيندي آهي ته پوءِ تاحيات اُن جي ماءُ سڏائي ويندي آهي، يعني هاڻ فلاڻي جي زال مان ڦري فلاڻي جي ماءُ جو لقب پائي وٺندي آهي. پاڻ ته هونءَ ئي بي نانءُ ڄمندي، بي نانءُ مرندي آهي."

صنوبر سيد مطابق هر اُهو ماڻهو جيڪو قومي جدوجهد جي قطار ۾ بيٺل آهي، ان جو "احتساب" ٿيڻ گهرجي، ڪنهن به ماڻهو کي ان ڳالهه جي اجازت نه ڏني وڃي ته هو "قوم پرستيءَ" جي نالي تي سچي قوم کي بيوقوف بنائيندو رهي. ماضيءَ جي ڏنل قربانين کي ڪيش ڪرائي ۽ پنهنجو قد ڪاٺ وڌائيندو رهي، صنوبر سيد مطابق هر ماڻهوءَ جو نه صرف "قومي احتساب" ٿيڻ گهرجي، پر ماڻهوءَ کي پنهنجو احتساب پڻ ضمير جي عدالت ۾ ڪرڻ گهرجي.

هڪ هنڌ هوءَ لکي ٿي ته "اسان جي قوم جو اڳتي نه وڌي سگهڻ جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته اسان پنهنجي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي بجاءِ ڏينهن رات، ٻين جي ڇنڊڇاڻ ۾ مصروف هوندا آهيون".

صنوبر سيد ڪنهن به "متڀيد" ۾ يقين نٿي رکي. هوءَ انسانن درميان هر فرق کي نندي ٿي. خداوند قدوس جي وحدانيت تي يقين رکندي هوءَ انسانن کي هڪ جهڙائيءَ جي نظرن سان ڏسي ٿي. هن جي نظر ۾ انسانن درميان هر "فرق" قابل مذمت آهي.

هڪ وطن پرست جيان صنوبر سيد جو سڀ ڪجهه "سنڌ" آهي. سنڌ هن جي جند به آهي ته جان پڻ. هن جي پيتائيءَ وانگر اهائي دعا آهي ته "شال سنڌ کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي، سنڌ سدائين سڪار جو ڏيهه هجي. سنڌ ۾ امن ۽ آشتي هجي".

هوءَ وطن پرستيءَ جو اظهار هيئين ڀرپور لفظن سان ڪندي دعاگو ٿئي ٿي ته:

"خدا سنڌ تي، سنڌ واسين، مخلص بهادر ماڻهن تي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ڪري، جن جون مائر

پيش ونيون ۽ پريمڪانون، هر وقت ڳچي ۾ پاند پائي امن ۽ سلامتي لاءِ ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ هر گهڙيءَ دعاگو هونديون آهن."

هوءَ قوم پرستيءَ جي چوغي ۾ ڇپيل سنڌ جي لٽاڙي سياستدانن کان سخت نفرت ڪري ٿي. انهن کي بي نقاب ڪندي هوءَ ڀرپور ڌڪار جو اظهار ڪري ٿي ته:

"اسان کي اسان جي قومي اٻن، ڪوڙن وعدن جو لباس، ڏئي ۽ بدديانتيءَ جي ماني ۽ هوائي محل اڏائي ڏنا آهن ۽ سياڻي جڏهن اسان سندس ڇڏيل منجي سنڀالي ته ڪو شڪ ناهي ته اسان به پنهنجي ايندڙ نسلن کي انهن املهه سوغاتن سان نوازيون".

صنوبر سيد انهن چونڊيل نمائندن جي ڪردار کي به وائکو ڪيو آهي، جيڪي چونڊن مهل "عوام" عوام جو ورد ڪندا آهن، پر چونڊجڻ کان پوءِ پلاٽ، پرمٽ ۽ پيسي پويان ڦرندا آهن. هڪ هنڌ هوءَ عوام جي چونڊيل نمائندن متعلق لکي ٿي ته:

"مون کي قومي اسيمبليءَ تائين رسايو. انشاء الله مان توهان جون سڀ پريشانيون دور ڪري ڇڏيندم. تڏهن سوچيو هئم ته اتي پهچڻ بعد ان معزز ايوان جو نالو بدلائي "ذاتي اسيمبلي" رکي سگهو ٿا. ته پوءِ قوم جي حقن تي پنهنجي ذات کي ترجيح ڏيڻ ۾ ڪهڙي دير ڪندو.؟!"

صنوبر سيد جون لکڻيون سچ ۽ حق تي مبني آهن. هن پنهنجي تحريرن ۾ سماجي ڏاڍ ۽ قومي ويساهه گهاتين جا بکيا اُڌيڙي ڇڏيا آهن.

سيداڻي ڪوٽ ۾ قيد ريتن ۽ رسمن ۾ روشن خيال اڪيلي صنوبر سيد جو هڪ هڪ اکر بغاوت جي باهه جي چڻنگ آهي، جيڪو ڏاڍاين زيادتين جي قلعي کي هڪ ڏينهن ضرور جلائي رک ڪري ڇڏيندو.

جيڪڏهن ڪتاب جو ٽائيٽل بهترين هجي ها ته ڪتاب جي خوبصورتيءَ ۾ وڌيڪ چار چنڊ لڳي وڃن ها. هن خوبصورت سوچن ۽ جذبن جي مجموعي جي قيمت ٢٥ رپيا آهي. هر پڙهيل لکيل لاءِ ضروري آهي ته هن ڪتاب جو مطالعو ڪري ۽ پوءِ انصاف ڪري ته "واقعي صنوبر سيد نورالهديٰ شاهه جو پُٽر جنم آهي يا نه؟"

*— لياقت عزيز*

## نگارشاتِ سنڌ

سنڌي ادب مسلسل ارتقا پذير رهيو آهي، جيڪو پنهنجي ارتقائي سفر جون حدون اورانگهي نه رڳو سنڌ کان ٻاهر ٻين صوبن تائين پهتو آهي، پر اهو پرڏيهه ۾ به پنهنجي اهميت مڃرائي چڪو آهي. پر اڃا ان جي ارتقائي سفر کي تيز ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته، سنڌي ادب کي اردو ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ جو يا بنيادي طور تي اردو ۾ لکڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. اهو هڪ سٺو عمل آهي ۽ ان کي اڃا به وڌيڪ وسيع ڪرڻ گهرجي. اهڙي گهرج کي اسان جي ڪيترن ئي سڄاڻ اديبن، شاعرن ۽ تاريخدانن پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ ڏس ۾ ڊاڪٽر ميمڻ

عبدالمجيد سنڌي صاحب به هڪ آهي، جنهن نه رڳو اردو ۾ ڪافي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن پر ڪتاب به لکيا آهن. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب اردو ۾ لکيل مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل هڪڙو ڪتاب "نگارشاتِ سنڌ" جي عنوان سان تازو ڇپايو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب هي ڪتاب پاڻ، "سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻه" پاران پڌرو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اردو جي اشاعتي ادارن کي، پوءِ اهي نجي هجن يا سرڪاري هجن، ڌيان ڏيڻ کپي ته، سنڌي ادب جي اهڙن ليکڪن جا ڪتاب ڇپائڻ جيڪي اردو ۾ لکن ٿا.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب، ثقافت، تاريخ ۽ ٻوليءَ بابت ١٧ مقالا ڏنل آهن. جڏهن ته ڪتاب ۾ ميمڻ صاحب جو هڪ جامع مقدمو پڻ ڏنل آهي، جنهن ۾ ادب بابت ويچار پيش ڪيل آهن. ڪتاب ۾ آيل مقالا ۽ مضمون منهنجي خيال ۾ بنيادي طور تي اردو ۾ لکيل ناهن، بلڪ اهي اصل سنڌيءَ ۾ لکيل ڏسجن ٿا، جن کي اردو ۾ منتقل ڪرڻ وارو به خود ڊاڪٽر ميمڻ صاحب ئي آهي. ڇو ته انهن مان ڪافي مقالا سنڌيءَ ۾ اڳ ڇپيل آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ پنهنجي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. سنڌ جي تاريخي پسمنظر ۾ لکيل، هنن مضمونن / مقالن جي اهميت ۽ افاديت نهايت اهم آهي. ڊاڪٽر صاحب. ڪتاب ۾ پيش ڪيل مقالن بابت لکي ٿو ته، "هي گلدستو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي علم ادب جا مختلف گل جمع ڪيا ويا آهن. گلن جو هي گلدستو انڪري تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن اردو پڙهندڙن جي سامهون. سنڌي ادب ۽ ثقافت جي صحيح تصوير اچي سگهي."

ڪتاب "نگارشاتِ سنڌ" ۾ آيل مضمونن ۽ مقالن جو وچور هن ريت آهي: سنڌي علم وادب، ارغون، ترخان اور مغليه دور ۾ سنڌي علم و ادب، سنڌي ادب و ثقافت ڪي ارتقا ۾ صوفياءِ ڪرام ڪا ڪردار، خودي اور صوفياءِ ڪرام، قومي يڪجهتي ڪي اهميت سنڌي ادب ڪي حوالي سي، آزادي ڪي بعد سنڌي ديني ادب ڪي اشاعت، سنڌي نثر نويسي ڪا ارتقا، سنڌي ادب اور برطانوي اهل قلم، سياسي، سماجي اور مذهبي تحريڪات ڪي سنڌي ادب پر اثرات، سنڌ ۾ فارسي اخبار نويسي، شاهه لطيف ڪي شاعري ڪا فني اور فڪري جائزه، خود شناسي شاهه لطيف ڪي نظر ۾، شاهه لطيف ڪي تعليمي نظريات، سچل سرمست ڪي شاعري، قادر بخش بيدل، خليفه گل محمد هالائي، مير حيدرالدين ڪامل ڪي اردو شاعري،

حقيقت جي نگاهه سان ڏسجي ته هن ڪتاب وسيلي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب اردودان طبقي کي سنڌي ادب سان شناسائي ڪرائي آهي. جيڪو ليکڪ هڪڙو اهم فرض به هو، جيڪو ميمڻ صاحب ڄڻ ته پورو ڪيو آهي. ڪتاب تقريبن ٽي سوَ صفحن تي مشتمل آهي. ڪمپيوٽر تي سهڻي ڇپائي ۽ خوبصورت ٽائيٽل سان ڇپيل هن ڪتاب جي قيمت =/١٢٥ روپيا رکي وئي آهي، جيڪا هر طرح مناسب آهي. ڪتاب ۾ مرزا مخلص علي جي مزار جي هڪ رنگين تصوير پڻ ڏنل آهي. هي ڪتاب ملڪ جي مشهور ڪتب فروشن وٽان ملي سگهندو.

*— امام راشدي*



مهر خادم

# نظير شهزاد

هر انسان پنهنجي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ٿو، پر اديب ۽ شاعر جيئندو ٻين لاءِ آهي. ٻين جا ڏک درد محسوس ڪري، انهن کي لفظن جو روپ ڏيئي؛ پنهنجي سماج جي سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو.

نظير شهزاد جيڪو شاعر هو، ڪهاڻيڪار هو، صحافي هو ۽ دوست هو، سو اڄ اسان ۾ موجود نه آهي. ڪالهه هو اسان سان گڏ هو. هُن منهنجي آڏو شاعري پڙهي هئي. ڪهاڻيون پڙهيون هيون ۽ خبرون لکندي، پريس رليز وٺندي، مون هُن کي ڏٺو هو. فون تي دوستن سان ڏاڍو حُجائتو ٿي ڳالهائيندو هو. هُن جا وڏا وڏا ٽهڪ آءٌ هينئر به محسوس ڪري رهيو آهيان. ڪنهن ٿي ڄاتو ته هُو ايترو جلدي اسان کان ماٺ ماٺ ۾ پري هليو ويندو؟ ها سائين! موت برحق آهي پر هن نوجوان دوست جو موت اذيت ڏيندڙ ته آهي نه!

نظير شهزاد جو جنم ١ـ٤ـ١٩٥٩ع تي پنهنجي ڳوٺ الهداد ٻڙديءَ ۾ ٿيو، جيڪو خيرپور ضلعي جو هڪ ڳوٺ آهي. نظير شهزاد جو اصل نالو غلام نظير ۽ اسڪول ۾ داخل نالو نظير احمد ولد حاجي غلام شبير ٻڙدي هو. اسڪول جي زماني کان هن ادب ۾ پير پاتو. ادب جي شروعات شاعريءَ سان ڪيائين ۽ سگهارو ڪهاڻيڪار ٿي اڀري رهيو هو.

نظير شهزاد جو موت هڪ حادثاتي عمل آهي. هو سکر ۾ ڊسپينسر هو. هڪ ڏينهن ڪيس گولي لڳي. اُن گوليءَ خطرناڪ موڙ اختيار ڪيو. ٽي مهينا علاج ٿيندو رهيو. سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ سندس ٽي آپريشنون ٿيون، پر هو سنڀري نه سگهيو. اهڙيءَ طرح سان اسان جو هي پيارو دوست ۽ نئين ٽهيءَ جو ذات ڏٺي، اذيتون ڏيندڙ صورتحال ۾ ١٦ـ١٠ـ١٩٩٣ تي دل ٻيهڻ ڪري هميشه لاءِ جدا ٿيو ويو!

●

# لڏيو لطيفن، پلاٽي پنڌ پيا...



(پروفيسر عبدالله مگسي جي ياد ۾)

## اصول پرست اديب:

پڇرين اپريل سنڌ جي تاريخ کان ٻه پلوڙ ڪردار کسيا آهن. هڪ آهي سيد حسام الدين راشدي مرحوم، جو هن تاريخ تي ١٩٨٢ع ۾ اسان کان جدا ٿي ويو. ان بعد پروفيسر عبدالله مگسي صاحب ١٩٩٣ع ۾ ساڳي تاريخ تي فوت ٿيو. ٻنهي عالمن سان ذاتي تعلق هجڻ سبب، مون سندن وفات جي نقصان ڪي شدت سان محسوس ڪيو.

مگسي صاحب سان منهنجي واقفيت ١٩٨٠ع ڌاري ٿي. پاڻ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ استاد هو ۽ اتي منهنجو اچڻ وڃڻ قريشي حامد علي خاناڻي صاحب وٽ پيو ٿيندو هو. قريشي صاحب سنڌ جو پراڻو محقق ۽ اديب آهي. مگسي صاحب هڪ انٽرويو ۾ اقرار ڪيو آهي ته، پاڻ سندس صحبت ۾ تحقيق ۽ تاريخ ڏي راغب ٿيو هو. مون ١٩٨١ع جي ابتدا ۾ محترم مدد علي سنڌي جي چوڻ تي اخبار "سنڌ نيوز" ۾ هفتيوار "تاريخ جو صفحو" ڪڍيو هو. ان جا صرف چار ايڊيشن نڪتا هئا. مگسي صاحب مون کي ان صفحي لاءِ هڪ مضمون ابوبڪر خان مگسيءَ تي ڏنو، جو مون شايع ڪيو هو. ان سال جي آخر ۾ راشدي صاحب جو اردو ڪتاب "سنڌي ادب" ترجمو ڪري ڇاپيو، تڏهن ابتدا ۾ ان تي مقدمي طور چاليهن صفحن جو واڌارو ڪيم، جنهن ۾ عبدالله مگسيءَ جو ذڪر نوجوان محقق ۽ مقاله نگار طور ڪيو ويو.

اسان جي دوست عبدالله مگسيءَ ۾ لکڻ جو وڏو ڍنگ هو. پر پاڻ تحرير ۽ تحقيق ڏي ڪڏهن به سنجيده نہ رهيو. سندس تحريرن جو تعداد ڪو گهڻو ڪونهي، پر اهي نهايت وزندار لکتون ڏسجن ٿيون. هن جا ڪجهہ مضمون گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهہ جي ميگزين ۾ ڇپيا هئا. اڳتي هلي پاڻ سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي حوالي سان ڪجهہ پرپور مقالا لکيائين، جي اڪثر ڪري نفيس احمد شيخ صاحب رسالي "مهراڻ" ۾ شايع ڪيا. انهن مقالن ذريعي سندس اڀياس، علمي استدلال ۽ اتهاسڪ پروڙ جو پتو پوي ٿو. ڪجهہ سينئر عالمن سندس تجزين ۽ نقطہ نگاهہ تي ڪاوڙ جو اظهار بہ ڪيو هو. پر پاڻ ڪڏهن بہ انهن جي پرواهہ نہ ڪيائين. تازو برٽش دور جي حوالي سان سندس مفصل مقالو رسالي "سباجاهہ" ۾ قسطن ۾ ڇپيو آهي. سال ١٩٨٧ع ۾ سنڌ جي حاڪم مياں نور محمد ڪلهوڙي تي اسان نيشنل سيمينار سڏايو تہ ان ۾ بہ اچي شريڪ ٿيو ۽ اڳتي هلي ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب، سيمينار جي روئداد ۾ پڻ ان کي شامل ڪيو. مگسي صاحب قلندر لعل شهباز تي ٿيندڙ سالانہ ادبي ڪانفرنسن ۾ بہ ڪي پيپر پڙهيا هئا. سندس مختصر ڪتابڙو "عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو" بہ ڇپيل آهي. ادبي سفر جي آغاز ۾ پاڻ ڪي ڪهاڻيون بہ لکيائين. ان کان علاوه سندس قلمي پورهئي جي حوالي سان ڪي انٽرويو بہ اچن ٿا، جي مختلف اديبن کان ورتائين ۽ ڪن رسالن ۾ شايع ٿيا هئا. تحقيق ۽ جاکوڙ جي حوالي سان سندس بهترين کوجنائون، ڪلهوڙن جي جدوجهد، مياں وال تحريڪ ۽ مياں نصير محمد جي باري ۾ ڪيل قلمي پورهيو بلاشڪ اهم آهن.

پروفيسر عبدالله مگسي صاحب هڪ مڪمل نظرياتي انسان هو. پاڻ ترقي پسند خيالن جو مالڪ هو. اها جدا ڳالهہ آهي تہ سوويت يونين جي ٽٽڻ بعد، جڏهن سڄي دنيا جو نقشو بدلجي ويو آهي، تڏهن ترقي پسند رجحانن کي ڪيئن ڇتو ڪجي؟ لکڻ، پڙهڻ ۽ گفتگو ۾ عبدالله مرحوم هميشه ڇتو رهيو. سنڌ ۾ تاريخي تحقيق جي حوالي سان هلندڙ دور ۾ بہ نمايان محاذ رهيا آهن: هڪ طرف سيد حسام الدين راشدي هو ۽ ٻئي طرف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي. مون ڪڏهن بہ ڪيس ٻنهي اسڪالرن جي ڪم جي واکاڻ ڪندي نہ ٻڌو. راشدي صاحب تي تہ هو وڏي واڪ تنقيد بہ ڪندو هو. هڪ ڀيري راشدي صاحب تي تنقيد ڪندي، سائين محمد ابراهيم جويي کي بہ ناراض ڪري وڌو هئائين. مون جيتري قدر محسوس ڪيو ۽ سندس تحريرون بہ ان حقيقت جي شاهدي ڏين ٿيون تہ، پاڻ اردو جي ترقي پسند اديبن. فيض احمد فيض، سبط حسن، ڊاڪٽر مبارڪ علي ۽ قاضي جاويد کان گهڻو متاثر هو. پنهنجي تحريرن ۾ انهن جا حوالا بہ ڏنائين تہ سندن خيالن کي پڻ پسند ڪيائين.

اسان جو دوست عبدالله مگسي ترقي پسند ليکڪ هجڻ سان گڏ هڪ سنڌ دوست اديب هو. ان جو ثبوت ارباب کهاوڙ، جام ساقي، فقير محمد لاشاري ۽ رسول بخش پليجي. سان سندس ياري دوستي توڙي انهن جي تحريرن جي واکاڻ مان ملي ٿو. اردو ليکڪن جي ساراهہ ڪرڻ مان اهو مطلب نہ ڪڍجي تہ، پاڻ اکيون ٻوٽي سندن هر خيال کي قبول ڪيائين. مٿي ذڪر ڪيل سيمينار ۾ جڏهن ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب، سنڌ جي حاڪم مياں نور محمد تي زبردست تنقيد ڪئي، تڏهن مگسي

صاحب سخت غصي ۾ اچي چيو هو ته, سچاتون تا حيدر علي ۽ ٽيپو سلطان وارن کي. اهي هندستاني وري ڪهڙا مڙس ماڻهو هئا؟ هڪ موقعي تي پير علي محمد راشديءَ جي پيٽ ۾, پاڻ جناب جي. ايم. سيد جي ڪتابن جي خوب تعريف ڪيائين. مگسي صاحب پنهنجي حساب سان سنڌ پرست انسان هو. مختلف علمي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيندو هو. قديم آثارن جي ڏسڻ سان ڪيس سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي جهلڪ ملندي هئي. پاڻ به ويندو هو ته سنگت کي به وٺي ويندو هو. ڪلهوڙن جي تحريڪ, مقبرن ۽ آثارن سان ڪيس خاص دلچسپي ڏسبي هئي. رني ڪوٽ تي گهڻو فخر ڪندو هو. مان پلجان نه ٿو ته ڪاچي جي تاريخي اپياس جي هن وقت, جيڪا جاگرتا ڏسجي ٿي, ان جو روح روان پاڻ هو.

سائين عبدالله مگسي مرحوم رڳو ترقي پسند انسان نه هو, پر يارن جو يار ۽ هڪ اصول پرست دوست به هو. هو نظريي سان سچو رهيو ۽ پنهنجي مقصد توڙي عقيدي سان آخر تائين وفادار ڏٺو ويو. سال ١٩٩١ع ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ ۽ مشرقي يورپ جي ڍهڻ سان, جيئن سنڌ ۾ ڪجهه ڪامريڊن پلٽو کاڌو انهن حالتن جو مٿس ڪو به اثر نه ٿيو. البته علم سياسيات جي استاد جي حيثيت ۾, تبديل ٿيندڙ صورتحال جو ڪيس ڀرپور احساس هو. گفتگو ڪندي هو سنڌ جي حالتن جو تجزيو ڪندو هو ۽ پاڪستان تي پوندڙ امڪاني اثرن جي ڳالهه به ڪندو هو. هن جي زندگيءَ جي آخري ڏينهن جي خيالن جي پروڙ ماهنامہ "سنڌ سجاڳ" واري انٽرويو مان ٿئي ٿي, جنهن ۾ پاڻ انتهائي گفتگو ڪندي, سنڌي صوفين ۽ سنڌ جي تصوف کي بلڪل نڪرائي ڇڏيو اٿس نظريي سان گڏ هو اصول جو به پڪو انسان هو. هن يارن دوستن کي هر طرح جي مدد ڪئي ۽پنهنجن نظرياتي ساٿين جي ته مالي سهائتا به ڪندو هو. زندگيءَ جو وڏو عرصو پاڻ يارن دوستن کي ڏنائين. نه شادي ڪيائين ۽ نه ٻچڙيوال ٿيو. البته يائرن ۽ ڀينرن جي تعليم ۽ تربيت تي پورو توجه ڏنائين. عبدالله مگسي لکڻ سان سنجيدو نه هو. جي باقاعدگيءَ سان لکي ها ته واقعي سنو ۽ تمام گهڻو لکي ها. ان طرح لاشڪ ته پاڻ سنڌيءَ جو ڊاڪٽر مبارڪ علي ثابت ٿئي ها!

پروفيسر مگسي صاحب سان منهنجو تعلق تيرهن سالن جو رهيو. علمي اختلاف رکندي به منهنجي قلمي پورهيي جي همت افزائي ڪيائين. ڪاليج ۾ استاد ٿيس ته آجيان ڪيائين. ۽ سنگت سان ۾ منهنجو تعارف ڪرائي, ڪين منهنجو خيال رکڻ جو تاڪيد ڪيائين. ابتدا ۾ سڪرنڊ سائنس ڪاليج ۾ هئس, پوءِ موري ويس ۽ بعد ۾ عمر ڪوٽ کان وجي نڪتس. مون کي اڳتي هلي يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت جو موقعو مليو, ته صلاح ڏنائين ته ڪاليج جي سروس ڇڏي نئين آڇ قبول ڪريان. پاڻ ملازمت جو وڏو عرصو گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ رهيو, ان ڪري مهيني ٻئي اسان جي ملاقات ٿي ويندي هئي. ڏهه سال اڳ ڪنهن خاتون جي اردو ڪتاب جو نواب شاهه ۾ مهورت ٿيو ته ان ۾ مون کي تقرير جو موقعو وٺي ڏنائين. اسان ميان نور محمد ڪلهوڙي تي ميلو مچايو ته ان ۾ وڏي اڪير سان شريڪ ٿيو ۽ مقالو پڙهيائين. ٽي سال اڳ مخدوم بلال تي ادبي ميڙاڪو هو, اتي به اسان جي ملاقات ٿي هئي. هڪ ڀيري ڪجهه دوست وٺي "ٺل مير رکن" ڏسڻ آيو ته رات اچي مون

وٽ ڳوٺ نڪيو هو. ياد اچي ٿو ته هڪ موقعي تي ڪجھ دوستن کي ساڻ ڪري پاڻ خداآباد ۾ سيوهڻ گهمائڻ وٺي هليو ۽ رات جي ماني اچي دادو ۾ سندس گهر کاڌيسين نواب شاهه مان بدلي ٿي ويو ته اسان جي ميل ملاقات تي به وڏو اثر پيو.

اسان جو هي عزيز دوست ڳچ عرصو نواب شاهه ۾ رهيو. هتان بدلي ٿيڻ وقت به پاڻ جگر جو مريض هو. ١٩٩٣ع جي ابتدا ۾ سخت بيمار ٿي ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ داخل ٿيو ته، آءٌ پنهنجي ياءُ ڊاڪٽر خليل سان گڏجي سندس مزاج پرسيءَ لاءِ ويس. بيمار هوندي به وڏي اتساهه سان مليو. ڪلاڪ کن مگسي صاحب سان ويٺس. مون کان منهنجي ادبي ڪم ڪار جو پڇيائين. مون ٻڌايو ته مخدوم بلال تي پيو لکان، تڏهن ڪي سهڻا نقطا ٻڌايائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر آئي ته ڪيس جگر جو ڪينسر آهي. اخبارن ۾ وڏي واويلا ٿي، سرڪار کي سندس علاج لاءِ اپيلون ٿيون. ڪالم لکيا ويا ۽ ادارتي نوٽ تحرير ٿيا. ليڪن هڪ طرف سرخ فيتي جي روايتي گيسر هئي ۽ ٻئي طرف مرض پنهنجو ڪم پورو ڪري چڪو هو مگسي صاحب ڀرين اپريل تي دادو ۾ پنجيتاليهن سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. استاد بخاريءَ کان پوءِ ادبي لحاظ سان دادو شهر لاءِ هي پيو وڏو نقصان آهي.
اها سٺي ڳالهه آهي ته سندس تحريري ورثي کي مرتب ڪرڻ جو سعيو ٿي رهيو آهي. هن ڏس ۾ سندس مقالن توڙي ڏنل ۽ ورتل انٽرويوز کي به مرتب ڪيو وڃي ته بهتر ٿيندو.

—— غلام محمد لاکو

●

## روشن خيال محقق

رعب دار چهرو سمارٽ، ڏکيو جوان ۽ هڏڪاٺ ۾ پريل مرحوم عبدالله مگسي، جنهن سان جيڪو به شخص سڀ کان پهريائين مليو هوندو ان اهو ئي اندازو لڳايو هوندو ته شايد هيءُ ڪُهري طبعيت جو مالڪ آهي. اهو ساڳيو ئي اندازو مون کي پڻ ان وقت ٿيو، جڏهن ١٩٨٥ع ۾ عمر ڪوٽ ڪاليج مان بدلي ٿي، نواب شاهه آيو هوس. ان وقت مون کي رهائش جو مسئلو هو ۽ مگسي صاحب گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه جي اسٽاف ڪالوني جي ڪواٽر نمبر ٽئين ۾ رهندو هو. سائين ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي مون کي مگسي صاحب وٽ وٺي آيو ۽ ڪيس پاڻ سان رهائڻ لاءِ چيائين. مگسي صاحب مون مولوي کي ڏسي سوچ ۾ پئجي ويو، ليڪن حضور شرم طبعيت جي ڪري شايد جواب ڏئي نه سگهيو هو. اهڙي طرح منهنجو ساڻس رهڻ شروع ٿيو. انهن ڏينهن ۾ مگسي صاحب تي سائي جي بيماري جو پهريون حملو ٿيو هو، ان ڪري هو آرام جي خيال سان خاموش ٿيو ويٺو هوندو هو ۽ مان سوچيندو هوس ته هن گهٽ ڳالهائيندڙ شخص سان منهنجو گڏ رهڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو ان ڪري پنهنجيءَ پر ۾ شهر ۾ رهڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيس، ليڪن ڪو به معقول انتظام ٿي نه سگهيو. مگسي صاحب جي ڪُهري طبيعت جو يقين ويتر تڏهن وڌيو، جڏهن هڪ ٻن ڏينهن کان

پوءِ هڪ شخص وٽس لنگهي آيو ۽ سلام دعا کان پوءِ ڪيس چيائين ته سائين سڃاتو اٿو الائي نه! مگسي جيئن ته بيمار هو ۽ پنهنجن سوچن ۾ غرق هو، ان ڪري نهايت بي رخيءَ سان سڃاڻڻ کان انڪار ڪيائين. ان تي ان شخص ڪيس چيو ته سائين پاڻ ته گڏجي فلاڻي هنڌ ڪچهري ڪئي آهي ۽ ماني به گڏ کاڌي آهي. پار پتا ملڻ کان پوءِ مگسي صاحب ڪيس سڃاتو ۽ ساڻس معذرت ڪندي، وڏي محبت ۽ پاٻوهه سان ڳالهائڻ شروع ڪيائين. ان دوران مون کي ساڻس گڏ رهڻ ويتر مشڪل معلوم ٿيو. ان کان پوءِ جيئن مگسي صاحب جي طبيعت ٺيڪ ٿيندي ويئي، تيئن تيئن سندس منهن تي مرڪ ۽ رعنائي وڌندي وئي ۽ سندس باري ۾ جيڪا مون کي غلط فهمي پيدا ٿي هئي سا دور ٿيندي ويئي ۽ سندس محبت ۽ پنهنجائپ واري ورتاءَ جي ڪري اسان پاڻ ۾ اهڙا ته دوست ٿي وياسون جو سندس ڪيترائي دوست تعجب ڪندا هئا ته اسان پاڻ ۾ اهڙي محبت ڀريي ماحول ۾ ڪيئن ٿا گڏ رهون! دراصل اهو مگسي صاحب جو مخلصانه ۽ مشفقانه رويو ئي هو، جنهن جي ڪري اسين مختلف ذهني سوچ رکندڙ پنجن سالن تائين محبت ۽ دوستانه ماحول ۾ گڏجي رهياسين.

مگسي صاحب جيئن ته عمر ۾ اسان سڀني گورنمينٽ ڪاليج جي دوستن ۾ وڏو هو، ان ڪري دوستن مان هر هڪ ساڻس مذاق ڪرڻ کان لهرائيندو هو، ليڪن افسوس جو اها گستاخي مون کان ئي سرزد ٿيندي هئي. مان ته ساڻس هر معاملي ۾ مذاق ئي مذاق ڪندو رهندو هوس. ڪهڙو به معاملو هجي، سندس گهرو مسئلو هجي يا سندس شادي جو، نظرياتي بحث هجي يا سياسي، هر معاملي ۾ مٿس مذاق جا وارا لائي ڏيندو هوس ۽ ڪالوني ۾ رهندڙ سڀ دوست سائين حامد علي، رشيد ڏاهري، لياقت بوزدار پانڌي خان ۽ ٻيا پيا کِلندا هئا. اهڙيءَ طرح رات جو ٻارهين ٻارهين تائين اسان جي ڪوارٽر تي محفل متل رهندي هئي. هونئن به ڪائونٽر ڪرڻ ۾ مگسي صاحب به وسان ڪونه گهٽائيندو هو، ليڪن جڏهن به مٿس ڪو زوردار حملو ڪندو هوس ۽ دوستن جو ٽهڪڙو مچي ويندو هو ته مگسي صاحب مشڪي پنهنجي مخصوص معصومانه انداز ۾ چوندو هو ته "مولوي ٺيڪ ٿي وچ!" افسوس جو اهڙو هردلعزيز دوست، همدرد ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو اڄ هن دنيا ۾ ڪونهي. هاڻي جڏهن مان ساڻس گهاريل محبت ڀريل لمحن کي ياد ڪريان ٿو ته دل مان بي ساخته نڪري وڃي ٿو ته مگسي صاحب لاءِ ڪنهن به شخص کي ڀريون تاثر ڪهڙو به هجي، ليڪن جنهن به ساڻس ڪي گهڙيون گهاريون هونديون، سو سندس محبت ۽ خلوص کي ڪڏهن به وساري ڪونه سگهندو.

مرحوم مگسي نه صرف منهنجو دوست هو، ليڪن هر ان شخص جو همدرد هو، جنهن سان هن ڪي گهڙيون گهاريون هيون. توهان جو ڪٽي ڪم هجي، عبدالله کي ٻڌائيندو پلي بيمار چو نه هجي، پاڻ ڪٽائي به هلندو. مان ته ائين چوندس ته مگسي صاحب جي زندگي جو ماڻ ايترو جلدي پرجي نه اچي ها، جيڪڏهن هو پنهنجي بيماري جي دوران پنهنجي صحت ۽ آرام جو خيال رکي ها ۽ دوستن جي ڪمن ڪارن سان گرمي توڙي سردي ۾ مسافريون نه ڪري ها. مزي جي ڳالهه ته وفات کان مهينو ڏيڍ اڳ ۾ جڏهن سندس، طبيعت تمام گهڻو خراب ٿي چڪي هئي، هِيانءَ ۾ سور هئس ۽ ١٠٣ کان به مٿي بخار هوس، ته به ڪنهن دوست جي ڪم سان نواب شاهه آيو هو. نواب شاهه پراڻي ناڪي

واري فوٽ پاٿ تان هلندو ڏسي، گاڏي بيهاري مليو هو. چيو هومانس ته مگسي صاحب! هيڏي بيماري ۾ به نه ٿو مُڙين! يار هاڻي ته آرام ڪر. چيائين ته ڇا ڪريان دوست نه ٿا ڇڏين. بس دوائون ساڻ آهن، سي گهر ۾ به کاوان ۽ هتي به کائيندو رهان ٿو. مطلب ته اهڙو حضور شرم انسان هو، جو ڪنهن کي به جواب ڏئي نه سگهندو هو. ڪنهن به دوست جي شادي ۽ غمي ۾ وڃڻ لاءِ گرمي سردي جو خيال نه ڪندو هو. ڪٿي به ڪا دعوت مليس ته ضرور ويندو هو. ١٩٩٠ع ڌاري ساڻي جي بيماريءَ جو پيو حملو متس تڏهن ٿيو هو جڏهن سخت گرمين ۾ ڪنهن دوست جي دعوت تي لاڙڪاڻي ويو هو ۽ جيئن موٽيو هو ته ڪڻ اچي ورتي هئائين.

مرحوم مگسي جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو جيتريقدر تعلق آهي، ان باري ۾ اهو بلڪل واضح آهي ته کيس لکڻ جو وڏو ڍنگ هو. گڏجي رهڻ دوران مون کيس هميشه ڏٺو ته پاڻ جڏهن به ڪنهن موضوع تي لکڻ ويهندو هو ته نهايت سنجيده ٿي ويندو هو. ۽ موضوع کي هر لحاظ کان نياڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو. مون کي ياد آهي ته ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ٿيندڙ سيمينار جي موقعي تي جڏهن "سنڌ تي نادر شاهه جو حملو ۽ ميان نور محمد جي حڪمت عملي" جي عنوان سان مقالو لکڻ شروع ڪيائين ته ان دوران موضوع جي مناسبت سان ان جي هر زاويي کان ڇنڊڇاڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪيترن ڏينهن تائين تاريخي پهلوئن تي سائين حامد علي قريشي سان ۽ جنگي حڪمت عملين تي ريٽائرڊ ميجر امان الله عباسي سان بحث مباحثا ڪندو رهيو، مطلب ته هر لحاظ کان ڇنڊڇاڻ ڪري مضمون ۾ جدت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پاڻ اهو تجزياتي مقالو نه صرف سيمينار ۾ پڙهيائين، بلڪ اڳتي هلي رسالي "مهراڻ" ۾ ۽ سيمينار جي روئداد ۾ پڻ شامل ڪري شايع ڪرايو ويو. سندس ابتدائي مضمون عابد زبيري جي سرپرستي ۾ نڪرندڙ رسالي "آدرش" ۾ شايع ٿيا. سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان لکيل تجزياتي مقالا گهڻو ڪري تماهي "مهراڻ" ۾ شايع ٿيل آهن. سندس خواهش هئي ته سمن جي دور کان وٺي ون يونٽ تائين سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي هڪ محققانه تجزياتي ڪتاب لکيو وڃي، جنهن ۾ سنڌ جي روايتي عالمن جي زاويي کان هٽي ڪري هڪ انفرادي نقطہ نگاهه کان هڪ ڀرپور نفسياتي ۽ معاشرتي تجزيو شامل ڪيو وڃي. پاڻ ان سلسلي ۾ ابتدائي ڪم ڪرڻ شروع به ڪيو هئائين. پنهنجي آخري انٽرويو ۾ پنهنجي انهيءَ حسرت جو اظهار به ڪيائين ته جيڪڏهن زندگي ساٿ ڏنو ته هو انهي علمي ۽ تحقيقي منصوبي کي پايہ تڪميل تي پهچائيندو مگر افسوس جو سندس اها خواهش پوري ٿي نه سگهي ۽ پاڻ ڀرين اپريل ١٩٩٣ تي پنجيتاليهن ورهين جي عمر ۾ هڪ اهڙي ڏيهه ڏانهن روانو ٿي ويو، جتان کو به واپس اچي نه سگهيو آهي. سندس چاليهي جي موقعي تي سندس همدردن ۽ سڄاڻ دوستن جي طرفان سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ سندس نالي پٺيان هڪ اڪيڊمي جو قيام عمل ۾ آيو آهي. ان ڏس ۾ بهتر ٿيندو ته سندس ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل مقالن کي مرتب ڪري شايع ڪرايو وڃي.

*—— ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو*

٣-٣/١٩٩٣ع

## منهنجو ياءُ

ڪيڏو نہ بدنصيب ڏينهن آهي پهرين اپريل جو! منهنجي وڏي ياءُ عبدالله جي وڇوڙي جو ڏينهن!

اهڙا ياٽر زندگي ۾ ورلي ملندا آهن. مون لاءِ منهنجو قيمتي ورثو منهنجو ياءُ، دوستن جهڙو ياءُ عبدالله خان هو. جنهن سان مان ڪافي وقت گڏ رهيس ۽ جنهن جو اثر منهنجي زندگيءَ تائين مون سان گڏ رهندو.

حادثا يا موت ٿيندا ئي رهندا آهن. ليڪن ڪنهن جو موت يا ڪو حادثو اهڙو هوندو آهي، جيڪو زندگي ڀر ياد رهندو آهي ۽ وسارڻ جي باوجود بہ نہ وسري سگهندو آهي. اُهو حادثو آهي ننڍي ياءُ سڪندر اعظم جي وڇڙي وڃڻ جو. ۽ (ڀنهي) جي ياد اچڻ تي ڳوڙها پنهنجو پاڻهي ڳڙيو پون. يادگيرين جا انبار دل ۽ دماغ تي ڪاهيو اچن. ليڪن بيوس دلڙي ڇا تي ڪري سگهي؟

عبدالله جي ڪهڙين خوبين تي قلم کڻجي؟ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي! مان سڪرنڊ ۾ ٻہ سال ساڻس گڏ رهيس، جتي جون رهاڻيون شايد ڪڏهين بہ نہ وسرن. جو انهيءَ وقت ۾ مون پنهنجي شعوري زندگي ۾ پير پاتو هو. پوءِ تہ بحث هلندا هئا. ڪتابن جا ريفرنس نڪرندا هئا. دوستن جي خوبين ۽ خاميز تي ڳالهائبو هو. موجوده حالتن تي بحث ٿيندو هو. ڪڏهين جنسيات تي تہ ڪڏهين نظريات تي. ڪڏهين جاگرافي جي نقطن تي تہ ڪڏهين تاريخ جي گمنام ورقن تي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڳالهائيندا هئاسين.

سڪرنڊ واري زماني ۾ دوستن جون محفلون آباد هونديون هيون. چاهي رات جو هڪ جو وقت هجي يا صبح جو. رهائش وچ شهر ۾ هئڻ ڪري خلوص وارا دوست نہ ڏسندا هئا وقت جي ڦرندڙ ڪانٽي کي نہ وري ڏسندا هئا ٽيڙن ۽ ڪتين ڏي. ڇا سڪر ڪان موٽن يا حيدرآباد ڪان، ضرور سڪرنڊ اچن. ڪلاڪ ٻہ ڪچهريون ڪن. وري پنهنجي پنهنجي ماڳ ڏي ورن. صبح جو سوير اسهڻ جي ڪن. ڪن کي نيرن ملي تہ ڪي دوست ويچارا بغير ڏوراپو ڏيندي بغير نيرن جي هليا وڃن. ڪي چاءِ جو ڪوپ پين تہ ڪي وري صرف ٿڌو پاڻي پي ڪچهريون، صلاحون، مسئلن جو نبيرو ڪرائي هليا وڃنْ. ادي عبدالله ڪنهن سان بہ منهن گهنجائي نہ ڳالهايو. مون کي بہ ساڳي نصيحت ڪندو هو تہ "دوست ڪٿان ڪهي ٿا اچن. اُنهن جي مدد ڪرڻ فرض آهي. هو اسان جا مرشد نہ آهن جو ڏن ٿا وٺڻ اچن. هو صرف صلاح يا مسئلي جو حل يا وري ڪچهري ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. هڪ ڪوپ جي چاءِ جيتري بہ عزت وٺڻ جا حقدار نہ آهن ڇا؟ تنهنڪري انهن کي عزت ڏبي. وس آهر اخلاقي توڙي مالي مدد ڪبي. زندگي نالو آهي ٻئي جي ڪم اچڻ جو." پيار ۽ پاٻوه سان ڳالهائيندو هو. سندس شاگردن جون رهاڻيون ۽ ادبي محفلون پٽ وسارڻ جهڙيون نہ آهن. جو اسان ٻئي ياٽر سنڌي ادبي سنگت جا ميمبر پڻ هئاسين.

پاڻ تحقيق جي سلسلي ۾ سڄو وقت ڪتابن جي اٿل پٿل ۾ مصروف هوندو هو. ڪڏهين ڪڏهين تہ ماني پڻ وسريل هوندي هيس. پاڻ ڪيترائي تحقيقي مضمون، مقالا، ڪهاڻيون، سياسي ۽ ادبي، تنقيدون ۽ تبصرا لکيا. جن مان ڪيترائي ڇپيل آهن. ادي عبدالله جي تحقيقات مان گهڻا مقالا تماهي

"مهراڻ" ۾ پڌرا ٿيا. ڪيترائي مقالا اڻ ڇپيل بہ آهن، جن کي پڻ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڪي مقالا اڄ بہ سندس ڪن دوستن وٽ پڏجن ٿا.

ڪوئ ڪو ڪتاب يا رسالو سدائين سندس هٿ ۾ موجود هوندو هو. خدايار سنڌ ميان يار محمد ڪلهوڙي کي سنڌ جي آزادي جو علمبردار تسليم ڪندو هو ۽ ميانوال تحريڪ کي سنڌ جي وحدانيت (موجوده سنڌ ۽ سرائڪي خطو) واري واحد ڪامياب تحريڪ ڪري تصور ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ اِن تحريڪ کي اڃان بہ سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ادو ملتان ۽ بلوچستان گهميو ۽ ملتان ۽ سبي وغيره وچي اُتي جي سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن کي اهو تاثر ڏنو تہ موجوده سنڌ، بلوچستان ۽ سرائڪي خطا هڪ ئي ثقافتي ۽ تاريخي دائري ۾ اچن ٿا. هو تاريخ کي نئين رخ سان ڏسندو ۽ لکندو هو. تنهن ڪري جديد تاريخي حوالن سان پاڻ مشهور هوندو هو.

عملي طرح هو سياست يا عملي سياست کان پري رهندو هو. چوندو هو تہ عملي سياست وڏن ماڻهن جو ڪيل آهي. باقي سياست متعلق سڀ ڄاڻ رکندو هو. اڳڪٿيون ڪندو هو. عالمي ۽ ملڪي صورتحال تي قيمتي بحث ڪندو هو. ڪيترين ئي ثقافتي، سماجي، علمي ۽ ادبي تنظيمن جهڙوڪ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس انسوسيئيشن، نوابشاه ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽيءَ، دادو هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽي، ڪاڇو بچايو تنظيم، ميان يار محمد يادگار ڪاميٽي، سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرس انسوسيئيشن، سنڌ يونيورسٽي سينيٽ ۽ ٻين ڪيترين ئي تنظيمن جي ڪمن ۾ دل و جان سان حصو ورتائين ۽ وڏيءَ محنت ۽ جفاڪشي سان ڪم ڪندو هو. ڪابہ طمع يا لالچ نہ رکندو هو. اهو ئي سبب آهي، جو هن محقق جي چاليهي تي سنڌي اديبن ۽ دانشورن کان سواءِ بلوچستان ۽ ڏاکڻين پنجاب جا عالم بہ دادوءَ ۾ ڪهي آيا. ۽ ادي عبدالله مگسي کي خراج تحسين پيش ڪيائون.

— *لياقت مگسي.*
(دادو)

●

# ويا ڳُڻ ڇڏي، ماروئڙا ملير ۾!



[ رحيم بخش "قمر" جي ياد ۾ ]

علم ادب جو چمڪندڙ چنڊ حضرت رحيم بخش "قمر" لاڪو، جمعي جي ڀلاري ڏينهن، ٢٦ نومبر ١٩٩٣ع تي، پيهي ويو پاتال ۾ ـ انا لله و انا اليه راجعون!

دل نه ٿي ٻولي ته منهنجو همخيال همراز حضرت قمرؔ صاحب وڃي ڪيچ قرار يو آهي. اکيون ڀوئيان ٿو ته سندس سفيد نوراني پوشاڪ، وچٿرو قد، ڪليل پيشاني، سونهاري ڳهاٽي سنت مطابق، پرون جاڙا، سينڌ سرمي سان برسيل، پلاڻي جي پير وارو پٽڪو ۽ ڀرڙي اجرڪ سان سامهون بيٺو، هميشه وانگر محبت سان مرڪي رهيو آهي.

پر موت برحق آهي:

الموت بابٌ كل ناس داخلون،
الموت كاسٌ كل ناس شاربون.

مطلب ته موت هڪ دروازو آهي، جنهن مان هر هڪ کي گذرڻو آهي. موت هڪ پيالو آهي، جيڪو هر هڪ انسان کي اوس پيئڻو آهي. بهرحال "ڪل نفس ذائقة الموت" جو ربي امر هرهڪ کي مڃڻو آهي.

ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي، وفات کان هفتو اڳ ۾ نياپو موڪليائين ته "سول اسپتال نواب شاهه ۾ بستري نمبر٢٢ تي داخل آهيان، ديدار ڪرائي وڃ." مڃاڻ ته اها ڪا سندس آخري ملاقات ۽ روح رهاڻ هئي، جيڪا سڌي ڪرايائين ۽ ٻئي هفتي ۾ جهان ڇڏيائين.

فردوسي ايران جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس "شاهنامو" فارسي ادب جو جڳ مشهور ڪتاب آهي. سلطان محمود غزنوي ساڻس واعدو ڪيو هو تہ، شاهنامي جي هر بيت جي عيوض ڪيس سوني مهر ڏني ويندي. فردوسي سٺ هزار بيتن ۾ شاهنامو لکي پورو ڪيو، پر سلطان ڪنهن سبب ڪري واعدو نہ پاڙي سگهيو. آخر اڳتي هلي سلطان محمود پشيمان ٿيو ۽ سٺ هزار سونيون اشرفيون فردوسيءَ ڏانهن ڏياري موڪليائين. جڏهن اها رقم طوس پهتي، تڏهن فردوسيءَ جو جنازو دفن ڪرڻ لاءِ دروازي کان ٻاهر ڪڍي رهيا هئا.

قمر صاحب جي اڪثر زندگي مسڪيني حال ۾ گذري، پر لکا پڙهڻ نہ ڏيندو هو. پوئين دور ۾، وفات کان چند سال اڳ، مهراڻ يونيورسٽي نواب شاهہ ڪئمپس جي لائق پرنسپال سيد غلام سرور شاهہ، قمر صاحب جي قدر شناسي ڪري، کيس مهراڻ يونيورسٽي نواب شاهہ ۾ خطيب مقرر ڪيو، پر حاسدن کيس اتي نہ سَنو. عمر جو بهانو بنائي نوڪريءَ تان لهرائي ڇڏيائون. البت مهراڻ يونيورسٽي جي موجوده سڄاڻ وائيس چانسيلر سيد مظفر علي شاهہ، قمر صاحب جي قدر داني ڪري، کيس مهراڻ يونيورسٽي ڪئمپس نواب شاهہ ۾ پيهر تاحيات خطيب مقرر ڪرڻ جو آرڊر ڏيڻو ڪيو. سندس چوڻ موجب اهو آرڊر پهتو هو يا غالباً پهچڻ وارو هو، پر قمر صاحب ڪي ايتري سگهہ ڪانہ ٿي سگهي جو ان آرڊر جي تعميل ۽ پوناري ڪري ۽ ان حال ۾ فردوسيءَ وانگر سندس جنازو آلين اکين سان دروازي کان ڪڄندي ڏٺو سون.

سندس ڪتاب "سيرت خاتم الانبياء" تي، ٢٣- نومبر ١٩٨٦ع تي، صدر مملڪت، قومي سيرت ڪانفرنس جي موقعي تي، اسلام آباد ۾ صدراتي ايوارڊ ڏنو، جنهن ۾ پنج هزار رپيا نقد ۽ سَند هئي.

وفات کان ٿورا ڏينهن اڳ ۾ قمر صاحب جو هڪ شاعريءَ جو ڪتاب سنڌي لينگويج اٿارٽي جي لائق چيئرمن محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ازخود پنهنجي ڇپرايو. قمر صاحب ڪي معاوضي جو چيڪ بہ مليو، جيڪو کيس دوادرمل لاءِ وقت سر ڪم آيو. قمر صاحب جي وفات کان هفتو سوا پوءِ اٿارٽيءَ جي خبرنامي مان سُڌ ملي تہ قمر صاحب جو شعري مجموعو ڇپجي ويو آهي. افسوس، قمر صاحب اهو ڪتاب اکين ڏسي، دل خوش ڪري نہ سگهيو ۽ حسرت دل ۾ کڻي ويو! وائيس چانسيلر ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪي جس هجي، جو قمر صاحب جي قدر شناسي ڪيائون.

قمر صاحب جي زندگي مڪمل جدوجهد جو عملي مثال هئي:

ٻاڻ ٻهراڙي ۾ تاريخ ٢٢ نومبر ١٩٣٣ع تي ڳوٺ عمر راهو لڳ دولتپور صفن ضلعي نواب شاهہ ۾ ڄائو. ٽن سالن جو هو تہ سندس والده وچوڙو ڪري ونئي. ان کان ڇهہ مهينا بعد سندس والد محمد عيسيٰ لاکو بہ سر ڏني سرهو ٿيو. ان کان پوءِ سندس مامو غلام حسين پرورش ڪرڻ لڳو، جيڪو زماني جو ستايل، پر مڙس ماڻهو هو، جنهن زماني جي گردش ڪري اباڻو ڳوٺ ڇڏي، اتر سنڌ شڪارپور مختلف جاين ۽ روجهاڻ جمالي بلوچستان ۾ رهائش وجي ڪئي، جتي يتيم رحيم بخش جي ديني تعليم جاري رهي. ٻاڻ محنت ڪري جهد پنهنجي، ڪشالا ڪڍي علم پرايائين. سندس استاد

پير غلام مجدد سرهندي، مولانا عبدالله انصاري ۽ مولانا محمد هاشم انصاري آهن. شاعريءَ جو استاد حافظ محمد احسن چنہ دادو وارو هو.

دل ۾ ڪيس ننڍپڻ ۾ ڪا عشق حقيقي جي چڻنگ لڳل هئي، جنهن ڪيس شعر شاعري جو رستو ورتايو. شعرو شاعري، عربي فارسي جي تعليم، پڙهڻ پرجهڻ ۽ سير سفر ڪرڻ سان ويتر رچي راس ٿيو، پچي لال ٿيو، ڏکن ڏولاون ۾ مچي مڙس ٿيو. قدرت طرفان ڪيس پنهنجو رستو پاڻ ٺاهڻ جو قرينو اچي ويو ۽ يتيم رحيم بخش علمي دنيا ۾ "قمر" ٿي چمڪڻ لڳو.

قمر غالباً پنهنجي مربي مامي غلام حسين جي وفات کان پوءِ اپر سنڌ ۽ بلوچستان کي ڇڏي، شهر نواب شاهه جي ويجهو اتر طرف ڇهن پنجن ميلن جي مفاصلي تي ڳوٺ نواب مراد علي لغاري ۾ اچي رهيو. زندگيءَ جو اڪثر وقت اتي ڪچي ڳوٺ ۽ ڇپر ۾ رهندي گذاريو.

قمر صاحب ڪڙمت ڪري هر هلايو. پورهيو ڪيو. ديني درس تدريس ۾ مصروف گذاريو. شعر شاعري ڪرڻ، پڙهائڻ، ديني وعظ تبليغ ڪرڻ، الله ۽ رسول جو پيغام پهچائڻ سندس محبوب مشغلو رهيو. قمر صاحب کي قدرت وطن سان محبت ۽ رسول جو عشق گهڻو ڏنو هو. تنهن ڪري پاويهن سالن جي ڄمار ۾ ١٩٥٥ع ۾ حج ادا ڪري ويو، جتي ڪعبةالله ۽ رسول ﷺ جي روضي جو ديدار ڪري نيڻ ٺاريائين.

رحيم بخش قمر گهڻ پاسائين شخصيت هو. هو بنيادي طور تي عالم با عمل هو. ويتر ان علم کي شعر وشاعري جي فني ڄاڻ سنواريو سينگاريو. هو جهان گشت ۽ سير سفر جو ڪوڏيو هو. قمر عالم هو، پر باعمل، شاعر هو پر باشعور. هر هاري هو پر باڪردار. ملازم هو، پر ايماندار. هو سگهڙ باصلاحيت، بيباڪ صحافي، وفادار دوست، بهترين خطيب، برک اديب، عاشق رسول ﷺ، شاهه جو شارح ۽ پارکو ۽ شاهه جي ٻاجهاري ٻوليءَ ۽ ڳس جو پانڌيئڙو هو. عواميءَ شاعريءَ سان گڏ سندس شعر جو محور عشق رسول ﷺ پئي رهيو آهي. مطلب تہ " تن صفا، من صفا قول محمّد مصطفيٰ ﷺ

قمر جي گفتار ماڪيءَ جي لاڙ سندس شاعري وطن جو سينگار جنهن ۾ ٿر بر جي تند تنوار ۽ ٻهنوارن جي ٻڪار ۽ ٻچار آهي. سندس تحرير جي اکر اکر مان عشق رسول ﷺ جي اپٽار ۽ سٽ سٽ مان سنڌ ۽ سانگين ﷺ سار سمايل آهي. بهرحال قمر جي شاعري هر صنف تي موجود آهي.

قمر صاحب جا ننڍا وڏا لڳ ڀڳ چاليهہ ڪتاب لکيل آهن. انهن مان گهڻ نثر ۾ ۽ ڪجهہ نظم ۾ آهن. پوئين وقت ۾ تي اهم ڪم هٿ ۾ کنيا هئائين.

١ـ قرآن حڪيم جو ترجمو ۽ تفسير "خزائن الرحمـٰن" نالي لکڻ ۾ مصروف هو. ان جي خاص خوبي هي آهي تہ سڄو ترجمو ۽ تفسير نيٽ سنڌي ادبي ٻولي ۾ بامحاوره تحرير ٿيل آهي.

٢ـ ٻنهي جهانن جي سردار رسول ﷺ جن جي زندگي مبارڪ بابت بهترين ڪتاب لکيو هئائون. ڪتاب پايہ تڪميل تي پهچي چڪو هو. ان ۾ ٻاجهاري ٻولي ڪم آيل آهي.

٣ـ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي تتبع تي ٽيهن سرن ۾ رسالو لکي رهيو هو، ان جو بہ گهڻو ڪم اڃي پورو ٿيو هو.

قمر صاحب کي اولاد ڪونہ هو. اسان ان باري ۾ پڇندا هئاسون تہ پاڻ ٽڏي ساهہ پرڻ بدران مرڪي چوندو هو: "برابر نيڪ اولاد اڪين جو ڏيک ۽ ٺار آهي، پر منهنجا هي ڇيپل ڪتاب ئي منهنجو حقيقي اولاد آهن ۽ صدقہ جاريہ آهن."

سندس ڇپيل ڪتابن جا نالا هي آهن:

١ـ ديوان قمر ٢ـ جواهرالقمر ٣ـ فضائل القرآن، ۴ـ القول الاظهر ٥ـ جمال مصطفيٰ، ٦ـ آخرت جي پوک، ٧ـ دربار مدينه، ٨ـ دربار ڪربلا، ٩ـ گهايا گهٽا گهوٽ، ١٠ـ سڄڻ آيو سهنج ٿيا، ١١ـ آئون نہ گڏي پرين کي، ١٢ـ تندون جي طلب جون، ١٣ـ ڪٿي نيڻ خمار مان، ١۴ـ محبت جي ميدان ۾ ، ١٥ـ فاروق اعظم، ١٦ـ سهرا ۽ سيج، ١٧ـ ماڻڪ موتي، ١٨ـ تنوير الاسلام ١٩ـ روضي پاڪ رسول جي، ٢٠ـ سيرت خاتم الانبياء، ٢١ـ سيرت قمرالمنير ٢٢ـ اسلام جا احڪام، ٣٢ـ العدل والاحسان، ٢۴ـ شهيدن جي شان ۾، ٢٥ـ سگهڙ جي سوڪڙي، ٢٦ـ مصطفيٰ مختار ٢٧ـ الفوز العظيم، ٢٨ـ ٻاراڻا گيت.

قمر صاحب جو آخري وقت نواب شاهہ شهر ۾ تاج ڪالوني ۾ گذريو. سندس وفات جگر جي ڪينسر ڪري ٿي. نواب شاهہ شهر کان اتر طرف ميل کن پنڌ تي غير معروف قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

اي قمر! ڪاش ڪا ويل ترسين ها. دل پري قرب ونديون ها ۽ حال اوريون ها! ڪنهن کان قرآن جو لولئون ٻڌبيون. ڪنهن کان حضور جن جون حديثون ٻڌبيون. ڪير لطيفي لات ٻڌائيندو.ڪير بره جي بات ٻڌائيندو؟

اي پيارا قمر دل جا سهارا قمر! اڄ تنهنجي قبر تي سيراندي کان ويهي، هنجون هاري رهيو آهيان. مون وٽ گل تہ ڪونهن، پر دل جي عقيدت سان هنن گنهگار غمناڪ اکين سان تنهنجي قبر تي گلن جي هار بجاءِ ڳوڙهن ۽ لڙڪن جي لاڙ ورڪا ڪري سگهيو آهيان!

*ـــ عبدالرسول قادري مگسي*

## قمر جي ياد

چار ڊسمبر ١٩٩٢ع تي درگاهہ پرچوندي شريف (لڳ ڏهرڪي) ۾ حافظ محمد صديق جي هڪ سؤ چار ساليائي عرس جي موقعي تي "حافظ الملت ادبي ڪانفرنس" منعقد ٿي. انهيءَ ادبي ڪانفرنس ۾ مون بہ شرڪت ڪئي، منهنجي پر ۾ ڊگهي ڏاڙهي سان، ڊگهي قد وارو هڪ مولوي صاحب اچي ويٺو. مٿي تي ٽوپي ۽ اُن مٿان وري مولوين واري نموني مطابق پٽڪو ٻڌل هوس. مون هن طرف ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو، ڇاڪاڻ تہ هن سان اڳ ۾ ڪابہ واقفيت نہ هئي. ٿوري دير کان پوءِ جلسي

جي منتظمين مان هڪ ماڻهو آيو ۽ انهي مولوي صاحب کي چوڻ لڳو تہ "مولوي صاحب، توهان هن ڪُرسي تان اُٿ ۽ پُٺين ڪرسيءَ تي ٿي ويهہ، هتڙي بيا مهمان ويهندا." تنهن تي مولوي صاحب اُٿيو پٺيان پيل ڪرسيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو تہ دادا سنڌي ۽ ڪن ٻين اديبن فوراً اُن ماڻهو کي روڪيو تہ "توهان هن کي هتان ڇو ٿو اُٿارين؟ ڇا هي مهمان ڪونہ آهي؟ توهان هن کي ڪونہ ٿو سڃاڻين. هي الحاج رحيم بخش قمر صاحب آهي، ملڪ جو نامور اديب ۽ شاعر آهي ۽ نواب شاهہ کان هِت دعوت تي آيو آهي." دادا سنڌي جي انهيءَ چوڻ تي، مولوي صاحب کي اُٿارڻ وارو ماڻهو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ مولوي صاحب کي ساڳيءَ جاءِ تي ويهاريائين.

دادا سنڌي ۽ ٻين جڏهن رحيم بخش قمر جو نالو ڪنيو تہ منهنجا ڪن ڪڙا ٿيا ۽ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس تہ هي رحيم بخش قمر آهي، جيڪو اسان جي سنڌ جو نامور شاعر ۽ اديب آهي. فوراً قمر صاحب سان ڀاڪر پائي مليس ۽ پنهنجو مختصر تعارف بہ ڪرايم. قمر صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. قمر صاحب جي سادگي کي ڏسي مان دنگ رهجي ويس. صفا سادو ۽ خاموش طبع ماڻهو ڪانفرنس ۾ حافظ محمد صديق جي شان ۾ پنهنجو منظوم نذرانهٔ عقيدت پيش ڪيائين. اهڙيءَ طرح شام جو ڪانفرنس جي پڄاڻي تي ۽ ٻين مهمانن وانگر قمر صاحب بہ واپس هليو ويو.

ڪيترن ڏينهن پڄاڻان مون کي خيال ٿيو تہ انهيءَ ڪانفرنس ۾ جن بہ شاعرن حافظ صاحب جي شان ۾ منظوم نذرانهٔ عقيدت پيش ڪيو هو، سو سڀ سهيڙيان ۽ هڪ مقالو تيار ڪريان. تنهنڪري محترم غلام محمد لاکي صاحب ڏانهن خط لکيم تہ "ادا قمر صاحب سان ملي، مذڪوره پڙهيل منظوم نذرانهٔ عقيدت ڪاڻس وٺي يا سندس ڪان لکي ڪري مون ڏانهن ڏياري موڪليو. يا قمر صاحب جي ائڊريس ڏيو تہ جيئن مان هن سان خط و ڪتابت ڪري سگهان."

مون خط لکي لاکي صاحب ڏانهن موڪلي ڇڏيو تہ ٻئي ڏينهن ريڊيو تان ۽ اخبارن ۾ رحيم بخش قمر صاحب جي وفات جي دکدائڪ خبر معلوم ٿي. دل کي ڏاڍو صدمو رسيو! هوڏانهن وري برادرم غلام محمد لاکي صاحب جو جوابي خط بہ اچي پهتو، جنهن ۾ لکيل هو تہ "قمر صاحب ٢٦- نومبر ١٩٩٣ع تي رحلت ڪئي آهي. سندس عمر سٺ کن ورهيہ هئي. کيس ڪوبہ اولاد ڪونهي. پوئين ۾ پاڻ اٽس. انين سمجهہ تہ مولوي صاحب جا ڪاغذ پٽ سڙي ضايع ٿي ويندا، پڙڪ بہ ٻاهر نہ نڪرندي. سندس ڪتاب جي شايع ٿيا سي ٿيا، وڌيڪ اميد بہ ڪانهي ۽ خبر چار بہ ڪانهي."

خط پڙهڻ سان هڪ دفعو وري رحيم بخش قمر جي تصوير اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. دُعا آهي تہ الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري. آخر ۾ سنڌ جي ادبي ادارن کي اپيل ٿي ڪجي تہ مولانا قمر جو اڻڇپيل منظوم ۽ نثري ادبي ذخيرو گڏ ڪري، ترتيب ڏيئي شايع ڪيو وڃي تہ جيئن اسان جي هن محنتي اديب ۽ سُجاڻ شاعر جي سموري زندگيءَ جو اهو قيمتي سرمايو گم ٿيڻ کان بچي وڃي.

— محمد پُنهل ڏهر

هالا
17 اپريل 1981ع
جمعو.

محترمي و مکرمي قمر صاحب

السلام عليکم - اوهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو
۽ بيحد خوشي ٿي. معلوم هجي ته جنهن ڪتاب لاءِ
توهان لکيو آهي ته انهي مطالعي ڪرڻ ضروري امر آهي.
مگر جنهن ته اوهان جو ڪتاب "محبت جي ميدان ۾"
مون پڙهيو نه آهي تنهن ڪري جيڪي اوهان ۽
اوهان جي شاعري لاءِ ذهن ۾ آيو اهو لکي
موڪليان ٿو. اميد ته اهي چند سٽون اوهان جي
ڪتاب لاءِ مناسب ٿينديون ۽ اوهان
پسند ڪندا. جواب موڪليندا.

طالب المولىٰ

الحاج رحيم بخش "قمر" جي نالي سائين "طالب المولىٰ" جو خط

(هڪ خط)

# سنڌي ادبي بورڊ

## عربي ۽ فارسي ڪتابن جي ترجمي جي اهميت

برادرم عبدالرسول قادري،

السلام عليڪم: ڪم اٿم گهڻو، سو ڪاغذ هيٺ مٿي ٿيو وڃن. اوهان کي سڪ سان ساريم پئي، پر ايڊريس هٿ ڪانه پئي آئي. هاڻي گهربل ڪتابڙو موڪليان ٿو.

٢ـ مخدوم صاحب بوبڪن واري جو ڪتابڙو (حاصل النهج) سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، اوهان وڏو خير جو ڪم ڪيو آهي. گهڻن ماڻهن کي ان جي اهميت جي پروڙ ڪانه پوندي.

٣ـ سنڌي ادبي بورڊ ۾، ڪنهن زماني ۾، مخدوم جعفر جهڙن اڳوڻن سنڌي اڪابرن جا لکيل عربي ۽ فارسي ڪتاب گڏ ڪري، ڇپائڻ جي رٿ نهي. ان ڪم ۾ گهڻي محنت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ڪئي. ڪتابن جا نالا هٿ ڪيائين. انهن جو تخمينو لڳايائين ته ڇپائيءَ تي ڪيترو خرچ ايندو. ڪجهه ڪتاب پاڻ گڏ ڪيائين، ڪجهه پير صاحب کي هٿ آيا۔ ڪافي ٿني مان خريد ڪيا ويا.بورڊ کي رٿ ناهي، انگريزيءَ ۾ ٽائيپ ڪرائي ڏنائين. ڇپائيءَ لاءِ پئسا تقريباً چار لک رهيا، جيڪي پوءِ وڌائي ڇهه لک ڪن مليا، مرڪزي حڪومت جي وزارت تعليم کان ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ مرحوم پير صاحب، ممتاز حسن صاحب تڏهوڪي سيڪريٽري خزانه جي معرفت حاصل ڪيا. انهيءَ پس منظر ۾ بورڊ جا عربي ڪتاب ۽ سمورا فارسي ڪتاب ۽ ڪجهه اردو ڪتاب شايع ٿيا. نه ته اڄ انهن جو نالو به ڪنهن کي معلوم ڪونه هجي ها. اڌوهي مسودا کائي وڃي ها، يا انهن جا مالڪ ڪيڙي ۾ ٻڌي کوهه ۾ يا درياهه ۾ اڇلي اڇن ها.

٤ـ مون ان زماني ۾ ئي پير صاحب کي عرض ڪيو ته انهن ڪتابن ۾ هڪ پاسي اصل متن ڏيو ۽ ٻئي پاسي سنڌي ترجمو، پر اها ڳالهه ڪيس ڪانه وڻي. سنڌ ۾ هاڻي عربي ۽ فارسي پڙهڻ وارا گهٽا ڪونه بچيا آهن. ڪتاب ڇپيا، ونٺ وارو ڪونه. "جنگل مين مور ناچا، کس ني ديکها"

٥ـ نياز همايونيءَ مظهر شاهجهانيءَ جو ترجمو ڪيو. اڄ ان ڪتاب جي ڪاپي ڪانه ٿي ملي، بيگلارنامي جو ترجمو سنڌالاجيءَ ڇاپيو. تحفة الطاهرين جو ترجمو اوهان ڪيو. ٻين ڪن ڪتابن جو ٿيو آهي ته مون کي ان جي خبر ڪانهي، پر اڃا الاهي ڪتاب ـ بورڊ جا ڇپيل آهن، جن جو ترجمو ٿيڻ گهرجي،.

٦ـ ڏاهي ۽ عالم جو بنيادي فرض آهي ته پنهنجي عوام کي تعليم ڏئي (Educate his own People) سنڌ جو عالم، اديب ۽ دانشور اهو ڪم هڪ طرح ائين ڪري سگهي ٿو ته انهن عربي ۽ فارسي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، پنهنجي عوام کي پنهنجن وڏڙن جي روايت کان واقف ڪري. اها ئي سنڌ جي حقيقي علمي ۽ ثقافتي ميراث آهي.

سنڌ جي ماڻهن کي اهو شعور نصيب ٿيو ته واهه، نه ته ايڪيهين، صديءَ عيسويءَ ۾ ڊش اينٽينا سندن ڪم لاهي ڇڏيندي. مغربي تهذيب طوفان وانگر اچي لهندي.

٧ـ اينڊڙ زماني جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ ۾ فقط هڪ عالم اوهان جو واهرو آهي- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سندس قدر ڪريو ۽ سندس رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪيو، ته مَن. سنڌ جي سِر. بخت جو خير ٿئي. سنڌ جا ادارا ڏاڍيءَ ڏکيءَ صورت حال ۾ آهن. اتي انهن معاملن جي احساس رکڻ وارو مون کي ڪونه ٿو سجُهي، سو اوهان کي تفصيلي خط لکڻ مناسب سمجهيم.

سڪ سان،

دعاگو

غلام رباني

(اسلام آباد)



گاڏين مان نڪرندڙ دونهون
اسان جي شهر کي
دوزخ
۾ تبديل پيو ڪري
ان کي اِئين ٿيڻ
کان روڪيو
EPA
ENVIRONMENTAL PROTECTION AGENCY SINDH
اداره تحفظِ ماحوليات
حڪومتِ سنڌ